# سنڌ جي فتح

پاڱو ٻيو

ميجر جنرل ڊبليو ايف پي نيپئر

سنڌي ادبي بورڊ

# سنڌ جي فتح

۽

ميجر جنرل سر چارلس جيمس نيپيئر جي
زندگيءَ بابت ڪجهه تعارفي اقتباس،
برطانوي عوام جي نالي منسوب ڪيل

## ڀاڱو ٻيو

از

ميجر جنرل ڊبليو. ايف. ڊي. نيپيئر
ميمبر، سوئيڊش رائل اڪيڊمي آف ملٽري سائنس

۽

مصنف
”هسٽري آف دي وار ان دي پيننشولا اينڊ دي سائوٿ فرانس“

سنڌيڪار
سومار علي سومرو

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

چاپو پهريون		۱۹۹۴ع		تعداد ۵ هزار

["سنڌي ادبي بورڊ" جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: [redacted]

[Price Rs. [redacted]]

Sindhi ... rd
Kitab Ghar, Hyderabad.
Price Rs. 120

ملڻ جو هنڌ

"سنڌي ادبي بورڊ" جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

هيءَ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشير الحيدري، سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# اطلاع

”سنڌ جي فتح“ جي ٻئي حصي سان سموريون فوجي ۽ سياسي نوعيت جون ڪارروايون مڪمل ٿين ٿيون. مصنف جو اصل ارادو تہ اهو هو تہ هن سلسلي جو ٽيون يا انتظامي ڀاڱو، ٻن ڀاڱن جي ڇپجڻ کانپوءِ شايع ڪيو وڃي؛ پر اها رٿا ترڪ ڪئي ويئي آهي، ڇاڪاڻ تہ سر سي. نيپئر جي سنڌ ۾ حڪومت اڃا هلي رهي آهي، ۽ جيئن تہ اها گڏيل سڌيل نوعت جي آهي، ان ڪري انهيءَ موضوع تي هڪ جدا مڪمل جلد لکيو ويندو.

مئي، ١٨٤٥ع

— ڊبليو. نيپئر،
ميجر جنرل.

# فهرست


| باب | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| ● پيشڪش | | |
| باب پهريون : | ڊسمبر ۱۸۴۲ع | ۳ |
| باب ٻيو : | جنوري ۱۸۴۳ع | ٦٨ |
| باب ٽيون : | فيبروري ۱۸۴۳ع | ۱۳۱ |
| باب چوٿون : | ---- | ۱۷۷ |
| باب پنجون : | مارچ ۱۸۴۳ع | ۲۱٦ |
| باب ڇهون : | ۲۴- مارچ ۱۸۴۳ع | ۲۴٦ |
| باب ستون : | مارچ ۱۸۴۳ع | ۲۸۲ |
| باب اٺون : | تبصرو | ۳۳۷ |

ضميمو نمبر ۱: ڀاڱو پهريون – سرچارلس نيپئر جو علي مراد ڏانهن خط، ڊسمبر ۱۸۴۲ع ۳۷۹

ڀاڱو ٻيو – سرچارلس نيپئر طرفان علي مراد جي نالي، ۱۴- جنوري ۱۸۴۳ع ۳۸۰

ڀاڱو ٽيون – سرچارلس نيپئر طرفان گورنر جنرل اِن ڪائونسل جي نالي، ۱٦- آگسٽ ۱۸۴۳ع ۳۸۱

ڀاڱو چوٿون – سر سي • نيپئر طرفان گورنر جنرل اِن ڪائونسل ڏانهن، ۲۹- سيپٽمبر ۱۸۴۳ع ۳۸۴

ضميمو نمبر ٢: پاڱو پهريون - گورنر جنرل طرفان خفيه
ڪاميٽيءَ ڏانهن،
١٣- جون ١٨٤٣ع ٣٨٩

پاڱو ٻيو - سرچارلس نيپئر طرفان
گورنر جنرل ڏانهن،
حيدرآباد، ١١-جولاءِ ١٨٤٣ع ٣٨٩

پاڱو ٽيون - گورنر جنرل ان ڪائونسل
طرفان سر سي. نيپئر ڏانهن،
ڪلڪتو، ٧-آگسٽ ١٨٤٣ع ٣٩٥

پاڱو چوٿون - سر سي. نيپئر طرفان گورنر
جنرل ڏانهن، حيدرآباد،
١٣- جولاءِ ١٨٤٣ع ٣٩٦

پاڱو پنجون - گورنر جنرل ان ڪائونسل
طرفان، خفيه ڪاميٽيءَ ڏانهن،
١٤- آگسٽ ١٨٤٣ع ٣٩٩

پاڱو ڇهون - خيرپور جي سابق اميرن،
رستم خان ۽ نصير خان
طرفان، رائيٽ آنربل سر رابرٽ
پيل ڏانهن، ١٧-آگسٽ ١٨٤٤ع
تي لکيل خط تي رمارڪ ٤٠٠

ضميمو نمبر ٣: پاڱو پهريون - سرچارلس نيپئر، گورنر جنرل
ڏانهن، حيدرآباد،
٣- جولاءِ ١٨٤٣ع ٤٠٣

پاڱو ٻيو - مير علي مراد طرفان،
سرچارلس نيپئر ڏانهن،
١٢- جنوري ١٨٤٣ع ٤٠٨

پاڱو ٽيون – سرچارلس نيپئر طرفان، ميجر
آئوٽرام ڏانهن، حيدرآباد،
٢٢- جولاءِ ١٨٤٣ع ٤٠٨

ضميمو نمبر ٤: پاڱو پهريون – سنڌ جي اميرن جي درخواستن
تي سرچارلس نيپئر طرفان
ڪيل تبصرو، حيدرآباد،
١٢- جون ١٨٤٣ع ٤١٨

پاڱو ٻيو – سر چارلس نيپئر طرفان،
گورنر جنرل ان ڪائونسل
ڏانهن، ڪراچي،
٢٧- آڪٽوبر ١٨٤٣ع ٤٢٩

پاڱو ٽيون – مير شهداد طرفان ريزيڊنسيءَ
تي ١٥- فيبروري ١٨٤٣ع تي
ڪيل حملي ۽ ادا ڪيل
ڪردار بابت مير غلام شاهه،
مير فضل علي، مير بجر ۽
ليفٽيننٽ رٽبورن جي درميان
تيل گفتگوءَ جو يادداشت نامو ٤٣١

پاڱو چوٿون – حيدرآباد جي سابق امير
صوبدار خان جي مصاحب
يا معتمد ملازم پير بدرالدين
جي شهادت ٤٣٧

ضميمو نمبر ٥: پاڱو پهريون – امير صوبدار خان، امير نصير
خان ۽ امير محمد خان طرفان
لڳايل الزامن جو انهن آفيسرن
طرفان جواب، جن کي حيدرآباد
جي قلعي ۽ خزاني تي قبضو

ڪرڻلاءِ مقرر ڪيو ويو هوءِ
ميجر مئڪفرسن، پرائيز
ايجنٽ جو بيان ۴۴۲

ڀاڱو ڀيو — سر چارلس نيپئر طرفان،
گورنر جنرل ڏانهن،
۹- مئي ۱۸۴۳ع ۴۴۴

ڀاڱو ٽيون — ”بامبي ٽائيمس“ جي ڊاڪٽر
بيوسٽ طرفان مشهور ڪيل
غلط ڳالهين جي ترديد،
سر چارلس نيپئر طرفان،
گورنر جنرل ڏانهن،
۱۶ - مئي ۱۸۴۳ع ۴۴۵

ضميمو نمبر ۶ : ڀاڱو پهريون — انهن آفيسرن جا نالا، جن
کي مياڻيءَ ۽ حيدرآباد
وارين لڙاين ۾ نمايان
ڪارنامن انجام ڏيڻ لاءِ
اعزاز ڏيڻ لاءِ، خط و ڪتابت
۾ سندن ذڪر ڪيو ويو ۴۵۱

ڀاڱو ٻيو — مياڻيءَ ۾ مارجي ويل آفيسرن
جا نالا ۽ زخمي آفيسر،
جيڪي حيدرآباد ۾ مارجي
ويا ۽ زخمي ٿيا ۴۵۲

ڀاڱو ٽيون — ۲۲ ريجمينٽ جي انهن سپاهين
جا نالا، جن حيدرآباد واري
لڙائيءَ ۾ ڀهتل زخم لڳائي
رکيا، ۽ پنهنجي ريجمينٽ
سان گڏ، ٻئي ڏينهن تي اهو

خيال ڪري ته ٻي لڙائي
ٽيٽي آهي، مارچ ڪرڻ ۾
شريڪ ٿيا ۴۵۲

پاڳو چوٿون - سر چارلس نيپئر طرفان
گورنر جنرل ڏانهن موڪليل
انهن تان - ڪميشنڊ آفيسرن
۽ سپاهين جا نالا، جن مياڻيءَ
جي جنگ ۾ پاڻ کي
خاص طرح موکيو هو

ميجر جنرل سر سي • جي •
نيپئر • ڪي • سي • بي طرفان
هندستان جي گورنر جنرل
رائيٽ آنربل لارڊ ايلنبرو
ڏانهن، حيدرآباد،
۲- مارچ ۱۸۴۳ع ۴۵۳
انهن ماڻهن جي نالن جي
فهرست، جن ۱۷- فيبروري
۱۸۴۳ع واري لڙائيءَ ۾
پاڻ کي نمايان ڪيو ۴۶۱

ضميمو نمبر ۷: جون ۱۸۴۳ع ۾ شير محمد
جي خلاف ڪارروائين جي
متعلق، سر چارلس نيپئر جي
هڪ خانگي خط مان اقتباس ۴۶۲

ضميمو نمبر ۸: فوجن جي بيماريءَ متعلق،
سر چارلس نيپئر جي هڪ

خانگي خط جو اقتباس،
١٩- ڊسمبر ١٨٤٤ع ٦٤٦
ضميمو نمبر ٩ : سنڌ گورنمينٽ جي آمدني
۽ خرچ جو سال ١٨٤٣-٤٤ع
لاءِ نقشو
نقشا

ڪئي آهي، جنهن جي هٿان ڪوبه ظلم نه ٿيو ۽ جنهن ٽالپر بلوچن جي ظلم ۽ جبر هيٺ پيڙجندڙ سنڌي ماڻهن کي نجات ڏياري، انگريز قوم کي دعائون ڏياريون هيون.

بهرحال، تاريخ ڪنهن جي به زبان يا قلم کان بيان ٿئي، اها ڄاڻ ته واقعن، انگن اکرن، ماڳن مڪانن، شخصيتن، روايتن، رسمن رواجن، جاگرافيائي ۽ سماجي حالتن جو هڪ خاص وقت ۾ قلمبند ڪيل چٽو هوندو آهي، تنهنڪري ان جي اهميت املهه ٿيندي آهي: پوءِ اهو اڳتي جي محققن جو ڪم آهي ته سچ ۽ ڪچ کي سوڌي ۽ سنواري، اصل حقيقتون اجاگر ڪن.

وليم نيپئر "سنڌ جي فتح" جو ٻيون ڀاڱو به چارلس نيپئر جي سنڌ ۾ حڪومتي ۽ انتظامي سڌارن بابت لکڻ جي رٿ ڪئي هئي، پر پوءِ اها هن ختم ڪري ڇڏي. انهي ڪري، "سنڌ جي فتح" جي ٻنهي ڀاڱن جو ترجمو، جيڪو انگريزن جي سنڌ ۾ اوائلي سرگرمين کان سنڌن فتح تائين پهچي ٿو، اميد ته تاريخ جي طالبعلمن لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

شمشير الحيدري

سيڪريٽري

"سنڌي ادبي بورڊ"

ڄامشورو، سنڌ

٢٥- جنوري، ١٩٩٤ع.

# سنڌ جي فتح

(ڀاڱو ٻيو)

## ڊسمبر ۱۸۴۲ع

هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته انگريز جنرل کي سنڌ ۾ جن سياسي مسئلن سان منهن ڏيڻو پيو، سي جيتوڻيڪ معمولي ۽ خسيس نوعيت جا هئا، پر ان جي باوجود اهي تمام وڏن ۽ خطرناڪ نتيجن جا حامل هئا. جنرل طرفان اختيار ڪيل حڪمت عمليءَ جي سلسلي ۾ جيڪو پيو، يعني جنگي رستو ورتو ويو، تنهن جي روشنيءَ ۾ اصل حقيقت کي وڌيڪ صاف ڪري پيش ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن جي ڊپلوميسيءَ ۾ فوجي ڪاروايون به شامل هيون، جن ۾ ٽن مختلف ۽ جداجدا خود مختيار گهراڻن يعني خيرپور، حيدرآباد ۽ ميرپور جي اميرن طرفان هلندڙ سازشن سبب ڏڍير پيدا ٿيندو رهندو هو؛ ان کان سواءِ انهن ٽنهي خاندانن جي مختلف ڀاتين طرفان پڻ الڳ سازشون هلنديون رهنديون هيون، جيڪي سڀ ئي لارڊ آڪلئنڊ جي احمقاڻن معاهدن تحت خود مختياريءَ جي دعوي ڪري رهيا هئا؛ ۽ هنن کي انهن معاهدن تحت اهڙي دعوي ڪرڻ جو حق حاصل به هو.

معمولي قسم جا اهي شهزادا، جيڪي اڪثر طور پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا، ۽ جنگين ۾ ملوث هوندا هئا، پنهنجن بلوچ پوئلڳن ۽ انهن خزانن جي زور تي، جيڪي سندس هوس ۽ لالچ بدنصيب سنڌين ۽ هندن کان زوريءَ وصول ڪندي رهندي، ڏاڍي آسانيءَ سان جزوي پر سنگين نوعيت جي گڙٻڙ ۽ بي آرامي پيدا ڪري سگهندا هئا؛ ۽ اهي گهڻو ڪري ائين ئي ڪندا رهندا هئا. انهيءَ طرح

حيدرآباد ۽ خيرپور وارا امير، نه تہ پاڻ ۾ متحد هئا، ۽ نہ ٿي گڏ هئا، ۽ نہ وري انهن لاءِ اهڙو رايو قائم ٿي پئي سگهيو تہ سرڪاري سطح تي اهي انگريز سرڪار سان جنگ جي حالت ۾ هئا، يا امن ۽ صلح جي حالت ۾. درحقيقت اهي سڀ انگريز سرڪار سان سياسي يڪجهتي هئڻ جو اعتراف ڪندا هئا، ۽ ان سان پنهنجي دوستيءَ بابت وڏيون لباڙيون بہ هڻندا هئا، تہ ساڳي وقت لارڊ آڪلئنڊ سان طئي ڪيل عهدنامن تي سختيءَ سان عمل پيرا هئڻ جي دعويٰ بہ ڪندا هئا، پر انهن سڀني ڳالهين جي باوجود، اهي ٿوري گهڻي ڳالهہ تي انهن عهدنامن جي مکيہ ۽ اهم شرطن جون روزانو ڇڪتاڻيون بہ ڪندا هئا. جڏهن انهن کي اهڙين خلاف ورزين لاءِ تنبيهہ ڪئي ويندي هئي، تڏهن اهي ڏاڍي ديده دليريءَ سان انهن کان صاف انڪار ڪندا هئا. هر هڪ گهراڻي جا ڪجهہ نہ ڪجهہ افراد هن اميد تي پنهنجي خصوصي نيڪ نيتي ۽ آزمايل دوستيءَ تي زور ڏيندا رهندا هئا تہ ان طرح سان هو ڪنهن بہ هنگامي صورتحال ۾ فائدو وٺندا. ڇاڪاڻ تہ بعد ۾ اها ڳالهہ ثابت ٿي ويئي تہ ٻين وانگر آهي بہ، انهيءَ غلاميءَ کان نفرت ڪندا هئا، جنهن کي اهي ظاهري طور تسليم ڪندا هئا؛ اهڙي قسم جي ٻٽي حڪمت عمليءَ لاءِ جيڪي امير مشهور هئا، تن ۾ اپر سنڌ وارو رستم ۽ لوئر سنڌ جا صوبدار ۽ محمد خان شامل هئا. انهن ۾ حيدرآباد وارو نوجوان حسين پڻ شامل هو، جيتوڻيڪ هو اڃا ڇوڪرو هو، ۽ آن وقت صوبدار جي سرپرستيءَ هيٺ هو.

اهي سڀ انهيءَ موقعي تي، بنا ڪنهن ظاهري سبب جي، نوجوان گڏ ڪري رهيا هئا. جيتوڻيڪ اهي پنهنجن ذاتي غرض ۽ مفادن جي بنياد تي هڪٻئي سان دشمني رکندا هئا، پر تڏهن بہ موقعي ملڻ سان، اهي انگلنڊ جي زوريءَ حاصل ڪيل بالادستيءَ جي خلاف پاڻ ۾ هڪ ٿي وڃڻ لاءِ هر وقت

تيار هئا. ان جي باوجود، سندن جذبات جي نمائش، ۽ اصل ۽ سچي حڪمت عملي بڻ، خوف، ڪاوڙ، اميد ۽ نشي جي مدهوشيءَ سبب، جن جو واري وٽيءَ سان مٿن غلبو ٿيندو رهندو هو، حد کان زياده بدلجندڙ هئي. انهيءَ ڪري انهن جون سرگرميون ۽ ڪارگذاريون عجيب و غريب هيون؛ تنهن کان سواءِ مختلف نوعيت جي جدا جدا مفادن جو اهڙو ته تصادم هو، جو انگريز جنرل لاءِ اهو فيصلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو ته هو ڪاه جون ڳالهيون هلائي، يا لڙائي ڪري، ڪهڙيءَ طرح يا ڪنهن سان معاملو طئي ڪري، ڪهڙي هنڌ ڊيڄائي ۽ ڌمڪائي، ڪهڙي وقت ٿڌو ڪري ۽ پرچائي، ڪڏهن ڌڪ هڻي، ڪنهن جي حمايت ڪري. هن چيو ته ”انهن جو نظام اهڙو آهي، جو اهو ڪنهن کي به ذميوار نه ٿو بڻائي؛ هنن جون دعوائون ايتريقدر ته مليل سليل آهن، جو جيڪڏهن آءٌ حيدرآباد ۾ هڪ ڪوڏي ڪٽي اڇلائيندس ته خبر ناهي ته اها دوست جي مٿي تي وڃي لڳندي يا دشمن جي.“ ٿوري ۾ چئجي ته جيڪڏهن اقتدار کي گهٽائڻ ۾ تقسيم ڪرڻ جي حڪمت عملي جو مقصد، جيئن لارڊ آڪلنڊ جي پاليسيءَ جو هو، ٻين جي حقن تي بيجا مداخلت ۽ ظلم و زيادتي ڪرڻ هجي ته انتهائي اثرائتي ۽ يقيني ثابت ٿئي ها، پر جڏهن اصل مقصد انصاف، صلح سانت ۽ سلامتي آڻڻ جو هو، تڏهن اها پاليسي تڪليف ڏيندڙ ۽ اجايو بار سمجهي ويئي.

اهڙيءَ طرح جيڪو مونجهارو پيدا ٿيو هو، تنهن ۾ شخصي ۽ ذاتي سازشن، منصوبن ۽ تڪرارن جو هيٺيان ئي هيٺان وڌندڙ وهڪرو گڏجي ويو، جيڪو هونئن ته دنيا جي سڀني ملڪن، ۾ عام طور، پر مشرقي ملڪن ۾ خاص طور، عوامي معاملن جي مڪيه ۽ وڏي وهڪري ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندو آهي. سر چارلس نيپئر شروع کان ئي، برائي ۽ حماقت جي انهيءَ گندي وهڪري ۾ پاڻ کي ڦاسائڻ کان سختيءَ سان انڪار

ڪري ڇڏيو هو. پر ان هوندي به هو اندر ئي اندر انهيءَ وهڪري جي اونهائيءَ جو اندازو ۽ ڪاٿو ڪرڻ لاءِ مجبور هو، حالانڪ هن پنهنجي انهيءَ معلومات کي پاڻ وٽ خفيه رکيو، ۽ ان کي فقط اهڙن موقعن تي استعمال ڪيو، جڏهن اهسا چاڻ عوامي ۽ سرڪاري معاملات ۾ ڪنهن فيصلي تي پهچڻ ۾ اهڙي وقت تي سنڌس رهنمائي ڪري سگهندي هئي، جڏهن هو شڪ جي حالت ۾ هوندو هو.

معاملات جي انهيءَ مونجهاري، جيڪو سابق دور جي شرانگيز ڊپلوميسيءَ جو نتيجو هو، لارڊ هائوروڪ ۽ ٻين معمولي ماڻهن کي، اميرن سان جنرل جي هلت ۽ معامله بازيءَ جي حقيقي ۽ سچي داستان کي منجهائڻ ۽ سياه صورت ۾ پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو آهي؛ انهن جو مقصد فقط جنرل لاءِ هائوس آف ڪامنس ۾ پيش ڪيل شڪر ادائيءَ جي رٿ لاءِ تنگدل ۽ ڪمزور قسم جي مخالفت کي زور وٺائڻ آهي. اهي فوج جي تعريف ڪن ٿا، پر جنرل جي نه، جنهن انهيءَ فوج کي فتح جي منزل مقصود تائين پنهنجي رهبري ۽ رهنمائي ۾ پهچايو، ان جي باوجود، هن ڳالهه جو اقرار ڪيو ويو ته انهيءَ فوج جو ٻيو ڪوبه ماڻهو اهڙي دليري ۽ جرئت سان نه وڙهيو هو ۽ ني ڪنهن به اهڙيءَ مهارت جو مظاهرو نه ڪيو هو، جهڙو انهيءَ جنرل ڪيو هو. ان جي باوجود، اهو به تسليم ڪيو ويو ته هن پنهنجين فوجن جو پيار ۽ اعتماد مڪمل طرح حاصل ڪيو هو ۽ انهن ۾ جوش ۽ جذبي کي بدرجهء اتم بيدار ڪيو هو، جيڪو فتح ۽ ڪاميابيءَ جو يقيني ضامن هوندو آهي. پر ڇا ڪجي، جو اهو داغ رت اندر موجود آهي، ۽ بغض، موروثي نوعيت جو آهي. اڳئين وقت ۾ لارڊ گيري، پيننشولا واري جنگ ۾ ڊيوڪ آف ويلنگٽن جي هلت تي نڪته چيني ڪئي هئي، ۽ سندس پٽ، لارڊ هائوروڪ

وري سنڌ ۾ سر چارلس نيپئر جي هلت تي نڪتہ چينيءَ جو طوفان ڪڙو ڪري ٿو.

هيءَ ڪتاب عام ماڻهن جي دلين ڪي اهڙن خسيس ۽ انسانيت جو هٺ ٿوڪيو جذبو رکندڙ ماڻهن جي ڳالهين تي اعتبار ڪرڻ جي خيال کان پاڪ، ۽ انهيءَ احمقانہ سياسي فلسفي کان سندن ذهن کي صاف ڪرڻ جي مقصد سان لکيو ويو آهي، جيڪو انهيءَ موقعي تي گروهي ۽ جماعتي حسد جي پوري جوش و خروش سان پيش ڪيو ويو هو، گلاخورن طرفان ان طرح جيڪو ڏنڊ پيدا ڪيو ويو آهي، تنهن کي منتشر ڪيو ويندو، ۽ ان سان گڏ لارڊ هائووڪ جي انهيءَ تصور کي بہ دور ڪيو ويندو، جنهن ۾ هن بزرگانہ زندگي گذاريندڙ شهزادن کي هڪ ظالم سپاهيءَ جي رت ۾ ٻڏل ترار آڏو جهڪندي پيش ڪيو آهي، جنهن لاءِ فوجي نام و نمود خود خدا هو! ۽ انصاف، ڪا ڳالهہ ئي ڪانہ هئي! انهيءَ موهوم تصوير بدران، هڪ دلير ۽ فراخدل انگريز آفيسر جي ڏوس حقيقت ڏسبي، جيڪو ذري گهٽ پنجاهہ سالن جي ملازمت جي دوران آب و هوا، زخمن، بي انصافين ۽ غربت جي خلاف مقابلو ڪندو رهيو آهي، پر پنهنجي شاندار زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ خوف، يا ذاتي غرض يا اجائي وڏائي سبب، وار جيترو بہ پنهنجي مقرر راهہ کان پري نہ هٽيو آهي. سر چارلس نيپئر ڪڏهن بہ ڪو ذليل يا ظالمانہ ڪم نہ ڪيو!

جڏهن امير رستم، علي مراد جي ڪوٽ ڏيجيءَ واري قلعي مان پڇي نڪتو، تڏهن سنڌ جا معاملا اهڙيءَ بحراني حالت کي پهچي ويا هئا، جو انهيءَ صورتحال کي انگريزن جي مفادن جي مطابق طئي ڪرڻ لاءِ وڏي عقلمندي، جرئت ۽ سوچ سمجهہ جي ضرورت هئي. پر جنرل جي انهيءَ خواهش سبب، تہ سنڌ سان مقصد ڪنهن رتو ڇاڻ کان سواءِ ئي حاصل ٿئي، هن جي مٿي ذڪر ڪيل پهرين ٻن خوبين کي پوريءَ طرح

پنهنجو ڪم ڏيکارڻ کان روڪي رهي هئي.* انهيءَ موقعي تي هن جو چوڻ اهو هو ته جيڪڏهن آءٌ خونريزيءَ کي روڪي سگهان ٿو، پر ائين نٿو ڪريان ته پوءِ آءٌ خوني ٿيندس. فوجي ڇانوڻيءَ وارن جو چوڻ وري ائين هو ته سڄي ڇانوڻيءَ ۾ جنرل نيپيئر هڪ اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو لڙائي جي خواهش نٿو رکي. سلڪي ماڻهن کي عذاب ۽ تڪليف کان بچائڻ لاءِ سندس عزم ايتريقدر پختو هو، جو جڏهن هو روهڙيءَ ۾ هو، جتي مٿس حملو ٿي پئي سگهيو، اُن ڪنهن به وقت اهڙي حملي جي توقع هئي، تڏهن هن پنهنجي فوج مان بينگال وارن دستن کي پاڻ کان هن مقصد سان الڳ ڪري پنهنجي طاقت کي هيڪاري ڪمزور ڪيو ته اهي اميرن کان واپس ورتل انهن ضلعن تي، جيڪي سندس پشت ۾ هئا، قبضو ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنو ته ملتان بهاول خان، جنهن کي اهي ضلعا ملئا هئا، پنهنجن وحشي گهوڙي سوارن مان اک ۾ ئي اچي انهن تي قبضو ڪري، جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺن جا ڳوٺ انهن وحشي سوارن جي هٿان قتل ۽ غارتگريءَ جو نشانو بڻجن ها.

نه وري لارڊ ايلنبرو طرفان ئي تشدد ۽ رتوڇاڻ ڪرڻ کان پنهنجي دلي نفرت جو اظهار گهٽ واضح الفاظ ۾ ڪيو ويو. هن جون ڏنل هدايتون رڪارڊ تي موجود آهن. انهن ۾ صاف طور چيو ويو آهي ته انگريز سرڪار جي وقار ۽ طاقت جي بالادستيءَ کي قربان ڪرڻ کان علاوه، جيڪي هندستان جي برطانوي سلطنت جي سلامتيءَ لاءِ انهيءَ وقت انتهائي ضروري هئا، پيا سڀ ذريعا ڪم آڻي ڪنهن به طرح جنگ کي ٽاريو وڃي. هن هنڌ تي اهو مناسب آهي ته هڪ دفعو پيهر انهيءَ وقت جي حقيقي صورتحال جو ذڪر ڪجي، جنهن سان انگريزي سلطنت دوچار هئي، جڏهن اهو سمجهدار، خبردار ۽

* سر چارلس نيپئر جا اڻ ڇپيل خط.

اِها هئي فوجي صورتحال جي آها تصوير، جيڪا لارڊ ايلنبرو کي پيش ڪئي ويئي.

هندستان جي اندروني علائقن ۾ ملڪگير سطح تي نااميديءَ جو راڄ هو؛ سڄي آباديءَ تي افغانن جو اهڙو ته خوف ڇانيل هو، جو مٿين جنرلن جي امداد ڪرڻ لاءِ وسيلا هٿ ڪرڻ مشڪل ڪم هو. ٽي سؤ پنجاهه اٺن مان، جيڪي هڪ ٺي قافلي ۾ جنرل پولوڪ ڏانهن موڪليا ويا، ٽي سو ويهن کي سندن اوٺي محض ڊپ وچان، پشاور کان هڪ ڏينهن جي سفر کان پوءِ، هڪ ئي رات اندر وٺي رفو چڪر ٿي ويا. گورنر جنرل جون مخفي رٿائون ۽ منصوبا، آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ملازم اخبارن کي پهچائي رهيا هئا؛ ۽ هڪ شرانگيز ۽ ذلالت وارو جذبو، جيڪو اخباري ايڊيٽرن ۽ دولت جي گولائو ماڻهن کي ملڪي مدبرن ۽ فوجي جنرلن جي ڊنريڪٽرن بنائڻ جو قدرتي نتيجو هو، عام ماڻهن جي دلين کي ڪمزور ڪري رهيو هو. ۽ فوج تي پنهنجو زهريلو اثر وجهي رهيو هو. سنڌ ۾، دشمنيءَ وارا منصوبا، جن جون پاڙون اونهيون ڪٽيل هيون، هاڻي عملي صورت ۾ اچڻ لاءِ تيار هئا. مدراس ۾، سپاهين جون ڪيئي پلٽڻيون بيهودي قسم جي بچت ڪرڻ جي اثر کان، جيڪڏهن بغاوت تي آماده نه هيون، ته ناراض ۽ غير مطمئن ضرور هيون. ساگر ۾ سڄي پڇي بغاوت ۽ گهيري واري حالت هئي، جيڪا هڪ طرف کان بنديلکنڊ طرف وڌي رهي هئي، ته ٻئي طرف نربدا نديءَ جي ڪناري ٻهرام پور طرف پيشقدمي ڪري رهي هئي. انگلنڊ جي طاقت جو پراڻو خوف ـ سندس قوت ۾ اهو اعتماد، جيڪو ان جي حڪمراني ۽ فرمانروائي کي برقرار رکندو هو، سو ذري گهٽ ختم ٿي ويو هو. هندستاني آبادي، خواه اها انگريز سرڪار جي رعايا هئي يا ان جي اتحادين ۽ ڏن ڀريندڙ رياستن جي، ۽ خصوصاً ان جو مسلمانن وارو حصو، انگريزي سلطنت جي

خاتمي جي خواهش سان سرشار هو، ۽ ان جي توقع ڪري رهيو هو.

حالات جي اها خطرناڪ صورت هئي، جنهن جو محض هڪ خاڪو ئي هتي پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ لارڊ ايلنبرو مشرق ۾ اچي حڪومت جون واڳون سنڀاليون. هن هڪ ئي سال جي مختصر مدت اندر، جسم ۽ ذهن جي ناقابل اعتبار محنت، احتياط، انساني اخلاق، وقت ۽ حالتن جي باريڪ امتياز ۽ فرق ڪرڻ سان داخلي خرابين کي روڪي ورتو، بغاوت کي ختم ڪيو، عوام جي دلين ۾ اعتماد بحال ڪيو ۽ فوجن ۾ سپاهيانه شان و شوڪت ۽ عزت جو جذبو پيهر اڀاريو. هن افغانستان ۾ قاتل فوجن جي مدد ڪري، انهن کي بچايو ۽ جنرلن کي ڪيترين ئي شاندار فتوحات حاصل ڪرڻ، ٻاهرين دشمنن کي ڊيڄارڻ، ماضيءَ جي تباهين ۽ بربادين جي علاج ڪرڻ ۽ سنڌ جهڙي عظيم ۽ خوشحال صوبي کي انگريزي سلطنت ۾ شامل ڪرڻ جي لائق بڻايو. اهي جنرل، چاهي ڪهڙا به بهادر ۽ لائق هئا، پنهنجي دل تي هٿ رکي ايمانداريءَ سان اها دعويٰ نه ٿي ڪري سگهيا ته انهن جي ڪاميابيءَ لاءِ گورنر جنرل طرفان سنڌ ۾ محنت ۽ احتياط سان تياري نه ڪئي وئي هئي، ۽ انهيءَ ڪاميابيءَ جي خاطري، سندن اهليت ۽ لياقت مطابق، هن جي فراخدليءَ ذريعي نه ڪئي ويئي هئي، جنهن سان هو انهن کي پنهنجن خفيه ۽ راز وارين ڳالهين کان واقف ڪندو ۽ انهن ۾ سندن مڪمل پٺڀرائي ۽ حمايت ڪندو هو.

اهي وڏا نتيجا بزرگ هندستاني سياستدانن ۽ مشيرن جي صلاح ۽ مشوري سان نه، بلڪ انهن جي باوجود، ۽ سندن شرير عادتن هوندي به، حاصل ڪيا ويا. جنرل ناٽ ۽ جنرل پولوڪ سان لارڊ ايلنبرو جي خط و ڪتابت کي، جيڪا ع - جون کان وٺي ڪابل تي دوباره ڪيل قبضي تائين،

بيوسيءَ وچان انهيءَ ٿي ماڻهوءَ کي واپس ڪوٺايو، جنهن عين موقعي تي اچي سنڌن سلطنت کي بچايو هو، ڇاڪاڻ ته هو انهن جي بيوقوفيءَ واري غرور ۽ اقربا پروري لاءِ انگلنڊ جي عظيم تر مفاد کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هو.

پر عوام جو آواز، هاڻي، ۽ آئينده نسل جو فيصلو هن ڪان پوءِ، ساڻس ضرور انصاف ڪندو. تاريخ جي ڪلهي تي انتقام وٺندڙ فرشتو سوار هوندو آهي. اها ضرور اهو داستان ٻڌائيندي، ۽ اهو داستان اهڙو هوندو، جنهن کي ٻڌي دنيا حيران ٿيندي ته جنهن شيءَ کي عظيم مدبرن ۽ شاندار فوجن مشرق ۾ ڪئيو ۽ جنهن جو انهن بيمثال طاقت سان بچاءُ ڪيو، تنهن کي ”واپاري شهزادن“ جي ذليل وڏائي ۽ خسيس هوڏ خطري ۾ وجهي ڇڏيو، ۽ ڪيئن نه روشن دماغ حڪمت عمليءَ ۽ انڌن وانگر هٿوراڙيون هڻندڙ حرص ۽ لالچ حقيقي ۽ سچي عظمت ۽ ضد جي درميان دائمي مقابلو رهندو آيو، ۽ ڪيئن ته ڪورٽ آف ڊئريڪٽرس پاڻ کي بي طاقت محسوس ڪري، جيئن ان کي اهڙي وقت سچ پچ هئڻ گهرجي، جڏهن بورڊ آف ڪنٽرول تي هڪ باخبر ۽ طاقتور شخص صدارت ڪري رهيو هو، هندستان جي چند مخصوص آفيسرن سان نمائشي خط و ڪتابت ڪري پنهنجي لاءِ اختياريءَ ۽ وقار حاصل ڪرڻ جي اجائي ۽ بيفائدي ڪوشش ڪئي. ڊئريڪٽرن جي انهيءَ ٿي ڪورٽ، سنڌ س ٿي نالي ۾ هلندڙ حڪومت جي خلاف، گويا پاڻ ٿي مخالف جماعت جي قيادت ڪندي، ۽ هڪ طرح سان سياسي گڙ ٻڙ ڦهلائيندڙ فساديءَ جو ڪردار ادا ڪندي ۽ جتي ان جي حڪمراني بي اثر ثابت ٿي رهي هئي، اتي ان هر قسم جي سازشن ۽ منصوبن جي همت افزائي ڪرڻ سان انهيءَ ڏورانهين ۽ اڻاهم سلطنت تي حڪومت ڪرڻ جي راهه ۾ حائل رڪاوٽن ۽ دشوارين ۾ هميشه اضافو ڪيو، هندستان جي پريس، جيڪا اهڙي ڪوڙي، شور ۽ غوغا مچائيندڙ، ۽ اهڙي ذليل هئي،

جي فوجن تي مشتمل هڪ ئي عظيم سازش سڀئي، ۽ پن لڪن جنگبازن جي گڏيل لشڪر سان هڪ ئي وقت انگريزن جي فوجي ڇانوڻين تي ڪڙڪڻ جو سچو منصوبو ڏاهيو انهيءَ لشڪر سان امير گهٽ ۾ گهٽ ستر هزار ماڻهو مهيا ڪري پئي سگهيا.

ڪرنل انگلنڊ جي دستي کي قنڌار کان موٽندي، جڏهن ناٽ ڪابل طرف پيشقدمي ڪري، تباهه ڪرڻ، انهيءَ منصوبي جو هڪ حصو هو؛ انهيءَ حملي جي ڪاميابي مٿين سڀني قومن لاءِ هن باري ۾ اشاري جو ڪم ڏئي ها ته اهي گڏجي هاڻي انگريزن جي فوج تي ڪڙڪن، جيڪا انهيءَ موقعي تي ڪمزور ۽ سکر ۽ ڪراچي ۾ پنهنجي بيءَ فوج کان جدا ٿيل هجي ها. انهيءَ منصوبي ۾شامل مختلف قومن جي گڏجڻ واري رٿا جي ڪنهن نقص، ۽ انگلنڊ جي دستي جي غيرمتوقع طاقت، جنهن ۾ سندس آنهيءَ دستي جي ماڻهن کان، جيڪو هو قنڌار وٺي ويو هو، تمام گهڻا ماڻهو شامل هئا، انهيءَ آفيسر تي سوچيل حملي کي روڪي وڌو، ۽ جڏهن اهو سکر پهتو، تڏهن هڪ دفعو پيهر سنڌ تي مضبوطيءَ سان قبضو ٿي ويو. اها ڳالهه اميرن کي روڪڻ ۽ بي همت بنائڻ واري هئي، جنهن جي نتيجي ۾ غوريءَ جي حڪمت عمليءَ کي سر چارلس نيپئر جي زوردار ۽ هوشياريءَ سان تيار ڪيل ڊپلوميسيءَ ناڪام بنائي ڇڏيو.

هن پنهنجي انهيءَ ڊپلوميسيءَ جو بنياد، اميرن جي باهمي تڪرارن ۽ تنازعن، ۽ سندن مذبذب، گهٻراهٽ وارين ۽ لچڪندڙ عادتن تي رکيو، جيڪي انهن جي دائمي طور نشي جي مدهوشي ۾ رهڻ جو نتيجو هيون. هن انهيءَ وقت، جڏهن پنگ جي نشي لهڻ بعد انهن ۾ سوچڻ ۽ سمجهڻ جي قوت واپس بحال ٿي، هڪ ئي وقت تي انهن جي خوف ۽ عقلمنديءَ کي مخاطب ڪيو. ان جي باوجود، هنن جون پاڻ ۾ ۽ ٻاهرين

حڪمرانن سان خفيه صلاحون، سندن منجهيل سنجهيل سازشون ۽ رٿائون، عهد نامن جون ڀڃڪڙيون، ۽ سندن تقريرن ۽ وقت بوقت ڪونايل ميڻن ۾ ظاهر ڪيل پنهنجون دلي نفرتون، اهڙيون ڳالهيون هيون، جن مان واضح ٿي رهيو هو ته اسان جي خلاف تيار ڪيل سندن منصوبو ترڪ نه ڪيو ويو آهي، بلڪ ڪجهه وقت لاءِ فقط ملتوي ڪيو ويو آهي. افغانن ۽ بلوچن لاءِ اهو هڪ قومي مسئلو هو، پر سِک اينگلو انڊين پريس جي غلط بيانيءَ ڪان بددل ۽ نااميد ٿي پيا هئا، ۽ انهن جو بهتر طور باخبر رهندڙ راجڪمار شيرسنگهه ڏاڍي مشڪل سان پنهنجن سکن کي پنجاب مان لنگهندڙ انگريز فوجن تي حملي ڪرڻ ڪان روڪي سگهيو. انهيءَ ڪري ريزرو فوج جي اجتماع واري سوال کي، اخبارن جي ايڊيٽرن طرفان گورنر جنرل تي مڙهيو ويو، ۽ جيئن ته اهو فوجي اجتماع ڪارگر ثابت ٿي رهيو هو، انڪري انهن ان تي پنهنجي عادت ۽ فطرت مطابق ٺٺوليون ڪيون، جنهن ۾ حماقت ۽ بدمعاشي هڪبئي تي تسلط قائم ڪرڻ جي حد ڪان زياده ڪوشش ڪندي يون آهن، پر جيڪڏهن اپر ۽ لوئر سنڌ جا امير ان وقت پاڻ ۾ متحد هجن ها، ۽ انهيءَ وقت پاڻ ۾ گڏجي جنگ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪن ها، جنهن تي اهي گهٽي وقت ڪان سوچيندا رهيا هئا، ته پوءِ سکن کي سندن راجا به جهلي نه سگهي ها. پوءِ هڪ زبردست گهوٽالو پيدا ٿئي ها، جيڪو هڪ طرف ڪان گهٽو ڪري نيپال ۽ گواليار تائين وڃي وڃي ها، ته ٻئي طرف ڪان بنڊيلکنڊ ۽ نربدا نديءَ جي ڪنارن وارن ضلعن تائين ڦهلجي وڃي ها، ۽ اهڙيءَ طرح اهو هندستان کي ان جي مرڪز تائين لوڏي وجهي ها ۽ لارڊ ايلنبرو جي دور انديشيءَ کي ثابت ڪري ڇڏي ها، جنهن سان هن ستلج وارن ڪنارن تي ريزرو فوج گڏ ڪئي هئي.

انهيءَ ڪري، اهڙي نازڪ وقت ۾ سر چارلس نيپئر لاءِ اهو انتهائي ضروري هو ته ڏاڍي هوشياريءَ ۽ مضبوط ارادي واري حڪمت عمليءَ سان ڳڌو ڳڌ، ڏڪائيندڙ فوجي طاقت جي مظاهري سان اميرن کي تذبذب جي حالت ۾ رکي ۽ سندن سوچيل رٿا کي عملي جامو پهرائڻ کان انهن کي روڪي وجهي. گورنر جنرل جي مڪمل پٺڀرائي ۽ حمايت، هن کي بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي، پنهنجي شعور جي فيصلي تي عمل ڪرڻ ۾ مدد ڏني. هن چيو ته ”مان ائين محسوس ڪيو ته لارڊ ايلنبرو جي تحت آءٌ پوري قوت سان اڳتي وڌي سگهان ٿو، بشرطيڪ مون کي پنهنجو رستو صاف نظر اچي.“ سچ ته هن کي اهو سڀڪجهه ڏنو ويو، جنهن جي هن طلب ڪئي، پر حقيقت هيءَ آهي ته کيس ان کان به وڌيڪ ئي ڏنو ويو، جيڪو کيس گهربل هو. سندس فوج جي بينگالي ڊويزن، جنهن کي فيروزپور وڃڻ جا احڪامات ڏنا ويا هئا، سندس مرضيءَ مطابق هن جي حوالي ڪئي ويئي ته چاهي ته ان کي پاڻ وٽ رکي ۽ چاهي ته ان کي روانو ڪري؛ کيس وڌيڪ گهوڙيسوارن ۽ توبن جي پيشڪش ڪئي ويئي، ۽ ان کان سواءِ به کيس جنرل ناٽ جي لشڪر ۾ شامل بمبئي وارا سمورا سپاهي به ڏيڻا ڪيا ويا، جيڪي انهيءَ موقعي تي پنجاب جي سر زمين مان لنگهي رهيا هئا؛ ۽ هن جي ڪمانڊ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ ڪڇ تائين وڌايو ويو. لارڊ ايلنبرو کي سنڌ جي دشوارين کي محض طاقت جي مظاهري سان پرامن طور ختم ڪرڻ جو ايڏو ته فڪر لڳو پيو هو.

پنهنجي مرضيءَ ۽ دل جي صلاح تي عمل ڪرڻ جو پهريون نتيجو، سنڌو نديءَ کان پار ڪرڻ سان روهڙي ۽ الور تي قبضو ڄمائڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو،* جيئن اڳيئي

* ياڳو پهريون، باب — ٦.

ذڪر ڪيو ويو آهي، ۽ هن جو اهو قدم، يقيناً، هڪ ڪامياب جنرل جي سٺي قيادت جي بهترين چال هئي. اميرن لاءِ انهيءَ وقت فقط اهوئي رستو ڪليل هو ته هن کي انهن ضلعن جو قبضو وٺڻ ڏين، جن تان اهي نئين معاهدي جي ذريعي دستبردار ٿيا هئا؛ ۽ اهو معاهدو هنن زباني طور قبول ڪيو هو؛ يا ته وري اهي مٿس پنهنجي لشڪر جي هڪ حصي سان حملو ڪن ها، جڏهن جنرل جي پوزيشن ڏاڍي مضبوط هئي. پهرئين طريقي سان عمل ڪرڻ جو مطلب اهو ٿئي ها ته هنن گويا اهو معاهدو تسليم ڪيو، جنهن کي قبول ڪرڻ جو ڪين ڪو ارادو ڪونه هو؛ پوين رستو اختيار ڪرڻ، هنن لاءِ هڪ خطرناڪ تجزيو ثابت ٿئي ها، ۽ ساڻ ئي سندن دشمنيءَ تان مناسب وقت کان اڳيئي پردو لهي وڃي ها. چنانچه، انهيءَ سياسي ۽ فوجي نوعيت جي ماهرانه چال هنن کي ڏاڍو منجهائي وڌو، ۽ ٻئي طرف مرڪزي حڪومت کي سندس دشوارين جي زبردست دٻاءُ واري وقت ۾ ساهه کڻڻ جي مهلت ڏئي وڌي. انهن سڀني ڳالهين هوندي به، جيڪڏهن امير رستم انهيءَ وقت پنهنجن فسادي پٽن ۽ ڀائٽين کان پڇي، رئيس جي پڳ تان پنهنجي ڀاءُ جي حق ۾ دستبردار نه ٿئي ها، ته اپر سنڌ ۾ جنگ تمام جلدي ڇڙي وڃي ها. ڇاڪاڻ ته لوئر سنڌ جا امير انهيءَ وقت، پڪ ئي پڪ، ميدان ۾ نڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا، ۽ علي مراد نتيجي کان مشڪوڪ رهي؛ گهٽو ڪري انهن سان گڏجي قدم کڻڻ لاءِ آماده ٿي پوي ها. هنن کي پنهنجين سمورين فوجن کي گڏ ڪرڻ ۾ ڪجهه وقت يقيناً لڳي وڃي ها، پر اها ڳالهه خود انهن جي حڪمت عمليءَ جو هڪ حصو هئي ته انگريزن جي فوجن کي انهيءَ وقت تائين ٻاهر نڪرڻ جو موقعو نه ڏنو وڃي؛ جيسين اونهارو نه اچي وڃي.

رستم جي پنهنجي گهراڻي سان غداري، جيڪا هڪ پوڙهي شخص جي خود غرضيءَ واري جذبي جي مظهر هئي، هڪ وڏي واقعي جي حيثيت رکي رهي هئي ۽ انگريز جنرل جي فهم و فراست انهيءَ واقعي کي فيصله ڪُن حيثيت ڏيئي ڇڏي. ان انگريزن لاءِ علي مراد جي دوستي حاصل ڪئي ۽ رستم واري گهراڻي جي ٻين شهزادن کي سندن دشمني قبل از وقت ظاهر ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو؛ انهن هڪ ٻه ڏک هڻڻ کان سواءِ اپر سنڌ ۽ ان جي ذريعن ۽ وسيلن کي انگريزن جي قبضي ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. انهيءَ ڳالهه، انهيءَ صوبي ۾ جنگ جي ڇڙڻ کي روڪي ورتو، ۽ خيرپور وارن اميرن جي دشمنيءَ جو ناقابلِ ترديد ثبوت مهيا ڪيو، جڏهن ته اهي بظاهر دوستيءَ جي دعويٰ ڪري رهيا هئا؛ ان جي باوجود، انهيءَ ڳالهه کي احمقانہ بغض سان سر چارلس نيپئر جي بي انصافيءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي، جيڪا هن خيرپور جي اميرن سان ڪئي، ۽ انهيءَ کي جنگ جو اصل سبب قرار ڏنو ويو آهي.

پوڙهي امير کي جلدئي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو، ۽ هن ڪوڙ ۽ خسيس نموني جي چالاڪيءَ سان ان جو تدارڪ ڪرڻ چاهيو، پر هو ناڪامياب ٿيو. پر جيڪڏهن هو پنهنجن پٽن ۽ ڀائٽين، ۽ لوئر سنڌ جي اميرن سان متحد رهي ها، ته پوءِ جنرل کي هڪ گنڀير معاملو درپيش هجي ها، جيڪو هن طرح سان ڏيکاري سگهجي ٿو.

جڏهن هو اچا سکر ۾ ئي هو، تڏهن کيس چيو ويو هو ته هو انهن هٿيار بند ٽولن کي منتشر ڪري پڇائي ڪڍي، جيڪي انگريزي لشڪر لاءِ خطرو به هئا، ۽ ان جي بيعزتي به ڪري رهيا هئا. هن انهيءَ وقت ائين ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، ڇاڪاڻ تہ کيس چڱيءَ طرح معلوم هو ته، جيئن هن انهيءَ ڳالهه جو اظهار پاڻ ڪيو، ائين ڪرڻ ڪنهن خيالي شيءِ جي پٺيان پوڻ وانگر ٿيندو. بهرحال، هن پنهنجي

سياسي فوجي حڪمت عمليءَ کي ملائي قدم کڻڻ پئي چاهيو، ۽ انهن پنهنجي رستن مان هڪ ۾ به هن غلط پير نه پئي کڻڻ چاهيو. هن چيو ته آءٌ انهن مهني کي سنڌو درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو سگهان ها سي وحشي آهن، پر پوءِ به آءٌ ائين هلي رهيو آهيان، گويا اهي سڀ فرانسيسي آهن". پر جڏهن هن پنهنجا قدم ڄمايا ۽ روهڙيءَ پهچڻ سان پنهنجن ڪاروائين لاءِ صحيح قسم جو مورچو حاصل ڪيو، تڏهن هن ڪيس مليل حڪمن جي تعميل ڪرڻ جو ارادو ڪيو، هائي، جيڪڏهن رستم اڃا تائين رئيس هجي ها، ته هو ۽ سندس خاندان وارا انهن هٿياربند ٽولن کي ظاهري طور ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏين ها، انهن کي خفيه هدايتون ڏين ها ته اهي وري بعد ۾ اچي جمع ٿين، ۽ پوءِ ظاهري طور قسمون، دانهون، شڪوائون ۽ شڪايتن سان پنهنجي بيگناهي جو اعلان ڪن ها، ۽ مٿن شڪ شبهي ڪرڻ جي بي انصافيءَ خلاف احتجاج بلند ڪن ها. اهڙيءَ طرح انهن کي اونهاري جي موتمار گرميءَ اچڻ لاءِ مهلت ملي وڃي ها ۽ ان وقت هو پنهنجن قسمن ۽ انگريز جنرل، پنهي تي خوب کلن ها، ۽ پوءِ اهي لوئر سنڌ وارن اميرن سان گڏجي جنگ شروع ڪن ها، جڏهن ڪين لشڪر جي گهٽي تعداد، باهمي اتحاد ۽ آب و هوا جا فائدا حاصل هجن ها.

ائين نه سمجهڻ گهرجي ته سنڌونديءَ کي پار ڪرڻ، روهڙيءَ تي قبضو ڪرڻ، سکر واري ڇانوڻيءَ کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ، ۽ لاڙڪاڻي ۾ جمع ٿيل بلوچن کي نظرانداز ڪرڻ، جنهن جو ذڪر هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ ڪيل آهي، ڪي رواجي ۽ خسيس معاملا هئا. انهن ڳالهين فوج کي پنهنجي ڪارروائي جي صحيح پوزيشن ۾ آڻي بيهاريو. جيڪا سنڌونديءَ جي ڏائي ڪناري تي هئي. انهن ڳالهين سياسي ۽ فوجي حڪمت عملين ۾ مطابقت پيدا ڪئي، انهن اميرن کان ورتل علاقن جي سلامتيءَ جي حفاظت ڪئي ۽ ساڻ ئي

فوج کي اکرائي ڪرڻ جي خطرناڪ حيثيت ڏيئي ڇڏي، جڏهن ته ان جا پنهنجا مورچا مضبوط ۽ سلامت هئا. انهن ڳالهين تي عمل ڪرڻ ڪو آسان ڪم ڪونه هو. سنڌونديءَ کي پار ڪرڻ واري ڪم ۾ ڪيئي ڏينهن لڳي ويا؛ ڇاڪاڻ ته جيتوڻيڪ جنگباز فوج جو تعداد چند هزارئي هو، پر فوج جي پوئلڳن جو تعداد ويهن هزارن جي لڳ ڀڳ ۽ انهن جو ساز و سامان بي انداز هو. "سون اوهان صاحبن کي ناقابل عبور ۽ دشوارين جي بيان سان پريشان نه ڪيو آهي، پر هندستاني لشڪر جو ساز و سامان ڏاڍو تڪليف ڏيندڙ مسئلو آهي". جنرل جو اهو سڌو سادو نوٽ هو، جيڪو هن انهيءَ موقعي تي گورنر جنرل کي موڪليو؛ جن ماڻهن فوج جي قيادت ڪئي آهي، سي انهيءَ نوٽ جي زور جو احساس ڪري سگهندا.

جنگ ۾ ايترين ته گهٽين ڳالهين کي ملائڻو پوندو آهي، ايترا تفصيل طئي ڪرڻا پوندا آهن، ايتري قدر تياري ڪرڻي پوندي آهي. جو هڪ عظيم ڪمانڊر جي علامت هن کان وڌيڪ يقيني بي ڪائي ڪانه هوندي آهي ته هو فوج جي بيشمار جزن ۽ حصن کان هڪئي يڪمشت ۽ متحد جسم وانگر گڏي وٺڻ جو اهل بنائي سگهي ٿو ۽ ان کي دشمن جي خلاف تيز رفتاريءَ ۽ فيصلي سان صحيح وقت ۽ موزون هنڌ تي حڪم ڏيئي استعمال ڪري سگهي ٿو، ۽ انهن سڀني حصن جي آسانيءَ ۽ سولائي سان متحرڪ ٿي سگهڻ سان پڪ ڪري سگهي ٿو ته سندس اشاري سان دشمن کي اثرائتي ضرب لڳي ويندي. اها ڳالهه پوءِ آسان ۽ سولي نظر اچي ٿي، پر ان کي اهڙي سادگيءَ جي منزل تي آڻڻ لاءِ عقل ۽ ذات جي ڪيتريقدر نه وڏي قوت صرف ٿئي ٿي! ٻاڦ جي طاقت تي هلندڙ انجڻ جي مٿان، چوڌاري ڦرندڙ سڌا سادا لوهي گولا ڪهڙا نه سادا ۽ آسان نظر اچن ٿا، جڏهن ته اهي انجڻ جي هيٺان رکيل پيچيده هڏن تي ضابطو رکن ٿا، اهي ڦرندڙ لوهي گولا ۽

انهن جي ضابطي ۽ هلندڙ دخاني انجڻ، هڪ منظم ۽ باقاعده فوج جو نمونو پيش ڪن ٿا.

انگريز جنرل اپر سنڌ جي سڀني ڪان وڌيڪ طاقتور ۽ زوردار امير کي، جيڪو پڳ جو قانوني وارث پڻ هو، سندس گهرائي جي پاليسيءَ ڪان جدا ڪرڻ، پوڙهي رئيس ۽ سندس فسادي مائٽن مٽن کي ڪڏهن ڌمڪائڻ ۽ ڪڏهن پرچائڻ سان علي مراد جي جاندار خيالات جرئت ۽ آرزو، رستم جي خوف ۽ چالاڪيءَ، ۽ سندس نافرمانبردار پٽن، ڀائيٽين جي غرور، ۽ تشدد کي سڌيءَ طرح هڪٻئي جي خلاف صف آرا ڪري ڇڏيو. اهي سڀ ڳالهيون غوري جي پاليسيءَ ڪان مختلف ۽ ان سان ٽڪرائيندڙ هيون، چاڪاڻ ته اهو وزير علي مراد جو ذاتي دشمن، رستم کي اندرئي اندر هلائڻ وارو، ۽ حيدرآباد وارن اميرن سميت، ٻين سڀني جو صلاحڪار ۽ مشير هو، جڏهن ته انهن جي وڏائي ۽ غرور کين هن جي مشوري تي ڪن ڌرڻ جي اجازت ڏيندا هئا. حالات جي انهيءَ صورت ڪنهن به فيصلہ ڪن عام قدم کڻڻ کان کين روڪي ڇڏيو؛ ۽ اپر ۽ لوئر سنڌ جي لشڪرن جي انهيءَ ميلاپ کي سست ڪري ڇڏيو، جيڪو لڙائي ڇڙڻ جو پهريون قدم ٿيڻو هو. اپر سنڌ ۾ لڙائي ڇڙڻ جو امڪان، جيڪو ڪنهن وقت بلڪل قريب نظر اچڻ لڳو هو، ان طرح هوا ۾ تحليل ٿي غائب ٿي ويو؛ ۽ جڏهن مذبذب طبيعت جو مالڪ امير رستم علي مراد جي ڪوٽ ڏيجيءَ مان ڀڄي وري پنهنجن پٽن سان ملڻ سان نڪتو، تڏهن خيرپور وارين دشوارين جو مزاحيہ ناٽڪ ختم ٿي ويو. پر پوءِ وڌيڪ سخت شڪل ۽ صورت وارا ڪجهہ ٻيا اداڪار اچي ظاهر ٿيا، جنهن مان اهو چٽائي مليو ته ڪنهن خطرناڪ الميہ جي رونما ٿيڻ جي تياري ٿي رهي آهي.

انهيءَ وقت کان وٺي انگريز جنرل جو هرهڪ لمحو نازڪ هو، جنهن مان خوفناڪ نتيجن نڪرڻ جو انديشو هو.

هن جي اخلاق کي چڱيءَ طرح سمجهڻ لاءِ اها ڳالهه قدم بقدم اڳتي وڌي ڏيکارڻ ضروري آهي ته هن ڪيئن نه پنهنجي هلت چلت کي شان ۽ مان جي اصولن ۽ عهدنامن جي شرطن ۽ حقن جي عين مطابق هلايو، ۽ ڪيئن نه هن پنهنجن حڪمن جي سختيءَ سان تعميل ڪئي، ۽ ان جي باوجود، ٽالپر گهراڻي کي انهيءَ ملڪ ۾، جنهن کي انهن عذاب ۾ وڌو هو، هميشه لاءِ ختم ڪرڻ واسطي پنهنجي تيز ترار جي ضرب هڻڻ کان اڳي امن ۽ صلح جي حفاظت ڪرڻ لاءِ هر قسم جي ڪوشش ڪئي. اميرن سان معاملي ڪرڻ لاءِ هن احتياط ۽ انصاف سان قدم وڌايو، ۽ رعايا سان شفقت ۽ رحم جو مظاهرو ڪيو؛ پر هن ساڳئي وقت تي پنهنجي ملڪ جي وقار ان جي حقي واجبي دعوائن ۽ فوجي طاقت جي عزت جو مضبوطي سان تحفظ ڪيو. هن خونريزيءَ کي ٽارڻ جي پرخلوص ارادي ۽ پختي عزم سان ذليل قسم جي چالاڪين جو منصفانه هلت سان، منجهائيندڙ فريب جو اعليٰ قسم جي اندازي سان مقابلو ڪندي، پنهنجي منزل مقصود ڏانهن مستقل مزاجيءَ سان مذاڪرات جي ذريعي وڌڻ شروع ڪيو. ۽ جڏهن بلوچن جي لهرائيندڙ هٿيارن انهيءَ راه اختيار ڪرڻ جي ممانعت ڪئي، تڏهن هو ناقابلِ اعتبار قوت ۽ جرئت سان سندن بيشمار لشڪرن کي ائين چيري ڦاڙي وڃي پار پيو، جيئن هَرُ جي چوني زمين کي چيري اندر هلي ويندي آهي. انهيءَ شاندار محنت ۽ ڪوشش جي نتيجي ۾ سنڌ کي خوشيءَ جو ڀرپور فصل ملي ويو آهي.

سر چارلس نيپئر روهڙيءَ ۽ اميرن جي قبضي مان ڇڏايل ضلعن تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ هاڻي گهڻي وقت تائين هٿيار بند ٽولن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ وارن گورنر جنرل جي حڪمن جي تعميل ڪرڻ ۾ دير ڪري نه پئي سگهيو. هن بار بار اميرن کي ذهن نشين ڪرايو هو ته ڪيس اهڙي نوعيت جا حڪم مليا آهن، ۽ هن جو ارادو انهن تي عمل ڪرڻ جو آهي. انهيءَ سلسلي ۾

جو جوکم نہ کٽندا۔ انهيءَ کري هن اڳتي وڌڻ کان اڳ ۾ هنن ڏانهن هيٺيون تنبيهہ ڀريو خط موڪليو:

”اميرؤ، مون کي اوهان صاحبن کي هيءَ عرض ڪرڻو آهي تہ اوهان مهرباني ڪري اسان جي انهيءَ ٽپال جي حفاظت ڪندا، جيڪا اوهان جي ملڪ مان اچي رهي هجي۔ اسان جي ٻن ٽپالن کي خيرپور جي علائقي مان لنگهندي روڪيو ويو آهي، ۽ آءٌ انهيءَ معاملي ۾ جاچ ڪرڻ وارو آهيان، ۽ منهنجو ارادو انهن جارحانہ ڪارروائين کي ختم ڪرڻ جو آهي۔ جتي بہ منهنجي ٽپال کي روڪيو ويندو، آتي آءٌ پنهنجين فوجن سميت هليو ايندس؛ ۽ جيڪڏهن اهڙو ڪوبہ واقعو اوهان جي علائقي اندر ٿيو، تہ اوهان صاحبن کي ان جو سمورو خرچ ڀرڻو پوندو۔“

هن جي اهڙي قدم کڻڻ جي حق ۾ ڪو شڪ شبهو ڪونهي۔ جيڪڏهن اميرن هٿيار بند جماعتن کي گهرايو هو، ۽ انهن کي مذڪوره ڪارروائين ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون هيون، جنهن ۾ ڪوبہ شڪ ڪونہ هو، تہ ان جي معنيٰ هئي، جنگ۔ جيڪڏهن انهن ٽولن سندن حڪمن کان سواءِ اهڙا قدم کنيا هئا تہ ان صورت ۾ اهي ماڻهو عام رواجي دشمن هئا؛ ان کان سواءِ اهي خوني، ڌاڙيل ۽ ڦورو بہ هئا۔ انهن انگريزن جي ٽپالن کي روڪيو هو ۽ سڄي ملڪ کي خوف، دهشت ۽ روڄ راڙي سان ڀري ڇڏيو هو۔ اميرن انهن کي گهرائي گڏ ڪيو هو ۽ انهن کي رقمون ڏنيون هيون، ۽ هاڻي جيڪڏهن اهي چاهين بہ ها، تہ مٿن ڪو ضابطو هلائي نہ پئي سگهيا۔ انڪري اهڙن خوفناڪ جنگبازن جي اجتماع کي منتشر ڪرڻ انگريز جنرل جو نہ فقط هڪ سماجي حق هو، بلڪ هن جو فرض بہ هو، جيتوڻيڪ ڪيس لارڊ ايلنبرو طرفان اهڙا ڪي احڪامات نہ مليا هئا۔ ان کان سواءِ اها ڳالهہ نون شرطن واري انهيءَ عهدنامي جي عين مطابق بہ هئي،

جيڪو لارڊ آڪلنڊ طرفان رستم سان طئي ڪيو ويو هو. انگريز سرڪار کي انهيءَ عهد نامي جي تحت هڪ امير جي خلاف ٻئي جي اڳرائي کي روڪڻ جو حق حاصل ٿيل هو، ۽ ان کان وڌيڪ وڏو حق، ان کي ملڪ جي بالادست طاقت هئڻ جي حيثيت ۾، خود پنهنجي خلاف ٿيندڙ اڳرائي کي روڪڻ ۽ دٻائڻ جو مليو هو.

انگريزي فوج ٢٥-ڊسمبر تي *منگهڻ واري پهتي، جيڪو خيرپور جي قريب هڪ قعلو آهي ۽ ان انهيءَ هنڌ ڇانوڻي قائم ڪئي. پر انهيءَ کان اڳي ئي، جنرل جي توقع مطابق، رستم جا سپ پٽ ۽ ڀائٽيا، هن جي پيشقدميءَ کان گهٻرائجي ۽ خوفزده ٿي، ۽ علي مراد جي حق ۾ پڳ ڏان رستم جي دستبرداريءَ کان حيران ۽ پريشان ٿي، علي مراد جي طاقت ۽ پختي ارادي جي سابق تجربي کان آگاهه هوندي، خيرپور کان ڏکڻ طرف هليا ويا، ۽ پاڻ سان پنهنجا سمورا جنگجو جوان، خزانا ۽ ٻار ٻچا گڏ وٺي نڪري ويا.

٢٨-ڊسمبر تي پوڙهو رستم، هڪ دفعو ٻيهر طرفداري بدلائي، ڏيجيءَ جي ڪوٽ کان نڪري، پنهنجي لشڪر ۽ خزاني سميت هنن جي پٺيان روانو ٿي ويو. ان کان پوءِ بلوچن جي لاڙڪاڻي واري لشڪر سنڌو ندي پار ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ پوءِ اهو به ڏکڻ طرف روانو ٿي ويو. انهيءَ لشڪر وارن کي پڪ هئي ته اتر خواه ڏکڻ وارا امير جنگ ۾ شرڪت ڪرڻ جي خيال سان سندن آجيان ڪندا. اهڙيءَ طرح علي مراد جي قيادت ۾ رهندڙ هٿياربند جماعت کان سواءِ، هاڻي ٻيو ڪو به مسلح ٽولو اپر سنڌ ۾ باقي نه بچيو هو. گورنر جنرل

---

*انگريزي ۾ لکيل لفظ Mungaree جو اچار ته منگيري ٿئي ٿو، پر اهڙو ڪو به ڳوٺ خيرپور جي ويجهو ڪونهي، البت منگهڻ واري آهي. (مترجم)

جي حڪمن جي تعميل ٿي ويئي هئي ۽ ڪابه خونريزي نه ٿي هئي. پوءِ ته سنڌي مزور خوشيءَ جو نعرو بلند ڪري اٿيا، ۽ واپاري هندن انهن وحشي ظالمن جي ڀاڄ تي خوش ٿي پنهنجن سنهڙن هٿن سان خوب تاڙيون وڄايون. زراعت پيشه ماڻهو ۽ واپاري، ترارباز پٺاڻن ۽ بلوچن کان آزاد ٿي، جن جا تيز ڌارن وارا اوزار انهن جي لٽ ڦر جي خلاف آواز اٿاريندڙن جا گلا آسانيءَ سان وڍي سندن احتجاجن کي بند ڪرڻ لاءِ هر وقت هڪيا تڪيا، تيار ۽ حاضر هوندا هئا، هاڻي وڏن ولرن جي صورت ۾ انگريزن جي ڇانوڻين ۾ پهتا، ۽ انهن کي پنهنجو سامان ۽ اناج وغيره وڪري لاءِ پيش ڪرڻ لڳا ۽ انصاف پسند فرنگي جنرل جي حفاظت هيٺ اطمينان ۽ سک جو ساهه کڻڻ لاءِ جهڪي سلام ڪندا رهيا. هن به انهن جي جان ۽ مال جي حقن جي حفاظت طاقتور هٿن سان ڪئي.

ڦورن ۽ ڌاڙيلن سان هو تمام سختي سان هلندو هو، ۽ پنهنجن حڪمن جي تعميل تي چوڪسي ڪرڻ لاءِ هو هر وقت گهوڙي جي پٺيءَ تي رهندو هو ته جيئن پنهنجن فوجين ۽ لشڪر جي پٺيان هلندڙن جي هلت چلت تي اک رکي سگهي. ائين به نه هو ته سندس اهو ڪم ٻين ڪمن کان هلڪو هو. سپاهين واري فوج ۾ ڦٽڪن جي سزا جي منسوخ ٿيڻ ڪري، لٽ مار ڪندڙن لاءِ موت يا قيد جي ٻن سزائن مان ئي انتخاب ڪرڻو هو، پر موت جي سزا باربار ڏيڻ جهڙي نه هئي، ۽ قيد جي حالت ۾ چوڪيدارن ۽ محافظن جي ضرورت هوندي هئي، جنهنڪري جنگ جي ميدان لاءِ گهربل فوج ۾ ڪمي اچي ها، جڏهن ته ڏوهاري، مشرقي ملڪن جي رواج موجب، ڪجهه به نه ڪرڻ جي عياشي ويٺو ڪري ها. فوجي قاعدي قانون جي انهيءَ نقص جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ، هن پرو-ووسٽ مارشلن جو تعداد وڌايو ۽ اهڙيءَ طرح

هن ڦُر ڪندڙن جي سزا جو ڪم انهن ملازمن جي هٿن ۾ ڏنو، جن ڪي هن جسماني سزائن ڏيڻ کان نہ روڪيو. هن انهن کي سختي ڪرڻ جي هدايت ڏني، پر هن باري ۾ محتاط رهيو تہ اهي ڪنهن سان ظلم ۽ بي انصافي نہ ڪن؟ هن آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ اهي چوڪس رهن، ۽ انهن کي چتاءُ ڏنائين تہ، جنگ جي ميدان ۾ هلندڙ لشڪر ۾ پڻ وڏيون خرابيون، سپاهين جو صفن کان نڪري پنيان پنيان اچڻ ۽ لٽ مار ڪرڻ آهن؛ هن لارڊ ويلنگٽن جي اختياريءَ جو حوالو ڏيئي کين ٻڌايو تہ ملڪ جي هارين نارين جي فوج لاءِ سٺي يا خراب راءِ هئڻ کي وڏي اهميت هوندي آهي. اها رٿا ڪامياب ٿي. ان جي ڪري عام ماڻهو تشدد کان بچي ويا ۽ فوج تباهيءَ کان- پر هندستاني اخبارن جي ايڊيٽرن انهيءَ ڳالھہ کي وٺي ڪنيو، ۽ ان جي آڌار تي سپاهين کي بغاوت تي اڀارڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن ايڊيٽرن جنگ جي انتهائي نازڪ موقعن تي مطالبو ڪيو تہ ”اهي اٺن ۽ انهيءَ ماڻهوءَ جي قانوني پڪڙين جو خاتمو آڻين.“ بغاوت ۽ قتل عام جي انهن ليکڪن کي ڪابہ سزا نہ ڏني ويئي، ڇاڪاڻ تہ اهي هڪ اهڙي گروه جا ترجمان آهن، جن کي ڊئريڪٽرن جي حمايت حاصل آهي. هندستان جي حڪومت ڪمزور آهي، ۽ اها ان وقت تائين ڪڏهن بہ طاقتور نہ ٿيندي جيستائين هندستان جي ڪاموري طبقي جي ماڻهن کي، ليڊن هال اسٽريٽ جي واپاري سياستدانن جي رضامندي حاصل ڪرڻ جي پنيان هلڻ بدران، شاهي تاج جي گورنر جنرل جي فرمانبرداري ۽ حمايت ڪرڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو ويندو. هندستاني اخبارن جا ايڊيٽر شخصي طور ڪٿي ڪيترا بہ نفرت جوڳا آهن، پر هنن معاملن کي نظرانداز ڪرڻ عقلمندي جو ڪم ناهي، ڇاڪاڻ تہ اهي تمام وڏي خرابيءَ کي جنم ڏين ٿا. ڏسو تہ انهن جي ڪوڙين ڳالهين ۽ غلط بيانين

ڪابل کان موٽندي پنجاب مان گذرندڙ فوج جي ڪيئن نہ ذري گهٽ تباهي آئي وڌي.

فوج ڪيترن ئي ڏينهن تائين سخت برساتن جي ڪري جيڪي سنڌ جي علائقي لاءِ تمام غير معمولي واقعي جي حيثيت رکن ٿيون، منگهن واريءَ ۾ ترسي پيئي هئي. انهيءَ جبري قيام جي دوران، جنرل علي مراد سان ملڻ لاءِ خيرپور ويو، ۽ هن سان اهڙن اقدامات لاءِ بندوبست ڪيو، جيڪي فوج جي لوئر سنڌ ڏانهن پيشقدمي شروع ڪرڻ کان پوءِ، سنڌن پنيان اپر سنڌ ۾ امن امان قائم رکڻ لاءِ ضروري سمجهيا ويا. چاڪاڻ تہ حالتن جي مطابق، لوئر سنڌ ۾ جنگ کي روڪڻ يا شروع ڪرڻ، جو فيصلو ڪرڻ گورنر جنرل طرفان موڪليل هدايتن ۾ شامل هو، چاڪاڻ تہ حيدرآباد وارن اميرن جي سلسلي ۾ پڻ اهي ساڳيون دشواريون حائل هيون، جيڪي اپر سنڌ وارن اميرن جي حالت ۾ موجود هيون، ۽ جيڪي رستم ۽ سندس پٽن ۽ پائٽين جي فرار ٿيڻ سان ختم ٿيون هيون.

## جنوري ١٨٤٣ع

هاڻي وڌيڪ وقت ضايع ڪرڻ جو موقعو ڪونہ هو. حيدرآباد اتان کان هڪ سو پنجاه ميل پري هئي. جنوريءَ جي مهيني جي شروعات هئي، ۽ مارچ جي اڌ کان پوءِ فوجي ڪارروايون گرميءَ جي اثر کان زبردست خطري ۽ نقصان جي انديشي کان سواءِ جاري رکڻ مشڪل هيون. اميرن کي اها ڳالهہ چڱيءَ طرح معلوم هئي ۽ انهن جون سازشون، ڪوڙ بدوڙ، فرمانبرداريءَ جا ڍونگ، نئين عهد نامي کي قبول ڪرڻ جا وعدا، ۽ ٽاه جون ڳالهيون، جيڪي انهن پنهنجن وڪيلن جي معرفت شروع ڪيون هيون، اهي سڀ جون سڀ ڳالهيون انگريز جنرل لاءِ ٿڌي موسم کي بيفائدي ضايع ڪرڻ جي مقصد سان ڪيون ويئون هيون.

هنن جي چرپر ۽ لشڪر جي تعداد متعلق صحيح معلومات حاصل ڪرڻ، هڪ اهڙي ملڪ ۾ ڏاڍي مشڪل ڳالهه هئي، جتي ڪوڙ ڳالهائڻ گفتگوءَ جو هڪ قدرتي طريقو، ۽ سچ ڳالهائڻ غير معمولي ڳالهه آهي. پر جيئن ته تمام گهڻا ايلچي مقرر ڪيا ويا، ۽ ڏاڍي گهڻي محنت ڪئي ويئي، انڪري اصل ڳالهه تان دنڌ آهستي آهستي هٽي ويو ۽ صاف تصوير سامهون آئي. هٿيار بند ماڻهن جي جبلن، ميدانن ۽ ريگستان کان لڳاتار اچڻ ۽ جمع ٿيڻ جي ڳالهه جا ثبوت هٿ ڪيا ويا ۽ هيءَ ڳالهه يقيني ٿي ويئي ته جيڪڏهن سڀ امير پاڻ ۾ متحد ٿي پنهنجن خزانن کي آزادي ۽ فراخدليءَ سان استعمال ڪندا ته مناسب مهلت ملڻ سان اهي ستر کان وٺي اسي هزار هٿيار بند ماڻهن تي مشتمل لشڪر کي ميدان ۾ مقابلي لاءِ آڻي سگهندا ۽ هنن جي اهڙي لشڪر ۾ نهايت جانٺا، جسماني طور مضبوط ۽ همت ڀريا مسلح ماڻهو شامل هوندا، جن وٽ پنهنجي نموني جا تمام سٺا هٿيار هوندا، جن جي استعمال ۾ اهي، پنهنجي نموني سان، چڱيءَ طرح هوشيار ۽ تربيت يافته هوندا، ۽ انهن جي وڙهڻ ۽ هٿيارن هلائڻ جو طريقو سراسر نظرانداز ڪرڻ جهڙو يا نفرت لائق ڪونه هو. بلوچن، جن کي انهن تڪليفن ۽ دشوارين جو پورو پورو علم هو، جيڪي هن ملڪ جي طبعي ساخت سبب دشمن کي درپيش ٿي سگهن ٿيون، پنهنجون رٿائون انهن جي مطابق، ۽ ڏاڍي هوشياريءَ سان ٺاهيون هيون. هنن جنگ لاءِ پنهنجو ميدان مهارت سان منتخب ڪيو، ۽ ٻين ايشيائي قومن جي برعڪس، بلوچ پنهنجي گهوڙيسوار فوج جي ڀيٽ ۾ پنهنجي پياده فوج تي وڌيڪ فخر ۽ شان ڪندا هئا.

انهيءَ بيشمار لشڪر جو مقابلو ڪرڻ يا ان تي ضابطو آڻڻ لاءِ سرچارلس نيپئر وٽ انهيءَ وقت وڌ ۾ وڌ اٺن هزارن تائين هٿياربند فوجي مس هئا، جيڪي ڪجهه سکر ۾، ته ڪجهه

ڪراچيءَ ۾، ۽ ڪجهه جنگ جي ميدان ۾ دور دور تائين ڦهليل هئا. ايڪيتاليهين برٽش ريجيمينٽ بمبئي جي جهازن ۾ سوار ٿيڻ لاءِ ساحلي علائقي طرف پيشقدمي ڪري رهي هئي. بينگالي ڊويزن اتان کان هڪ يا ٻن منزلن جي پنڌ تي اميرن کان ڇڏايل ضلعن تي قابض هئي، ۽ اهو به فقط تيسين، جڏهن بهاول خان انهن ضلعن جو قبضو وٺي، جنهن کان پوءِ انهيءَ ڊويزن کي به فيروزپور ڏانهن وڃڻو هو. ميدان ۾ ڪل ٻي ٽي هزار جنگجو سپاهي موجود هئا. اهي به تمام پختي ارادي ۽ سنگين نوعيت جي دشوارين ۽ تڪليفن تي حائل ٿيڻ لاءِ ورتل سخت ڪوشش ۽ وڏي محنت سان هڪ هنڌ تي گڏ ٿي سگهيا هئا. سنڌ کي لارڊ ڪين جي باربرداريءَ واري فوج ذري گهٽ خالي ڪري ڇڏيو هو، جنهن جو هندستاني اصطلاح ۾ مطلب آهي، اٺن ۽ بار ڍوئيندڙ ٻين جانورن کان خالي ڪيو هو، ۽ اهو ملڪ اڃا تائين اهو ڌڪ پچائي نه سگهيو هو، ان کان سواءِ اميرن خفيه طور ٺيڪيدار کي ڌمڪايو، ۽ انهن مان سيني کان وڏي ٺيڪيدار انهن جي انتقام کي منهن ڏيڻ بدران، پنهنجي ڊپارٽ واري رقم جي ضبطي کي برداشت ڪرڻ بهتر ڄاتو. ان کان سواءِ، جيئن مٿي چيو ويو آهي، هنن پنهنجن بلوچن کان سڀ آٺ ڀڄارائي ڇڏيا هئا، جيڪو ڪم پنهنجي ليکي ئي گويا جنگ جو اعلان ۽ سندن اصل مقصد جي نشاندهي ڪندڙ فعل هو. اهي خفيه ۽ دشمنيءَ وارا قدم ڪامياب ٿيا. ميدان ۾ آيل سڄي فوج لاءِ فقط ڇهه سو ايرا ۽ ٽڪل ٽُٽل آٺ مس ملي سگهيا، جيڪي لارڊ ڪين جي پرتيءَ کان بچي ويا هئا. لارڊ آڪلئنڊ طرفان افغانستان تي ڪيل جنوني حملي جي نتيجي ۾، نه فقط سندس جانشين جي ڪڇيءَ ۾ سنڌ جي جنگ پيئي، پر ان سان گڏ فوج کي پڻ، انهيءَ جنگ جي ڪاميابيءَ سان تڪميل ڪرڻ جي وسيلن ۽ ذريعن کان پڻ

ذري گهٽ محروم ڪري ڇڏيو. ائين ئي بيوقوفي شرارت کي جنم ڏيندي آهي.

انهن ٽن هزار ماڻهن مان، جن کي ميدان ۾ آندو ويو، گهڻن ئي سپاهين کي افغانستان واري مقابلي جي ٽن سالن واري عرصي دوران، ڏاڍين مشڪل حالتن ۾ رکيو ويو هو، ڪن کي انهن بهادر، جابلو وحشين جي هٿان سخت شڪستون مليون هيون. انهيءَ جو سنڌن دلين تي ڏاڍو خراب اثر پيل هو. هاڻي انهن کي هن ڳالهه جو احساس ٿيو ته انهن کي اهڙو ڪمانڊر مليو آهي. جيڪو ڪٽي سگهي ٿو، ۽ انهيءَ احساس ٿيڻ سان ماضيءَ جون تباهيون فراموش ٿي ويون. ان جي باوجود هنن جي حافظي ۾ بلوچن جي بهادريءَ جا آثار اڃا ايترا گهرا هئا، جو انهن ۾ پنهنجي دشمن لاءِ عزت ۽ احترام جو جذبو پيدا ٿيو هو، ۽ اهڙا خيال انهن سپاهين لاءِ خراب نه هوندا آهن، جيڪي جنگ جي ميدان ۾ خطرناڪ ڪارنامن ۾ مصروف هوندا آهن.

ايلچين جا پيغام هاڻي روزانو اچڻ لڳا، ۽ انهن خبرن جنرل کي جنگ جي اُفق جو وڌيڪ چٽائي سان جائزو وٺڻ ۾ مدد ڪئي.

رستم جي پٽ، محمد عليءَ جي قيادت هيٺ ٻه هزار ماڻهو، اپرندي طرف جيسلمير جي سرحدن وٽ، هڪ ريگستاني قلعي، شاهه ڳڙهه ۾ وچي مورچه زن ٿيا هئا؛ هن جو ارادو اڃا به وڌيڪ لشڪر گڏ ڪرڻ، ۽ اتان ويهي روهڙيءَ ۽ آنهن پين علائقن جي خلاف ڪارروايون ڪرڻ هو، جيڪي سندن قبضي مان ڇڏايا ويا هئا. پر شاهه ڳڙهه، پڳ ڌڻيءَ جي جائداد ۾ شامل هو، جنهنڪري محمد عليءَ جو اهو ڪم، بلڪل صاف طرح جنگي ڪارروائي ۽ علي مراد جي خلاف اڳرائي جو قدم هو، جيڪو ان وقت پڳ جو مالڪ ۽ رئيس هو. انهيءَ ڳالهه انگريز جنرل کي نون شرطن واري عهدنامي جي تحت پنهنجي لشڪر سان مداخلت ڪرڻ جو حق ڏنو.

رستم، جنهن سان گڏ بيشمار پونئلڳ هئا، جن جي تعداد متعلق بعد ۾ پتو پيو تہ ست هزار هو، ۽ جنهن وٽ ڪيترين ئي ميداني توبون بہ هيون، ڏکڻ طرف ريگستاني سرحدن اندر موجود هو. هو پاڻيءَ خاطر اتان جي سرسبز ۽ آباد علائقي کي ڇڏيو رهيو، پر ان هوندي بہ هنگامي حالت ۾ پسپا ٿيڻ لاءِ ريگستان پاسي ۾ ئي هو. هو پنهنجن پٽن ۽ پاڻئين سان سڌيءَ طرح خط و ڪتابت جو سلسلو جاري رکندو رهيو هو، جن مان اڪثر انهيءَ وقت ڊنگي ۾ موجود هئا، جيڪو انهيءَ خاندان جي جاگير ۾ شامل هڪ وڏو قلعو هو، جيڪو ڏيجي واري ڪوٽ کان پنجيتاليهہ ميل ڏکڻ طرف، ۽ اپر ۽ لوئر سنڌ کي تقسيم ڪندڙ سرحد واريءَ ليڪ جي بلڪل مٿان هو. لاڙڪاڻي ۽ ٻين علائقن کان ايندڙ بلوچ ۽ ٻين قبيلن وارا ڏاڍي تيزيءَ سان هٿيارن پنوهارن سميت انهيءَ قلعي ڏانهن وڃي رهيا هئا؛ انهيءَ قلعي مان ويٺي، اهي فسادي شهزادا حيدرآباد جي اميرن سان قريبي رابطو قائم رکندا رهيا ۽ انگريزن خلاف گڏجي جنگ ڪرڻ جي رٿا تي انهن سان صلاح مصلحت جو سلسلو هلائيندا رهيا.

محمد، يا حسين خان، جيڪو پڻ رستم جو هڪ پٽ هو، ٻن هزار ماڻهن ۽ خزاني سان امام ڳڙهہ ۾ وڃي لٿو هو، جيڪو هڪ ٻيو ريگستاني قلعو هو، جنهن ۾ هن اڳوات ئي اناج ۽ بارود جا ذخيرا گڏ ڪري ڇڏيا هئا. انهيءَ جاءِ کي، جنهن کي بلوچ ناقابل تسخير، ۽ انگريزن جي همٿ چڙهڻ کان زور سمجهي رهيا هئا؛ ڇاڪاڻ تہ اهو بياباني علائقي جي عين مرڪز ۾ واقع هو، هنن پنهنجين جنگي ڪارروائين جو بنيادي نقطو ۽ اپر سنڌ جي مکيہ لشڪر لاءِ هٿيارن ۽ بارود ملڻ جي مرڪز طور استعمال ڪرڻ جو منصوبو گهڙيو هو. محمد طرفان انهيءَ قلعي تي قبضو ڪرڻ، علي مراد خلاف جنگ ۽ اڳرائي جو قدم هو، ڇو تہ اهو پڻ پڳ جي مالڪ جي ملڪيت ۾ شامل هو. انهن کان سواءِ، بلوچ گهوڙي سوارن جي ڪيترين ئي

جماعتن جي جهنگن جهنگن ۾ رلڻ جون خبرون پڻ اچي رهيون هيون، پر انهن سڀني جو منزل مقصود پڻ امام ڳڙه ئي بڌايو تي ويو، جنهن کي اپر سنڌ جي اميرن طرفان پنهنجين سمورين جنگي ڪارروائين جو محاذ بنائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو.

حيدرآباد ۾ لوئر سنڌ وارا امير ۽ ميرپور وارو شير محمد پڻ ساڳيءَ طرح فوجون گڏ ڪري رهيا هئا، جيتوڻيڪ اهي ڍيڪاءَ گهٽ ڪري رهيا هئا؛ ۽ انهن سڀني گڏجي اپر سنڌ وارن شهزادن سان جنگي مهم جي هڪ اهڙي رٿا ٺاهي هئي، جيڪا اميرن جي عقل ۽ سمجهه کان گهڻو ٻاهر هئي،— يعني انهيءَ رٿا جي سوچ ۾ وحشين واري ڪا ڳالهه ڪانه هئي. بعد جي معلومات مان اها ڳالهه ظاهر ٿي ته اهو ڪم اميرن جي خريد ڪيل حبشي ۽ عرب غلامن جو هو، جن کي اهي ”شيدي“ سڏيندا هئا، جيڪو لفظ شايد عربيءَ وارو ساڳيو ئي ”سيدي“ لفظ يعني ”مالڪ“ آهي. انهن ۾ هڪ سياه فام* ”هوچي سيدي“ به هو، جنهن جي باري ۾ مون کي اڳتي هلي ڪجهه وڌيڪ چوڻو آهي، جيڪو پنهنجي اهليت، دل جي عظمت ۽ مجاهدانه جرئت ۽ دليريءَ سبب ٻين کان وڌيڪ نمايان هو.

اميرن اها توقع ڪري، ته جنرل جيڪو انهن پنهنجين سمورين ڪارروائين ۾ اهڙو تيز ۽ مضبوط هو، خيرپور تي حملي ڪرڻ ۾ دير نه ڪندو، جيئن درحقيقت هن تجويز ڪيو هو، اميرن جو پهريون انتظام اهو هو ته اپر سنڌ جا بلوچ وڙهندي انهيءَ دارالحڪومت کان هٽي ڍنگيءَ ۾ وڃي پهچن، جتي انهن سان وڌيڪ پندرهن هزار ماڻهو وڃي ملندا؛ اوترئي تعداد ۾ ماڻهو، جيڪي سنڌو نديءَ جي ساڄي ڪپ

---

* هي اهو ئي ماڻهو آهي، جيڪو هوشو شيدي يا هوش محمد شيدي جي نالي مشهور آهي. (مترجم)

تي واقع، لاڙڪاڻي شهر ۾ موجود هئا، عين انهيءَ وقت جڏهن مٽيون لشڪر ڏيڄيءَ ڏانهن هٽي رهيو هوندو، سکر واري چانوٽيءَ تي حملو ڪندا. جيڪڏهن لاڙڪاڻي واري طرف کان ٿيندڙ اهو حملو ڪامياب ٿيو، تہ پوءِ انگريزن جو ميدان ۾ آيل لشڪر، سنڌن خيال موجب، ڪنهن مرڪز کان سواءِ پنهنجي مکيہ فوج کان ڪٽجي جدا ٿي ويندو، ۽ ان وقت اپر سنڌ واري بيشمار لشڪر، جنهن ۾ حيدرآباد ۽ ميرپور وارا لشڪر پڻ ڏيڄيءَ وٽ اچي مليا هوندا، گڏجي انگريزن سان لڙائي ڪندا.

جنرل جي سکر واري چانوٽي کي مضبوط ڪرڻ، ۽ روهڙيءَ ۾ نئين مرڪز قائم ڪرڻ جي دورانديشيءَ کي انهن جهنگلين نظرانداز ڪري ڇڏيو؛ بس، انهيءَ هڪ غلطيءَ کان سواءِ، انهن جي رٿا ڏاڍي چڱيءَ طرح سان ترتيب ڏنل هئي. انهن فوجي مهم جي انهيءَ وقت تائين آغاز نہ ٿيڻ، ۽ اونهاري جي گرميءَ اچڻ تائين ان کي روڪي رکڻ لاءِ ڦاهہ جي ڪوڙين ڳالهين جي مٿان اعتبار ۽ يقين ڪيو هو. پر جنرل طرفان سنڌن اصل مقصدن جي سراغ ڳولي لهڻ ۽ ان کان پوءِ هن جي تيز رفتار ڪارروائيءَ، هنن کي انهيءَ معاملي ۾ پڻ ناڪام بنائي سنڌن منصوبي کي بيڪار ڪري ڇڏيو؛ ۽ پوءِ رستم جي لچڪدار ۽ مذبذب هلت سنڌن مونجهاري کي مڪمل ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري اهي هڪدم ڏيڄيءَ طرف وڃي پهتا، جيئن مٿي ڏسي آيا آهيون، ۽ پوءِ لاڙڪاڻي وارن ماڻهن پڻ، سکر واري چانوٽيءَ تي حملي ڪرڻ بدران، هنن جي پٺيان ڏيڄيءَ وارو رستو ورتو.

اڃا بہ خيرپور وارا شهزادا ڏيڄيءَ ۾ ترسي ويٺا، ۽ پنهنجي جنگي مهم جي ٻئي حصي کي عمل ۾ آڻڻ جون تياريون ڪيون، ۽ جيتوڻيڪ انهيءَ رٿا ۾ تازه ترين واقعن جي پيش نظر ڪجهہ ترميم ۽ ردوبدل ڪرڻ پيئي، پر ان

هوندي به ان جا مکيه اصول ساڳيائي هئا. هنن انگريزن جي ميداني فوج کي جنهن جي تعداد کان اهي چڱي طرح باخبر هئا، چال ۾ آڻي سنڌوندي ءَ جي ڏائي ڪپ ڏانهن خشڪ نالن، جهنگن ۾ سم وارن علائقن ۾ پهچائڻ جو ارادو ڪيو، ۽ کين انهيءَ چال ۾ ڪامياب ٿيڻ جون وڏيون اميدون هيون؛ انهن پنهنجن ڪوڙن، غلط بيانين، سازشن ۽ نون مذاڪرات جي ذريعي فوج کي هڪ ئي هنڌ ساڪت ۽ غيرمتحرڪ بڻائي رکڻ جي سازش سٽي، تانجو آبڪلائي جو سيلاب انگريزي ڇانوڻي تي حملو ڪري ان کي ٻوڙي ڇڏي، ۽ اونهاري جي سخت گرمي سپاهين کي پنهنجي شدت سان ڪيرائي بستري داخل ڪري. ان کان پوءِ بلوچن جي تيز ڌار وارين تراورين کي جنگ جو خاتمو ڪرڻو هو، يا جيئن اهي پنهنجين درٻارين ۾ چوندا هئا، ”ڪافرن کان انهيءَ وقت جڏهن آهي سندن تيز تراورين جي هيٺان ڪپجي ڪري رهيا هوندا، هي دانهون ڪرائيون هيون ته ”اي خدا، اسان ڇا ڪيو آهي، جو تون هنن شيطانن کي اسان جي مٿان ڪڙڪڻ لاءِ ڇوٽ ڇڏي ڏنو آهي؟“

”جيڪڏهن اسان فريب ذريعي هنن کي درياءَ جي ڪناري تي روڪي رکڻ ۾ ڪامياب نه ٿا ٿيون؛ جيڪڏهن هو حملو ڪري ڏو ۽ اسان کي شڪست اچي ٿي، ”هنن اهڙيءَ طرح دليلبازي ڪئي.“ ته پوءِ اسين ٻن جدا جدا رستن سان ٻن جماعتن جي صورت ۾ پسپا ٿينداسين. خيرپور جي اميرن کي، اپر سنڌ جي لشڪر سان گڏ ريگستان طرف هليو وڃڻ گهرجي ۽ اتان کان پوءِ وري وڃي امام ڳڙهه ۾ جمع ٿيڻ کپي، جتي رسد جي سامان، بارود ۽ خزاني جا ذخيرا موجود آهن. پر لوئر سنڌ جي اميرن کي حيدرآباد طرف پسپا ٿيڻ گهرجي ـ ۽ انهيءَ شهر کي مضبوط قلعي جي پناهه حاصل

آهي. جنرل کھڙي بہ جماعت جي پٺيان پوي تہ ٻي جماعت کي گھرجي تہ اها وڪڙ کائي هن جي پٺيان اچي مٿس حملو ڪري.

”ڪنهن بہ يورپي ماڻھوءَ هن وقت تائين امام ڳڙهہ نہ ڏٺو آهي؛ اهو هڪ ويران ۽ غيرآباد علائقي جي وچ ۾ ٺهيل آهي. ان ڏانهن فقط ڪجھہ غير واضح نموني جا پيچرا وڃن ٿا، جن جو اڳاڻ ۽ ٻاهرين ماڻھن کي پتو ڪونهي؛ ۽ ڪي هنڌ تہ اهڙا آهن، جن ۾ گھٽين ئي منزلن تائين پاڻيءَ جو نالو نشان بہ ڪونهي. هو اسان تائين انهيءَ هنڌ پهچي نٿو سگھي.

”جيڪڏهن هو پنهنجي فتح کان پوءِ اتي قيام ڪري ٿو، ۽ اونهاري جي آخري منڌ ۾ درياءَ جي ڪپ تي ڇانوڻي هڻي ترسي ٿو، تہ پوءِ بيماري پنهنجو پاڻ هن جي لشڪر کي تباهہ ڪندي.

جيڪڏهن هو اپر سنڌ جي لشڪر جو پيڇو ڪندي ريگستان ۾ داخل ٿئي ٿو، تہ پوءِ لوئر سنڌ وارو لشڪر آباديءَ وارو علائقي ۽ درياءَ سان هن جو رابطو منقطع ڪري ڇڏيندو؛ پوءِ هن جون فوجون ٻاهہ وانگر پرندڙ ريتيءَ تي گرميءَ ۽ اڃ جي وگھي مري کپي وينديون.

”جيڪڏهن هو حيدرآباد تي حملو ڪري ٿو تہ پوءِ هن کي لوئر سنڌ جي طاقتور لشڪرن سان مقابلو ڪرڻو پوي ٿو، جن جو انهيءَ مضبوط ۽ طاقتور قلعي ۾ بنيادي مورچو قائم آهي، ۽ جيڪڏهن هو وري ٿو هارائي، تہ پوءِ هن کي درياءَ جي ڪيٽين واري سر ۽ آلاڻ سان پريل علائقي ۾ پناهہ وٺڻي پوندي؛ مشرق ۾ انهن کي ميرپور واري ٻيءَ مضبوط قلعي سان، ۽ ريگستان جي عين وچ ۾ عمرڪوٽ واري اهڙي ئي مضبوط قلعي سان منهن ڏيڻو پوندو. انهيءَ وچ ۾ وري اپر سنڌ وارو لشڪر امام ڳڙهہ کان موٽندي اوچتو دشمن جي پٺيان ريگستان مان نڪري نروار ٿيندو ۽ روهڙيءَ سان هن جو رابطو ڪاٽي ڇڏيندو.

”پوءِ به جيڪڏهن، انهن سڀني ڪارروائين کي نظرانداز ڪري، هو پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ڪري ونئي ٿو ۽ روهڙيءَ ڏانهن پٺتي هٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ته پوءِ اسان سڀ پاڻ ۾ گڏجي، هن کي رات ڏينهن نت نون حملن سان پريشان ڪنداسين. هو ڪڏهن به سکر پهچي نه سگهندو!“

هنن کي انهيءَ جنگ لاءِ ذري گهٽ ستر هزار جنگجو ماڻهن ۽ ٽيهن توبن ملڻ جو آسرو هو، ۽ هنن کي اهو چڱي طرح معلوم هو ته جيڪڏهن انهن کا نمايان ڪاميابي حاصل ڪري ورتي، يا فقط ايتروئي ڪيو، جو مڪمل طور تباهه ٿيڻ کان سواءِ، حملي جو پهريون دباءُ سهي ان کي روڪي وڌو، ۽ ٿوري ئي وقت لاءِ جدوجهد کي جاري رکيو ته پوءِ افغان، سيک، بروهي بلوچ، ملتان وارا ماڻهو، ۽ ممڪن هو ته بهاول خان جا ماڻهو پڻ، جنگ ۾ شامل ٿيندا. پوءِ ته داخلي گڙٻڙ ۽ فساد هندستان کي لوڏي ڇڏيندا، گواليار وارو لشڪر ميدان ۾ نڪري پوندو، ۽ انگريزن جي مشرق واري سلطنت جا بنياد لڏي ويندا.

انگريز جنرل کي هاڻي جنهن ڳالهه کي منهن ڏيڻو هو، تنهن جي نوعيت اهڙي زوردار ۽ خطرناڪ هئي، فيصلي ڪرڻ ۾ ڪنهن به معمولي غلطيءَ، يا بدقسمتيءَ سبب اهڙن خطرناڪ قسمن جي نتيجن جي توقع هئيءَ اهي هئا مخالفانه امڪان، جيڪي آب و هوا سازشن يا ترار جي اثرن ۽ نتيجن جي خطرناڪ نوعيت سبب، هن جي دل کي ڏڪائي ڇڏين ها، ۽ ذميداريءَ جي احساس ۽ خطري جي امڪان کان سندس سوچ سمجهه جي حواس کي منجهائي وجهن ها. هن انهيءَ خطري کي ڪيئن منهن ڏنو؟ ڇا، هو ذميداريءَ جي احساس کان ڪنبي ويو؟ پلي ته هن جا ڪارناما انهيءَ ڳالهه جي شاهدي پاڻئي ڏين.

هن جي خيال کان اهڙو امڪان ڪونہ نڪتو هو تہ متان ڪنهن هوشيار ۽ قابل ماڻهوءَ طرفان هنن کي انهيءَ مهم سر ڪرڻ جي اهڙي ئي ڪا رٿا ڏني وڃي، ۽ متان ان تي عمل ڪيو وڃي؛ هن کي انهيءَ رٿا جي قوت جو پورو پورو احساس هو ۽ هن ان کي منهن ڏيڻ جي طريقن ۽ وسيلن تي غور ڪيو. چنانچہ، هن کي جڏهن اميرن جي انهيءَ رٿا جي ڄاڻ حاصل ٿي، تڏهن هو اُن کي ناڪام بنائڻ لاءِ پوريءَ طرح تيار هو، پر هن جنگ کي هلائڻ لاءِ پنهنجي نگاهہ کي اهڙي مادي طريقه ڪار جي دائري اندر ئي محدود نہ رکيو. هن جي جوابي رٿا محض اميرن جي رٿائن کي بيڪار ڪرڻ يا انهن کان پاڻ کي بچائي نڪرڻ تائين محدود ڪانہ هئي؛ بلڪ هن لڙائي ڇڙڻ کان اڳ ئي، هنن جو پنهنجن فوجي ذريعن ۽ وسيلن مان ايمان ۽ اعتماد ايتريقدر کسڻ چاهيو، جو اهي ٺاهہ جون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ آماده ٿي وڃن؛ هن کي اميد هئي تہ ايتريقدر گهٽي اعتماد ۽ ڪامل يقين ڪرڻ کان پوءِ، خوف جي رد عمل طور هو ڪيس نرميءَ ۽ فرمانبرداريءَ جي حالت ۾، نئين معاهدي جي توثيق لاءِ تيار ملندا. ڇاڪاڻ تہ رتوچاڻ ڪرڻ جو خوف اصل کان وٺي هن جي ذهن ۽ خيالن ۾ سڀ کان مٿانهون رهندو هو ۽ هو پنهنجن خطن ۾ انهيءَ ئي خيال جو مستقل طور اظهار ڪندو رهيو هو، گويا سندس دل ميائي ۽ ديي وارين لڙاين جي خونريزيءَ جي خيال کان اڳيئي آگاهہ هئي.

شروع ۾ هن علي مراد طرفان پڳ قبول ڪرڻ جي هن خيال کان مخالفت ڪئي هئي، تہ ان طرح دشمنيءَ ۽ لڙاين جا امڪان وڌي ويندا، پر هاڻي هن پنهنجي راءِ تبديل ڪئي. رستم جي بي آراميءَ واري حرفت ۽ عياري، علي مراد طرفان حڪومت جي انتظام هلائڻ جي ڪم ۾ مونجهارو پيدا ڪري وجهي ها، ۽ اهو پوڙهو امير هوئڻ بہ ڏيجيءَ واري ڪوٽ کان

پڄي وڃي ها؛ پر ان جي باوجود عام ماڻهن جي دلين تي انهيءَ ڳالهه جي اثر ۾ اهو اهم تفاوت ضرور ٿئي ها، ته رئيس جي پڳڙي هن جي مٿي تي رهي ها، ته پوءِ سندس اثر تمام گهٽو هجي ها؛ اهو فائدو هن پنهنجي رئيساڻي پڳ تان هٿ کڻي وڃائي ڇڏيو ؛ ڇو ته مسلمان بلوچ هميشه انهيءَ ماڻهوءَ کي مڃيندا آهن، جنهن جي مٿي تي پڳ هوندي آهي، خواهه اها ڪهڙي به طريقي سان حاصل ڪئي ويئي هجي. دراصل ، اهو ايشيائي قومن جو هڪ قديم ترين اصول آهي ته اصل شان و شوڪت ۽ طاقت ماڻهوءَ کي نه، بلڪ تخت کي حاصل آهي؛ چنانچه انگريز جنرل کي هاڻي معاملي جي انهيءَ صورت تي خوشي حاصل ٿي ۽ هن بنا دير جي، پنهنجن حڪمن جي خلاف ورزي ڪرڻ يا پنهنجي ملڪ جي مفادن کي ضرر رسائڻ کان سواءِ ئي سنڌ جي معاملي کي پرامن طريقي سان نبيرڻ لاءِ پنهنجي تيار ڪيل رٿا ۾ انهيءَ مان فائدو ورتو.

پڻتي هنڻ يا پنهنجي پيشقدميءَ کي ئي روڪڻ جو خيال هن جي دل اندر هڪ گهڙيءَ لاءِ به داخل نه ٿيو، پر ان جي باوجود هن پنهنجي چوطرف ڏاڍي احتياط ۽ خبرداريءَ سان نظر ڦيرائي ڏٺو. ڏنگيءَ وٽ لڙائي ڪرڻ، ۽ پوءِ فتح جي صورت ۾، پنهنجي فوج جي بيشمار پوئلڳن جي انبوه ۽ ساز و سامان سان گڏ اهڙي دشمن جي پٺيان پوڻ سان، جنهن وٽ ڪو به ڳرو ساز و سامان ڪونه هوندو ۽ جيڪو انهيءَ طرح ريگستان طرف ڀڄندو ويندو، جڏهن ته دشمن جا سپاهي جسماني طور گرميءَ ۽ سج جي شدت کان محفوظ هوندا، ڪيس تباهيءَ جو منهن ڏسڻو پوندو. شڪست خورده لشڪر جي پٺيان حيدرآباد تائين وڃڻ جي نتيجي ۾، گهيري واري صورت پيدا ٿيندي، جيڪا انهيءَ حالت ۾ غير يقيني ۽ ٿڪائيندڙ ٿيندي، جيڪڏهن اهم ڳڻم وارا ماڻهو ٻاهر نڪري هن جو سکر سان رابطو ٽوڙي ڇڏيندا، ۽ تنهن کان سواءِ اها صورتحال جنگي

پهچ کان ٻاهر سمجهيو پئي ويو. اهو قلعو ريگستان جي عين قلب ۾، انهن منزلن جي مفاصلي تي هو. ۽ ان جو اصل مقام به معلوم ڪونه هو. جن پيچرن تان اڳتي وڃڻو هو، ۽ جن معمولي کوهن جي پاڻيءَ سان اڳايل فوجين کي تازو ٿيڻو هو، تن جي متعلق ڏيهي مخبرن هٿان بلڪل اڌوري ۽ ڏنڌلڪي معلومات ملي رهي هئي. انهن جي چاڻ به تمام ٿورن سنڌي ماڻهن کي هئي، ۽ هي به امڪان هو ته جيڪي انهن جو ڏس پتو ڏيئي رهيا هئا، سي غدار هجن. هن ڳالهه جي پڪ هئي ته ڪجهه منزلون پاڻيءَ کان سواءِ ئي طئي ڪرڻيون پونديون ۽ ان کان سواءِ پاڻيءَ جا چشما به پورالا هئا، جاڪاڻ ته ڪن وقتن تي انهن مان، ڪنهن هڪ هنڌ تي، بلڪل آزاديءَ سان ۽ ڀرپور مقدار ۾ پاڻيءَ جا گوها نڪرندا نظر ايندا هئا، ته ڪنهن ٻئي وقت تي اهي بلڪل غائب ٿي ويندا هئا، ۽ اوچتو اتان کان دور ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي نڪري پوندا هئا، مطلب ته انهن جي جاءِ وقوعه يا پاڻيءَ جي گهٽائي يا ٿورائي بابت ڪڏهن به يقين ڪري نه سگهبو هو. امام ڳڙهه جي انهيءَ لڪل قلعي ڪي، جيڪو ايترو دور دراز، ۽ اهڙو ناقابلِ گرفت هو، انگريز جنرل ڳولي لهڻ ۽ ان تي حملي ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪيو. جيتوڻيڪ کيس چڱيءَ طرح معلوم هو ته انهيءَ قلعي ۾ رسد جي سامان، هٿيارن ۽ بارود جا ڀرپور ذخيرا موجود هئا، ۽ بلوچ جنگبازن جي لشڪر جا ٻه هزار بهترين ويڙهاڪ ۽ بهادر جوان موجود هئا، جو ته ريگستاني علائقي جي دشوارين ۽ تڪليفن کي، بهترين ۽ دلير جوانن کان سواءِ، ٻيو ڪوبه انتهائي لاچاريءَ ۽ ضرورت جي تقاضائن جي موقعي کان بغير منهن ڏيڻ لاءِ ڪڏهن به تيار ڪونه ٿيندو. ريگستان جي ٻاهرين ڪناري واري علائقي ۾ ٻڻ ڪيئي هزار گهوڙي سوار موجود هئا جيڪي پاڻيءَ جي ڏس کان واقف هئا، ۽ اهي انهن کي پري سگهڻ جهڙا، يا

ڏہن جي پاڻيءَ کي زهريلو بڻائي، ماندن ۽ بيهوش سپاهين تي سندن مصيبت جي وقت ۾ مٿان اچي پوڻ لاءِ تيار رهڻ وارا هئا. اهڙين دشوارين ۽ خطرن جي منهن ۾ امامڳڙهه جي قلعي کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش، سڪندر اعظم ۽ سندس ايگرينس جي لائق هئي.

بهرحال، ان کي پوري غور و خوض سان رٿيو ويو هو. ان جي ڪاميابي اميرن کي حيران ۽ نراس ڪري ڇڏيندي ۽ سندن بلوچ جوانن کي سندن اهڙي وسيلي کان محروم ڪري وجهندي، جيڪو انهن جي عادتن ۽ گرميءَ کي سهڻ جي اعليٰ تر خوبيءَ لاءِ موزون هو. ڏنگيءَ ۾ انهن جي حالت جيڪا سندن چونڊيل هئي، امامڳڙهه ڏانهن ٿيندڙ هن پيشقدميءَ جي نتيجي ۾ ابتي ٿي ويندي، ۽ پوءِ انهيءَ هنڌ تان هنن جي پٺتي هٽڻ ڪري بيڪار بڻجي ويندي. هنن جي مهم جي اها ماهرانه رٿا، جيڪا فوجي ڪارروايـن جي ٻـي لائين تي مشتمل هئي، بر ثواب ڪانه ٿيندي، ۽ سنڌ جا ٻئي لشڪر هڪ ئي رستي سان ڏکڻ طرف پسپائي تي مجبور ٿي ويندا. پوءِ جيئن تہ اهي گهبرايل حالت ۾ ۽ تمام گهٽي تعداد ۾ هڪٻئي جي مٿان ڪرندا هلندا، ۽ پنهنجي دشمن جـي بهتر قيادت سبب منجهيل هوندا، انڪري هو ڇـڙوڇـڙ ٿيڻ لاءِ مجبور ٿي پوندا، يا ڪين حيدرآباد کي بچائڻ لاءِ، سوچ ويچار جي مهلت ملڻ کان سواءِ، اهڙين فوجن سان فيصلہ ڪن جنگ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿيڻو پوندو، جيڪي انهن جي لشڪر کان تعداد ۾ يقيناً گهٽ ۽ شايد وڌيڪ بهادر بہ نہ هونديون، تڏهن بہ انهن کان بهتر هٿيارن سان سينگاريل ۽ نظم و ضبط جي معاملي ۾ انهن کان وڌيڪ باقاعده هونديون؛ انهيءَ آخري ذڪر ڪيل آزمائش کان هن پاڻکي بچائڻ جي اميد رکي. اميرن جي خيال موجب، امامڳڙهه حيدرآباد کان وڌيڪ مضبوط قلعو هو، ۽ ان تي قبضي ٿيڻ جي نتيجي ۾

هن اهو اعلان ڪيو ته هن انهيءَ واقعي کان اڳ پنهنجي پڳ پنهنجي پٽ، محمد حسين جي حوالي ڪئي هئي، جنهنڪري هن جو امامگڙهه تي قبضو بلڪل صحيح ۽ قانون جي مطابق هو. هن جي پڳ تان پٽ جي حق ۾ دستبرداري، بهرصورت ٽالپرن جي وراثت واري قانون جي بلڪل منافي هئي؛ ۽ هن انهيءَ مونجهاري کي مڪمل ڪرڻ لاءِ، رئيس جي حيثيت ۾ خود پنهنجي اختياري استعمال ڪرڻ جي پيشڪش ڪئي، جڏهن ته هو ائين به چئي رهيو هو ته حسين ۽ عليءَ کان امامگڙهه ۽ شاهگڙهه جي قلعن جو قبضو ڇڏائڻ جو اختيار هاڻي وٽس ڪونه هو.

درحقيقت اِها هن جي گهڻين ئي خسيس سازشن مان هڪ هئي، جنهن جو مقصد، سنڌن مهم جي عام رٿا جي تياريءَ لاءِ مهلت حاصل ڪرڻ هو؛ ان جي باوجود انهيءَ ڳالهه تي رئيس جي مطلق اختياري هئڻ جي حقيقت کي ثابت ڪيو، ۽ قانوني لحاظ کان علي مراد ئي رئيس هو، جهڙيءَ طرح بعد ۾ ڏيکاريو ويو. رستم طرفان اها ڳالهه، انهيءَ وقت پين لفظن ۾ تسليم ڪئي ويئي، جڏهن هن اهو اعلان ڪيو ته هن سڄو اختيار پنهنجي پٽ کي ڏيئي ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته قانوني نقطه نظر کان هو ائين نه پئي ڪري سگهيو؛ ۽ جڏهن ائين ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي مٿي تان پڳ لاٿي، تڏهن اها فوري طور علي مراد جي هٿن ۾ وڃي ڪري، خواه هن جو مقصد ائين ڪرڻ جو هو، يا نه ــ رستم جي اعلان انهيءَ ڳالهه جي سچي هئڻ جي پڻ تصديق ڪئي، جيڪا علي مراد روهڙيءَ ۾ جنرل سان مُلاقات جي دوران زور ڏيئي چئي هئي ته رستم ڪيئن حسين جي حق ۾، سندس جائز ورثي کان محروم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

محمد حسين ۽ علي محمد يا علي اڪبر کي، جيئن هن کي ڪوٺيو ويو آهي، سندن انهيءَ ڪارنامي عهدنامي جي

آرٽيڪل نمبر-۵ جي سڏيءَ زد ۾ آڻي ڇڏيو، جنهن انگريز سرڪار کي مختلف اميرن ۾ تڪرار کي نبيرڻ جو حق ڏنو هو، دراصل، علي مراد کي انگريزن جي ريگستان ۾ داخل ٿيڻ واري ڳالهه بلڪل ناپسند معلوم ٿي رهي هئي، ۽ هو چئي رهيو هو ته هو پاڻ امام ڳڙهه تي قبضو ڪندو. بهرحال، هن پهرين اها شڪايت ڪئي هئي ته سندس سؤٽ پڳدار جي اختياريءَ جي مقابلي ڪرڻ لاءِ مسلح ٿيا هئا؛ انهيءَ ڪري هو، عهدنامي جي آرٽيڪل نمبر-۳ جي پيش نظر، رستم جي پڳ جي وارث هئڻ جي حيثيت ۾، انگريز سرڪار جي ماتحتيءَ ۾ ساڻس تعاون ڪرڻ لاءِ پڏل هو. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته جڏهن ته محمد خان کي مسلح ٿيڻ لاءِ سندس والد رستم طرفان واضح طور ڪو اختيار نه ڏنو ويو هو، ۽ جيئن ته هو کليل نموني سان علي مراد جي مقابلي ۾ اچي رهيو هو، تنهنڪري هو شهزادو نه، بلڪ هاڻي قانون جو دشمن ۽ ان جي حدود کان خارج ٿيل هو. انهيءَ ڪري هن تي ڪنهن به حملي کي قانوني حيثيت ڏيڻ لاءِ، جنگ جي اڳواٽ اعلان ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي، جڏهن ته قتل عام جي انهيءَ پرواني تي عملدرآمد ۾ دير ڪرڻ ڪبي، حڪمت عملي ۽ انسانيت جون سموريون تقاضائون مناسب قرار ڏيئي رهيون هيون. انهن ڳالهين جي باوجود انهيءَ مهم کي حق ۽ سچ جو ڏيک ۽ حيثيت ڏيڻ لاءِ علي مراد جي حمايت حاصل ڪرڻ لازمي ڳالهه هئي، ۽ ساڻ ئي ريگستان ۽ قلعي جي اندروني حالات متعلق هن جي ڄاڻ کي پنهنجي فائدي ۾ استعمال ڪرڻ پڻ ضروري هو. انهن ڳالهين کان سواءِ انهيءَ ماڻهوءَ کي جنهن انگريز سان عهدنامي ڪرڻ کان شروع ۾ ناراضگي ظاهر ڪئي هئي، ۽ هاڻي ريگستان ۾ انهن جي داخل ٿيڻ لاءِ پنهنجي نارضامندي جو اظهار ڪري رهيو هو، اهو سبق ڏيڻ به نهايت ضروري هو ته هاڻي هو پنهنجي طرفداريءَ کي بدلائي نٿو سگهي، ڇو ته ڪيس اهڙي ماڻهوءَ سان

واسطو پيل هو، جيڪو حڪمت عمليءَ جي لحاظ کان ڪانئس گهڻو مٿي هو، ۽ هٿيارن جي استعمال ۾ ماهر استاد هو. هن پنهنجن انهن خيالن جو انهيءَ موقعي تي اظهار اجهو هن طرح ڪيو:

”مون کي گهڻو* اڳي معلوم ٿي چڪو هو ته اميرن کي پنهنجن ريگستانن ۾ حد کان زياده اعتماد آهي، ۽ اهي يقين رکن ٿا ته اسان انهن علائقن ۾ سنڌن قريب پهچي نه سگهنداسون. ۽ انهيءَ ڪري جڏهن سنڌن ڳالهيون، ديرمدار، ڪوڙ ۽ غلط بيانيون ۽ سازشون ناڪام ٿينديون، تڏهن اهي پنهنجي مڪمل فرمانبرداريءَ، نيازمنديءَ، بيگناهيءَ ۽ خاڪساريءَ جو اعلان ڪري سگهندا ۽ پنهنجن ريگستانن ڏانهن وڃي اسان جي دسترس کان ٻاهر نڪري ويندا ۽ اتان ويهي اسان جي خلاف پنهنجي وحشي ٽولين کي اسان تي حملن ڪرڻ لاءِ ڪم آڻيندا، ته جيئن اسان جي سڄي مواصلاتي نظام کي منقطع ڪري سگهن، ۽ پوءِ اسان جي لاءِ سنڌ کي اهڙو تپائي گرم ڪندا، جو قدرت ان کي اڳيئي گويا اهڙو گرم نه بنايو آهي.

”اهڙي صورتحال ۾، انهيءَ سڄي معاملي تي پوري طرح سوچ ويچار ڪرڻ، ۽ علي مراد کان اها سڄي معلومات حاصل ڪرڻ کان پوءِ، جنهن سان مون گذريل رات خيرپور ۾ ملاقات ڪئي، مون پنهنجيءَ دل ۾ اهو فيصلو ڪيو ته جيتوڻيڪ جنگ جو اعلان نه ڪيو ويو آهي، ۽ نه ئي انهيءَ اعلان ڪرڻ جي ڪا ضرورت آهي، آءٌ هڪدم امام ڳڙهه طرف پيشقدمي ڪندس، ۽ خيرپور توڙي حيدرآباد جي سڄي ٽالپر گهراڻي کي ثابت ڪري ڏيکاريندس ته سنڌن ڳالهيون يا سنڌن ريگستان ۽ بيابان، انهن کي انگريز فوجن کان بچائي نٿا سگهن. جڏهن ته اهي سمجهن ٿا ته اهي سلامتيءَ سان ريگستانن طرف پٺتي وڃي سگهندا، پر اهي ڪڏهن به خاموش نه رهندا.

---

* گورنر جنرل ڏانهن ٢٧- ڊسمبر سن ١٨٤٢ع تي موڪليل خط.

انهن مان گهڻن کان وڌيڪ چڱو آهي. هن جو وزير، شيخ علي نصير ڏاڍو چالاڪ ۽ هوشيار آهي؛ هو بينگال ۾ رهيو آهي ۽ اسان جي طاقت کان پوريءَ طرح واقف آهي؛ ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته هن پنهنجي آقا کي هن باري ۾ مطمئن ڪري ڇڏيو آهي ته اسان جي طاقت جو مقابلو ڪرڻ ممڪن ناهي؛ ان کان سواءِ هو انهيءَ ڳالهه جي به خاطري ڪري ٿو ته پنهنجي آقا کي اسان جي بهترين دوست جي حيثيت ۾ رکڻ سان گڏوگڏ، سنڌس پنهنجو مقدر پڻ ترقي ڪري ۽ وڌندو ويجهندو رهي. انهيءَ ڪري هو اسان جو پنهنجو ماڻهو آهي.[٣]

انگريز جنرل پنهنجي مهم جي اهڙيءَ طرح تياري ڪرڻ سان گڏوگڏ، هيٺين پڌرنامي جي ذريعي علي مراد کي اپر سنڌ جي قانوني امير طور تسليم به ڪيو ۽ ان جو اعلان پڻ ڪيو:

”سنڌ جا اميرؤ ۽ عام لوڪو! هزهائينس امير رستم خان مون ڏانهن هڪ خفيه پيغام موڪليو، جنهن ۾ هن چيو ته هو پنهنجي گهرائي وارن ماڻهن جي هٿن ۾ آهي ۽ انڪري هو اهڙي نموني سان نٿو هلي سگهي، جهڙيءَ طرح انگريز قوم لاءِ سندس دوستيءَ وارن دلي جذبن جي تقاضا آهي، ۽ جيڪڏهن آءٌ کيس پاڻ وٽ اچڻ ڏيان ته پوءِ هو انهن وٽان ڀڄي منهنجي ڇانوڻيءَ ۾ ايندو. مون هزهائينس کي چوائي موڪليو ته آءٌ سندس اچڻ جي آجيان ضرور ڪندس، پر منهنجي کيس صلاح اها آهي ته هو پنهنجي ڀاءُ امير علي مراد خان سان مشورو ڪري. هن منهنجي صلاح ورتي ۽ پنهنجي ڀاءُ وٽ ڏيجيءَ جي ڪوٽ ۾ ويو. جڏهن مون اها ڳالهه ٻڌي، تڏهن مون کي خوشي ٿي، ڇو ته مون سمجهيو ته ان طرح سنڌ ۾ امن امان برقرار رهندو، ۽ هزهائينس پنهنجا آخري ڏينهن عزت ۽ امن ۾ گذاريندو. مون خيرپور طرف پيشقدمي ڪئي ته جيئن ته سندس خاندان جي فسادي ماڻهن

کي پنهنجن هٿيار بند ٽولن کي منتشر ڪرڻ لاءِ مجبور ڪريان، جن کي انهن جمع ڪيو هو. مون هزهائينس ڏانهن نياپو موڪليو ته آءٌ ساڻس ملاقات ڪرڻ لاءِ ايندس. مون کي هن ڪان نئين عهدنامي لاءِ ضروري انتظامن متعلق صلاح وٺڻ جو ارادو هو. مون سمجهيو ته هو انهيءَ حڪومت جو وري دوست ٿيو آهي، جنهن جي آءٌ ملازمت ۾ آهيان. انهيءَ رات مون ٻڌو ته هن نهايت سنجيدگيءَ سان پنهنجي ڀاءُ امير علي مراد کي ٽالپر گهراڻي جي قيادت جي پڳ ڏني آهي، جيڪو ڀاءُ انهيءَ اعزاز جو قانوني وارث آهي. مون سمجهيو ته اها ڪارروائي ڏاڍي سمجهه ڀري آهي، جنهنڪري هزهائينس سان ملاقات ڪرڻ جي خواهش منهنجي دل ۾ اڃا به وڌيڪ زوردار نموني سان ٿي ته جيئن آءٌ انهن مٺين ڳالهين جو بيان خود سندس واتان ٻڌان ۽ اهي گورنر جنرل کي لکي موڪليان، ڇو ته منهنجي دل ۾ يقين هو ته هن جون اهي ڪارروايون گورنر جنرل جي دل ۾ سٺي راءِ ۽ دوستانه جذبي کي وري بحال ڪري وجهنديون. هزهائينس لاءِ منهنجي دل ۾ عزت، دوستيءَ ۽ امن جا جذبات موجزن هئا. مون ته ايترو به ڪيو ته هزهائينس جي ڀاءُ امير علي مراد کي صلاح ڏني ته هو پڳ قبول نه ڪري، پر پنهنجي وڏي ڀاءُ، امير کي حڪومت هلائڻ جي ڪم ۾ مدد ڏي، مون اها سڄي محنت ٽالپر خاندان جي عزت لاءِ ڪئي. پوءِ منهنجي حيرت جي ڪهڙي حالت ٿي، جڏهن مون کي اهو معلوم ٿيو ته جنهن امير رستم خان سان مون ملاقات ڪرڻ پئي چاهي، سو پنهنجي ڀاءُ جي ڇت هيٺان نڪري هليو ويو هو، ۽ اهڙيءَ طرح هن گورنر جنرل جي بيعزتي ۽ حڪم عدولي ڪئي، جنهن جو آءٌ ڪمانڊر آهيان. پر هن خبر ٻڌڻ تي منهنجي حيرت اڃا به وڌي ويئي آهي ته هزهائينس پنهنجي خاندان ۽ هٿياربند ٽولن سان وڃي مليو آهي، جن اسان جو مواصلاتي نظام

منقطع ڪيو، ۽ اسان جي ٽپال کي روڪيو آهي. انهن ڳالهين مون کي سخت حيران ڪيو آهي، پر منهنجو رستو صاف آهي، ۽ آءٌ انهيءَ کي هن طرح شايع ڪريان ٿو ته جيئن سڀني کي معلوم هجي ۽ هرڪو پاڻ کي انهيءَ جي مطابق هلائي. آءٌ موجوده عهدنامي جي شرطن مطابق، وڏي امير علي مراد جي انهيءَ حق جو بچاءُ ڪندس ته هن کي ٽالپر گهراڻي جي پڳدار رئيس طور باقاعدگيءَ سان مقرر ڪيو ويو آهي. خدا چاهيو ته منهنجو ارادو ريگستان اندر پهچڻ جو آهي. آءٌ انهن مسلح دستن کي منتشر ڪندس، جن اسان جي ٽپال کي روڪيو آهي. آءٌ امير علي مراد جي قلعدارن کي هر هڪ قلعي جو سنڀاليندڙ مقرر ڪندس ۽ انهن کي قلعن جو قبضو وٺي ڏيندس. آءٌ حيدرآباد وارن اميرن سان اهو سلوڪ ڪندس، جنهن جو آءٌ انهن جي عملن ۽ فعلن جي مطابق، کين لائق سمجهندس.”

اهو پڌرنامو اڃا شايع مس ٿيو هو، ته امير رستم وٽان هڪ خط آيو، جنهن ۾ هن رضاڪارانه طور پڳ تان دستبردار ٿيڻ جي ڳالهه کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته انگريز جنرل سائس دغابازي ڪري کيس علي مراد جي هٿن ۾ ڏنو ته جيئن کيس قيد ڪيو وڃي. ساڳي وقت حيدرآباد واري امير نصير وٽان هڪ خط پهتو، جنهن ۾ هن فرمانبرداريءَ جو اظهار ڪيو هو، پر اهو فقط هن قبيلن جي جمع ڪرڻ لاءِ مهلت حاصل ڪرڻ خاطر ڪيو هو. اهي چالاڪيون حد کان زياده بيهوديون هيون.

جنرل پنهنجي جواب ۾ نصير کي چيو ته، ”امير! مون کي توهان جو خط پهتو آهي. جڏهن ماڻهوءَ جي قولن ۽ فعلن ۾ مطابقت ڪانه ٿي ٿئي، تڏهن مون کي اهو محسوس ڪري ڏک ٿو ٿئي ته آءٌ ان حالت ۾ ڪهڙو قدم کڻان. اميرن جي حڪومت هڪ کان وڌيڪ ۽ گهڻن ئي سربراهن

تي مشتمل آهي. اهي سڀ جدا جدا ۽ ڏاڍي عجيب نموني جي ٻولي ٻولين ٿا. آءٌ دور کان ويهي ڪو فيصلو نٿو ڪري سگهان، آءٌ اهو معلوم ڪرڻ لاءِ خيرپور آيس ته جيئن پاڻ ڏسان ته معاملات ڪهڙي حالت ۾ آهن، ۽ آءٌ انهيءَ ئي مقصد سان حيدرآباد وڃڻ جو پڻ ارادو رکان ٿو. آءٌ ٻن سڀني ميلن جي مفاصلي تي ويٺي دوست ۽ دشمن ۾ تميز ڪري نٿو سگهان؛ ۽ جيئن ته اوهان چئو ٿا ته توهان گورنر جنرل ۽ ڪمپنيءَ جا دوست آهيو، انڪري توهان مون کي ڏسي خوش ٿيندا، مان ڏکڻ ۾ هٿياربند فوجن جي جمع ٿيڻ جون خبرون ٻڌي رهيو آهيان؛ هٿياربند ماڻهو سنڌو ندي پار ڪري سنڌ ۾ داخل نه ٿيندا؛ انڪري آءٌ فوجون وٺي اچان ٿو."

رستم ڏانهن هن وڌيڪ سخت نوعيت جو خط موڪليو، جاڪاڻ ته هن کي سندس ڪوڙ ڳالهائڻ، ۽ مٿس دغابازي ڪرڻ جي الزام لڳائڻ تي سخت ڪاوڙ لڳي.

"توهان صاحبن جو خط مون کي اهڙي ٻوليءَ سان ڳالهائڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو، جنهن لاءِ مون کي افسوس آهي، پر منهنجي ملڪ جي عزت ۽ توهان جي ملڪ جو مفاد مون لاءِ ڪو ٻيو رستو نه ٿو ڇڏي، توهان صاحبن جي خط جو تت هيءُ آهي، ته مون اوهان کي پنهنجي ڀاءُ امير مراد علي جي صلاح تي هلڻ جو مشورو ڏنو، ۽ ٻيو ته هن هڪ سازشي هئڻ جي حيثيت ۾، جنهن اوهان کي قيدي بنائڻ ٿي چاهيو، توهان کي صلاح ڏني ته مون سان ملاقات ڪرڻ کان پڇي وڃو.

"اي امير، اهڙي چالاڪي اوهان جي اعليٰ رتبي جي لائق ناهي. توهان کي چڱيءَ طرح معلوم آهي ته اهو سچ ناهي. توهان چاڻو ٿا ته توهان پاڻ منهنجي چانوٽيءَ ۾ اچڻ جي آڇ ڪئي هئي، ۽ اهو به ڄاڻو ٿا ته مون توهان کي پنهنجي چانوٽيءَ ۾ اچڻ بدران پنهنجي ڀاءُ جي قلعي ۾ وڃڻ جي صلاح ڏني هئي، تنهنڪري توهان کي معلوم آهي ته مون کي اوهان کي

جنرل هن کي جواب موڪليو ته ”ڪيس پاڻ وٽ قيدي بڻائي رکو، پر ڪيس ڪو ضرر نه پهچڻ ڏيو“. اهو هڪ انتهائي خوش قسمتيءَ وارو واقعو ۽ نيڪ شگون هو.

برسات واري موسم ۾ فوج چرپر ۾ نه ٿي اچي سگهي، ڇاڪاڻ ته آلي زمين تي آٽ هلي نه سگهندا آهن ۽ انهن جي ٽنگن جا هڏا ترڪڻ ڪري ڏک لڳڻ سان نڪري ويندا آهن. ڪرنل وٿليس جي ماتحت بينگال واري ڊويزن، حڪمن جي خلاف ورزي ڪندي، خراب موسم ۾ پيشقدمي جاري رکڻ ڪري هڪئي ڏينهن ۾ انهيءَ نموني سان نوي اٺن تان هٿ ڪنيو هو. بهرحال، هاڻي موسم خوشگوار ٿي ويئي هئي، ۽ جنرل اپر سنڌ جي معاملن کي صحيح ڪري ڏيجيءَ جي ڪوٽ ڏانهن ڪوچ ڪيو، ۽ اتان کان پوءِ ريگستان طرف وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو. پر انهيءَ نامعلوم ويرانيءَ ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ، هو علي مراد سان هڪ دفعو وري به صلاح مصلحت ڪرڻ ۽ پنهنجن ايلچين جون خبرون وٺڻ لاءِ منتظر هو. هو چوٿين جنوريءَ تي ڏيجيءَ پهتو، جتي هن سان ميجر آئوٽرام اچي مليو، جيڪو ڪمشنر طور مقرر ٿيڻ تي بمبئي کان آيو هو. اتي ئي ايلچين جون رپورٽون به پهچي ويون. ڊنگيءَ وٽ جيڪي بلوچ جمع ٿيا هئا، تن جي متعلق چيو ويو ته اهي ريگستان طرف هليا ويا آهن. رستم به پنهنجن پٽن سان گڏ اتي ئي هو، پر هو اچا تائين ريگستاني علائقي جي ٻاهرين ڪناري جي اندرئي هئا، جتي انهن جي گهوڙن ۽ ٻين چوپاين لاءِ گاهه پٺو ۽ پاڻي اچا ڪافي مقدار ۾ ملي پئي سگهيو. خيال هو ته اهي سڀ ماڻهو، جيڪي ويهن يا پنجويهن هزارن جنگجو ماڻهن تي مشتمل هئا، امام ڳڙهه طرف وڃڻ وارا هئا، جتي قلعي جي بچاءَ لاءِ جدا لشڪر موجود هو، جنهنڪري هڪ دفعو ريگستان ۾ پير پاتو ويندو ته پوءِ انهن سڀني ماڻهن سان مقابلو متوقع هو.

ڏيجيءَ واري ڪوٽ ۾ رهندي، امام ڳڙهه ڏانهن ويندڙ رستن يا ڇنڇي تہ پيچرن جي متعلق، يا رستي ويندي پاڻيءَ جي صحيح صورتحال، ٽورائي يا گهٽائي جي باري ۾ صحيح معلومات ملڻ مشڪل نظر اچي رهي هئي، ۽ اهو بہ ظاهر هو تہ علي مراد اجا بہ ڌارين ماڻهن جي ان طرف وڃڻ جي خيال کي ناپسند ڪري رهيو هو. انگريز جنرل کي سندس ارادي کان باز رکڻ ناممڪن هو؛ پر هن وٽس موجود سڄي لشڪر ۽ سامان سميت روهڙيءَ کان چار منزلون طئي ڪيون هيون، جن مان پويون ٻہ منزلون تہ سچ پچ ريگستاني علائقي جي ٻاهرين حد ۾ اندر ٿي هيون. هن کي پيو قدم، هاڻي ريگستان جي عين قلب اندر ٿي کڻو هو، جڏهن تہ وٽس اعتبار جوڳا سونهان ڪين هئا، پاڻيءَ ۽ گاهہ چاري جي موجودگيءَ متعلق ڪا يقيني توقع ڪانہ هئي، ۽ جڏهن تہ هن ڳالهہ جي ذري گهٽ خاطري هئي تہ بلوچ گهوڙيسوارن طرفان اڌ ۾ سندس رستو روڪي پريشان ڪيو ويندو يا ڪافي تعداد ۾ سندس مقابلو ڪيو ويندو. اهڙيءَ طرح اها مهم انتهائي خطرناڪ ۽ مشڪلات سان ڀريل هئي.

اهڙي نازڪ حالت ۾، هو ڪنهن وڏيڪ قدم کڻڻ کان اڳ جيڪر گورنر جنرل جي منظوري حاصل ڪرڻ لاءِ خوشيءَ سان انتظار ڪري ها، پر تازين زوردار برساتن، جيڪي سنڌ لاءِ غير معمولي نوعيت جون هيون، هن جي ارادي جي تڪميل لاءِ ايتريقدر تہ سهولت پيدا ڪري ڇڏي هئي، جو هن وڌيڪ دير مدار ڪرڻ سان اهو موقعو هٿان وڃائڻ مناسب نہ سمجهيو. هن جو پهريون خيال لالوءَ واري رستي سان، سڄي لشڪر سان امام ڳڙهہ طرف پيشقدمي ڪرڻ جو هو. لالو اهو مقام آهي، جيڪو ريگستان جي علائقي اندر سمجهيو ويندو آهي، پر ان هوندي بہ اهو آباد علائقي جي ڪناري تي آهي. انهيءَ طريقي سان پيشقدمي ٽيڻ جي حالت ۾ ڊنگيءَ ۾ ڳڏ

ٽيل بلوچن جي پوزيشن بدلجي وڃي ها، ۽ ريگستان وارن قلعن سان انهن جي مواصلات ڪٽجي وڃي ها، پوءِ هو انهن ٻن رستن مان هڪ جو انتخاب ڪري سگهي ها ته اوچتو ساڄي هٿ طرف ڦيرو ڪائي، ڏنگيءَ ۾ اميرن جي مٿان وڃي پوي، يا ڏائي هٿ ڏانهن مڙي امامڳڙهه تي وڃي ڪڙڪي. چاڪاڻ ته هن هڪ ڏاهي جنرل هئڻ، هوندي ۽ هن حقيقت ڪان واقفيت رکندي ته جنگ روزانو پنهنجي شڪل ۽ صورت ڪي بدلائيندي آهي، درمياني رستو اختيار ڪرڻ جو ارادو ڪيو، ۽ اهو فيصلو ڪيو ته انهيءَ وچ ۾ جيڪڏهن اوچتو ڪو اتفاقي فائدو نظر ايندو ته ان کي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ واسطي هر وقت تيار رهندو؛ ان سان گڏ هن ڏنگيءَ ۾ اهڙي گهٻراهٽ ڦهلائڻ جي توقع رکي، جيڪا اتي گڏ ٿيل بلوچن کي ڇڙوڇڙ ٿيڻ يا پٺتي هٽي وڃڻ تي مجبور ڪندي. ٻنهي صورتن ۾، هن کي ايتري مهلت ملي ويندي، جو هو تيزيءَ سان ريگستان اندر پهچي ويندو ۽ انهيءَ خطرناڪ سفر دوران هو انهن سان رستي ۾ مقابلي ڪرڻ يا انهن جي تڪليفن پيدا ڪرڻ ڪان بچي ويندو. جيڪڏهن سنڌس جاسوسن جي خبرن مطابق، ڏنگيءَ وارو لشڪر اڳيئي اتان ڪان امامڳڙهه ڏانهن روانو ٿي ويو هو، ته پوءِ هن جو ارادو انهن جي پٺ وٺي اوڏانهن پهچڻ، ۽ حيدرآباد واري لشڪر جي گڏ ٿيڻ ۽ سندس پٺ ۾ خطرو پيدا ڪرڻ ڪان اڳ انهن سان امامڳڙهه واري قلعي جي صدر دروازي اڳيان فيصلہ ڪن جنگ ڪرڻ هو. جيڪڏهن اهي گهٻراهٽ ۾ اچي بدنظميءَ سان حيدرآباد ڏانهن پٺتي هٽيا، ۽ ان طرح ڪيس هڪ سٺو موقعو ملي ويو ته ان صورت ۾ هن جو ارادو ريگستان ڏانهن هلندڙ پنهنجي پيشقدميءَ کي روڪي، انهن تي لوئر سنڌ جي دارالحڪومت جي فصيلن هيٺان ڪاري ضرب لڳائڻ جو هو.

جيڪي ممڪن هو ته هن کي رستي تي وڪوڙي گهيري ۾ آڻي ڇڏين، ۽ اميرن کي سنڌن پياده فوجين کي سوار ڪرڻ لاءِ سنڌس مقابلي ۾ گهٽا ۽ بهتر قسم جا اٺ هئا. ان کان پوءِ انهيءَ خطرناڪ مهم جو اصل مقصد، جيڪو حاصل ڪرڻو هو، يعني امام ڳڙهه، ڪافي مضبوط ۽ رسد جي سامان سان چڱي طرح ڀريل هو، ۽ ان جي حفاظت تي مقرر ٿيل لشڪر جو تعداد ٺي هن جي دستن جي تعداد کان ڇوٽو هو! انهن سڀني خطرن سان نظر ملائڻ، سڀني ڳالهين جو احتياط ڪرڻ جي باوجود هر قسم جي خوف ۽ خطري کي دل سان ڪڍي اڇلڻ، انهن سڀني دشوارين ۽ نامعلوم ريگستان جي اڃ ۽ بڪ کي برداشت ڪرڻ جي همت رکڻ جنگ جي هڪ ماهر استاد ۽ دلير انسان جو ڪم هو، نه ته قديم زماني جي ماڻهن کي بلڪل اجايو ۽ غلط نموني سان عظيم چيو ويو آهي.

هن علي مراد ۽ مقامي سونهين کي پاڻ سان گڏ جي هلڻ تي مجبور ڪيو، ۽ انهن کي پنهنجي مخصوص انداز ۾ چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن ڪا دغا يا فريب ڪيو ويو ته ان لاءِ کين مهانگي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. هن انهن کي اهو به ذهن نشين ڪرايو ته ڪيس انهن جي زندگيءَ جو ايترو ته اونو آهي، جو انهن کي فقط سنڌس سپاهين سان گڏ جي ڪاٺ ۽ کوهن تان پاڻي پيئڻ گهرجي ته جيئن کيس خاطري رهي ته انهن کي ڪا تڪليف نه ٿي پهچي. پوءِ هو پنهنجي لشڪر سان رابطي قائم رکڻ لاءِ اٺ سوارن جي هڪ دستي کي منظم ڪرڻ کان پوءِ اتان روانو ٿي ويو. ذري گهٽ پنجاهه سالن جي ملازمت جي بوجهه، هن جو سر نه نوايو هو، ۽ گهڻن ئي زخمن مان وهي نڪتل رت، هن جي خون ۾ موجود آتشي وهڪري کي ٿڌو نه ڪيو هو. هن، ڪنهن به قسم جي مشقت کان روگرداني نه ڪندي، ۽ هر تڪليف کي پنهنجي لشڪر جي انتهائي مضبوط جسم واري ۽ جوان مڙس سپاهين سان گڏ جي ساڳئي انداز ۾

هوندي هئي ته شام جو پاڻي ملي سگهندو يا نه؟ ۽ اڪثر وقتن تي اهو نه ملندو هو. ڪين اها به پڪ ڪانه هئي، ته اهي جنهن رستي سان وڃي رهيا هئا، سو صحيح هو يا نه؟ ان جي باوجود هو پرجوش همت ۽ اڻٽڪ طاقت سان پنهنجي خطرناڪ سفر کي جاري رکندا هليا. آئن کي تمام ڏورو قوت همٿ لڳي سگهيو ۽ اهي جيئن پوءِ تيئن ڪمزور ٿيندا ويا، پر قوي جسم وارن پياده سپاهين انهن کي وزندار توبن کي وارياسن چاڙهين تي ڇڪڻ ۾ مدد ڪئي. سمورا سپاهي بلوچن جي حملي جي خطري کان بي پرواه رهي، اهڙي ته طاقت ۽ مضبوط ارادي سان ڪم ڪندا رهيا، جو هر رڪاوٽ دور ٿيندي رهي. ائين ڏينهن تي جڏهن اهي امام ڳڙهه پهتا، تڏهن حملي ڪرڻ ۽ دشمن کي ڪاري ضرب هڻڻ جي جذبي سان پوريءَ طرح سرشار هئا، ۽ انهيءَ وقت ڏنو ويو ته نيپولين جو اهو عظيم اصول ڪيتريقدر نه حقيقت تي مبني آهي ته جنگ ۾ اخلاقي قوت جو جسماني طاقت سان تناسب ائين آهي، جيڪو ٽن سان هڪ جو.

محمد خان، جيڪو اهڙي مضبوط قلعي ۾ ويٺو هو، جيڪو رسد جي پوري ساز و سامان سان ڀريل هو، ۽ جنهن جي حفاظت لاءِ رهندڙ فوج جو تعداد انهيءَ فوجي دستي کان ڇهوڻو هو، جيڪو هن تي حملو ڪرڻ لاءِ اچي رهيو هو، ٻه ڏينهن اڳ ۾ پنهنجو خزانو کڻي ڀڄي ويو هو. هن ڏاکڻو رستو ورتو، انهن رستن ۽ پيچرن جي مدد سان، جيڪي هن جي ماڻهن کي چڱيءَ طرح معلوم هئا، سنڌونديءَ کي پار ڪيو، ۽ اناج ۽ بارود جو سڄو ذخيرو پٺيان ڇڏي هليو ويو.

امام ڳڙهه، جنهن کي ان کان اڳي ڪنهن به يورپي باشندي نه ڏٺو هو، خاصو وڏو چورس شڪل جو قلعو هو، جنهن جي وچ ۾ اهڙو ئي چورس ۽ پنجاهه فوٽ اوچو پڪين

سرن مان جوڙيل ٿل بيٺل هو. ان جي چوڌاري چاليهہ فوٽ اوچيون فصيلون هيون، جن ۾ بچاءَ لاءِ ڪچين سرن جا گول شڪل جا آٺ برج ٺهيل هئا، جن ڪي توب جي گولن جي ڌڪ سهڻ جي حيرت انگيز طاقت آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ گولو آسانيءَ سان اندر هليو تہ وڃي ٿو، پر ان جي اثر ڪان ڍهي ڪجهہ بہ نٿو. انهن ڪي ڊاهڻ لاءِ توبون بي اثر ثابت ٿيون، جنهنڪري بارودي سرنگن ڪان ڪم ورتو ويو. علي مراد شروع ۾ قلعي ڪي تباهہ ڪرڻ لاءِ رضامندي ظاهر ڪئي، پر پوءِ شڪ ظاهر ڪرڻ لڳو. جنرل ان ڪي تباهہ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو، پر اهو هن جو فيصلو ڪنهن اجائي سختيءَ جو نتيجو ڪونہ هو. ان جي تباهہ ڪرڻ جا جيڪي سبب هئا، سي انهيءَ مهل جزوي طور علي مراد ڪي ٻڌايا ويا، ۽ نيٺ اِنهيءَ ڪم لاءِ آنهيءَ امير جي رضامندي حاصل ڪئي ويئي. هن ڪتاب ڪي پڙهڻ دوران محسوس ڪيو ويندو تہ جنرل ڪهڙيءَ نہ سمجهہ ۽ رحم جي جذبي ڪان متاثر ٿي اهو ڪم ڪيو هو.

هن لارڊ ايلنبرو ڪي لکي موڪليو تہ شهزادا هميشه وفادار نہ رهندا آهن ۽ جيڪڏهن علي مراد ڪنهن وقت اسان جي اتحاد ڪان نڪري ويو تہ ان صورت ۾ بيابان اندر بيٺل هي قلعو تڪليف ڏيندڙ ثابت ٿي سگهندو ۽ ان تي دوباره قبضي ڪرڻ لاءِ وري هڪ خطرناڪ سفر ڪرڻو پوندو. انهيءَ وچ ۾، هن قلعي جي موجودگي، ٻين سڀني اميرن جي دلين ۾ اعتماد جي هڪ ڪوڙي ۽ غلط جذبي جي پرورش ڪندو رهندو، ۽ ان جي اوچتي تباهيءَ جو اثر، انهن جي سڄي همت ۽ طاقت ڪي بيحس بڻائي ڇڏيندو. اهي هئا هن جا عام طرح اعلان ڪيل مقصد! پر هن اميرن جي طرفان سنڌ ن رعايا سان ناقابل برداشت قسم جا ظلم ۽ زيادتيون ٿينديون ڏٺيون هيون، جيڪي اهي پنهنجن بيشمار ڪونن ۽

ڪوٽ ڪان ڏکڻ طرف واقع پير ابوبڪر واري هنڌ تي ساڻس اچي ڳڏ جن.

ريگستان ڪان مونڻ تي، سندس پهريان ٽي ڏينهن ڏاڍي تڪليف وارا هئا، پر چوٿين ڏينهن ڪيس پاڻي ۽ جانورن جو گاهه پٽو ملي ويو انين ڏينهن، يعني ٢٣-جنوريءَ تي هو پير ابوبڪر پهتو، جتي هن پنهنجي سڄي لشڪر کي وري ملائي هڪ ڪيو، پر هو ڪن نين سياسي ڳالهين، نئين ڊپلوميسي، ۽ نئين نوعيت جي ڪن اهڙين دشوارين سبب اتي ترسي پيو، جن سندس مضبوط ارادي ۽ حڪمت عمليءَ کي سخت ترين آزمائش ۾ وڌو. ارڙهن ڏينهن تائين هو ريگستان جي ويرانين ۾ رلندو رهيو هو، جنهن جي دوران کين اهڙيون رڪاوٽون آڏو آيون، جن تي حاوي ٿيڻ لاءِ هن جي ماتحت سڀني ماڻهن ڪان انتهائي سخت جسماني مشقتن جي ضرورت پئي هئي، ۽ انهيءَ جي دوران کين اڃ ۽ بک ڪان علاوه ڪي اهڙا بيا خطرا به سامهون ٿيا، جن کي منهن ڏيڻ لاءِ، ڪنهن خوف ۽ ڊپ جي احساس ڪان متاثر ٿيڻ ڪان سواءِ، وڏي ۾ وڏي ذهني قوت درڪار هئي، ان جي باوجود هو انهن آزمائشن مان، بغير ڪنهن رنڊڪ ۽ رڪاوٽ جي، ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ جي جان ضايع ڪرڻ ڪان سواءِ فتحياب ۽ سرخرو ٿي نڪتو، جڏهن ته سندس ڪو هڪڙو سپاهي به بيمار نه ٿيو ۽ وڏي ڳالهه اها ته هن اميرن جي لشڪر کي چڙوچڙ ڪرڻ، ۽ لڙائي ڇيڙڻ لاءِ تيار ڪيل سندن سڄي رٿا کي ناڪام بنائڻ جو مقصد به حاصل ڪري ورتو.

# باب ٻيو

## جنوري ١٨٤٣ع

جيئن تہ هاڻي اهم فوجي ڪارروائين ۽ نئين نموني جي ڊپلوميسيءَ جي اشتراڪ سان ڪيل هڪ واضح ۽ چٽي نموني جي ڪارروائي جو بيان ڪرڻو آهي، جيڪا جيتوڻيڪ اڳيئي بيان ڪيل واقعن جي نتيجي طور ڪئي ويئي، ان جي باوجود اهو مناسب آهي تہ ماضيءَ جي پاليسيءَ جي اهم نُڪتن جو وري ٿورو اختصار پيش ڪجي، ۽ انهن جي درجہ بندي اهڙي طرح ڪجي، جو سنڌ جي فتح بابت ڪنيل هر هڪ قدم هر وقت ياد رهي ۽ جنرل تي بدنيتيءَ سان بي انصافيءَ ۽ ظلم جا جيڪي الزام لڳايا ويا آهن، سي حقائق جي شهادتن جي آڌار تي غلط ثابت ڪري سگهجن.

پهرئين دور جو تعلق سر چارلس نيپئر طرفان سنڌ جي سياسي معاملن جي چارج سنڀالڻ، سنڌ ۾ پيشروئن طرفان سنڌ جي اميرن سان اختيار ڪيل پاليسي جي ڪمزوريءَ ۽ تذبذب کي فوراً سمجهي وڃڻ، اميرن طرفان لارڊ آڪلئنڊ سان ڪيل معاهدن جي خلاف ورزين، ۽ انهن شهزادن کي صاف لفظن ۾ چٽي ڏيڻ سان آهي تہ هاڻي وقت اچي ويو آهي، جڏهن انهيءَ طريقہ ڪار کي ختم ٿيڻ گهرجي.

ٻئي دور جو تعلق، گورنر جنرل جي احڪامات جي تحت، انگريزن لاءِ اميرن جي دشمنيءَ جي سلسلي ۾ ميجر آئوٽرام طرفان مهيا ڪيل سڌين ۽ بالواسطہ شهادتن ۽ ثابتين جي پوري پوري تجزيي ڪرڻ سان هو، ڇاڪاڻ تہ جنرل

پنهنجي دل ۾ هميشه لارڊ ايلنبرو جي منصفاڻي ۽ سچ ۽ ڪوڙ ۾ امتياز ڪرڻ لاءِ ڏنل هدايتن کي رکندو هو.

”توهان جو پهريون سياسي فرض، ميجر آئوٽرام ۽ ٻين پوليٽيڪل ايجنٽن جون اهي سڀ ڳالهيون ٻڌڻ ٿيندو، جيڪي اهي حيدرآباد ۽ خيرپور وارن اميرن جي انگريزن لاءِ دشمنيءَ وارن ارادن جي باري ۾ ثبوت طور پيش ڪن. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته انهن جا ارادا دشمنيءَ وارا هوندا. هن ڳالهه تي يقين ڪرڻ ناممڪن ٿيندو ته انهن کي اسان لاءِ دوستيءَ جا جذبا هوندا. پر اسان انهن جي فقط خيالن لاءِ کين سزا ڏيڻ ۾ حق بجانب نه ٿينداسون.

ٺئين دور جي نشاندهي انهن مذاڪرات ذريعي ٿئي ٿي، جيڪي اميرن سان، نئين عهدنامي کي خاموشيءَ سان تسليم ڪرڻ لاءِ ڪيا ويا، جيڪو لارڊ ايلنبرو انهن تي پراڻن عهدنامن جي بار بار ڀڃڪڙين ڪرڻ ۽ انگريزن جي خلاف دشمنيءَ جي خفيه اقدامات ڪرڻ لاءِ سزا طور مسلط ڪرڻ مناسب سمجهيو هو. بيشڪ، اهو ئي اهڙو نقطو هو، جنهن تي انصاف ۽ بي انصافيءَ جو بنياد رکيل هو. اها ڳالهه اڳيئي ڏيکاري ويئي آهي ته اميرن جي ڏوهن لاءِ مليل ثابتين کي جنرل ڪهڙي نه خبرداري، احتياط، باريڪيءَ ۽ هوشياريءَ سان چڪاسيو ۽ انهن جي خاطري ڪئي.

گورنر جنرل انهيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪندي، جنهن جو هن سڄي هندستان ۾ اڳيئي اعلان ڪري ڇڏيو هو، نئين معاهدي جي آڇ ڪئي. انهيءَ معاهدي ذريعي اڳين ڀڃڪڙين لاءِ هلڪي نموني ۾ سزا ڏني ويئي، پر دراصل اهو معاهدو اهڙي طرح تيار ڪيل هو، جو ان جو مقصد معاهدي کي اميرن تي زوريءَ مڙهڻ نه، بلڪ ان مان سڄي مهذب ۽ سڌريل دنيا کي فائدو پهچائڻ هو. ان جي غير جارحاڻي ۽ بي غرضاڻي نوعيت، اميرن کان واپس ورتل ضلعن

تي بهاول خان جي قبضي کي بحال ڪرڻ مان ظاهر ٿي رهي هئي؛ اهي ضلعا، بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، هن جي ملڪيت ٿي هئا، ۽ انگريزن سان سندن مستقل وفاداري جي تقاضا هئي ته اهي ضلعا هن کي انعام طور ڏنا وڃن. هندستان لاءِ اهو هڪ نازڪ زمانو هو. ناٽ ۽ پولوڪ جون فوجون خطرناڪ صورتحال سان دوچار هيون، ۽ انهيءَ موقعي تي ڪوبه غلط قدم، اخبارن جي ايڊيٽرن طرفان ڦهلايل بغاوت جي پيش نظر، وڏي پيماني تي شرارت ڦهلائي رکي ها. لارڊ ايلنبرو، پوءِ پنهنجي طرفان اعلانيه طور شايع ڪيل پاليسيءَ تان ڦري نه پئي سگهيو. ۽ انهيءَ ٽئين دور کي حيدرآباد وارن اميرن جي وڪيلن طرفان پنهنجن آقائن جي نالن ۾ نئين معاهدي کي تسليم ڪرڻ، ۽ دلي دوستيءَ ۽ پرخلوص فرمانبرداريءَ جي وعدن ۽ خاطرين سان ختم ڪيو ويو؛ ۽ ساڳيءَ طرح خيرپور واري رستم پاران معاهدي جي قبوليت ۽ خاطرين ڏيڻ، ۽ ان کان علاوه، سندس اعلان ڪيل قبوليت تي، تصديق طور سندس مهر جي اضافي مذاڪرات کي پايه تڪميل تي پهچائي ڇڏيو.

چوٿين دور جو تعلق، سنڌو نديءَ کي پار ڪرڻ، روهڙيءَ ۽ پونگ-باڙا ۽ سبزلڪوٽ جي قبضي ڪرڻ ۽ هٿياربند ٽولن کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ خيرپور طرف پيشقدمي ڪرڻ سان آهي، ۽ هن ڳالهه کي ياد ڪرڻ گهرجي ته انهن مان هڪ به قدم انهيءَ وقت تائين نه کنيو ويو، جيستين رستم پنهنجي قبوليت جي اعلان تي پنهنجي مهر ثبت نه ڪئي؛ ۽ لوئر سنڌ کان آيل وڪيلن طرفان بااختيار طور خاطريون ڏنيون، جنرل کي انهيءَ ڪم ڪرڻ جو سبب نه ڏنو ويو، نه ئي اهڙو قدم بلوچ جوڌن طرفان هنن جي ڇانوڻين ۽ فوجي مورچن اڳيان جمع ٿي، ڌمڪي آميز ٻولي استعمال ڪرڻ، پنهنجن هموطن ماڻهن سان ظلم ۽ سختي ڪرڻ، ۽ اميرن جي

قولن ۽ فعلن ۾ فرق ظاهر ٿيڻ ذريعي، ايلچين جي متضاد رپورٽن جي صحيح ثابت ٿيڻ کان اڳ ۾ نہ ڪنيو ويو. ڇاڪاڻ تہ انهن ڳالهين معقول حد تائين هن ڳالهہ جي تصديق مهيا ڪئي تہ مناسب وقت اچڻ سان انگريزي ڇانوڻين تي دغابازيءَ سان حملي ڪرڻ جي سازش اندر ئي اندر هلي رهي هئي. پوءِ علي مراد جي پنهنجي گهراڻي جي پاليسيءَ کان روگردانيءَ، رستم طرفان پڳ تان دستبرداريءَ، ۽ پين اميرن جي خيرپور کان فرار ٿيڻ، انهيءَ چوٿين دور جو خاتمو آندو.

پنجين دور جي نشاندهي، رستم ۽ سندس پٽن طرفان اپر سنڌ ۾ پيرن مضبوط ڪرڻ، ۽ امام ڳڙهہ ۽ شاهہ ڳڙهہ تي سندس اوچتي قبضي ۽ ڏنگيءَ ۾ پنهنجي پوزيشن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ مورچہ زن ٿيڻ ذريعي ٿئي ٿي. انهن شهزادن طرفان اپر سنڌ تي ڪيل فوجي قبضو، جڏهن تہ اهي سچو وقت لوئر سنڌ جي اميرن سان قريبي رابطي ۾ هئا، صاف طور ظاهر ڪري رهيو آهي تہ انهن جي اصلي نيت گڏجي عام جنگ ڇيڙڻ جي هئي، ڇاڪاڻ تہ اپر سنڌ ۾ مضبوطيءَ سان قدم ڄمائي رهڻ سان، اهي ملتان وارن سکن، بروهي بلوچن ۽ افغانن سان وڏيڪ فوري ۽ قريبي تعلق ۾ رهي پئي سگهيا. انگريز جنرل جي تيز رفتاريءَ سان ريگستان اندر ڪيل پيشقدميءَ، ۽ اتان کان هن جي طوفان وانگر واپسيءَ، هنن جي سمورن اندازن ۽ حساب ڪتاب کي مونجهاري ۾ وجهي، انهيءَ پنجين دور کي اختتام تي آندو، ۽ اهڙيءَ طرح اپر سنڌ جون سموريون مشڪلاتون ۽ مصيبتون ختم ٿي ويون.

انهيءَ ڪوچ ۽ واپسيءَ واري وقت اندر سياسي نوعيت جي واقعات جو هڪ لڳاتار سلسلو رونما ٿيو، ۽ ڊپلوميسيءَ جو هڪ اهڙو رستو اختيار ڪيو ويو، جيڪو انهيءَ وقت نظرن کان پوشيده رهيو ۽ انڪري هن داستان جي سمورين ڪڙين کي ڳنڍيل حالت ۾ رکي سگهڻ ممڪن نہ رهيو؛

پر هاڻي انهن جو بيان ضرور ڪرڻو پوي ٿو ته جيئن انهيءَ سڄي صورتحال جو مڪمل ۽ صاف نظارو ڏسي سگهجي، ۽ هر هڪ واقعي جي قوت، ان جي سبب، ۽ حقيقي اثر کي صحيح طرح ڀڏائي ۽ سمجهائي سگهجي. پوءِ اهو چڱيءَ طرح ڏسي سگهبو ته انگريز جنرل انهيءَ سڄي خوفناڪ، حالانڪ شاندار ۽ منصفانه لڙائي جي دوران، پنهنجي ملڪ جي شان ۽ وقار، ۽ پنهنجي نالي خاطر پنهنجي فوجي طاقت ۽ هٿيارن جي عزت ۽ مان جي هٿي روايت - ”تيار، هائو تيار“ ۽ (Sans Tache) کي صحيح ثابت ڪري ڏيکاريو.

هيءَ ڳالهه اوهان کي ياد هوندي ته ريگستان طرف ڪوچ ڪرڻ جي هٿي ڏينهن تي، فوجون اوچتو امير رستم جي ڇانوڻيءَ مٿان اچي پيون هيون. جيئن ته هو ڏيجيءَ واري ڪوٽ کان فرار ٿيڻ جي تڪليف ڪرڻ سبب ٿڪجي ٿٽي پيو هو، ۽ انگريزن جي انهيءَ غير متوقع آمد کان خوفزده ٿي ويو، انڪري هن ميجر آئوٽرام ڏانهن پيغام موڪلي ڏنو ته هو نيازمند ۽ فرمانبردار آهي. انهيءَ آفيسر هن وٽ وڃي مائٽن ملاقات ڪرڻ جي اجازت گهري، جيڪا ڏني ويئي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ وقت جنرل سوچي رهيو هو ته مٿان علي مراد پنهنجي پوڙهي پيءُ کي خوفزده ڪري ريگستان طرف ڀڄڻ لاءِ مجبور ڪيو هجي.* هن ڪيس تسلي ڏيڻ پئي چاهي، پر ان جي باوجود هن ميجر آئوٽرام کي منع ڪئي ته هو رستم کي سندس شخصي حفاظت ۽ سلامتيءَ، ۽ هڪ امير جي حيثيت ۾ سندس خانگي جائداد کي صبر ۽ آرام سان مائٽن جي خاطري يا اميد ڏيڻ کان وڌيڪ ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه جي ضمانت نه ڏي؛ ۽ ڪيس ذهن نشين ڪرائي ته هن جي طرفان هاڻي انگريزن سان خواه ڪيتري به وفاداري، نيازمندي

*ڏسو ضميمو نمبر-١، پاڱو-٢

۽ رعايتن ڏيڻ جي نوازش ڪئي ويندي، پر انهن مان ڪابه ڳالهه هن کي رئيس جي حيثيت ۾ بحال ڪرائي نه سگهندي.

آئوٽرام رستم جي هڪ پٽ سان گڏ موٽي آيو، جنهن کي جنرل بذاتِ خود پوري طرح سان پنهنجا خيال ۽ رايا سمجهايا، ۽ کيس چيو ته سندس والد خيرپور ڏانهن واپس وڃي، ڪنهن به هنڌ بلڪل آزادي ۽ حفاظت سان پنهنجي مرضيءَ مطابق هڪ سڌي سادي ۽ عام رواجي امير طور رهي سگهي ٿو، ۽ انهيءَ ۾ کيس نئين معاهدي جي تحت انگريز سرڪار جو پورو تحفظ حاصل رهندو. نوجوان شهزادو بلڪل مطمئن نظر آيو، ۽ رستم سان گڏجي واپس ويو، جنهن هاڻي جنرل جي منظوريءَ سان رستم کي انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ اچڻ جي دعوت ڏني. هن ائين ڪرڻ قبول ڪيو، پر ان هوندي به ٽڪل هڻڻ جو بهانو ڪري، ۽ اهڙيءَ طرح آئوٽرام کي دوکو ڏيئي، هو راتو رات اتان ڪان پڇي نڪتو، ۽ اهڙيءَ طرح هن هڪ دفعو پيهر اهو ئي ڪوڙو ڪردار ادا ڪيو، جيڪو هڪ دفعو اڳي ڏيجيءَ واري ڪوٽ ۾ ادا ڪري چڪو هو، ڇاڪاڻ ته هاڻي هن کي ڪنهن به دغابازيءَ يا سازش جو شبهو ٿي نه پئي سگهيو، جو هو ڏسي پئي سگهيو، ته کيس ڇانوڻيءَ ڏانهن اچڻ جي دعوت ڏيڻ بدران، بالجبر ۽ طاقت جي زور سان اوڏانهن آڻي سگهجي ها.

جڏهن امام ڳڙهه تي قبضو ٿي ويو، تڏهن جنرل انهيءَ جي تسخير مان فائدو وٺڻ لاءِ، ميجر آئوٽرام کي پنهنجي ڪمشنر جي حيثيت ۾ خيرپور روانو ڪيو، ۽ اپر ۽ لوئر سنڌ جي وڳوڙي اميرن کي هڪ عام پڌرنامي جي ذريعي ويهين تاريخ تي انهيءَ شهر ۾ بذات خود اچي گڏ ٿيڻ، يا پنهنجن وڪيلن کي موڪلڻ جي دعوت ڏني ته جيئن نئين عهدنامي کي طئي ڪيو وڃي. لوئر سنڌ جي اميرن پنهنجن وڪيلن کي

موڪلڻ کان انڪار نہ ڪيو، پر انهن کي ڪونہ موڪليو. باقي اپر سنڌ جا امير دور رهيا. انهيءَ وچ ۾ ڪمشنر پنهنجي سفر دوران جڏهن رستم کي ريگستان جي سرحد وٽ سندس پراڻي چانوٽيءَ ۾ موجود ڏٺو، تڏهن هن کيس ساڻس گڏ جي خيرپور هلڻ ۽ ٻين اميرن جي وڪيلن سان گڏجي عهدنامي جي معاملي نبيرڻ لاءِ مدعو ڪيو. رستم، جنهن وٽ انهيءَ وقت ست هزار هٿياربند پوئلڳ ۽ ست توبون ساڻ هيون، ۽ جيئن تہ هو پنهنجن فسادي پٽن ۽ پائٽين سان قريبي رابطي ۾ هو، جن جي فوجن ۾ هو پنهنجون فوجون ملائي انهن کي وڌيڪ طاقتور بنائڻ وارو هو، ڪمشنر جي انهيءَ ڳالهہ تي دل ئي دل ۾ کلڻ لڳو. هن پنهنجن ماڻهن کي ڪمشنر جي نظرن کان دور رکيو، هڪ دفعو وري بہ اڳي وانگر ٽڪ هڻڻ جو بهانو بنايو، ميجر کي التجا ڪئي تہ هو پنهنجو سفر جاري رکي، ۽ هن سان وعدو ڪيو تہ هو ٻئي ڏينهن تي خيرپور پهچي ويندو. اهڙيءَ طرح هو انهيءَ ماڻهوءَ کي ٻيو دفعو بہ دوکو ڏيئي ويو، جنهن کي پنهنجي اعليٰ تر خوبين ۽ مهارت سان جنرل ۽ اميرن تي ضابطو رکڻو ۽ سندن رهنمائي ڪرڻي هئي، ۽ پوءِ اهو پوڙهو رئيس ڏکڻ طرف ڪوچ ڪري هليو ويو.

ڪمشنر طرفان انهيءَ ٺڳيءَ ۽ فريب کي، ناقابلِ فهم منطق سان علي مراد جي بري اثر سان منسوب ڪيو ويو، حالانڪ هو انهيءَ وقت ڪيئي ميل پري سر چارلس نيپئر سان گڏ ريگستاني علاقي ۾ هو، جڏهن تہ رستم پنهنجن دوستن ۽ عزيزن جي جهرمٽ ۾، ۽ پنهنجن هزارين بلوچن جي حفاظت ۾ هو! پر معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ وقت آئوٽرام جي فيصلي واري قوت ڪنهن جوشيلي خيال سبب پريشان ٿيل هئي ۽ هن جا رايا ۽ خيال حيرت انگيز طور بي ترتيب ۽ هڪٻئي سان بلڪل اڻ ٺهڪندڙ هئا، جيتوڻيڪ هو انهن لاءِ زوردار ۽ بار بار سفارش ڪري رهيو هو. هن کي جڏهن سنڌ ۾ سندس سياسي

عهدي کان محروم ڪيو ويو هو، اتان کان رواني ٿيڻ تي، جنرل کي وري سفارش ڪئي هئي ته علي مراد کي اعليٰ تر لياقت ۽ اهليت، عزت آبروءَ جي پختگيءَ ۽ انگريزن لاءِ اڻ لچڪندڙ وفاداريءَ جي خوبين جي مالڪ هئڻ جي حيثيت ۾ اعتماد ۽ اعتبار ڪرڻ گهرجي؛ ماڳهين وقت هن اميرن جي وزير، فتح محمد غوري جي بي اصول ماڻهوءَ، انگريزن سان اتحاد ڪرڻ جي مخالف ۽ دشمن هئڻ، ۽ هر طرح سان خطرناڪ هئڻ سبب مذمت ڪئي هئي. انهن ئي جذبن ۽ راين جو اظهار ڪندي، هو بمبئي هليو ويو، ۽ ڇهن هفتن کان پوءِ هو نئين معاهدي جي تفصيلن طئي ڪرڻ لاءِ جنرل جي ڪمشنر طور واپس آيو. هن وٽ، سنڌ مان سندس غير حاضريءَ دوران، انهن ٻن ماڻهن جي متعلق پنهنجا رايا تبديل ڪرڻ لاءِ نوس معلومات حاصل ڪرڻ جا ڪي به وسيلا موجود ڪين هئا، ۽ انهيءَ وقفي جي دوران انهن کان جيڪي به ڪم سرزد ٿيا هئا، سي سڀ ئي اهڙا هئا، جيڪي سندس پهرئين خيال جي منصفانه هئڻ جي تصديق ڪري رهيا هئا.

اڻ هوندي به، هاڻي رستم سان فقط ٻن ملاقاتن ڪرڻ کان پوءِ، جيڪي ٻئي انهيءَ پوڙهي جي ڪوڙن ۽ غلط بيانين سان نمايان هيون، ميجر آئوٽرام، بظاهر انهيءَ امير جي اختياريءَ تي، حيرت انگيز نموني ۾ ڦيرو کائي، علي مراد جي خلاف نهايت ئي زوردار نموني ۾ ڳالهائيندڙ، ۽ شديد مذمت ڪندڙ ٿي پيو هو. هن رستم جي خواهش تي اهڙي نازڪ وقت ۾، جڏهن سنڌ جي ٻنهي ملڪن جا سمورا امير خوف ۽ دشمنيءَ جي وچ ۾ لوڏا کائي رهيا هئا، سفارش ڪئي ته انگلستان جي دشمن، فتح محمد غوريءَ جهڙي عيار ماڻهوءَ کي، جنهن جو بلوچن جي مٿان اثر و رسوخ عام طرح سڀني کي چڱيءَ طرح معلوم هو، جنهن جي محمد شريف جي پڄاڻڻ ۾ شرڪت، خود ميجر آئوٽرام طرفان ثابت ڪئي ويئي هئي؛ ۽ اهڙو

اڃا اڻ جهڪيل هئا؛ هن انهيءَ متڪبرانه سختيءَ سان، جيڪا ڪاميابي ۽ فتح ماڻهوءَ کي عطا ڪندي آهي، شهزادن کي هي مشورو ڏنو ته آهي جنگ جي ڏڏڪي کي جذب ڪرڻ لاءِ نه ترسن؛ هن کين ڪونهيرا طرف پٺتي هٽڻ لاءِ چيو، جتي لوئر سنڌ جي سرحد سان لڳو لڳ هن جو هڪ قلعو موجود هو، جيڪو ريگستان جي حدن اندر هئڻ جي باوجود، ان ۾ پاڻيءَ جو ڪافي مقدار موجود هو. هن ميجر آئوٽرام کي خيرپور طرف سندس بي مقصد ڪم سان موڪلي، پنهنجي فوج جي حصي کي پاڻ سان گڏ وٺي، نهايت تيز رفتاريءَ سان روانو ٿي ويو. اتي پهچڻ کان پوءِ، جيئن ته هن جو حيدرآباد ۽ ميرپور جي اميرن سان قريبي تعلق هجي ها، انڪري هو سندن ارادي کي وڏيڪ آسانيءَ سان متاثر ڪري سگهي ها، ۽ انهيءَ وقت تائين پنهنجن بلوچن سان سلامتيءَ ۾ رهي سگهي ها، جيسين لوئر سنڌ جي لشڪر جو اجتماع، سڄي لشڪر کي گڏ جي ميدان ۾ نڪرڻ لائق بنائي ها.

اهڙي موقعي تي ڪو فوجي دماغ رکندڙ ماڻهو ريگستان ۾ پيشقدمي ڪرڻ، ۽ امام ڳڙهه کان پٺتي هٽندڙ انگريزن جي مختصر فوج کي گهيري منجهائي مارڻ جو مشورو ڏئي ها؛ پر انگريز جنرل هنن جي ڪنهن به اهڙي رٿا کي، جيڪڏهن انهن جي ذهن ۾ اهڙي ڪا رٿا هئي، ناڪام بنائڻ لاءِ دوراندیشي ڪندي، موٽڻ لاءِ پيو ئي رستو اختيار ڪيو هو. رستم جڏهن اپر سنڌ کي بلڪل ئي ترڪ ڪرڻ، ۽ پنهنجي گهراڻي ۽ هٿيار بند پوئلڳن جي اثر ۽ رسوخ کي حيدرآباد وارن اميرن جي وڏيڪ ويجهڙائي ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو هو، تڏهن هن ڪو غلط فيصلو نه ڪيو هو. اهي شهزادا امام ڳڙهه جي تباهه ٿيڻ تي نراس ۽ خوفزده ٿي پيا ۽ جيئن ته سندن سڀني مددگار سردارن جي فوجن کي لڙائي شروع ڪرڻ لاءِ هڪ هنڌ جمع ٿيڻ ۾ اڃا ٻن هفتن جي دير هئي، ان ڪري

اهي لچڪڻ ۽ لوڏا کائڻ لڳا، جيڪا ڳالهه عياش ۽ نشئي ماڻهن کان اهڙي سنگين بحران جي موقعي تي بلڪل قدرتي طور متوقع هوندي آهي. انهن اپر سنڌ وارن اميرن کي پاڳل ۽ چريو سڏيو، ۽ کين لوئر سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان منع ڪئي، ۽ هنن اجا به دو کي بازي ڪرڻ جي خيال کان، ڪمشنر سان ملڻ لاءِ پنهنجا وڪيل خيرپور ڏانهن موڪلي ڏنا ۽ اهو قدم اهڙو هو، جيڪو هنن اڳواٽ کڻڻ کان سختيءَ سان پرهيز ڪئي هئي. اپر سنڌ جا امير، جن پنهنجي دشمن جي قوت کي مذاڪرات ۽ فوجي چرپر، ٻنهي ۾ چڱيءَ طرح محسوس ڪري چڪا هئا، جن پنهنجا محلات ۽ آرام ده باغ باغيچا ترڪ ڪيا ۽ پنهنجن ”زنانن“ سان گڏ اٻهري سٺهري سفر جون صعوبتون سهي آيا هئا، جيڪي هن کان اڳيئي جنگجو ماڻهن کي پگهارڻ تي رکڻ ۾ پنهنجو گهڻو ئي خزانو خرچ ڪري کپائي چڪا هئا، ۽ جن کي انهن سڀني ڳالهين جي نتيجي ۾ نامرادين ۽ ناڪامين کان علاوه ٻيو ڪجهه پلئه نه پيو هو، سي اهي ڳالهيون ٻڌي وڏائيءَ، ڪاوڙ ۽ نفرت وچان سڙي پڇي ويا. جيئن ته انهن کي سخت قسم جي زندگي گذارڻ ۽ لٽ مار ڪرڻ جي شوقين بلوچن جي پٺڀرائي حاصل هئي ۽ اهي سندن آواز تي اچي گڏ ٿيا هئا، ۽ ڏاڍي جوش ۽ جذبي سان ڀريل هئا، انڪري هاڻي اهي صلح ۽ امن جي ڳالهه ٻڌڻ جا روادار نه هئا. هنن لوئر سنڌ جي اميرن کي چيو ته اهي رنج ٿين يا راضي، انهن کي ڪنهن به صورت ۾ گڏجي اتحاد ڪرڻو پوندو، ۽ پوءِ انهن ۽ اپر ۽ لوئر سنڌ جي سڀني سردارن، جيڪي به انهيءَ وقت تائين جمع ٿي سگهيا هئا، قسم کنيو ته اهي لعنتي فرنگين سان وڙهندا، ۽ علي مراد کي تباهه و برباد ڪندا.

انهيءَ بحراني صورتحال ۾، حيدرآباد وارن اميرن، دستور موجب، ٻٽو ڪردار ادا ڪيو. هنن لڙائي جي حامي جماعت جي خواهش کي قبول ڪندي، پنهنجن مددگار قبائلي

سردارن ۽ سنڌن پوئلڳن کي جلد از جلد وڃڻ پهچڻ لاءِ چوائي موڪليو، پر انهن ساڻ ئي ساڻ، پنهنجن ايلچين ۽ نمائندن کي سفيرن جو اعليٰ درجو ڏيئي ۽ اهڙيون سنڌون عطا ڪري، کين جاسوسن جون هدايتون ڏيئي ۽ فوجي اڳواڻن جا اختيار حوالي ڪري، انگريزن جي ڇانوڻي ڏانهن موڪلي ڏنو.

انهن نمائندن جي اچڻ سان سر چارلس نيپئر تي اهو تاثر قائم ٿيو ته اپر سنڌ ۾ به هن جون ڪوششون ائين ئي ڪامياب ٿينديون، جيئن لوئر سنڌ ۾ ٿيون هيون، ۽ کيس اها خاطري ٿي ته هاڻي هن کي ڳالهين جي ذريعي صلح سانت سان سڄي معاملي کي نبيرڻ گهرجي، پر هو غلطيءَ ۾ هو. هن کي انهيءَ وقت بلوچ جنگي جوانن جي متڪبرانه ۽ جرئت ڀري طبيعت، ۽ سنڌن جوشيلي همت جي ڪا ڄاڻ ڪانه هئي، ۽ نه ئي هن کي اهڙو ڪو علم هو ته اهي ماڻهو پنهنجن اميرن تي ڪيترو اثر ۽ رسوخ رکن ٿا، جن جي ڪمزور دلين ۽ ڍڄڻين طبيعتن کي هن پنهنجي خيال ۾ تمام گهٽ وزن ڏنو هو. انهيءَ ڪري هن تمام جلدي انهيءَ باري ۾ يقين ڪرڻ جي غلطي ڪئي، ڇاڪاڻ ته هن جي زوردار خواهش اها ئي هئي ته ائين ٿئي، ۽ هن ڪري به، جو ميجر آئوٽرام پنهنجن خيالن ۽ فتوائن ۾ حد کان زياده يقين رکڻ ڪري جنرل کي مسلسل اها خاطري ڏيندو رهيو ته هو آسانيءَ ۽ يقين سان اميرن کي فرمانبرداريءَ ڪرڻ تي آماده ڪري سگهندو، ڇو ته سندس راءِ مطابق، هنن کي لڙائي ڪرڻ جو ڪوئي شوق ڪونه هو. بهرحال، جنرل هنن جي مرضيءَ کي پرکڻ لاءِ هڪ پڌرنامو جاري ڪيو، جنهن ۾ هن انهن کان هڪ دفعو ٻيهر مطالبو ڪيو ته هو سندس ڪمشنر سان گڏجن، ۽ نئين عهدنامي جي خلاف کين جيڪي به اعتراض آهن، سي صاف طور ظاهر ڪن، ۽ اختلافي مسئلي تي قطعي ۽ يقيني فيصلو ڪرڻ لاءِ ان جو اظهار ڪن، يا مردانه وار جنگ جو

اعلان ڪن، ميدان ۾ نڪري اچن، ۽ اڄ تائين جيڪا غلط نموني جي ڪوڙي ٻه-طرفي راند ڪندا رهيا آهن، تنهن کي هاڻي ختم ڪن.

انهيءَ ڳالهه ڪو اثر پيدا نه ڪيو. اميرن، انگريزن جي فوج ۽ پنهنجن وحشي سردارن جي طرفن کان، ٻن مختلف قسمن جو خوف محسوس ڪيو، ۽ انڪري قدرتي طور هنن مؤخرالذڪر ڌر کي ذري گهٽ وڌيڪ خطرناڪ سمجهي، ان طرف لاڙو ڪاڌو؛ انهن جي خواهش ٻه لڙائي جي هئي، سندن ارادو به لڙائي ڪرڻ جو هو. هو انهيءَ ڳالهه کان فقط انهيءَ وقت دور ڀڄندا هئا، جڏهن شخصي خطرو سمجهندا هئا. ان هوندي به، هنن جا ڪافي تعداد ۾ اتحادي هنن کان اڳا ايڏو ته گهٽو پري هئا، جو هو فوري تصادم کان ڪترائي رهيا هئا، ۽ نيازمنديءَ جي هن ڍونگ سان، سندن مقصد انهيءَ وقت تائين مهلت حاصل ڪرڻ جو هو، جيسين هنن جا سمورا لشڪر هڪ هنڌ تي اچي جمع ٿين. جيئن ئي سندن جنگجو جوان انهن وٽ پهتا، تيئن ئي هنن جو خوف ۽ خطرو گم ٿي ويو، ۽ سندن غرور ۽ تڪبر اڀري آيو.

اها هئي سياسي صورتحال، جڏهن سر چارلس نيپئر جنوريءَ جي پوئين اڌ ۾ پير ابوبڪر وٽ پهچي، پنهنجي لشڪر سان وري وڃي مليو. هن جون فوجون، جن جو تعداد ذري گهٽ ٽي هزار هو، هاڻي پوري طرح سان منظم هيون. هن جو ساڄو بازو سنڌونديءَ وٽ هو، جنهن جي وسيع پيٽ تي سندس هٿيار بند جنگي جهاز ۽ جنگ ۽ رسد جو سامان موجود هو. هن جو ڏاٻو بازو ريگستان طرف هو، جتي هاڻي ويران جهنگ ۽ بيابان کان علاوه ٻي ڪابه شيءِ موجود نه هئي، جنهن تي امير ڪو آسرو ڪري سگهن ها. امڪان هو ته اهي پنهنجون فوجون وٺي انهيءَ ويران علائقي ۾ گهڙي پون، ۽ پوءِ اتان وڏو وڪڙ ڪائي، سندس بازوءَ وٽان لڪي

علي مراد جي علائقن ۾ وڃي پـون. ان جي بـاوجود، ڪيس انهيءَ باري ۾ ڪا پرواه ڪانه هئي، ڇو ته انهيءَ امير وٽ پنهنجي ڪافي طاقتور فوج موجود هئي، ۽ هو پنهنجي لاءِ انهيءَ خطري کان پوريءَ طرح باخبر هو. سکر ۽ روهڙيءَ ۾ موجود انگريزن جي فـوجن جي هن کي حمايت حاصل هئي، ۽ هو ٻين اميرن جـي سنڌ ونـديءَ جـي ساڄي ڪپ وارن قلعدارن سان اڳيئي جنگ ۾ مصروف هـو، جيڪي پنهنجن قلعن جي مضبوطيءَ تي جيڪي سڄي ملڪ ۾ پکڙيل هئا، آسرو رکي هن جي ڊل اڳاڙيندڙن جي مخالفت ڪري رهيا هئا. چنانچه، هو انهن سان لڙائي ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار هو، ۽ جيڪڏهن ڏکڻ کان آيل تازه دم فوجن جي پهچڻ سان، يا جيڪڏهن شاهه ڳڙهه واري طرف علي محمد جي اتي پهچڻ ڪري علي مراد ڪنهن طرح سان مغلوب ٿي پوي ها، تہ بہ بينگال واري ڊويزن ٿوري ئي وقت انـدر اتي پهچي سندس پوزيشن بحال ڪري سگهي ها.

ائين بہ نہ ٿي سگهي ها تہ امير درياءَ جي ساڄي ڪپ تـان پنهنجن فوجين کي سکر تي چاڙهي ڪو فـائـدو پرائي سگهن هـا، ڇاڪاڻ تہ هاڻي اها ڇانوڻي ڏاڍي مضبوط هئي. انهيءَ ڪري انگريزي فوج جي ڪارروائي جو رخ بلڪل سڌو ۽ سولو، سنهن سامهون هو، جڏهن تہ سندس ساڄو بازو جنگي جهازن جي موجودگيءَ ڪري محفوظ ۽ اچا بہ ڇئجي تہ ايترو طاقتور هو، جو اهو لشڪر دشمن جي ڏائي بازوءَ کي ڦيرو ڏيئي، ان جي پٺ لاءِ خطرو بڻجي سگهي ها. سچ آهي تہ انگريزي فوج جو ڏائو بازو کليل هو؛ پر اهو پاسو ريگستان طرف ئي کليل هو، جتي ڪئپٽن جيڪب جي قيادت ۾، جيڪو گهوڙيسوار فـوج جـي مـلازمت لاءِ مخصوص مـهـارت جـو مالڪ هو، سنڌ جـي گهوڙيسوارن وارو لشڪر موجود هـو، جنهن کي ريگستان ۾ ڪجهه اندر پهچائڻ سان، انهيءَ طرف

ڪان اوچتي حملي جي امڪان کي ختم ڪري سگهي ها. اهڙيءَ طرح فوجي اصولن جي نقطہ نظر کان فوج محفوظ مقام تي هئي، ۽ اتان کان اها ڪنهن بہ طرف ڏانهن پيشقدمي ڪرڻ لاءِ آزاد هئي؛ ايترو بہ هو، جو فوج سنڌوءَ کي پار ڪري سگهي ها، ۽ اڳتي وڌندي يا پٺتي هٽندي، ساڄي ڪپ تي پڻ جنگي ڪارروائي ڪري سگهي ها.

هاڻي اهڙو وقت اچي ويو، جو اميرن جي لشڪر جي تعداد يا سنڌن ارادن جي متعلق ڪابہ يقيني معلومات ۽ خبرچار نہ ٿي ملي سگهي، پر ان هوندي بہ هيءَ ڳالهہ بالڪل واضح ٿي ويئي تہ لوئر سنڌ جي اميرن جو مقصد فقط مناسب مهلت ملڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ هو، جڏهن تہ اپر سنڌ وارا جنگ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا هئا.

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي؛ تہ جنرل امامڳڙهہ ۾ موجود هوندي هڪ پڌرائي شايع ڪرڻ ذريعي سڀني اميرن کي دعوت ڏني هئي تہ اهي پاڻ شخصي طور يا پنهنجي وڪيلن جي معرفت سنڌ س ڪمشنر سان خيرپور ۾ اچي ملاقات ڪن. وڪيلن کي، البت پنهنجن مالڪن وٽان نئين عهدنامي طئي ڪرڻ لاءِ مڪمل اختيارات حاصل ڪري پوءِ اچڻو هو، نہ تہ انهن کي ڪانفرنس کان خارج ڪيو ويندو ۽ سندن آقائن کي دشمن قرار ڏنو ويندو. خيرپور ۾ جمع ٿيڻ لاءِ ٢٠- جنوريءَ واري تاريخ مقرر ٿيل هئي. انهيءَ مدت کي، بعد ۾ وڌائي ٢٥ ڪيو ويو، پر اپر سنڌ وارن اميرن پاران ڪوبہ ماڻهو ڪونہ آيو ۽ لوئر سنڌ وارن وٽان جيتوڻيڪ انهيءَ وقت تي وڪيل اچي پهتا، جڏهن فوج ريگستان کان واپس پهتي هئي، پر ان هوندي بہ فقط هڪ صوبدار جي وڪيل کي ئي مڪمل اختيارات حاصل هئا. انهيءَ ڪري جنرل، پير ابوبڪر ۾ ہ ڏينهن قيام ڪرڻ کان پوءِ، آهستي آهستي ڏکڻ طرف ڪوچ ڪيو، ۽ ائين ڪندي هن کي امن

۽ صلح جو ڪو آسرو ڪونہ هو، پر وري بہ هن طرح دليلبازي ڪرڻ سان صلح جي ڪجهہ اميد هيس:

”اڄ وقت وڃائي نٿو سگهان؛ گرميءَ جي موسم قريب اچي رهي آهي ۽ اڄ نٿو چاهيان تہ هي جهنگلي انگريزن جي فوجي طاقت کي حقارت وچان ڏسن. هنن جا ارادا مشڪوڪ آهن ۽ سندن چالت شڪ واري آهي؛ هٿيار بند ماڻهو هنن ڏانهن هر طرف کان تيزيءَ سان اچي رهيا آهن، انهيءَ ڪري سندن اصل حالت ۽ خيالن جي پڪ ڪرڻ لاءِ هنن کي ويجهو وڃڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ائين سچ آهي تہ، جيئن ٻڌڻ ۾ پيو اچي، لوئر سنڌ جي اميرن اپر سنڌ وارن سان ٻڌي ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، يا انهن کي سندن ملڪ اندر داخل ٿيڻ کان منع ڪئي آهي تہ پوءِ اهي سرحد وٽ موجود ملندا، جتي انهن تي سامهون کان حملو ڪري سگهبو، جڏهن تہ جيڪب ريگستان واري طرف کان سندن ساڄي بازوءَ تي حملو ڪري سگهندو. اسان جا دخاني جهاز انهن جي ڏائي بازوءَ طرف هوندا، جڏهن تہ حيدرآباد انهن لاءِ بند هوندي؛ پوءِ انهن کي جنگ جيتڻي پوندي يا اسان جي هٿان مري کپي وڃڻو پوندو، يا پيش پيل عهدنامي تي دستخط ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن هو اڪيلا ٿي ريگستان طرف ڀڄي ويندا تہ اتي هنن لاءِ پناهہ جي ڪا جاءِ ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ امامڳڙهہ تباهہ ٿي چڪو آهي. انهن کي لازمي طور اتر طرف وڃڻو پوندو، جتي کين علي مراد موجود ملندو، ۽ هن کان سواءِ انهن کي وڏيڪ انگريز فوجن سان وڙهڻو پوندو. بينگالي ڊويزن، درحقيقت فيروزپور طرف ڪوچ ڪري رهي آهي، پر هنن جي ڇڏيل ضلعن ۾ بهاول خان جي گهوڙيسوار فوج اسان جي اتحادين ۽ ساٿين جي حيثيت ۾ موجود آهي.“

هن جو اهو خيال بلڪل پورو ۽ ماهرانہ هو.

انهيءَ وچ ۾ لوئر سنڌ وارن وڪيلن کي سلامن، ۽ سنڌن پنهنجي موجودگيءَ کي دوستيءَ جي علامت طور قبوليت جو شرف ڏيئي واپس موڪليو ويو؛ ۽ جيئن تہ ڪنهن بہ اهڙي ڳالهہ کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهربو هو، جنهن جي نتيجي ۾ امن جي بحالي ممڪن ٿي سگهي ها، انڪري عهدنامي طئي ڪرڻ جي مدت پهرين فيبروريءَ تائين وڌائي ويئي. ميجر آئوٽرام کي، خود سنڌس تڪڙي ۽ زوردار درخواست ڪرڻ تي حيدرآباد وڃڻ جي اجازت ڏني ويئي، ڇو تہ هو اجا بہ وڏي اعتماد سان هن ڳالهہ جي دعويٰ ڪري رهيو هو تہ هو اميرن کي مطيع بنائي سگهندو. ان هوندي بہ جنرل پنهنجي پيشقدميءَ کي جاري رکيو، ڇو تہ سندس اهو خيال هو تہ اها ڳالهہ سندس ڪمشنر جي ڊپلوميسي جي ڪاميابيءَ ۾ مدد ڏيندي. ساڳي وقت هو اميرن کي اها هدايت پڻ ڪندو رهيو تہ هو مذاڪرات ڪن، ۽ هو هر وقت پنهنجي طرفان جنگ کي ٽارڻ ۽ ان کان بچڻ جي خواهش جو اظهار ڪندو رهيو.

”هاڻي تہ مون بااختيار وڪيلن لاءِ حد کان گهڻو وقت انتظار ڪيو آهي،“ هن ميجر آئوٽرام کي لکي موڪليو، ۽ ”آءٌ سمجهان ٿو تہ اوهان هاڻي حيدرآباد وڃي سگهو ٿا. جيڪڏهن اوهان سمجهو تہ ائين ڪرڻ سان رتوڇاڻ جي امڪان کي ٽاري سگهبو ۽ اميرن کي عهدنامي جي مسودي سان متفق ڪري سگهبو تہ انهيءَ ڳالهہ تي آءٌ اتفاق ڪرڻ بدران، ان کي تعلقات جي بحالي سمجهي سگهبو. مون کي هن ڳالهہ جو نهايت گهڻو اونو آهي تہ هو مقابلو نہ ڪن؛ مون کي يقين آهي تہ اهي هٿيارن جي طاقت سان مقابلو نہ ڪندا، پر آءٌ ان هوندي بہ ڪنهن اهڙي قدم کڻڻ کي نظرانداز نہ ڪندس، جنهن لاءِ توهان يا ڪو ٻيو اهو سمجهي ٿو تہ ان طرح جنگ جي خطري کي ٽارڻ ۾ مدد ملي سگهندي.

آءٌ ڀِنيان ٿو ته توهان گهڻو ڪري چڱو ڪم ڪندا ۽ اهو ڪم، انهيءَ رخ ۾ منهنجين سرگرمين جي ڪاميابيءَ لاءِ پڻ اوترو ئي چڱو ثابت ٿيندو“. ”منهنجي مرضي آهي ته توهان رستم کي لکي موڪليو ته جيڪڏهن هو منهنجي ڇانوڻيءَ ۾ ايندو ته آءٌ سندس سک ۽ آسودگيءَ لاءِ هر ضروري قدم کڻي سندس آجيان ڪندس“.

اهو خط ٢٩-جنوريءَ تي لکيو ويو هو. ٣٠-جنوريءَ تي هن هڪ دفعو وري ٻيهر عهدنامي تي دستخط ڪرڻ جي مدت وڌائي ٦-فيبروريءَ تي رکي، ۽ ميجر آئوٽرام ڏانهن هن طرح لکي موڪليو:

”مون حيدرآباد جي نمائندن سان ملاقات ڪئي آهي. مون هنن کي اوهان سان آتي ٦-فيبروريءَ تي ملڻ جو حڪم ڏنو آهي. توهان کي ان کان پوءِ، مون کي هڪدم ۽ سڌي طرح اهو ٻڌائڻو آهي ته اهي مير رستم ۽ ٻين اميرن جي بااختيار نمائندن کي پاڻ سان گڏ وٺي آيا آهن يا نه. جيڪڏهن انهن کي وٺي آيا آهن ته پوءِ آءٌ مذاڪرات جي نتيجي جو انتظار ڪندس؛ جيڪڏهن نه، ته ان صورت ۾ آءٌ ٦-فيبروريءَ تي انهن جي خلاف دشمن جي حيثيت ۾ پيشقدمي شروع ڪندس، پر آءٌ اهو سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ آماده آهيان، جنهن سان اميرن تي اها مصيبت نازل ٿيڻ کان ٽري سگهي، جيڪا هنن تي اوهان سان نه ملڻ جي حالت ۾ پڪ نازل ٿيندي“.

اميرن ڏانهن هن نرم ۽ دوستانه انداز ۾ خط لکي موڪليو، جنهن ۾ هن انهن طرفان وڪيلن موڪلڻ، ۽ ظاهري طور امن ۽ صلح جي خواهش رکڻ لاءِ سندن تعريف ڪئي؛ پر هن اپر سنڌ جي اميرن کي ٢٧ تاريخ تي هيٺين پڌرنامي ذريعي مخاطب ڪيو هو، جنهن ۾ انهن اميرن سان گڏريل ڏينهن ۾ ڪيل ڳالهين جو اختصار ڏنل هو:

”اي اميرؤ، مون کي اوهان سان نئون عهدنامو ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. اوهان صاحبن انهيءَ معاهدي جي مسودي کي زباني طور منظور ڪيو هو، پر عملي لحاظ کان اوهان مخالفت ڪرڻ لاءِ فوجون جمع ڪيون. توهان کي انهن فوجن کي منتشر ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو؛ توهان انهن کي منتشر نہ ڪيو؛ توهان عهدنامي جي مسودي کي منظور ڪرڻ جي بهاني مون سان دوکو ڪرڻ چاهيو؛ توهان ائين سمجهو تہ گرم موسم اچڻ تائين، جڏهن انگريزن جي فوجن لاءِ جنگي ڪارروائي ڪرڻ ممڪن نہ رهندي، توهان معاملي کي ڊيگهہ وٺائي وقت ڪڍي ويندا. توهان ائين سمجهو تہ پوءِ توهان بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي، اسان تي چئني طرفن کان آزاديءَ سان حملو ڪري سگهندا. جيڪڏهن اسان گرميءَ اچڻ کان اڳ ئي اوهان تي حملو ڪيو، تہ توهان پانيو تہ تيستائين ڪافي دير ٿي ويندي، ۽ ان صورت ۾ توهان طاقت جي ذريعي اسان کي روڪڻ جو فيصلو ڪيو؛ لڙائي ۾ هارائڻ جي صورت ۾ توهان ريگستان ۾ پنهنجي لاءِ پناهگاهہ موجود سمجهيو. جيڪڏهن اسان توهان جي مرضيءَ واري وقت تائين ترسون ها، ۽ انهيءَ رستي کان ڪوچ ڪريون ها، جنهن جي توهان کي توقع هئي، تہ پوءِ جو خيال بلڪل صحيح هو. پر اسان پنهنجي وقت کي ترجيح ڏني، ۽ پنهنجي مرضيءَ مطابق رستو چونڊيو. اسان اوهان جي ريگستان ۾ ڪوچ ڪيو، ۽ توهان جي بارود جي ذخيري ۽ اناج کي ناس ڪيو، ۽ انهيءَ قلعي کي بہ تباهہ ڪيو، جنهن ۾ توهان جي اجائي اميد مطابق، سلامتيءَ سان رکيل هئا، اسان ريگستان کان موٽيا آهيون، ۽ جنگ شروع ڪرڻ لاءِ اسان وٽ اڃا ٽن مهينن جي مدت موجود آهي. پر آءٌ جنگ کان بچڻ چاهيان ٿو. انهيءَ ڪري مون توهان کي پنهنجي ڪمشنر ميجر آئوٽرام سان هن مهيني جي ۲۵ تاريخ تي ملڻ جي خواهش ڪئي. اها ملاقات نئين عهدنامي جي شرطن جي مسودي تي

تبادله خيال ڪرڻ، ۽ انهن ڪـي توهان صاحبن طرفان، بلڪل اوهان جي مرضيءَ مطابق، قبول يا رد ڪرڻ جي فيصلي بدڻ لاءِ رکي ويئي هئي. پر نتيجو ڇا نڪتو آهي؟ اوهان صاحبن نه ته منهنجي خـط جـو ڪو جـواب مـوڪليو آهـي، ۽ نـه پنهنجن نمائندن کي اختيار ڏيئي منهنجي ڪمشنر سان ملڻ لاءِ موڪليو آهي. توهان جي اها روش انهيءَ حڪومت جي بيعزتي آهي، جنهن جو آءٌ ملازم آهيان. سون اوهان کي چيو ته جيڪڏهن توهان ائين ڪندا ته مان اوهان جـي علائقن تي قبضو ڪندس. پر منهنجو مقصد اهو آهـي تـه گورنر جنرل جي حڪم جـي تعميل ڪندي، رتوڇاڻ ۽ لڙائي کي ٽاريان. انهيءَ ڪري مان اچا بـه توهان کـي پهرين فيبروريءَ تائين وقت ڏيـان ٿو تـه انهيءَ تائين پنهنجن وڪيلن کـي منهنجي هيڊڪوارٽـر ڏانهن موڪليو، ۽ اهـا اميد ڪريان ٿـو ته تـوهان پنهنجي انهيءَ غـيـر دانشمندانـه روش جـو ازالـو ڪندا، جنهن جـو اوهـان هن وقت تائين ارتڪاب ڪندا رهيا آهيو، جنهن جو سون کي ڏک آهي. بهرحال، منهنجي فوجي ڪارروائي پوءِ بـه جاري رهندي، پـر توهان جـو شخصي احترام ڪيو ويندو. پهرين فيبروريءَ جـي ڏينهن تائين توهان کي دوست سمجهيو ويندو، پر انهيءَ ڏينهن گذرڻ بعد مان انهن سڀني کي دشمن سمجهندس، جيڪي پنهنجن وڪيلن کي سون سان ملڻ لاءِ نه موڪليندا.

”اي اميرؤ، توهان ائين سمجهو ٿـا تـه توهان انهيءَ وقت تائين دير مدار ڪري سگهندا، جڏهن توهان سخت اونهاري ۾ انـگريزي فوج کي ميدان مان پڇاڙي ڪيندو، ۽ انهن کي سکر ۾ پناهه وٺڻ لاءِ مجبور ڪندو. توهان پنهنجي ريگستان ۾ اعتماد رکيو، پـر توهان ان ۾ دوکـو کـاڌو. توهان پنهنجي موتمار گرميءَ تي اعتماد ڪريو ٿا، ۽ ممڪن آهي ته اچا بہ توهان دوکو کائي وجهو. مان توهان کي هن کان پوءِ ٻيو خط نـه لـکندس، ۽ نـه ئـي انهيءَ اختياريءَ کـي، جنهن جي آءٌ

نمائندگي ڪري رهيو آهيان، توهان جي آڏو ٽنوليءَ جو ذريعو ٻڌائيندس. پر آءٌ توقع ڪريان ٿو تہ هيءُ پڌرنامو توهان کي بزدليءَ واري پاليسي تي هلڻ بدران، مردانگي واري طريقه ڪار اختيار ڪرڻ تي آماده ڪندو".

۳۱-جنوريءَ تي فوج نوشهري فيروز پهتي، جيڪو شهر اپر سنڌ جي ڏاکڻين سرحد تي واقع، علي مراد جي علائقي ۾ آهي. اتي پهچڻ تي، جنرل کي ٻڌايو ويو تہ اپر سنڌ وارا امير، نيٺ آڻ مڃڻ لاءِ تيار ٿيا آهن. اها ڳالهہ ڪوڙي هئي، پر ان هوندي بہ، هو انهن کي خود پنهنجي تشدد جي نتيجن کان بچائڻ لاءِ ايتريقدر تيار هو، جو هن انهيءَ موقعي کي غنيمت ڄاتي، هڪدم لارڊ ايلنبرو تي زور آندو تہ عهدنامي جي مسودي ۾ انهن شرطن کي نرم ڪيو وڃي، جيڪي سندس خيال ۾ هنن جي مالي ذريعن تي وڌيڪ بار وجهي رهيا هئا، ائين بہ نظر نٿو اچي تہ ڪو هن جي انهيءَ درخواست کي نامنظور ڪيو وڃي ها، جيڪڏهن اهي افسوسناڪ واقعا هڪٻئي جي پٺيان ايڏيءَ تيز رفتاريءَ سان رونما نہ ٿين ها، جن انهيءَ کان پوءِ هر قسم جي ناهم جي ڳالهين جو خاتمو آڻي ڇڏيو.

## فيبروري ۱۸۴۳ع

نوشهري ۾ هن جزوي طور پنهنجن يورپي فوجين لاءِ رسد جو سامان پهچائڻ، ۽ گهٽي ڀاڱي اميرن کي ميجر آئوٽرام سان پنهنجا معاملا طئي ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ لاءِ، پنج ڏينهن قيام ڪيو. اهڙيءَ طرح هن عهدنامي ڪرڻ لاءِ ٽيون دفعو وقت وڌايو. پر هاڻي ميجر آئوٽرام طرفان عجيب و غريب نموني جي، ۽ بلڪل نئين ڊپلوميسي شروع ڪئي ويئي، ۽ انهيءَ گهڙيءَ کان وٺي، جڏهن هو امام ڳڙهہ مان سر چارلس نيپئر کان علحده ٿيو، ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي هلت ۾ هڪ طرح جي آزادي حاصل ڪئي، مياڻيءَ جي جنگ ختم ٿيڻ تائين، جڏهن

هن وري سنڌ ڇڏي، اهڙي هلت شروع ڪئي، جنهن سڀني کي حيران ڪري وڌو.

هن جو پهريون قدم اهو هو،* جو هن شرپسند غوريءَ کي آزاد ڪرڻ جي تجويز ڏني هئي، ۽ ان سان گڏو گڏ هن علي مراد جي خلاف سخت غصي واري ٻولي استعمال ڪئي هئي؛ ڇڻ ته انهيءَ امير جي انگريزن سان ڪيل اتحاد سان وفاداري هن جي نظرن ۾ ڪو سنگين ڏوهه هو. ان کان پوءِ، هن جو ٻيو قدم، اميرن کي معاهدي ڪرڻ لاءِ، پڌرنامي ۾ مقرر ڪيل وقت کان وڌيڪ وقت ڏيڻ هو؛ يقيناً، اها ڳالهه منظور ڪئي ويئي، ۽ ان کي موزون قرار ڏنو ويو؛ پر هن کان انهيءَ سلسلي ۾ ڏينهن مقرر ڪرڻ وسري ويو، جنهن ڳالهه اميرن کي اڻ ڄاڻايل مدت تائين دير مدار ڪرڻ لاءِ موقعو ڏيئي وڌو، تان جو جنرل طرفان انهيءَ غلطيءَ جو ازالو ڪيو ويو. ان کان پوءِ هن عهدنامي جي مسودي جي هڪ اهڙي اهم شرط ۾ ترميم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي، جيڪو لارڊ ايلنبرو طرفان ارادتاً ائين پيش ڪيو ويو هو. ان طرح هو پنهنجي مقرر ڪيل ڪم جي حدن کي اورانگهي نڪتو جيڪو، فقط ايترو هو ته هو تفصيلن ۽ انگن اکرن جو معاملو نبيري ۽ نه عهدنامي ۾ اصلاح ڪري.

انهن ڳالهين ۾ جڏهن سر چارلس نيپئر طرفان هن کي درست ڪيو ويو، تڏهن هن اهو ڏسي ته لوئر سنڌ جا امير هاڻي پنهنجا وڪيل موڪلي رهيا هئا، ۽ اپر سنڌ جا امير انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوتاهي ڪري رهيا هئا، هن اڪيلي سر ئي ثالث ڪرائينڊڙ جي حيثيت ۾، حيدرآباد وڃڻ جي تجويز پيش ڪئي، ۽ پنهنجي ڪاميابيءَ جي پڪ ڏني، پر ائين ڪرڻ ۾ هن ڪو به خطرو محسوس نه ڪيو، ۽ ائين سمجهيو ته سڀڪجهه

* ڏسو پوئين ڀاڱي جو ضميمو، باب-٦

ٿيڪ ٺاڪ ٿي ويندو. درحقيقت، شخصي خطرو ڪيڏو به وڏو هوندو هو، پر هن انهيءَ ڪان ڪڏهن به نه ڪيٻايو. جنرل جيئن تہ وڏيڪ سوچ ويچار وارو ۽ دوررانديش ماڻهو هو، انڪري هن ڪي انهيءَ ڳالهہ ۾ دغابازيءَ جو شڪ پيو، جنهنڪري هن ۲۲ ڪوئينس ريجمينٽ جي هڪ هلڪي دستي کي سنڌ ۾ حفاظت خاطر موڪلي ڏنو؛ هو تہ اڃا وڏيڪ هڪ سؤ ماڻهن کي، جيڪي انهيءَ وقت صحتياب ٿيڻ بعد آرام ڪري رهيا هئا، موڪلي ڏئي ها، پر آرڊرن جي جاري ٿيڻ ۾ ڪجهہ غلط فهمي پيدا ٿي پئي. بهرحال، هن جي انهيءَ دوراندیشيءَ ڪمشنر جي جان بچائي وڌي.

ٺاهم جي ڳالهين ڪرڻ جي جاءِ جي انهيءَ تبديليءَ لاءِ سر چارلس نيپئر طرفان بي دليءَ سان منظوري ڏني ويئي؛ ۽ اها سرڪاري مفاد لاءِ بلڪل انهيءَ طرح نقصانڪار ثابت ٿي، جيئن ميجر آئوٽرام جي سڀني انهن تجويزن سان نقصان ٿيو، جن جي منظوري ڏني ويئي؛ ۽ جن جي منظوري نہ ڏني ويئي، تن جي نتيجي ۾ جيڪا سڄي فوج جي تباهي ٿئي ها. اهڙيءَ طرح اميرن کي مهلت جا پنج ڏينهن ڏنا ويا، پر اها دير ڏاڍي عذاب سان برداشت ڪئي ويئي؛ ان جي باوجود انسان دوستي جي کليل ثابتي ۽ فراخدليءَ جي ظاهري علامت هئي، ۽ ان مان سر چارلس نيپئر کي هن دليل جي آڌار تي پارليامينٽ جي شڪرادائي کان محروم ڪرڻ لاءِ، تہ هو انصاف جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪندي، بلڪل ظالماني انداز ۾ زوريءَ جنگ ڪرڻ لاءِ ڪمربستہ ٿي بيٺو هو، لڳاپيل الزامن جي غير منصفانہ نوعيت ثابت ٿئي ٿي. هن جنگ لاءِ بلڪل ڪوشش نہ ڪئي، بلڪ اها هن تي زوريءَ مڙهي ويئي. گروه بنديءَ کي سچ يا معقوليت لاءِ نہ اکيون هونديون آهن ۽ نہ ڪن؛ ۽ نہ وري ان کي حسد ۽ بغض کان علاوه ٻيءَ ڪنهن ڳالهہ جو ڪو شعور هوندو آهي. جنرل اميرن جي

ڪوڙن وعدن ۽ اعلانن، چاٽي پڄهي ڪيل ڏيرمدار، ۽ سفارتي سطح جي ڳالهين کي انهيءَ وقت تائين ڍگهي ڪرڻ جي ڪوشش جي چالاڪين جي آرپار سندن اصل ارادن کي خوب ڏسي رهيو هو، جيسين سچ پنهنجي پوري آب و تاب ۾ اچي موتمار شدت سان تپش پيدا ڪري. هن جي اڳيان جنگي ڪارروايون ڪري سگهڻ لاءِ گهربل وقت جا فقط ڇهه هفتا وڃي رهيا هئا، جن ۾ هو سلامتيءَ سان ميداني ڪارروائي ڪري پئي سگهيو. انهيءَ وقت ئي گرمي سخت پريشان ڪندڙ هئي، ۽ روزانو وڌي رهي هئي. ان هوندي به هن انهن دغاباز ماڻهن کي، سندن چالاڪين ۽ دوکيبازين کان انڌي ٿيڻ کان سواءِ، پنجن ڏينهن جي مهلت فقط صلح لاءِ پنهنجي دلي محبت، ۽ امن امان جي اميد وچان ڏني، جنهن کي هو جنگ ۾ هوند تمام وڏن فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم آڻي سگهي ها.

هن کي آخر ڪهڙي ڳالهه فوج کي جبري پيشقدمي ڪرائڻ کان روڪي رهي هئي، جڏهن ته هن سان جنگي جهاز به ساڻ هئا، جن ۾ هو پنهنجن بيمار ماڻهن ۽ رسد جي سامان کي ڪڻائي سگهي ها؟ هن کي اميرن جي اڌوري جمع ٿيل لشڪر تي آفت بڻجي ڪڙڪڻ ۽ حيدرآباد جي فصيلن هيٺان انهن کي شڪست ڏيڻ کان ڪهڙي ڳالهه روڪڻ واري هئي؟ امن جي خواهش ۽ ڪوڙي شان کان نفرت هئڻ کان سواءِ ٻي ڪا به ڳالهه ڪانه هئي! انصاف ۽ انسان دوستيءَ جي خيال ۾ طاقت محسوس ڪندي، پنهنجي لياقت جي شعور ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهندي، اخلاقي مضبوطيءَ ۾ پختگي رکندي، هن پنهنجي سر تي خطرو ڪٽي به، ڪنهن به خوف ۽ خطري کان متاثر نه ٿيندي، پنهنجي ڌڪ کي آخري گهڙيءَ تائين روڪيو، حالانڪ اهو خطرو اهڙي نوعيت جو هو، جو انتهائي دلير ماڻهن کي به ڏڪائي وجهڻ لاءِ ڪافي

هو، ۽ ان کان سواءِ ائين ڪرڻ سان هن پنهنجي حڪومت کي جنگ جي خطرن ۽ قباحتن جي خوفناڪ ذميداري پڻ پنهنجي مٿان هموار ڪئي. ان جي باوجود، ڪمانڊر انچيف جي حيثيت ۾ اهو ئي هن جو پهريون حملو هو.

اميرن جون سموريون ڪارروايون دغابازيءَ واريون هيون. انهن کي فقط پنهنجي سڄي لشڪر جي جمع ٿيڻ لاءِ مهلت حاصل ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪوبه خيال ڪونه هو ۽ اهو لشڪر فيبروريءَ جي اڌ کان اڳ ۾ گڏ نه ٿي پئي سگهيو، ۽ جنگ کي انهيءَ وقت تائين پٺتي ڪرڻ لاءِ هنن ڪنهن به ڪوڙ، دغابازي، سازش، يا جرئتمنديءَ واري تشدد کان ڪم وٺڻ کي نه ڇڏيو. ميجر آئوٽرام سان سر چارلس نيپئر جي خط و ڪتابت چورائي ويئي؛ رستم ۽ سندس پٽن ڪمشنر کي مضحڪه خيز خط ۽ اجايا بهانا لکي موڪليا؛ هنن کيس گمراه ڪرڻ جي مقصد سان هن کي پنهنجن ارادن ۽ لشڪر جي تعداد بابت غلط ڳالهيون لکي موڪليون؛ ۽ هنن کيس واقعي گمراه ڪري ڇڏيو، پر ايلچين جا بيان بلڪل واضح، غير مبهم ۽ يقيني هئا، ۽ سڀ اميرن ۽ ميجر آئوٽرام جي بيانن کان متضاد ۽ هڪٻئي سان مطابقت رکندڙ هئا. مختلف قبيلن جا جنگي جوان، خواه اهي ڪيترو به پري هئا، حيدرآباد طرف ڪوچ ڪرڻ جي تيارين ۾ هئا، يا سچ پچ ڪوچ ڪري چڪا هئا؛ اپر ۽ لوئر سنڌ جا سڀ ئي شهزادا، جارحانه خواه مدافعانه ڪارروائي لاءِ قريبي رابطي ۾ هئا. ملڪي ماڻهن عام طور اعلان ڪيو ته جيڪڏهن اميرن انگريز جنرل جو مقابلو ڪيو ته پوءِ سڄي سنڌ ۾ هڪ زبردست هنگامو برپا ٿيندو. جاسوسن جا بيان اجهي اهي هئا.

دغاباز صوبدار، ٻين سڀني کان ذلالت ۾ گوءِ کڻندي، خفيه طور هاڻي، جنرل کي وڪيل هٿان چوائي موڪليو ته هن ٻين اميرن سان فقط ظاهري طور اتحاد ڪيو آهي، پر هن جو

ارادو ڪين ڏوکي ڏيڻ جو آهي؛ هن چوائي موڪليو ته هو انگريزن جو پڪو دوست آهي، ۽ جڏهن جنگ شروع ٿيندي، تڏهن سنڌس پنجن هزارن جي فوج پنهنجن بيخيال هموطنين جي مٿان وڃي ڪڙڪندا ۽ انهن کي انگريزن سان ملي قتل ڪندا. جنرل ڪاوڙ ۾ ورجي سندس وڪيل کي چيو ته "هن کي وڃي چئه ته مون کي ڪنهن به بلوچ لشڪر جو خوف ڪونهي. مون کي مدد جي ضرورت ڪانهي؛ آءٌ دغابازن ۽ غدارن کان نفرت ڪريان ٿو. جيڪڏهن مون کي هن جا ماڻهو ميدان ۾ نظر آيا ته آءٌ انهن تي دشمن وانگر حملو ڪندس. مون کي غدارن سان پيار ڪونهي."

٦-فيبروري جو ڏينهن مهلت جو آخري ڏينهن هو، ۽ ٥-فيبروريءَ تي حيدرآباد وارن وڪيلن چوائي موڪليو ته رستم ڪمشنر سان حيدرآباد ۾ ملڻ جو وعدو ڪيو آهي، پر اها چالاڪي بالڪل بيهودي هئي. سر سي. نيپئر جواب ڏنو ته اميرن ۽ خاص طور رستم جي وعدن جي ڪيس ايتريقدر گهٽي خبر هئي، جو انهن تي ڪوبه اعتبار ڪري نٿو سگهجي، ۽ انهيءَ ڪري هن جهڙيءَ طرح ڌمڪي ڏني هئي، ٻئي ڏينهن تي نوشهري کان ڪوچ ڪيو. ان هوندي به هن پهرين ڏينهن تي فقط اٺ ميل پيشقدمي ڪئي، ڇاڪاڻ ته ڪيس اڃا اها اميد هئي ته سندس پيشقدمي جو اثر، آخرڪار هنن کي وري به نوائي وجهندو.

هاڻي گرمي ڏاڍي تيزيءَ سان وڌي رهي هئي، ۽ انهيءَ ئي ڏينهن جنرل کي سندس ايلچين منجهان هڪ جي ذريعي معلوم ٿيو ته رستم واقعي حيدرآباد ويو هو، جڏهن ته سندس پٽ فقط پندرهن سو مسلح ماڻهن سان ڪونهيرا ۾ ترسيل هئا. البت انهن وٽ ست توبون هيون ۽ انهن جي جانبازن سان اڪثر فقط موڪل تي پنهنجن گهرن ڏانهن ويل هئا، ۽ اهو وعدو ڪري ويا هئا ته اهي هڪ گهڙيءَ جي اطلاع تي

واپس موٽي ايندا. اهو پڻ ٻڌڻ ۾ آيو ته ميرپور جو حاڪم سنڌن لشڪر کي پاڻ وٽ رهائڻ ۽ کين عمرڪوٽ جو قلعو جنگي مرڪز ۽ هٿيارن جي ذخيري لاءِ ڏيڻ جو ارادو ڪري رهيو هو. پوءِ جنرل ميجر آئوٽرام کي لکي موڪليو ته ”ائين نٿو ٿئي. اپر سنڌ جي اميرن جي هٿياربند ٽولن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ بابت گورنر جنرل جا احڪامات واضح آهن. مون وٽ وڌيڪ وقت وڃائڻ لاءِ ڪونهي. خود منهنجون فوجون گرميءَ سبب جلد ئي منتشر ٿينديون. مان هي ٽڌا ڏينهن وڃائڻ نه ٿو چاهيان.“

پوءِ پلا توهان خيرپور جي اميرن کي هيئن چئو:

”توهان کي ڊسمبر ۱۸۴۲ع ۾ چيو ويو هو ته توهان پنهنجن هٿياربند ٽولن کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو، پر توهان انهن کي پاڻ وٽ رکيو ۽ اڃا به انهن کي رکندا پيا اچو. هاڻي انهن کي فورن منتشر ڪريو، نه ته مان انهن تي حملو ڪندس.“

حيدرآباد وارن اميرن کي هن طرح چئو:

”جيڪڏهن توهان اپر سنڌ جي هٿياربند ٽولن کي پنهنجي علائقي ۾ گڏ ٿيڻ جي اجازت ڏيندا ته مان توهان کي به دشمن سمجهندس؛ ۽ جيڪڏهن توهان انهن کي پنهنجي ريگستان واري عمرڪوٽ جي قلعي ڏانهن وڃڻ ڏيندا ته پوءِ مان اڳ ۾ حيدرآباد تي ڪاهه ڪندس ۽ پوءِ عمرڪوٽ تي! توهان پنهنجن اپر سنڌ جي مائٽن کي مهمانن طور پاڻ وٽ بيشڪ رهائي سگهو ٿا، پر نه انگريزن جي دشمنن جي حيثيت ۾.“

جهاز رانيءَ جي ڪجهه دشوارين سبب، ميجر آئوٽرام ۸ - فيبروري کان اڳي حيدرآباد نه پهچي سگهيو. هن وٽ انهيءَ موقعي تي ڪئپٽن ويلس جي ڪمان هيٺ فقط ٽيهه سپاهي ذاتي محافظن طور ساڻ هئا. ۲۲ ڊويزن جي لائيٽ ڪمپني ان کان ٽي ڏينهن بعد ۾ اتي پهتي. هن جي پهرين خط ۾ سندس هيءَ

پختي راءِ بيان ڪيل هئي ته اميرن کي جنگ ڪرڻ جو ڪو به ارادو ڪونه هو. ان هوندي به هن تسليم ڪيو ته هو پنهنجي ريگستاني قلعي، عمرڪوٽ ۾ اناج جو ذخيرو ڪري رهيا هئا، ۽ ڏاڍي لپاڙ هٽي رهيا هئا. انهيءَ تي جنرل طرفان بلڪل صحيح طرح هيءَ ڳالهه چئي ويئي ته جڏهن ماڻهو سٺ هزار هٿياربندن جي قيادت ۾ ڌاڙون ۽ لپاڙون هڻندا رهن، تڏهن انهن ٽن هزارن ماڻهن لاءِ، جيڪي سندن زد ۾ هجن، اهڙي صورتحال ڪا مذاق واري ڪانهي.

هاڻي هڪ ڏکي ڪانفرنس منعقد ڪئي ويئي، جنهن ۾ اميرن، رستم جي موجودگيءَ ۾ ڏاڍو رنو پٽيو، ۽ زور شور سان انهن سڀني ڪمن ۽ خطن کان انڪار ڪيو، جيڪي ڪين نئين عهدنامي جي مسودي پيش ڪرڻ کان اڳي، سندن خلاف ثابت ڪيا ويا هئا. انگريزن لاءِ اچا به ڏاڍي دوستي هئڻ جو ڍونگ رچائيندي، هنن رستم کي رئيس جي پڳ تي بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو، هنن چيو ته سندس محرومي ئي نئين معاهدي جي دستخط ٿيڻ جي راهه ۾ اڪيلي رڪاوٽ هئي. انهيءَ ڳالهه جي ڪين چڱيءَ طرح خبر هئي ته خود سندن قاعدن ۽ رسمن مطابق، ائين نه ٿو ٿي سگهي، جنهنڪري اها ڳالهه اجائي بحث ۽ گسر ڪرڻ جو يقيني بهانو هئي.

هنن جو انهيءَ ڳالهه تي به زور هو ته جنرل کي پنهنجي پيشقدميءَ ۾ دير ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته سندن چوڻ هو ته هيءَ طرح بلوچ جنگبازن کي سڄي ملڪ اندر دوست خواه دشمن کي لٽڻ ۽ ڦرڻ کان روڪڻ ناممڪن ٿي پوندو. اها ڳالهه هن حقيقت جو اعتراف هو، ته سندن اڳوڻن اعلانن جي باوجود هنن واقعي تمام گهڻي تعداد ۾ هٿياربند ماڻهن جا ٽولا جمع ڪيا هئا، ۽ سندن اها تياري جنگ کان علاوه ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه لاءِ ڪانه هئي.

انهن کي فتح ڪيئن نہ حاصل ٿي ها؟ هنن جي مقابلي ۾ فقط ٻي هزار فوج هئي، جن مان بہ يورپي سپاهي فقط پنج سؤ مس هئا! افغانن تہ ويهن هزار ماڻهن سان وڏيڪ تعداد ۾ انگريز ماريا هئا؛ ۽ افغان بلوچن جا مد مقابل بہ ڪين هئا، پوءِ اهي ڪهڙيءَ طرح شڪست کائين ها؟

انهن سمجهيو تہ هنن پنهنجين سابق سازشن، نيم فرمانبردارين تمام گهڻين غلط بيانين، ۽ پنهنجن پوئلڳن کي چڙوچڙ ڪرڻ جي ڊونگ بازين ذريعي، ڏاڍي چالاڪيءَ سان انگريزن جي هڪ ننڍڙي لشڪر کي سنڌن رزرو فوجن کان گهڻو دور تنها پوزيشن ۾ آڻي پنهنجي رحم و ڪرم تي پهچايو هو؛ هنن جو رحم ڪهڙي قسم جو هجي ها، تنهن جي سڀني کي خبر آهي. هنن طئي ڪري ڇڏيو هو تہ فتح حاصل ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي انگريزي حڪومت سان وابستہ هرهڪ مرد، عورت ۽ ٻار کي جنگ جي ميدان ۾ گڏ ڪري انهن جا گلا ڪاٽيا ويندا ۽ اهڙيءَ طرح "اسان ان کي مشهور ڪنداسين". ڪين فقط اڪيلي جنرل کي پڄائڻو هو، تہ جيئن هن جي نڪ ۾ ناڪولي وجهي، ۽ ڪيس زنجير سان گهلي فتح ۽ نصرت جا ڏنڪا وڄائيندي دربار ۾ پهچايو وڃي. انهيءَ حالت ۾ هن کي سنڌن محلات جي پٽ سان انهيءَ وقت تائين سنڌن طاقت ۽ انتقام جي نشان طور ٻڌي رکڻو هو، جيستائين هن ۾ ساهہ باقي هجي ها. فقط اڪيلي نصير انهيءَ قسم جي سخت هلت جي خلاف احتجاج ڪيو، پر جڏهن سنڌس احتجاج تي ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو ويو، تڏهن هن اها تجويز ڏني تہ نڪ واري ناڪولي سوني هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اها ڪجهہ گهٽ بيعزتي واري ٿيندي. "هرگز نہ"، وحشي شهداد قسم کڻي چيو، "لوهہ جي، ۽ اها بہ وزنائتي!"

اميرن انهيءَ ذهني ۽ جذباتي حالت ۾ هئڻ دوران ميجر آئوٽرام ۽ سندس ڪل ٽي آفيسرن کي ١٢ تاريخ شام جو

۽ غير محتاط هوندو، جنهنڪري هنن ڪمشنر کان وڌيڪ وڏي شڪار ڦاسائڻ جي توقع ڪئي. پر صلح لاءِ هليل ڳالهين جي سڄي سلسلي، ۽ خصوصاً دربار واري هن نازڪ معاملي ۾، ميجر آئوٽرام طرفان جنهن غير دانشمنديءَ جو مظاهرو ڪيو ويو، تنهن کي پڙهندڙ هن جي روزنامچي ۽ جنرل سان ڪيل خط و ڪتابت جي هيٺين بيان جي مطالعي ذريعي وڌيڪ واضح نموني ۾ بهتر طور سمجهي سگهندا، جنهن ۾ هن جنرل ۽ سڄي فوج جي تباهي ۽ بربادي‌ءَ آڻڻ لاءِ ايتري سادگي، ڪليل دل ۽ زور شور سان ڪم ڪيو هو، جو ان جو بيان خود سندس اختياري کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به چوڻ سان اعتبار جوڳو نه سمجهيو ويندو.

هو انهن شهزادن سان مصالحت ڪرڻ لاءِ هليو آيو، جن لاءِ فقط سورهن ڏينهن اڳي هيٺين لکيو هو: ”منهنجو ارادو اهو آهي ته آئينده مان ڪنهن به مسئلي تي ٻنهي ڌرين جي موجودگيءَ ۾ ڳالهيون ڪريان، ۽ اهڙيءَ طرح صورتحال کي ڪجهه حد تائين روڪي وجهان، جيڪا هنن جي هڪٻئي جي پرپٺ الزام لڳائڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪري پيدا ٿئي ٿي“. ”آءٌ يقيناً بيزار ٿي چڪو آهيان، ۽ بنا ڪنهن شڪ جي، توهان به هنن جي انهن خسيس سازشن کان، جيڪي هڪ ڀاءُ ٻئي ڀاءُ جي خلاف، پٽ پيءُ جي خلاف ڪري رهيو آهي، بيزار ٿي پيا هوندا ۽ هن ڳالهه تي مون کي ڏک ٿو ٿئي ته اسان کي اهڙن بدمعاشن جي هٿن ۾ رانديڪو بڻجي رهڻو پيو آهي؛ جاڪاڻ ته اسان ڪٿي ڪهڙي به نموني سان قدم کڻنداسين، يقيناً هڪ نه ٻيءَ ڌر جي هٿن ۾ ڪيڏنداسين؛ چنانچه ان جو هڪ ئي علاج اهو آهي ته ملڪ تي اسين پاڻ قبضو ڪريون“.

هن پنهنجي اهڙي تازه ترين جذبات جي اظهار ڪرڻ جي باوجود، اميرن جي صلح پسنديءَ جي سلسلي ۾ ڪيل دعوائن، ۽ امن جي خواهشن جي اظهار تي وري به اعتبار ڪيو؛

رشوت ڏيئي خراب ڪيو هو، ۽ جيڪو اڳيئي انهن سان خط و ڪتابت ڪري رهيو هو، نه وري هن جي اعتماد ۾ خيرپور جي اميرن طرفان هن شرط کان سواءِ سنڌن وڪيلن موڪلڻ کان انڪار ڪرڻ تي لوڏو آيو ته رستم جي پڳ واري حق کي نقصان پهچڻ نه ڏنو ويندو. هن اميرن سان ايتريقدر به وعدو ڪيو ته هو فوج جي پيشقدمي ۽ آمد ۾ دير مدار ڪرڻ لاءِ پنهنجو اثر و رسوخ استعمال ڪندو، جيڪو دراصل هنن جو دلي مقصد هو، جو محرم جي اچڻ ڪري هنن جي لشڪرن کي هڪ مرڪز ۾ جمع ٿيڻ ۽ انگريزي فوج جي مقابلي ڪرڻ ۾ دير ٿي ويئي هئي.

هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي، انهن ئي شهزادن جي هٿان دوکي ۾ ايندو ڏسڻ ڏاڍي خطرناڪ ۽ پوائتي ڳالهه هئي، جنهن جي هٿان ايڏيون عظيم ذميداريون هيون، جنهن پاڻ انهن جي دغابازي ۽ ڪوڙ جو تورو ئي وقت اڳ ۾ لفظن ۾ بيان ڪيو هو. انهيءَ موقعي تي حيدرآباد ۽ انگريزي فوج جي درميان جيڪي ٻه ڳوٺ هئا، سي سڀ انهن بلوچن سان پريا پيا هئا، جيڪي اميرن طرفان جنگ ڇيڙڻ جي اشاري ملڻ جا منتظر هئا، قبيلن جا قبيلا ملڪ جي انتهائي ڏورانهن هنڌن کان ڪوچ ڪري رهيا هئا. مشرق ۾ عمرڪوٽ جي آس پاس ٿهليل ريگستان جا رهاڪو، ڏکڻ ۾ ڪراچيءَ جي آس پاس رهندڙ جوکيا، اتر طرف شڪارپور جي پريان ٽاڪرو علائقن جا مري، بگٽي ۽ چانڊيا، سڀ حرڪت ۾ اچي چڪا هئا. اهي سڀ ماڻهو، جيڪي هڪٻئي کان چار سؤ ميل پري رهندڙ هئا، جن ۾ بلوچ جي نالي کان علاوه ٻيو ڪوبه رابطو ڪونه هو، ۽ جيڪي فقط اميرن جي پڳهاردار هئڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به تعلق ۾ نه هئا، سڀ هڪ ئي مرڪز ڏانهن پيشقدمي ڪري رهيا هئا. اهي سڀ ظاهر ظهور فرنگين سان لڙائي ڪرڻ جي ارادي جو اظهار ڪري رهيا هئا، ان جي باوجود

ڪمشنر جون ڳالهيون قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. هن جو جواب هيءُ هو: ”مون کي پراڻن عهدنامن تي بحث ڪرڻ جو ڪو اختيار ڪونهي، پر ان هوندي بہ آءٌ لارڊ ايلنبرو کي اهي سڀ ڳالهيون لکي موڪليندس، جيڪي اهي چئي رهيا آهن، ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ، هنن سان انصاف ٿيندو؛ پر مون کي يقين آهي تہ اسان کي هنن سان هن وقت اها ڳالهہ ڪرڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ هو انهيءَ ڳالهہ تي بحث مباحثي جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ڪري ڏيندا. هن وڌيڪ چيو تہ ”توهان اميرن کي چئو تہ انهن جي طرفان بلوچن تي ضابطو نہ ڪري سگهڻ وارو پيش ڪيل دليل، ڪنهن بہ ٻيءَ حڪومت کي سندن حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ ڪافي وزنائتو بهانو مهيا ڪري ٿو.“

ساڳي وقت، ميرپور واري شير محمد وٽان جنرل کي جڏهن هڪ خط مليو، جنهن ۾ هن پنهنجي طرفان بي آراميءَ جي اظهار ڪرڻ جو ڍونگ ڪيو هو، تڏهن جنرل کيس هيٺين خاطريءَ ذريعي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي:

”منهنجي معلومات ۾ اوهان جي طرفان دشمنيءَ جو ڪو بہ ڪم نہ ڪيو ويو آهي، عهدنامي ۾ اوهان جي نالي جو ڪو بہ ذڪر ڪيل ڪونهي، نہ وري اسان کي توهان جي ڪنهن بہ علائقي تي قبضي ڪرڻ، يا توهان کي ناراض ڪرڻ جي ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ارادو آهي. انگريز سرڪار پنهنجن دوستن سان نہ، بلڪ دشمنن سان جنگ ڪندي آهي.“

ميجر آئوٽرام ڏهين تاريخ تي هيٺ لکي موڪليو تہ خيرپور جي اميرن عهدنامي جي مسودي تي دستخط ڪرڻ جي وعدي ڪرڻ کان پوءِ، محرم هئڻ سبب، انهيءَ ڪم کي ٻارهين تاريخ تائين ملتوي ڪيو هو. هن اهو بهانو قبول ڪيو، ۽ وري عرض ڪيو تہ فوج کي قيام ڪرائڻ وڃي، ڇو تہ هن

چيو تہ ڪيس يقين آهي تہ رستم ۽ سندس گهراڻي طرفان عهدنامي تي آخرڪار صحيحون وڌيون ويندڀون. اهو امير، بهرحال، گذريل ٻن مهينن کان وڌيڪ وقت کان وٺي لڳاتار ائين ڪرڻ جو وعدو ڪندو رهيو هو، پر هن ان تي عمل ڪونہ ڪيو هو. پر هاڻي، ڪمشنر پنهنجي طرفان حد کان زياده اعتبار جو مظاهرو ڪندي، جنرل تي زور ڀريو تہ هو پنهنجي لشڪر کي ڇڏي، اڪيلي سر حيدرآباد هليو اچي! هن مٿس اهو زور ڀريو تہ هو ويهن هزار هٿياربند بلوچ جانبازن جي وچ ۾ اچي، جن مان اٺ هزار جنگجو بلوچ شهر ۾ موجود هئا، ۽ سڀ جوش ۾ ڀريل ۽ وڙهڻ تي آماده هئا! ۽ اهو سڀ ڪهڙي مقصد لاءِ؟ محض هن لاءِ تہ جيئن ڪيس اهڙيءَ طرح هن ڳالهہ جو اطمينان ٿي سگهي تہ سندس فيصلي کان وڌيڪ هن جي ڪمشنر جي راءِ بهتر ۽ وڌيڪ صائب هئي!

يارهين تاريخ تي ميجر آئوٽرام چوائي موڪليو تہ خيرپور جا امير انهيءَ ڏينهن پنهنجن وڪيلن جي معرفت عهدنامي جي قبوليت تي صحيحون ڪرڻ ۽ مهرون لڳائڻ وارا هئا؛ گويا اهو ڪو اڳتي قدم هو، حالانڪ رستم اها رسم بہ مهينا اڳي ادا ڪري چڪو هو. ان کان پوءِ هن نون انتظامن ڪرڻ جي تجويزن ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو، ۽ انهن سان گڏ هن رستم جي فائدي ۾ اهڙي ٻوليءَ ۾ دليل ڏنا، جيڪا علي مراد جي حق ۾ نقصانڪار هئي، ۽ اها هن جي مستقل عادت بڻجي ويئي هئي.

هن چيو تہ رستم جي گهراڻي وارن شهزادن جي هٿ هيٺ ڪونهرا ۾ جيڪي هٿيار بند بلوچ جمع ٿيل هئا سي، انهيءَ امير جي چوڻ مطابق، محض سندن ضروري ۽ لازمي خدمتگار ۽ محافظ، يعني فقط ٻارهن سؤ ماڻهو هئا! ۽ جيڪي بہ انتهائي ضروري ۽ لازمي ڪين هئا، تن سڀني کي ڪڍيو ويو هو، ۽ جيڪي بہ انهن وٽ باقي بچيل ماڻهو هئا، تن جي

دلين ۾ ڪنهن جي لاءِ به دشمنيءَ جا جذبات موجزن نه هئا. ان کان سواءِ، هن اهو به چيو ته حيدرآباد وارن اميرن کيس يقين ڏياريو هو ته هنن پنهنجن سمورن دستن ڏانهن هڪدم ڇڙوڇڙ ٿيڻ لاءِ نوان حڪم موڪليا آهن، پر سنڌن خيال هو ته هنن جي پهرئين حڪم کان پوءِ ڪي به ماڻهو ٽولن جي صورت ۾ باقي رهيل ڪين هئا؛ هن اهو عجيب و غريب خط، جنهن ۾ علي مراد جي جذبن ۽ مفادن جي خلاف انتهائي اڻوڻندڙ مواد پڙيل هو، رستم جي هڪ نوڪر هٿان موڪلڻ جو ارادو ڪيو، حالانڪ هن فقط ٻه هفتا ئي اڳي دعويٰ سان چيو هو ته اهو امير، علي مراد جي پڳهاردار جاسوسن ۽ ٺڳن ۾ وڪوڙيل، ۽ پوريءَ طرح سنڌن قبضي ۾ آهي! انهيءَ طرح هو انهن کي سڌيءَ طرح هن ڳالهه جو موقعو ڏيئي رهيو هو ته هو اهو خط جنرل کي پهچائڻ بدران، عليءَ کي پيش ڪن، جنهن جي نتيجي ۾ هو خوفزده ٿي انگريزن جي اتحاد کي ڇڏي وڃي ها!

اهو خط، محض هڪ حادثي جي نتيجي ۾ رستم جي نوڪر جي حوالي ٿيڻ کان بچي ويو؛ ۽ ميجر آئوٽرام امير جي انهن دعوائن ۾ پنهنجي اعتماد ۽ يقين کي زوريءَ پين تي مڙهڻ لاءِ ايتريقدر آتو هو، جو هن انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي هڪ ٻيو خط لکيو، جنهن ۾ هن زور ڏيئي چيو ته ڪونهرا ۾ جمع ٿيل بلوچ شهزادن جي گورائن جا لازمي ۽ ضروري خدمتگار ۽ محافظ هئا. انهيءَ ڳالهه تي اعتبار ڪرائڻ لاءِ رستم جي فڪرمندي به بي بنياد ڪانه هئي. ڪونهرا، اتر اوير طرف حيدرآباد کان سٺ ميلن جي مفاصلي تي هو؛ سڪرنڊ، اتر طرف اوتري ئي پنڌ تي حيدرآباد کان پري هو. چنانچه هيءَ ڳالهه صاف ظاهر هئي ته انگريزي فوج، سڪرنڊ کان پيشقدمي ڪري ڪونهرا تي وڏي آسانيءَ سان ڪڙڪي سگهي ها، جتي رستم جي چوڻ مطابق، فقط ٻارهن سو خدمتگار نه، بلڪ

ست هزار مسلح بلوچ جانباز موجود هئا، ۽ انهن وٽ ست توبون، هڪ قلعو ۽ انگريزي فوج جي خلاف دلين ۾ دغا ۽ بد ارادا پڻ موجود هئا. انهيءَ وچ ۾ اهي هٿياربند ماڻهو، جن لاءِ حيدرآباد وارن اميرن چيو هو ته کين ڇڙوڇڙ ڪيو ويو آهي، سي ان جي برعڪس انهيءَ شهر جي اتر ۾ هڪ ڇانوڻيءَ ۾ گڏ ٿي رهيا هئا. پورا ٽيهه هزار ماڻهو گڏ ٿي چڪا هئا ۽ اهي مياڻيءَ جي ميدان ۾ جنگ ڪرڻ جي پوزيشن اختيار ڪري، ان ۾ هن اميد تي مورچا ٺاهي رهيا هئا ته اٺن ڏينهن جي اندر گهٽ ۾ گهٽ وڏيڪ پنجويهه هزار ماڻهو اتي پهچندا. ڪراسٽس جي ڏينهن کان وٺي اڄ تائين ڪنهن به تهذيب يافته ماڻهوءَ کي اهڙيءَ طرح اڻ سڌريل ۽ وحشي ماڻهن طرفان دوکي ۾ نه آندو ويو ۽ نه ان تي ٺٺولي ڪئي وئي، جهڙيءَ طرح ميجر آئوٽرام تي.

انهيءَ وچ ۾، انگريزي ڇانوڻيءَ جي حالات اميرن جي امن پسنديءَ ۾ ميجر آئوٽرام جي يقين کان عجيب نموني ۾ متضاد صورت اختيار ڪئي. آسپاس جا سمورا ڳوٺ هٿياربند ماڻهن سان پريا پيا هئا، جيڪي انگريز آفيسرن کي ڌمڪائي ۽ بيعزت ڪري رهيا هئا؛ روزانو سوين بلوچ جانباز انگريزي فوج جي ڏائي بازوءَ وٽان ڦيرو ڏيندا، ريگستاني علائقي جي ڪناري وٽان حيدرآباد طرف ويندا نظر اچڻ لڳا. جنرل اهو خيال ڪري، ته انهن ماڻهن سان ڪن وٽان اميرن جي اصل مقصدن جي خبر ملي سگهندي، جيڪب کي حڪم ڏنو ته سندس ڇانوڻيءَ وٽان جيڪي به هٿياربند لنگهڻ جي ڪوشش ڪن، تن کي گرفتار ڪيو وڃي، جلد ئي پنجويهن سردارن، جيڪي پوريءَ طرح هٿياربند ۽ گهوڙن تي سوار هئا، انگريزي ڇانوڻيءَ جي عين وچ مان لنگهڻ جي گستاخي ڪئي، جيڪب انهن کي روڪيو، ۽ جيئن ته انهن هٿيار پيش ڪرڻ يا هيڊ ڪوارٽر ڏانهن هلڻ کان انڪار ڪيو، تنهنڪري هن وڏيڪ

شرارت جو موقعو ڏيڻ لاءِ راضي نه ٿيندي، اهو سڄو معاملو جنرل اڳيان پيش ڪيو، جنهن انهن کي قيدي بڻائي سندس روبرو آڻڻ لاءِ هڪ فوجي دستو ڏياري موڪليو. اهي سڀ مري قبيلي جا سردار هئا، جن جو جابلو اڏو شڪارپور جي اتر الهندي وارين ٽڪرين ۾ سوين ميل پري هو. انهيءَ قبيلي جو لٽ سردار، حيات خان پڻ انهن قيدين مان هڪ هو؛ هن اهو بهانو ڪيو ته هو سندس اڳوڻين خدمتن جي صلي ۾ اميرن کان معاوضو وٺڻ لاءِ وڃي رهيو هو، ان جي باوجود، جڏهن ڪيس پهرين ڀيري جنرل جي سامهون پيش ڪيو ويو؛ تڏهن هن عجب مان پڇيو، "تون مون کي ڇو ٿو روڪين؟ تو کان فقط ٻه ڪوهه پري جيڪو ڳوٺ آهي، تنهن ۾ ڇهه سؤ هٿياربند بلوچ موجود آهن؛ دراصل، هر هنڌ ڪيئي مسلح بلوچ ڦهليل آهن!"

بهرحال، هن جي تلاشي وٺڻ تي، هن وٽان حيدرآباد واري امير محمد خان طرفان لکيل خط نڪتو، جنهن هميشه کان مڪمل طور نيازمندي ۽ فرمانبرداري ۽ انگريزن سان دوستي جي جذبي هئڻ جو اعتراف ڪيو هو، ۽ جنهن نصير ۽ صوبدار سان گڏجي فقط هڪ هفتو اڳ نمائندن جي وسيلي خط موڪليا هئا، جن ۾ هنن جنرل کي خاطري ڏني هئي ته "رستم طرفان سندن علائقن ڏانهن ڪيل چرپر ۾ هنن جو ڪوبه واسطو ڪونه هو ـ ته ڪونهرا ۾ موجود سندس ماڻهو محض ضروري گهربل خدمتگار هئا ـ ته هو انگريزي فوجن جي پيشقدميءَ کي ناجائز سمجهي ان جي مذمت ڪن ٿا، ۽ جنرل طرفان ٩-فيبروريءَ تائين نوشهري ۾ قيام ڪرڻ لاءِ ڪيل وعدي کي وفا ڪرڻ جو مطالبو ڪن ٿا."

اهڙو ڪوبه وعدو نه ڪيو ويو هو؛ انهيءَ شهر کان ڪوچ ڪرڻ جي تاريخ، علي الاعلان ٦-فيبروري مقرر ڪئي ويئي هئي؛ ٩-تاريخ تي اهو ڏينهن هو، جيڪو اصل ۾ اميرن

طرفان سندن سمورن لشڪرن جي جمع ٿيڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو، ۽ آهي واقعي انهيءَ ڏينهن تي گڏ ٿين ها، پر وچ ۾ جو محرم جي تقريب اچي ويئي، تنهن انهيءَ اجتماع کي روڪي وڌو، جاڪاڻ تہ اميرن پنهنجي مهم جي رٿابندي ڪندي، انهيءَ تقريب کي وساري ڇڏيو هو. اهو خط محض پنهنجن نمائندن کي شڪ شبهي کان ڍڪڻ جو ذريعو هو، جڏهن تہ انهن پنهنجا اصلي خط مري قبيلي وارن جي جبلن ڏانهن موڪلي ڏنا هئا، جن مان هڪ هاٿي حيات خان جي جامہ تلاشيءَ مان برآمد ٿيو. خط ۾ ڏنل حڪم واضح ۽ اهم هو:

مري قبيلي جي سردار ڏانهن موڪليل خط محمد خان طرفان لکيل هو، جنهن ۾ هن اطلاع ڏنو هو تہ هو ٩- تاريخ تي بلوچن جي لشڪر سان اتر طرف پيشقدمي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو، پر هو پنهنجون رٿائون مرتب ڪرڻ لاءِ مياڻيءَ جي ميدان ۾ داخل ڪندو؛ ۽ حيات خان کي پنهنجي قبيلي جي هر اهڙي ويڙهوءَ کي ساڻ وٺي اچڻ جي هدايت ڪئي، جيڪو ترار، ڍال يا بندوق کڻي سگهڻ جهڙو هجي؛ ٻئي خط ۾ هن کي نصيحت ڪئي ويئي هئي تہ هو پنهنجي ارادي ۾ مضبوط ۽ وفادار رهي، ۽ سندس نمائندي غلام شاهہ جي حڪمن جي پيروي ڪري، جنهن ۾ جنرل جي اظهار موجب، جاسوس، ايلچي ۽ پرتي ڪندڙ آفيسر جون خوبيون گڏيون ويون هيون، انهيءَ کان پوءِ اميرن جي اصل مقصدن بابت ڪو بہ شڪ شبهو باقي نہ بچيو هو، پر ان جي باوجود ميجر آئوٽرام وري بہ اعتبار ڪندو ئي رهيو.

١٢ - تاريخ تي، جڏهن ڪيس عهدنامي تي رسمي طور دستخط ڪرائڻ لاءِ سڀني اميرن سان ملڻو هو، تڏهن هن انهيءَ صبح جو دربار منعقد ٿيڻ کان اڳي هيٺيون خط لکي موڪليو:

”هي احمق توهان جي فوجن جي حيدرآباد ڏانهن مسلسل ٿيندڙ پيشقدميءَ جي نتيجي ۾ انتهائي خوفزده آهن، حالانڪ هنن عهدنامي کي قبول ڪيو آهي، جنهن لاءِ ڪين اميد هئي

تہ ان جي دستخط ٿيڻ کري توهان جي فوجن جي پيشقدمي رڪجي ويندي. جيڪڏهن توهان هالا کان اڳتي وڌي ايندا، تہ پوءِ هو پنهنجي خوف سبب پنهنجن ماڻهن جي انبوهن کي پنهنجي ۽ پنهنجن خاندانن جي بچاءَ ڪرڻ جي ارادي سان جمع ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پوندا، ڇو تہ سنڌن خيال اهو هوندو تہ اسان هنن جي فرمانبرداري ۽ آڻ مڃڻ جي باوجود، ڪين تباه و برباد ڪرڻ جو پڪو ارادو رکون ٿا. مون کي اميد آهي تہ توهان پنهنجين فوجن کي هن طرف وڌيڪ اڳتي آڻڻ کي ضروري نہ سمجهندا، ڇاڪاڻ تہ مون کي انديشو آهي تہ اها ڳالهہ اميرن کي توهان جي انهن حڪمن جي، جن ۾ توهان ڪين پنهنجن فوجي دستن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ، يا انهن کي جمع نہ ڪرڻ لاءِ چيو هو، برعڪس عمل ڪرڻ تي مجبور ڪري وجهندي، ڇاڪاڻ تہ انهن سڀني کي ڪالهہ منتشر ڪيو ويو، اهڙيءَ طرح هو اسان کي ساڻن وڙهڻ لاءِ مجبور ڪري وجهندا."

هيءَ ڳالهہ حد کان زياده واضح آهي تہ اهو عجيب و غريب خط پوري سوچ سمجهہ سان نہ لکيو ويو هو. هن ڳالهہ تي ڪهڙيءَ طرح يقين ٿي پئي سگهيو تہ هزارن جي تعداد ۾ آيل اهڙا غريب، خونخوار ۽ جنگجو قسم جا ماڻهو، جيڪي سوين ميل پري رهندي بہ شڪار ۽ ڦرلٽ جي مال جي ڳولا ۾ اتي اچي سهڙيا هئا، ۽ سي بہ وري مذهبي تعصب رکندڙ جنوني، هڪ هٿ جي اشاري سان ڇڙوڇڙ ٿي واپس وڃي پئي سگهيا ۽ وري ٻئي هٿ جي هڪ لوڏي سان واپس اچي جمع بہ ٿي پئي سگهيا. اهو ناممڪن هو تہ اهڙن طاقتور ۽ مغرور سردارن سان اهڙي قسم جا زنانا امير انهيءَ طرح معاملو طئي ڪري پئي سگهيا. ۽ جيڪڏهن اميرن کي جنگ ڪرڻ جو ڪو ارادو ڪونہ هو، تہ پوءِ صوبدار طرفان اڳ ۾ ڏنل انهيءَ تجويز جي معنيٰ ڪهڙي هئي تہ هو جنگ هلندي پنهنجن

ماڻهن کان سندن سائين تي حملو ڪرائيندو؟ عين انهيءَ موقعي تي جڏهن ميجر آئوٽرام اهو خط لکي رهيو هو، تڏهن مَري سردار حيات خان کي مٿي بيان ڪيل خطن سميت جهليو ويو هو، جيڪي هن جي جامه تلاشيءَ مان نڪتا هئا. مياڻيءَ جو سڄو ميدان جنگجو ماڻهن جي ڪٽڪن سان ڀريو پيو هو، جيڪي انهيءَ ميدان کي ڪوڏرين ۽ بيلچن سان لڙائي لاءِ تيار ڪري رهيا هئا؛ ۽ ٻئي طرف، سنڌونديءَ جي ساڄي ڪپ واري علائقي کان آيل لغاري قبيلي جا اٺ هزار ماڻهو درٻار ۾ ڪمشنر جي قتل ٿيڻ جي انتظار ۾ هئا، ته جيئن اهڙو اشارو ملڻ سان هو ريزيڊنسيءَ تي حملو ڪري محافظ دستي جي هرهڪ ماڻهوءَ کي ڳيا ڳيا ڪن.

ان کان سواءِ اهو بيان حقيقتن خواه راين جي نقطہ نگاه کان پڻ سڄو غلطين سان ڀريل هو. ڇاڪاڻ ته سڀ کان اول، سڀني اميرن عهدنامو قبول ڪونہ ڪيو هو؛ ۽ جن اهو قبول بہ ڪيو هو، سي سڀ نيون فوجون ڀرتي ڪري ۽ پناهگير شهزادن جي لشڪرن جو خرچ ڀري رهيا هئا. هيءَ ڳالهہ اميرن کي بہ پوريءَ طرح معلوم هئي؛ ۽ انگريز ڪمشنر کي بہ پوري طرح معلوم هئڻ گهرجي ها ته فوج پيشقدمي نہ ڪئي هئي، پر اها انهيءَ ڇانوڻيءَ ۾ مقيم هئي، جتي آن خود سندس عرض ڪرڻ تي انهيءَ هنڌ قيام ڪيو هو.

آئوٽرام جو خط ١٢ تاريخ تي ٻنپهرن مهل روانو ڪيو ويو ۽ ساڳي ڏينهن ٣ وڳي مهل هن وري هڪ ٻيو خط لکيو، جنهن ۾ هن چيو ته انگريز فوج جي ٢٢-لائيٽ ڪمپنيءَ جي وارد ٿيڻ ڪري هر طرف بي آرامي ۾ اضافو ٿي ويو آهي- ۽ سندس اها مرضي آهي ته کيس هن ڳالهہ چوڻ جو اختيار ڏنو وڃي ته انگريزن جي فوج اڳتي بلڪل نہ وڌندي- هن اميرن جي اڳيان پنهنجي انهيءَ اميد جو اظهار ڪيو هو ته جيئن ته هنن جنرل جي سڀني مطالبن جو پورائو ڪري ڇڏيو هو،

انڪري اها ائين نہ ڪندي. هن پنهنجي انهيءَ ارادي ڪان بہ مطلع ڪيو تہ هو هن ڳالهہ لاءِ پنهنجي شخصي ضمانت ڏئي تہ فوج ڪي ڪنهن بہ نقصان ڪرڻ جو اراد و ڪونهي؟ ۽ هن انهيءَ باري ۾ شڪايت ڪئي تہ ڪيس ڪنهن بہ اهڙيءَ ڳالهہ جي پڪي طرح ضمانت ڏيڻ جي آزادي نہ ڏني ويئي هئي، جنهن ڪي هو موزون ۽ مناسب سمجهي ٿو؛ ٻين لفظن ۾ چئجي تہ ڪيس انهيءَ عظيم معاملي ڪي هلائڻ ۽ طئي ڪرڻ جو مڪمل اختيار ڪونہ هو، جڏهن تہ هر ڏينهن جو هرڪلاڪ انهيءَ ڪم جي ڪنهن بہ حصي ڪي پوري هوش ۽ حڪمت سان هلائڻ جو نااهل ثابت ڪري رهيو هو. هو پنهنجي انهيءَ خواهش ڪي مسلسل طور دهرائڻ ڪان مطمئن ڪونہ ٿي رهيو هو تہ فوج پيشقدمي نہ ڪري؛ هن پنهنجي انهيءَ عجيب و غريب مشوري ڪي وري بہ ورجايو تہ جنرل پنهنجين فوجن ڪي ڇڏي اڪيلي سر حيدرآباد هليو اچي. سندس چوڻ هو تہ ان طرح سندس اهو قدم ”هر قسم جي شڪ شبهي ڪي دور ڪري ڇڏيندو.“ جنهن تي جنرل پنهنجي دستوري ڇيندڙ طنز سان چيو، ”يقيناً، اهو قدم سمورا شڪ ۽ شبها دور ڪري ڇڏيندو، ۽ ان سان گڏ ئي منهنجو سر بہ منهنجن ڪلهن ڪان دور پيو هوندو!“ وري ميجر آئوٽرام حقيقتن جي نقطهٔ نگاه ڪان بہ غلط هو. اميرن سمورا شرط شروط پورا نہ ڪيا هئا؛ هنن پنهنجون فوجون منتشر نہ ڪيون هيون؛ سٺ هزار ماڻهو، درحقيقت انگريزي لشڪر جي سامهون، بازن ڪان ۽ پٺيان، هٿيارن پنوهارن سان تيار موجود هئا، جڏهن تہ انگريزن جي فوج هڪ قدم بہ اڳتي نہ وڌي هئي. نہ ئي اپر سنڌ وارن اميرن عهدنامي تي سچ پچ صحيحون ڪيون هيون؛ هنن فقط ائين ڪرڻ جو وعدو ڪيو هو، ۽ ايتري ڳالهہ تہ هنن ٻہ مهينا اڳي ڪئي هئي.

ڪمشنر، انهن خطن سان آخري خط روانو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن سمورن فوجي آفيسرن سان گڏجي درٻار ۾ ويو، جتي اميرن، خيرپور واري نصير کان سواءِ، پورين رسمن ۽ دستور مطابق عهدنامي تي صحيحون ڪيون، ۽ پنهنجون مهرون لڳايون. خيرپور وارو نصير پاڻ اتي حاضر ڪونه هو، پر هن جي مهر لاءِ وعدو ڪيو ويو، دستور مطابق علي مراد جي خلاف رستم جي شڪايتن ۽ تڪليفن کي گفتگوءَ جو مکيه موضوع ۽ احتجاج جو بهانو بنايو ويو ۽ ميجر آئوٽرام پنهنجي رپورٽ ۾ علي مراد جي خلاف ڳارين سان گڏ، انهيءَ پوڙهي امير جي مفاد لاءِ زوردار سفارش ۽ دليلبازي ڪئي.

١٣- تاريخ تي، هن حالات جو هيٺئين طرح بيان ڪيو:

”ماڻهن جي جوش ۽ جذبي جو جيڪو مظاهرو مون ڪالهه ڏٺو، تنهن مان مون کي ائين ٿو نظر اچي ته اميرن کي سندن ذلت آميز نيازمنديءَ، فرمانبرداري ۽ آڻ مڃڻ لاءِ، جنهن کي اهي لائين ئي سمجهن ٿا، ۽ جنهن کي اهي ڌاڙي جي نالي سان سڏين ٿا، لعنت ملامت ملي رهي آهي. جڏهن کان وٽي آءٌ سرڪاري حيثيت سان سنڌ ۾ آيو آهيان، ته درٻار کان رواني ٿيڻ کان پوءِ، قلعي جي صدر دروازي کان ٻاهر نڪرڻ تي ڪالهه رات پهريون دفعو ماڻهن جي هڪ وڏي انبوه طرفان منهنجو استقبال ڪيو ويو. سڄي آباديءَ طرفان زوردار آواز ۾ فرنگين کان نفرت جو اظهار ڪرڻ لاءِ نعرا بلند ڪيا ويا ۽ ساڻ ئي هڪ مخصوص قسم جي دانهن ڪئي ويئي، جنهن ۾ سڀني ماڻهن گڏجي آواز ملايو، جنهن جو مطلب مون انهيءَ وقت ته ڪونه سمجهيو، پر پوءِ مون معلوم ڪيو آهي ته اها سندن ڪنهن وليءَ جي نالي ۾ فرنگين جي خلاف فرياد هئي. جيتوڻيڪ درٻار ۽ قلعي جون سموريون گهٽيون ماڻهن جي انبوهن سان ڀريون پيون هيون، پر ان جي باوجود اميرن جي آفيسرن اهڙي ته خبرداريءَ سان چوڪسي

رکي، جو عام ماڻهن جي دلين ۾ پريل جوش و خروش جي
ڪنهن به علامت يا ثابتيءَ جي ظاهر ڪرڻ جي ڪنهن کي
به اجازت نه ڏني ويئي. پر شهر وچان لنگهندي ان تي ڪو به
ضابطو رکي نه سگهيو؛ ۽ جيڪڏهن اسان جي حفاظت لاءِ
بيشمار گهوڙيسوارن جا دستا مقرر ڪيل نه هجن ها، جن جي
اڳواڻي بلوچ سردارن سان ڪي انتهائي بااثر ماڻهو ڪري
رهيا هئا، ته پوءِ مون کي هيئن چوڻ جي همت ٿئي ٿي ته
عام ماڻهن جا ميڙ ضرور تشدد ڪن ها؛ انهيءَ صورتحال ۾،
ڪنهن ماڻهوءَ هڪ پٿر هڻي ڪڍيو، جيڪو ڪئپٽن ويلس
کي وچي لڳو، پر دروازي جي رستي ۾ جيئن ته بلڪل اونداهي
۽ پاڇو هو، ان ڪري اهو معلوم ٿي نه سگهيو ته اهو پٿر
ڪنهن جي طرفان اڇلايو ويو. مون کي انهيءَ ڳالهه جي خبر
ڪانه هئي، جيسين اسين گهر پهتاسون، ۽ مون انهيءَ ڳالهه ڏانهن
دربار جو ڪو به ڌيان نه ڇڪايو آهي، ڇاڪاڻ ته هيءَ ڳالهه
بلڪل عيان آهي ته حڪومت اسان جي حفاظت ڪرڻ لاءِ
هر ممڪن ڪوشش ڪئي؛ اها ڳالهه اسان جي حفاظت لاءِ
گڏجي آيل دستي طرفان شهر کي ڇڏي ٻاهر نڪرڻ مهل
واپس موٽڻ کان انڪار ڪرڻ سان ظاهر ٿي رهي آهي؛
حالانڪ اڄ کان اڳي مون هميشه ان کي شهر کان ٻاهر
نڪرڻ سان واپس روانو ڪيو هو، پر هن ڀيري انهن چيو ته
کين هن ڳالهه جا سخت حڪم مليل آهن ته هو اسان سان
سڄي رستي ۾ گڏ رهن. دراصل اميرن کي هن ڳالهه جو خطرو
هو ته متان سندن بلوچ ڪنهن شرارت ڪرڻ جي ڪوشش
ڪن؛ هو سڄو ڏينهن انهن ماڻهن کي پئسا ڏيئي واپس موڪلڻ
۾ مصروف رهيا هئا، جيڪي گذريل ٻن راتين کان وٺي توهان
جي فوجن جي لڳاتار پيشقدميءَ جون خبرون ٻڌي شهر ڏانهن
هليا آيا هئا. منهنجي دربار ڏانهن وڃڻ کان اڳ ۾، هنن سڄي
شهر کي خالي ڪرائي ڇڏيو هو، پر اوندهه ٿيڻ کان پوءِ

وڏي تعداد ۾ ماڻهن جا ميڙاڪا وري موٽي آيا هئا. سان ڏاڍي انتظار ۽ اميدن سان ڏسي رهيو آهيان ته توهان پنهنجي دخاني جهاز ۾ حيدرآباد ايندا ۽ فوج کي اڳتي اچڻ کان روڪيندا!!"

وليءَ جي نالي ۾ بلند ڪيل فرياد ئي هڪ اهڙي ڳالهه هئي، جيڪا هن ڳالهه کي ڏسندي ميجر آئوٽرام جي دل ۾ شڪ پيدا ڪري ها، ته گذريل سال جي دوران هن پاڻ ئي چيو هو ته اميرن جو اراده مذهبي جنگ شروع ڪرڻ جو هو ۽ انهيءَ ڳالهه جي سيپٽمبر ١٨٤٢ع ۾ انگريزن جي جاسوسن طرفان تصديق ڪئي ويئي هئي. ان جي باوجود، نه ته انهيءَ واقعي، ۽ نه بلوچن طرفان سنڌس آفيسرن ۽ خود ساڻس ڪيل تشدد آميز حرڪت، هن کي وري پيهر جنرل کي هن ڳالهه لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش کان باز نه رکيو ته هو اڪيلي سر حيدرآباد هليو اچي ۽ پاڻ کي اميرن جي قبضي ۾ ڏي. انهيءَ مشوري ڏيڻ کان هو انهيءَ وقت به باز نه آيو، جڏهن هن پنهنجي خط کان پوءِ، هن مطلب وارو قلم تازو لکيو ته هن کي معلوم ٿيو آهي ته انهن ڳالهين جو مقصد ڪيس ۽ سنڌس آفيسرن کي قتل ڪرڻ هو؛ هن اهو به لکيو ته کيس وڌيڪ اهو معلوم ٿيو آهي ته خيرپور وارو امير نصير، جنهن معاهدي تي دستخط نه ڪيا هئا، اپر سنڌ ۾ لٽ مار ڪرڻ جي صورت ۾ جنگ شروع ڪرڻ جي نيت سان هليو ويو هو، ۽ اها ڳالهه سڀني بلوچن کي ڪشش ڪري انهيءَ طرف گهلي ويندي.

انهيءَ سياه ڪاريءَ جي سمجهه متعلق ڪمشنر جي فهم و فراست اجها اهائي هئي! ڪئپٽن ويلس، جيڪو نهايت گهري ۽ وڌيڪ سمجهه ٻوجهه وارو نوجوان آفيسر هو، انهيءَ معاملي بابت بلڪل مختلف راءِ قائم ڪئي هئي ۽ اها صحيح معلومات ملڻ کان پوءِ صحيح ثابت ٿي. هن کي دربار ۾ داخل ٿيندي ئي

جاري ڪيل حڪم جي تعميل کي روڪائي ڇڏيو. پر جيئن ته هنن وٽ پنهنجي انهيءَ حڪم جي تعميل ڪرائڻ لاءِ ٿورو وقت هو، ان ڪري هنن ڪمشنر سان هڪ مضبوط ۽ پڪو پختو حفاظتي دستو روانو ڪيو ته جيئن اهو غلطين جي امڪان کي روڪي سگهي، ۽ ڪمشنر انهيءَ ڳالهه کي پنهنجي عزت افزائي ۽ اميرن جي مهرباني تسليم ڪيو!

خيرپور وارو نصير خان اتان روانو ڪونه ٿي ويو هو؛ جهڙيءَ طرح ٻڌڻ ۾ آيو هو؛ نه وري بلوچن کي جزوي طور ڇڙوڇڙ قسم جي جنگ ڪرڻ جو ارادو هو. اهي ماڻهو شاناٿا، جوشيلا، مغرور ۽ دلير هئا ۽ هنن انگريزن سان د وبدو جنگ ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو جنهن ۾ کين پنهنجين تيز ترارين ۽ بيخوف دليريءَ سان کٽڻ جو يقين هو. هيءَ ميجر آئوٽرام جي ڊپلوميسيءَ جو ڪو گهٽ حيرت انگيز نقطو ڪونه هو ته هڪ طرف ته هو اميرن جي انتهائي خفيه ارادن ۽ خيالن بابت مڪمل يقين ۽ اعتماد جي اظهار ڪرڻ ۾ وڏي دانشمندي جو مظاهرو ڪري رهيو هو، ته ٻئي طرف هنن جي ڪليل پاليسيءَ ۽ انهن ظاهر اقدامات کي ڏسڻ کان معذور ثابت ڪيو، جيڪي گويا سنڌ ئي درين جي هيٺان ڪيا پئي ويا.

سر چارلس نيپئر جي فيصلي جي قوت ۾ نه ته اميرن جي چالاڪين پريشاني پيدا ڪئي، نه سنڌ ڪمشنر جي اپوجهائيءَ، ۽ نه کيس موڪليل رپورٽن جي غلطين ان ۾ ڪو لوڏو آندو. ١٣-تاريخ تي، جڏهن ميجر آئوٽرام اميرن جي نيڪ نيتيءَ جي وهم ۾ مبتلا ٿي ان جي اظهار ڪرڻ ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاري رهيو هو، تڏهن جنرل هن ڏانهن اميرن جي ڪوڙن ۽ غلط بيانين متعلق وضاحت لکي موڪلي. هن چيو ته هنن جو اصل مقصد هاڻي بلڪل ظاهر هو، ۽ انڪري هو ٻئي ڏينهن تي پيشقدمي ڪندو. هن پنهنجو اهو خط هنن لفظن سان ختم ڪيو. ”فوجن وٽ سنڌن انهيءَ قدم کڻڻ لاءِ لارڊ ايلنبرو جو حڪم

موجود آهي، ۽ مون شروع کان آخر تائين، انهن جي جانين ۽ هڪ آفيسر جي حيثيت ۾ خود پنهنجي ناماچار ۽ شهرت کي خطري ۾ وجهي بلڪل پوئين گهڙيءَ تائين دير مدار ڪئي آهي. جيڪڏهن منهنجي سستيءَ ۾ دير ڪرڻ جي نتيجي ۾ ماڻهو مارجي ويا، ته انهن جا خون حق ۽ انصاف روءِ، منهنجي گردن ۾ پئجي سگهندا".

ان جي باوجود، ميجر آئوٽرام پنهنجين مخصوص راين ۽ خيالن کي مڃائڻ تي اصرار ڪندو ئي رهيو. ١٣- تاريخ تي هن ٻيو خط لکي موڪليو، جنهن ۾ هن چيو ته امير اِجهو هاڻي ئي ڪيس چيو آهي ته سنڌن بلوچ قبائل قابوءَ کان ٻاهر نڪري رهيا آهن، هنن قسم کنيو آهي ته جيڪڏهن رستم سان انصاف نه ڪيو ويندو ته پوءِ هو انتقام وٺندا. هن چيو ته هٿياربند ماڻهو شهر ۾ پهچي رهيا آهن ۽ آسپاس واري علائقي مان ميڻي اٺن ۽ رڍن کي هڪالي ڪڍيو ويو آهي، پر ان جي باوجود هن اتي رهڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي؛ ۽ هن هڪ دفعو وري به عرض ڪيو ته فوج اڳتي نه وڌي. هن پنهنجي طرفان يقين جو اظهار ڪيو ته امير بلوچن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ ۽ حيدرآباد کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ سڪجهه ڪري رهيا آهن؛ ۽ اها حقيقت هئي، ڇو ته اهي هنن کي مياڻي جي ميدان ڏانهن موڪلي رهيا هئا.

ميجر آئوٽرام جي انهيءَ هڪطرفي ڊپلوميسيءَ جي رڪارڊ تي وڌيڪ بحث ڪرڻ کان ٿڪاوٽ محسوس ٿي رهي آهي، جنهنڪري ان کي جيڪر اتي ئي ڪٽي ختم ڪجي، پر هن جي خط ۾ هڪ اهڙو عجيب و غريب ٽڪرو شامل آهي، جيڪو اهڙو ته فضول ۽ واهيات آهي، جو ان جي مقصد معلوم ڪرڻ کان وهم و گمان به قاصر آهي.

فوج سنڌونديءَ جي ڏائي ڪپ تي هئي، ۽ اها درياءَ جو سڌو رستو وٺي حيدرآباد ڏانهن وڌي رهي هئي، ان کي

سنڌس سموري رسد درياءَ رستي روهڙي ۽ سکر کان حاصل ٿي رهي هئي، جنهنڪري ظاهر آهي ته فوج جي پٺين طرف اهائي سنڌس رسد ۽ مواصلات جي لائين هئي، ۽ بلڪل ساڳيءَ طرح ان جي سامهون واري طرف حيدرآباد ڏانهن پيشقدمي سنڌس ڪارروائن جي سڌي لائين هئي. ان جي ڏائي ٻازوءَ طرف ريگستان هو. حيدرآباد کان اوپر طرف درياءَ سان متوازي ليڪ تي ميرپور ۽ عمرڪوٽ هئا. اهي ٻئي شهر شيرمحمد جا هئا. ٻئي شهر قلع بند هئا، جن مان پهريون شهر حيدرآباد کان چاليهه ميل پري ريگستان جي ڪناري وٽ، ۽ ٻيو ميرپور کان سٺ ميل پري ريگستان جي عين قلب ۾ واقع هو. چنانچه، اميرن جي ڪارروائي ۽ پسپائي جي مکيه لائين اها ئي هئي، ڇاڪاڻ ته درياءَ رستي پٺتي هٽڻ سان اهي پاڻ کي ڪراچيءَ واري طرف کان حملي جو نشانو بڻائين ها. ميجر آئوٽرام کي معلوم هو ته عمرڪوٽ ۾ تازوئي رسد جو سامان پهچايو ويو آهي. اها ڳالهه واضح هئي ته سر چارلس نيپئر جي لشڪر کي ميرپور سان سياسي توڻي فوجي نوعيت جو ڪو واسطو ۽ تعلق ڪونه هو، ۽ جيستائين حيدرآباد وارا امير انهيءَ کي جنگ کان اڳ ۾ يا پوءِ پنهنجي پسپائيءَ جي لائين طور ڪم نه آڻيندا، تيستائين اهڙو تعلق يا واسطو قائم ٿي نه سگهندو، شير محمد، جنهن جا اهي ٻئي قلعا ۽ شهر ملڪيت هئا، انهيءَ وقت انگريزن جي فوج جي مخالفت ۾ ڪونه هو. ان جي باوجود ميجر آئوٽرام جنرل کي پنهنجي لشڪر کي ڇڏي اڪيلي سر حيدرآباد اچڻ لاءِ آماده ڪرڻ ۾ ٻه دفعا اڳي ناڪام ٿيڻ کان پوءِ ٻه ڀيون ڀيرو به انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو، ۽ هن پيري هن* حيرت انگيز ڳالهه جو به اضافو ڪيو ته جنرل پنهنجي فوج کي به ميرپور ڏانهن موڪلي ڏي. اهڙيءَ طرح هو هڪ ئي ڌڪ سان انگريزي فوج کي سنڌس جنرل کان محروم ڪري رهيو هو،

* ضميمو نمبر ٢، پاڱو ٢

ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن هو حيدرآباد جي اميرن ڏانهن وڃي ها، تہ سندس موت يقيني هو، ۽ ساڳي وقت ان کي سندس رسد ۽ مواصلات جي مرڪز کان پري ڪري، ۽ پنهنجي هٿن جي وسيلن کان بہ محروم ڪري رهيو هو!

لوئر سنڌ* جا بلوچ، جن جو تعداد ٽيهہ هزار هو، انهيءَ وقت مياڻيءَ جي ميدان ۾ گڏ ٿيل هئا. اپر سنڌ جي شهزادن وٽ ڪونهرا ۾ ست هزار ماڻهو موجود هئا؛ ڏهن هزارن کان وڌيڪ تعداد ۾ چانڊيا سنڌوونديءَ تي قائم انگريزي ڇانوڻيءَ جي پٺين پاسي، درياءَ پار ڪري چڪا هئا. شير محمد وٽ ميرپور ۾ ڏهہ هزار ماڻهو موجود هئا. عمرڪوٽ ۾ الڳ لشڪر موجود هو. انهن کان سواءِ هزارين جابلو قبائل درياءَ طرف هيٺ اچي رهيا هئا. اهڙيءَ طرح انگريزي فوج، جنهن جو تعداد فقط ٻہ هزار اٺ سؤ مس هو، پنهنجي جنرل کان سواءِ، ريگستان جي ڪناري وٽ پهچڻ سان، پنهنجي مواصلاتي اڏي کان چاليهہ ميل پري، اهڙي صورتحال سان دوچار ٿئي ها. جو ان جي سامهون هڪ قلع بند شهر، هٿياربند فوج ۽ ريگستان هجي ها، ۽ پٺين پاسي کان پنجاهہ هزار خونخوار بلوچ جانباز صف آرا هجن ها. شڪست کائڻ جي حالت ۾ ان کي ريگستان طرف پٺتي اچي ٿي ختم ڪيو وڃي ها. جنگ ۾ فتح حاصل ٿيڻ جي صورت ۾ بہ اها ساڳيءَ طرح مارجي وڃي ها، ڇو تہ ان حالت ۾ ان جو تعداد گهٽيل هجي ها، وٽس بارود ڪونہ هجي ها، ۽ ان تي پنهنجن زخمي ساٿين ۽ هزارين پوئلڳن جو بار الڳ هجي ها، جنهنڪري اها فوج انهيءَ حالت ۾ ڪڏهن بہ روهڙيءَ تائين صحيح سلامت نہ پهچي سگهي ها، جيڪو شهر اتان کان ٻہ سو ميلن جي مفاصلي تي واقع هو. ان کان سواءِ، اهڙيءَ حالت ۾ جيئن ئي اها فوج پٺتي هٽي ها، تہ ان کي هزارن جي تعداد ۾ بلوچ وڪوڙي ستائڻ ۽ پريشان ڪرڻ شروع

---

* ضميمو نمبر ٤، پاڱو ٣ ۽ ٤

نوان احتجاج ڪيا ۽ پنهنجين اڳين شڪايتن ۽ مطالبن کي دهرائيندي آخر هن خواهش ظاهر ڪرڻ تي ڳالهه ختم ڪئي ته ڪمشنر کي سندن آقائن جي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ جو وعدو ڪرڻ گهرجي. انهن کي جنرل جي هدايتن مطابق جواب ڏنو ويو.

ان کان پوءِ هنن پڇيو ته ڇا، انگريز ڪين علي مراد تي حملي ڪرڻ جي اجازت ڏيندا؟ نه! "اها ته ڏکي ڳالهه آهي،" هنن جواب ڏنو، "جو توهان علي مراد طرفان ڪسيل حق واپس وٺي ڏيڻ لاءِ به وعدو نه ٿا ڪريو، ۽ اسان کي به انهيءَ نا انصافيءَ جو تدارڪ ڪرڻ جي اجازت نه ٿا ڏيو."

نيپئر هنن چيو، "ته پوءِ خيرپور وارن اميرن کي پنهنجي روزيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ لڙڻو پوندو، جيڪا علي مراد هنن کان کسي آهي؛ ۽ انهيءَ لاءِ پهرين حيدرآباد جي اميرن کي ڇو جوابده ٿيڻ گهرجي؟"

"جيڪڏهن توهان انهن کي پنهنجي علائقي ۾ وڙهڻ جي اجازت نه ڏيندا، ۽ سندن مدد نه ڪندا، ته توهان جوابدار نه ٿيندا."

انهيءَ ڪانفرنس ۾ ميجر آئوٽرام هنن کي پنهنجين هدايتن ۽ ڪيس جي دليلن مطابق جواب ڏنو. خيرپور جي اميرن کان، نئين عهدنامي ذريعي، جيڪو انهن قبول ڪيو هو، ۽ جنهن جو انصاف روءِ هيٺ ڪنهن به شڪ شبهي کان بالاتر آهي، ڪجهه به نه کسيو ويو آهي. علي مراد کي پڳ ۽ ان سان لاڳو حقن کان سواءِ پيو ڪجهه به نه ڏنو ويو آهي، ۽ اهو حق سندس پاءُ رستم* طرفان رضاڪارانه طور هن کي تحفي طور ڏنو ويو آهي. انگريز جنرل جو انهيءَ ڳالهه ۾ ڪوبه واسطو ڪونه هو؛ اٽلو هن ان جي مخالفت ڪئي هئي؛ پر هاڻي جڏهن ته اهو

* ضميمو نمبر ۱، پاڱو ۲

ڪم ڪيو ويو آهي، تڏهن خود سنڌن ئي قوانين جي تحت ان کي رد ڪرڻ ناممڪن هو. هيءَ ڳالهه شڪ کان بالاتر آهي ته اهو تحفو رضاڪارانه طور پنهنجي مرضيءَ سان ڏنو ويو هو. اها ڪارروائي هڪ سيد يا پير طرفان ڏني وئي هئي، جيڪو وڏي شهرت وارو هڪ نيڪ انسان آهي، ۽ جيڪو علي مراد جي بي انصافيءَ کي جائز قرار ڏيڻ سان پنهنجي شهرت کي ڪڏهن به ڏڪ نه هڻي ها، ۽ پنهنجي نيڪيءَ ۾ ماڻهن جي عقيدي ۽ راءِ کي هيٺ ڏيڻ جي اجازت هرگز ڏيئي نه سگهي ها. بهرحال اها ڳالهه سنڌين جي مفادن ۽ انگريزن جي مقصدن لاءِ ٺيڪ هئي، جنهن ڪري ان ۾ گڙٻڙ پيدا ڪرڻ جي نه حڪمت عملي اجازت ڏيئي رهي هئي، ۽ نه حق ۽ انصاف.

پر دراصل، اها دعويٰ فقط ڳالهين کي اينگهائڻ جو هڪ بهانو هئي. اميرن جنگ جوٽڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو، ۽ ان لاءِ هنن کي انهيءَ کان بهتر بنياد هٿ ١ يعني سنڌن خود مختياريءَ جي بحالي، جيڪا هنن کان لارڊ آڪلينڊ طرفان سر هينري پاٽنجر جي سياسي وساطت سان دغا ۽ فريب، زور ۽ زبردستيءَ ۽ بي انصافيءَ سان کسي وئي هئي. هنن کي انهيءَ خود مختياريءَ کي واپس حاصل ڪرڻ جي خواهش هئي؛ پر اهو ڏيکاريو ويو آهي ته لارڊ ايلنبرو هندستان جي سڄي انگريزي سلطنت کي خطري ۾ وجهڻ کان سواءِ، جنهن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ هن کي موڪليو ويو هو، ۽ جنهن کي هن واقعي محفوظ بڻايو، هنن کي اها خود مختياري واپس ڏيئي نه پئي سگهيو. ان کان سواءِ اها خود مختياري انسان ذات لاءِ ضرر رسان هئي. ان ۾ آيل ڪميءَ جي نتيجي ۾ نوان مفاد اڀريا هئا، ۽ قومي رابطي ۽ باهمي تعلقات جو هڪ نئون بنياد وڌو ويو هو، جيڪو انگريزن لاءِ مفيد هو، ۽ انهيءَ جزوي طور سنڌ جي عوام کي زبردست ظلم و ستم کان ڇوٽڪارو ڏنو هو،

عام طور تهذيب و تمدن ۾ واڌارو آندو هو، ۽ اهو سچ پچ اميرن لاءِ نقصانڪار ۽ ڪين ڏکوئيندڙ ڪونه هو، جن جي ظلم جي جهنمي اعمالن ڪين همدرديءَ جي لائق انسانن بدران، خوفناڪ ماڻهن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. سنڌ ۾ انگريزن جي بالادستي ۽ برتريءَ کي برقرار رکڻ لاءِ، لارڊ ايلنبرو کي تحريري حق مليل هو، ۽ اُئين ڪرڻ لاءِ حق ۽ انصاف جي صورت ۾ ڪافي سبب موجود هئا.

ميجر آئوٽرام اميرن جي نمائندن کي سندس هدايتن مطابق برابر جواب ڏنو، پر اهو جواب سندس خواهش پٽاندر ڪونه هو. هن ڏاڍي جوش و خروش ۽ پوري ولولي سان جنرل ڏانهن اميرن جي خيالن جي فائدي ۾، ۽ بار بار دهرايل انهيءَ قصي کي، عام طور چاتل ۽ تسليم ڪيل حقيقت طور، جنهن لاءِ ڪو به بنياد ڪونه هو، وري به زور ڏيئي لکي موڪليو ته انگريزن طرفان پين اميرن جون زمينون علي مراد کي ڏنيون ويون هيون. انهيءَ امير کي انگريز جنرل طرفان ڪجهه به نه ڏنو ويو هو. پڳ ۽ ان جا لوازمات هن کي سندس ڀاءُ رستم طرفان ڏنل تحفا هئا.

ميجر آئوٽرام* جي خط جو انتهائي سنگين حصو، قلم تازي لاءِ مخصوص ڪيل هو. رات جو ڏهين وڳي هن چوائي موڪليو ته کيس بلڪل آنهيءَ مهل ٻڌايو ويو هو ته بلوچ انگريزي فوج تي حملي ڪرڻ لاءِ ايندڙ صبح جو پيشقدمي ڪرڻ وارا هئا، ۽ ريزيڊنسيءَ تي رات جي دوران حملو ڪيو ويندو. هن چيو ته اها سچي اجائي لباڙ ۽ ٽرڙائي هئي؛ هن پنهنجي گهر جي رات جي دوران حفاظت ڪرڻ لاءِ محافظ مقرر ڪرڻ جو احتياط به نه ڪيو هو؛ اها سچي ڳالهه دونهين وانگر بي حقيقت ثابت ٿيندي؛ ان جي باوجود، کيس خبر هئي ته لشڪر جو سپه سالار

---

* ضميمو نمبر – ١١، ڀاڱو ٢

مقرر ڪيو ويو هو، ۽ ايندڙ جنگ جون پيون ڪيتريون ئي علامتون هر گذرندڙ ساعت پٽيان ظاهر ٿي رهيون هيون.

هن جو اهو اعتماد ڪهڙي نه ڪمزور بنيادن تي بيٺل هو، تنهن جو فيصلو آنهيءَ واقعي، ۽ اميرن جي سرگرمين مان ڪري سگهجي ٿو، جيئن بعد ۾ معلوم ڪيو ويو. آنهيءَ وقت، اهي سڀ جنگ جو ميدان گرم ڪرڻ لاءِ پوريءَ طرح تيار هئا؛ ڪي چانوٽيءَ ڏانهن عليا ويا هئا؛ هنن خفيه طور اهڙا حڪم جاري ڪري ڇڏيا هئا ته انگريزن سان واسطو رکندڙ هر اهڙي مرد، زال ۽ ٻار کي قتل ڪيو وڃي، جيڪو سنڌ جي ڪنهن به حصي ۾ بغير حفاظت جي، ڪٿي به نظر اچي. انهن جا خونخوار بلوچ سيوهڻ کان وٺي سنڌو درياءَ جي منهن تائين، دراصل اڳيئي انهيءَ ڪوس ڪرڻ ۾ مصروف هئا. ڪيئي ماڻهو انهيءَ نموني ۾ مارجي ويا، ۽ ٻيا فقط غيرمعمولي ڪوشش ۽ جرئتمنديءَ سان بچي نڪري سگهيا؛ انهن مان ڪي سڄي رستي ۾ وڙهندي جهيڙندي، ۽ ڪي ٻيا انتهائي مصيبت سان پناهه وارن هنڌن ڏانهن ڀڄي نڪتا. جن ماڻهن کي قتل ڪيو ويو، تن مان هڪ ڪئپٽن اِنس نالي ڪمپنيءَ جو هڪ آفيسر هو، جيڪو بيماريءَ جي حالت ۾ درياءَ جي رستي هيٺئين پاسي وڃي رهيو هو. مختصر طور چئجي ته جنگ سچ پچ ته اڳيئي شروع ٿي چڪي هئي، ۽ سڄو ملڪ قتل و غارتگري ۽ افراتفريءَ جو نظارو پيش ڪري رهيو هو.

١٤ - تاريخ تي اميرن ميجر آئوٽرام ڏانهن پنهنجا قاصد موڪليا، جن جي معرفت کيس حڪم ڏنو ويو ته هو ملڪ ڇڏي دفع ٿي وڃي، ڇو ته هاڻي انهن ڏٺو ته جنرل کي قبضي ۾ آڻڻ جون سندن اميدون محض وهم هيون، ۽ سندن مرضي اها هئي ته ريزيڊنسيءَ واري فوج کي جهازن ۾ چڙهڻ جي گوڙ ۽ گهمسان ۾ مصروف ڪيو وڃي، ته جيئن انهن تي وڌيڪ آسانيءَ سان حملو ٿي سگهي. ان کان علاوه، هنن کي

اهو خوف هو، جنهن لاءِ واقعي هنن وٽ سبب هئا، تہ ملتان کمشنر مورچہ بند ٿي امدادي فوج جي اچڻ جي انتظار ۾ ويهي رهي.

ميجر آئوٽرام هنن جي انهيءَ حڪم تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ۽ هن انهيءَ کي محض هڪ گدڙ ڀڀڪي سڏيو، ۽ جيتوڻيڪ هن هاڻي حيات مريءَ جي گرفتاريءَ ۽ سندس جامہ تلاشيءَ مان مليل ڪاغذن جي خبر پڻ ٻڌي، پر انهيءَ ڳالهہ مان هن جيڪو نتيجو اخذ ڪيو، سو هن جي اڳين غلط خيالن جي عين مطابق هو. هن چيو تہ ”انهيءَ سردار جي گرفتاري بلوچن کي لٽ مار شروع ڪرڻ لاءِ همٿائيندي؛ اها ڳالهہ ٻين سردارن کي ملوث ڪندي، ۽ اهڙيءَ طرح لڙايون شروع ٿي وينديون. انهيءَ ڪري هن ايڪيتاليهين ريجمينٽ ڏانهن، جيڪا بمبئي وڃڻ لاءِ جهازن تي سوار ٿيڻ لاءِ انهيءَ وقت ڪراچي وڃي رهي هئي، حڪم موڪليو تہ اها اتي ئي ترسي پوي. اهڙيءَ طرح هن پاڻ کي گورنر جنرل جي واضح حڪم ۾ مداخلت ڪرڻ جو اختيار ڏيئي ڇڏيو، جنهن ۾ انهيءَ ريجمينٽ کي فوري طور جهازن ۾ چڙهڻ جي هدايت ڏنل هئي.

حيات مريءَ جي تلاشيءَ مان هٿ آيل اهم خطن کي هن حقارت وچان رد ڪيو، ڇاڪاڻ تہ اهي سندس راءِ جي مخالفت ڪري رهيا هئا، جيڪا هن هاڻي ڏهون ڀيرو پيش ڪئي. ”اميرن جي دلين ۾ دشمنيءَ جا ڪي بہ ارادا ڪين هئا؛ هو محض رستم خاطر ڪجهہ نہ ڪجهہ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجن بلوچن ۾ جوش و خروش پيدا ٿيڻ جو ڏيکاءُ ڪري رهيا هئا؛ پر هاڻي اهو جوش و خروش مري قبيلي جي سردارن جي گرفتاريءَ سان حقيقي صورت اختيار ڪندو.“ هاڻي، انهيءَ واقعي جي حيدرآباد ۾ خبر پهچڻ کان اڳ ۾، اميرن ميجر آئوٽرام جي منشيءَ کي رشوت ڏيئي، ڪانئس اهي عهد ناما حاصل ڪيا، جن تي انهن نهايت سنجيدگيءَ سان، تازو ئي

ڪليل دربار ۾ مهرون لڳايون ۽ انهن جي توثيق ڪئي هئي؛ ۽ هنن انهن عهدنامن کي عين آنهيءَ هنڌ وٽان، جنهن تي هنن صحيحون ڪيون، ڦاڙي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو،* ۽ پوءِ هنن انهن پرزن کي پنهنجن پيرن هيٺان بيهي لتاڙيو! ڪمشنر جي فيصلي جي قوت جي ڪمزوري ۽ سندس دليلبازيءَ جي مبالغہ آرائي، ساڳي طرح برابر عيان آهن.

سندس ئي بقول: سنڌ جي سٺ يا ستر هزار جانبازن کي زبردست خرچ سان محض پوڙهي رستم لاءِ ڪجهہ فائدو حاصل ڪرڻ جي اميد ۽ آسري تي حرڪت ۾ آندو ويو هو! انهن اميرن، جيڪي هڪ ٻئي جا اهڙا حاسد هئا، جيڪي خسيس ڳالهين تان دائمي طور هڪ ٻئي سان وڙهندا رهندا هئا؛ ۽ جيڪي ايتريقدر لالچي ۽ عياش هئا، محض هڪ پوڙهي ماڻهوءَ جي خدمت لاءِ، جنهن جي هنن کي ايتري تہ گهٽ پرواهہ هئي جو فقط هڪ مهيني کان بہ گهٽ عرصي گذرڻ کان پوءِ هن کي پنهنجي شاسياني جي دروازي وٽ بک ميٽائڻ لاءِ مانيءَ جي هڪ ٽڪري ڏيڻ کان بہ انڪار ڪيو، پنهنجا خزانا لٽائي ڇڏيا، ۽ آزاد ۽ خودمختار بادشاهن جي حيثيت ۾ خود پنهنجي وجود کي بہ خطري ۾ وجهي ڇڏيو؛ هنن تہ ڪيس سندس اچي مٿي کي سج جي تکي ۽ تيز آس کان ڍڪڻ ۽ گرميءَ کان محفوظ ڪرڻ لاءِ هڪ جُبو اڌارو ڏيڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيو؛ هو سندس دشمن، يعني جنرل جي انسان دوستيءَ جي جذبي کان سواءِ، جنهن ڪيس انهيءَ وقت پناهہ ڏني ۽ ڪاڏو ڪارايو؛ جڏهن خود سندس عزيزن ۽ مائٽن هن جي مصيبت تي پنهنجيون پٺيون ڦيرائي ڇڏيون، هو يقيناً مري وڃي ها. هيءَ ڳالهہ بلڪل عيان آهي تہ ميجر آئوٽرام اها ڳالهہ ڏسي، تہ ڪيس ڪهڙي نہ ذليل نموني ۾ بيوقوف بڻايو

* ضميمو نمبر ٤، ڀاڱو ١

ويو هو، پنهنجين غلطين تي شرم کي پرچائڻ لاءِ هر ڪڪ پن کي پڪڙي انهن جو سهارو وٺڻ لاءِ آتو هو.

انهيءَ جوش ۽ جذبي ۾، هن حيدرآباد وارن وٽ اها خواهش ظاهر ڪئي ته اهي خيرپور وارن کي سندن ملڪ ڏانهن واپس موڪلي ڏين، ته متان پنهي جي مٿان مصيبت ۽ تباهي نازل ٿئي، ۽ هن انهن کي وعدو ڏنو ته هو انهن کي انهيءَ بحران مان صحيح سلامت ۽ بنا ڪنهن نقصان جي پار پهچائيندو. هن پنهنجي قول مطابق اهڙيءَ طرح لوئر سنڌ جي اميرن کي بچائڻ جي آخري ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ جنهن مان امڪان هو ته اها ڳالهه بلوچن کي وڏي تعداد ۾ انگريزن جي مقابلي ڪرڻ کان روڪي وجهندي، ان لاءِ سڄي شاباس پاڻ تي هموار ڪئي؛ ائين ڪونه هو ته هن ائين سمجهيو هو ته اهي ايتريءَ حد تائين همت ڪندا، جو ٻاهر نڪري کليل جنگ لڙندا، پر هن جو فقط ايترو ئي خيال هو ته اهي جنرل جي فوج جي پيشقدميءَ ۾ بيزاري پيدا ڪندا، هن جي جانورن لاءِ گاهه پٺو ڪندڙن کي قتل ڪندا ۽ رات جي وقت ڇانوٽيءَ وارن کي پريشان ڪندا. هن انهن جي سڄي جنگي ڪارروائي انهيءَ حد تائين ئي سمجهي هئي. هن ائين به سمجهيو ته خيرپور وارا ماٺهو عمرڪوٽ طرف فرار ٿيندا. ميجر آئوٽرام جي مقدر ۾ هميشه غلط ثابت ٿيڻ ئي لکيل هو. بلوچن جي چر پر، ڪنهن به صورت ۾ هن جي بچاءَ ڪرڻ جي آخري ڪوشش کان متاثر ڪانه ٿي هئي؛ انهن انگريزي فوج جي پيشقدميءَ واري رستي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش ڪانه ڪئي؛ هنن سندس گاهين کي به قتل ڪونه ڪيو، ۽ نه ئي ڇانوٽيءَ وارن جي رات جي وقت بيعزتي ڪئي؛ خيرپور وارا ماٺهو عمرڪوٽ ڏانهن نه ڀڳا، سمورا بلوچ جنگ لڙڻ لاءِ نڪري ٻاهر ٿيا، جيئن انهن جو اصل کان وٺي ارادو هو، ۽ اهي انتهائي بهادريءَ، جرئتمنديءَ ۽ خوب بي جگريءَ سان خطرناڪ نموني سان وڙهيا!

پر جڏهن ته ڪمشنر خود پنهنجن غلط خيالن جي ڳپ ۾ اهڙيءَ طرح ٿاڦوڙا هڻي رهيو هو، تڏهن جنرل هڪ اهڙي ماڻهوءَ وانگر سنڌس اڏو موجود صورتحال کي ڏٺو، جيڪو نرميءَ ۽ ظاهري آزي نيزاريءَ ذريعي ڪنهن فريب ۾ اچڻ وارو ڪونه هو ۽ نه ئي ڪنهن ڳالهه کان جوش ۾ اچي ديده دليريءَ وارو خطرناڪ ڪم ڪرڻ وارو هو؛ ۽ جيڪو امن امان خاطر گهٽ ئي جوکم کڻڻ لاءِ تيار هو ۽ پنهنجي ملڪ جي وقار ۽ عزت لاءِ اچا به وڏيڪ خطرو سر تي کڻڻ لاءِ آماده هو. هن کي امن گهربو هو؛ پر فقط انهيءَ گهڙيءَ تائين، جيسين اها اميد اچا باقي هئي ته اهو حاصل ٿي سگهندو؛ پر جڏهن اها اميد باقي نه بچي، تڏهن سخت جنگ لاءِ تيار هو. هو انهيءَ وقت تائين صبر ڪندو رهيو، جيسين برداشت ڪرڻ ۾ عقلمندي هئي. جڏهن وڌيڪ سهڻ ۽ برداشت ڪرڻ حماقت نظر آئي، تڏهن هن انگريزن جي جهنڊي کي زوردار ڇنڊڪو ڏيئي کوليو ۽ پنهنجي مياڻ مان اهڙي تکي ترار ڇڪي ڪڍي، جنهن کان وڌيڪ تيز ترار اڳي ڪڏهن انهيءَ معزز ۽ پُرُ وقار نشان جي سايه ۾ ضرب ڪانه هنئي هئي.

# باب ٽيون

## فيبروري ١٨٤٣ع

جنرل، پهرين ته مقامي علائقي جي متعلق ميجر آئوٽرام جي نام نهاد معلومات ۽ ڄاڻ، ۽ سندس اهليت ۽ لياقت جي مبالغه آميز شهرت کان متاثر ٿيڻ سبب، هن جي پُر اعتماد بيانن ۽ دعوائن، ۽ ايلچين جي رپورٽن جي درميان، جيڪي حقائق متعلق سبب پاڻ ۾ متفق هئا، موجود تضاد سبب، حيران ۽ پريشان هو. مري قبيلي جي سردار جي جامه تلاشيءَ مان مليل خطن انهيءَ سڄي بي چيني ۽ شڪ شبهي کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيو، ۽ جڏهن ميجر آئوٽرام طرفان انگريزي فوجن کي ميرپور موڪلڻ، ۽ سندن سالار کي حيدرآباد اچڻ جي تجويز ڏني، تڏهن جنرل خط و ڪتابت جي دفتر کي ٻيو رکيو ۽ پنهنجن هٿيارن پنوهارن کي سنڀاليو. اميرن جي ڪوڙي ۽ جذباتي ڊپلوميسيءَ جي پڄ پڄ تي، مختلف طرفن کان جمع ٿيندڙ لشڪرن جي گجگوڙ غالب پئجي ويئي. پر اهو آواز هر طرف کان ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو، جيڪي انهيءَ وقت تائين اهڙا پُرجوش ۽ چست هئا، اها خبر ٻڌندي ئي ته جنگ جي ڪيتري نه زبردست طاقت متحرڪ ٿي چڪي هئي، خوف ۽ هراس ۾ اچي پيا؛ جيئن ته اهي قابليت ۽ نظم و ضبط مان حاصل ٿيندڙ قوت کان بيخبر ۽ اڻڄاڻ هئا، انڪري اهي انگريزي فوج کي اڳيئي شڪست کاڌل ۽ موت جي منهن ۾ آيل لشڪر سمجهڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه سمجهي نه پئي سگهيا.

سر چارلس نيپئر ١٢-تاريخ تي عهدنامي تي وڏل صحيحن واريءَ ڳالهه کي بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو. هن ان کي

محض هڪ ٽٽولي سمجهيو، جيئن درحقيقت، خود اميرن ان کي انهيءَ مهل ٽٽولي سمجهيو، جڏهن انهن منشيءَ کي رشوت ڏيئي اهو عهدنامو واپس ورتو ۽ ان کي ڦاڙي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو* هن ڏنو ته جنگ دراصل سر تي اچي ويئي هئي، پر چئني طرفن ڏانهن ڦهليل ڏهڪاءَ ۽ خوف هن لاءِ انهيءَ ڳالهه جي تحقيقات ڪرڻ کي دشوار ۽ مشڪل بڻائي ڇڏيو ته ڪيس ڪٿي ۽ ڪنهن سان وڙهڻو هو. هن کي خبر هئي ته رستم جي ستن هزار ماڻهن جي فوج ۽ سندس ٽوليون، جيڪي ڪونهيرا ۾، سندس ڏائي بازوءَ طرف ڏيهه ميل پري، موجود هئا، سي هاڻي حرڪت ۾ اچي چڪا هئا، ۽ اهي سندس پٺ ۾ موجود ڏهن هزارن چانڊين سان گڏجڻ لاءِ وڃي رهيا هئا، جيڪي تازو ئي درياءَ پار ڪري آيا هئا. ڇيو ٿي ويو ته انهن کان اڳيا ۾ وڏيڪ طاقتور هڪ ٻئي قبيلي، يعني رند قوم جا ڪيئي هزار ماڻهو، چانڊين جي پٺيان اچي رهيا هئا؛ مري قبيلي جا ماڻهو ۽ ٻين جابلو قبيلن وارا هيٺ ميداني علائقي طرف اچي رهيا هئا، ۽ ميرپور وارو شير محمد، جنهن کي ڪنهن به قسم جو ڪو خطرو درپيش ڪونه هو، ۽ نه ئي هن جو نئين عهدنامي ۾ ڪو ذڪر ئي شامل هو، ڏهن هزار جانبازن سان حيدرآباد طرف پيشقدمي ڪري رهيو هو. کيس معلوم هو ته اميرن کي اها پڪ هئي ته ١٨- تاريخ صبح جو، مجموعي طور سٺ هزار جنگجو ماڻهو لڙائي جي ميدان ۾ موجود هوندا. پر جنگ جو اهو ميدان ڪٿي هو، يا ماڻهن کي ڪهڙن رستن کان آڻي گڏ ڪرڻو هو، تنهن بابت هن اڃا تائين ڪا جاچ پڙتال نه ڪئي هئي. چنانچه، هن پنهنجن سمورن خيالن کي پنهنجي صورتحال تي مرڪوز ڪري، سڀني امڪانن کي تڪي توري ڏٺو، ۽ اهڙن سڀني سوالن جي جاچ جوچ ڪئي، جيڪي انهن امڪانن مان پيدا ٿي رهيا هئا.

---

* ضميمو نمبر ٤، پاڱو پهريون

ڇا، هو فوجن جي تعداد جي فرق کي ڏسي پٺتي هٽي وڃي، ۽ روهڙيءَ تائين پهچڻ لاءِ چانڊين ۽ ڪونهيرا وارن ماڻهن جي وچان ڪاهي پوي، جيڪي سندس پٺيان پامي هئا؟ انهيءَ صورت ۾ سڄو بلوچ لشڪر سندس پٺيان ڪاهي پوندو، ۽ رات ڏينهن سندس ماڻهن کي پريشان ڪري، نيٺ وڃي هن کي ناموافق ميدان تي وڙهڻ تي مجبور ڪندو، جڏهن ته سندس سپاهين جون دليون پٺتي هٽڻ ڪري اداس ۽ نراس هونديون. ان کان پوءِ به، جيئن ته هندستاني شهزادن جي وفاداري ضرب المثل ڪانه هوندي آهي، ائين بلڪل ممڪن هو ته پٺتي هٽڻ جي حالت ۾ ڪيس علي مراد جي فوج سندس دوستن جي حيثيت ۾ نه، بلڪ دشمن طور مقابلي لاءِ صف آرا ملي. هن مرهٽن جي سامهون ڪرنل مونسن جي پسپائي جي مقابلي ۾ ڊيوڪ آف ويلنگٽن جا ريمارڪ پڙهيا هئا، ۽ هن انهن مان هيءُ نتيجو اخذ ڪيو ته جهنگلين جي سامهون ڪڏهن به ڪمزوري ڏيکاري پٺتي نه هٽجي! پوءِ، هن جو دليرانه فيصلو اهو هو ته ڀلي ته بلوچ سٺ هزار هجن يا هڪ سو هزار، هو جنگ ڪندو!

پر وڙهي، ته ڪيئن وڙهي؟ ڇا، هو اڳتي وڌي وڃي، ۽ سندس سامهون جيڪي به اچي، تنهن تي حملو ڪري؟ يا فقط هڪ منزل تائين پيشقدمي ڪري هالا تي قبضو ڪري، جيڪو شهر سنڌونديءَ جي ڪناري تي دخاني جهازن جو هڪ اڏو هو، ۽ پوءِ آتي درياءَ طرف پٺ ڪري مورچه زن ٿي ويهي رهي؟ اتي پهچڻ کان پوءِ هو مددگار فوج جي پهچڻ جو انتظار ڪري سگهي ها، جيڪا درياءَ رستي سلامتيءَ سان وٽس پهچي سگهي ها. هن سوچيو ته آءٌ اهي ٻيئي ڳالهيون ڪري سگهان ٿو. جيڪڏهن آءٌ جنگ ڪري مقابلي ۾ کٽان ٿو ته پوءِ سڀ ڪجهه آسان ٿيندو. جيڪڏهن آءٌ جنگ ۾ هارايان ٿو، ته پوءِ پٺتي هٽي هالا تي قبضو ڪري، اتي

مورچہ زن ٿي ويهي سگهندس. انهيءَ وچ ۾ سکر کان فوجون پهچي وينديون.

اهو خيال ڪري هن هر ڳالهہ کي داءَ تي لڳائڻ جو پختو ارادو ڪيو. ان جي باوجود، ڪنهن بہ احتياط کي نظرانداز نہ ڪندي، هن ڪرنل رابرٽس کي، جيڪو انهيءَ وقت سکر جو ڪمانڊر هو، لکي موڪليو تہ هو درياءَ جي رستي ڪيس ٻہ ريجمينٽون ۽ ايتريقدر رسد جو سامان ۽ هٿيار بارود موڪلي ڏيئي، جيتريقدر اهي ديسي ٻيڙين ۽ ٻن دخاني جهازن ۾ ماپي سگهن، جيڪي هاڻي ڏانهنس روانا ڪيا ويا. ان کان پوءِ هن پنهنجا بيمار ماڻهو ۽ خزانو انهن جهازن ۾ چاڙهيا، جيڪي فوج وٽ باقي بچيل هئا، ۽ پاڻ اتان ڪوچ ڪيو. هن جي سامان ۽ فوج جي پوئلڳن جو تمام وڏو قافلو، هڪ اهڙي ماڳ ۾، جنهن ۾ انهن کي عارضي طور حفاظت سان رکڻ جي سلامتيءَ واري ڪا جاءِ نہ ٿي ملي سگهي، هن لاءِ هڪ ڳرو بار هو. پر هن انهن کي ايندڙ مقابلي ۽ لڙائي لاءِ اهڙيءَ طرح منظم ڪيو، جو اهي هن لاءِ بيجان پڻ ۽ رڪاوٽ بڻجڻ بدران، سندس جنگ جي نظم و ضبط ۽ تنظيم جو هڪ باقائده حصو بڻجي پيو. انهيءَ جو طريقو هڪ ٻيءَ جاءِ تي ڏيکاربو. هاڻي، هن اميرن کي سندن سڄي لشڪر جي هڪ هنڌ جمع ٿيڻ جي مهلت نہ ڏيڻ ۽ مٿن اوچتو اچي ڪڙڪڻ لاءِ ڏاڍي تيزيءَ سان حيدرآباد طرف پيشقدمي شروع ڪئي؛ اهو محسوس ڪندي تہ ڪمشنر پنهنجن اختيارن کان ٻاهر نڪري، هنن وٽ پاڻ کي ٻڌل رکڻ تي آماده هو، هن کيس هن مطلب وارو خط لکي موڪليو: ”پاڻ کي ڪنهن بہ ڳالهہ لاءِ هرگز ٻڌل نہ رکجو. آءٌ حيدرآباد تي حملو ڪرڻ لاءِ پوري تيزيءَ سان اچي رهيو آهيان. آءٌ اميرن سان ڪو بہ صلح نہ ڪندس- جتي بہ مون کي انهن جون فوجون نظر آيون، اتي ئي مان انهن تي حملو ڪندس. هاڻي انهن کي

ڪن به تجويزن موڪلڻ جي ضرورت ڪانهي؛ ان جو وقت گذري ويو آهي، ۽ آءٌ انهن جي قاصدن ۽ پيغام آڻيندڙن سان ملاقات نه ڪندس. ڪي به وعدا نه ٿيڻ گهرجن. اوهان لاءِ ممڪن هجي ته هڪدم هيڏانهن هليا اچو- توهان ڪي جيڪڏهن پيڙيون نه هجن، ته پوءِ پنهنجي گهر جي بچاءَ لاءِ چوڌاري مورچا ٺاهي بند ٿي ويهي رهو. توهان جي ماڻهن وٽ هڪ مهيني جي رسد موجود آهي، ۽ مان توهان وٽ پرينهن پهچي ويندس. اميرن سان ڪابه گفتگو نه ڪريو؛ ايڪيتاليهين ريجمينٽ ڏانهن قاصد موڪلي ان کي جهازن ۾ جلد چڙهڻ جي هدايت ڪريو؛ ان جي روانگيءَ کي روڪڻ ئي نه گهربو هو. گورنر جنرل ۽ بمبئي جي گورنمينٽ خطن پٺيان خط لکي موڪليا آهن ته انهيءَ ريجمينٽ جي ١٨- تاريخ تي ڪراچيءَ ۾ موجود هئڻ جي پڪ ڪئي وڃي، ۽ اهي انهيءَ ڳالهه لاءِ ايتريقدر منتظر آهن، جو انهن انهيءَ ريجمينٽ کي جلد جهاز ۾ چاڙهي موڪلڻ لاءِ جهاز موڪلي ڏنو آهي." اهو خط ١٥- تاريخ تي لکيو ويو هو، پر جنگ جو طوفان جيڪو ايتري گهٽي وقت کان وٺي لڳڻ جي انتظار ۾ هو، انهيءَ وقت حيدرآباد جي مٿان گجي ۽ ڪڙڪي رهيو هو.

١١- تاريخ تي امير شهداد، جنهن جي وحشي فطرت کيس فريب ڪاري ۽ خونريزيءَ جي ڪمن جو عادي بنائي ڇڏيو هو، يا انگريز ڪمشنر جي شڪ شبهي کي ختم ڪرڻ لاءِ، جيڪو دراصل بيدار ٿيو ئي ڪونه هو، يا ته دغابازيءَ ذريعي پنهنجي لاءِ ڪنهن فائدي حاصل ڪرڻ جي اميد سان، پنهنجي هڪ ترجمان کي انگريزن لاءِ دوستيءَ جي اعلان سان ريزيڊنسيءَ ڏانهن ڏياري موڪليو، ۽ چوائي موڪليو ته سندس ماڻهو ايندڙ فسادن ۽ بدامنيءَ جي ڪاررواين ۾ شامل نه ٿيندا. هن اها به آڇ ڪئي ته هو بذاتِ خود ريزيڊنسيءَ ڏانهن ويندو، ۽ ميجر آئوٽرام جي حفاظت ۽ بچاءَ لاءِ اتي قيام ڪندو.

خوشقسمتيءَ سان هن جي اها آڇ رد ڪئي ويئي؛ نہ ته هن ڪري، جو ڪمشنر کي ايندڙ بدامنيءَ ۾ يقين هو يا ڪيس شرارت ٿيڻ جو ڪو شڪ شبهو هو، پر محض بي پرواهيءَ ۽ لاغرضائي جي نتيجي ۾ هن اها آڇ ٺڪرائي ڇڏي. درحقيقت، ڪمشنر پاڻ کي ايتريقدر ته محفوظ ۽ سلامت سمجهي رهيو هو، جو ١٥ تاريخ تي صبح جو پڻ، جڏهن ڪپتان ويلس هن کي حملي جي تيارين جي ڪيترين ئي علامتن ۽ نشانين ڏانهن اشارو ڪيو، تڏهن بہ هن انهيءَ ڳالهہ جي ڪا پرواهہ نہ ڪئي.

شهداد جي اها آڇ، اميرن جي عادتي فريب ڪاريءَ ۽ دغابازيءَ جو هڪ عجيب و غريب مثال هئي. عين انهيءَ مهل جڏهن هن اها آڇ ڪئي،* نصير شهر کان ٻاهر نڪري مياڻيءَ ۾ گڏ ٿيل لشڪر جي مهنداري سنڀالڻ لاءِ روانو ٿي ويو هو، ۽ هن انهيءَ هنڌ کان ٻہ يا ٽي ميل پريرو پنهنجو مرڪز هڪ خوشنما ۽ شاندار باغ ۾ قائم ڪيو هو. آتي پهچي، هو پنهنجن سردارن ۽ پنهنجي گهراڻي جي بهادر غلامن سان صلاح مصلحت ڪري رهيو هو؛ انهيءَ کان اڳ هو شهداد ۽ صوبدار سان اهڙو انتظام ڪري آيو هو، جيڪي پٺتي رهيل هئا، تہ اهي پاڻ ۽ سندن سوٽ، محمد خان ۽ ڪي ٻيا امير ۽ لغارين جو سردار احمد خان پنهنجي قبيلي سان گڏجي، جن جو تعداد آٺ هزار هو، ريزيڊنسيءَ تي حملو ڪن. ۽ هاڻي اهو ڪم ٿيڻو هو.

صوبدار احڪام جاري ڪيا، پر ان جي باوجود هو پنهنجي محل ۾ بند ٿي ويٺو. شهداد جنگ لاءِ پوريءَ طرح هٿيار بند ٿي، پنهنجن دوستن جي گهيري ۾، ريزيڊنسيءَ تي حملي ڪرڻ واري دستي جي قيادت ڪئي؛ البت، هو گولين جي بارش اندر ڪونہ ويو؛ هو جهڙو هو ظالم، تهڙو بزدل

---

* ضميمو نمبر ١٤، پاڱو ٢ ۽ ٣

هڻڻ ڪري، گوليءَ جي زد کان دور وڻن جي هڪ جهنڊ وٽ گهوڙي جي پٺيءَ تي ويٺي، ترسي پيو، جڏهن ته بهادر لغاري سردار پنهنجن ماڻهن جي حملي ۾ مهنداري ڪئي.

سر چارلس نيپئر بلڪل اهڙي ئي نوعيت جي واقعي جو اندازو ڪري، ١٤- تاريخ تي هڪ جهاز کي هٿيار ۽ بارود ۽ پنجاهه فوجين جي ڪمڪ ڏئي درياءَ رستي ريزيڊنسيءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ حڪم ڏنو. انهن حادثن مان هڪ جي رونما ٿيڻ ڪري جيڪي جنگ ۾ عام طرح ٿيندا آهن، جهاز هٿيارن، بارود ۽ ماڻهن کان سواءِ ئي هليو ويو، جنهنڪري ميجر آئوٽرام کي اٺن هزار ماڻهن ۽ ڇهن توبن جي حملي جو مقابلو، ٻن جنگي جهازن، پٿر جي هڪ گهر، ۽ هڪ سؤ ماڻهن جي محافظ دستي سان ڪرڻو پيو، جن مان هرهڪ وٽ فقط بارود جا چاليهه رائونڊ هئا. پر ماڻهن جي تعداد ۾ ڪهڙي فرق، ڪهڙي دشواريءَ يا جنگ ۾ ڪهڙي خطري اهڙي موقعي تي انگريزي سپاهين کي ڊيڄاري بيجان بنايو، جڏهن انهن جي قيادت دلي همت ۽ پختي عزم واري انسان طرفان ڪئي ويئي، جنهن وٽ اهڙي موقعي لاءِ مناسب ۽ ڪافي فني مهارت موجود هئي! ميجر آئوٽرام جي نطري بيخوفي، ۽ سندس غير محتاط جوش ۽ جذبو اهڙا ئي هٿيار هئا، جيڪي ڪيس اينڊرز مقابلي کي منهن ڏيڻ لاءِ پوريءَ طرح ٺهڪي آيا. اتي، هو پنهنجي خيالي ۽ تصوراتي دنيا ۾ رهي نه ٿي سگهيو. سندس سامهون جيڪي ڪجهه هو، تنهن جو واسطو ٺوس حقيقت سان هو، جنهن جي متعلق ڪابه غلط فهمي ٿي نه پئي سگهي، ۽ نه ئي ان کي لڪائي سگهڻ ممڪن هو. ۽ يقيناً، هڪ بهادر ۽ دلير انسان کي حالات جي زور سبب ڊپلوميسيءَ جي قابل رحم اونداهين ۾ ٿاڦوڙن هڻڻ کان بلند ۽ بالا ٿي هڪ اهڙيءَ پوزيشن تي پهچندو ڏسي، جتي هو هڪ بهادر ۽ بي ڊپي

سپاهيءَ طور هڪدم تعريف ۽ ساراهه جو نشان بڻجي پيو، يقيناً دلين ۾ فخر ۽ ناز جا جذبا موجزن ٿيندا.

نائين وڳي مهل، گهوڙي سوارن ۽ پيادن جي ڪجهه دستن کي ريزيڊنسيءَ جي چوڌاري پٽين ۾ بند- ميدان يا ڪمپائونڊ جي ٽن طرفن ڏانهن بيهندي ڏٺو ويو. ميجر آئوٽرام کي جيئن ته انهيءَ مهل پڪ ٿي ته ڪا شرارت سوچي ويئي آهي، انڪري هن هڪدم پنهنجي مختصر فوج کي دفاعي پوزيشن اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ٻاويهين ريجمينٽ جا ماڻهو ۽ سپاهي انهيءَ ديوار سان قطار ٻڌي بيٺا، جيڪا انهيءَ ميدان جي ٽن طرفن کي ڍڪي بيٺي هئي، جيڪي دشمن لاءِ کليل هئا. چوٿون طرف درياءَ ڏانهن، ۽ کليل هو، پر اهو جنگي جهازن "پلئينٽ" ۽ "سئٽيلائيٽ" جي توبن جي زد ۾ هو، جيڪي انهيءَ وقت سنڌونديءَ ۾، ريزيڊنسيءَ واري گهر کان اٽڪل چار سؤ پنجاهه وال پري لنگرانداز ٿيل هئا. ڪمپائونڊ جي ديوارين کان پرڀرو باغ ۽ گهر هئا، جن تي بلوچن جو قبضو هو؛ ۽ انهن هڪدم پنهنجين بندوقن سان انگريزي فوجن تي باهه وسائڻ شروع ڪئي، جن کي انهيءَ گوليبازيءَ کان بچاءَ لاءِ هڪ ديوار جو سهارو هو، جيڪا ڇهن يا پنجن فوٽن کان وڌيڪ اوچي ڪانه هئي، پر انهن دلير انسانن لاءِ اها به ڪافي هئي.

ٻاويهين ريجمينٽ جي ڪئپٽن ڪانوي جنهن جي ماتحت ماڳيءَ ريجمينٽ جا آفيسر، ليفٽيننٽ هارڊنگ ۽ اينسائين پينيفادر هئا؛ انهن کي ڪمپنيءَ جا ملازم ڪئپٽن گرين ۽ ڪئپٽن ويلس مدد ڪري رهيا هئا؛ دلير انسانن جي انهيءَ جماعت جي ماڻهن مان ڪنهن هڪ جو به نالو نظرانداز ۽ فراموش ڪرڻ نه گهرجي؛ ڪپتان ڪانوي پنهنجي ماڻهن کي هدايت ڪئي ته هو گولين جو جواب خبرداريءَ سان، ۽ آهستي آهستي ڏين، ۽ سو به تڏهن، جڏهن کين ڪو سٺو موقعو ملي؛ هن جي مرضي اها هئي ته بارود انهيءَ موقعي لاءِ بچايو وڃي، جڏهن سندن

رهيو، جيڪا فوجن کي هڪ ڪان ٻئي هنڌ پهچائڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. اهو ڪم توبن جي گولن ۽ ننڍن هٿيارن مان ڇُٽندڙ گولين جي وسڪاري ۾ جلدئي پورو ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ سڄو ٻيڙو لشڪر جي گهولا ڪرڻ لاءِ درياءَ جي او پارو روانو ٿي ويو. بهرحال ان تي درياءَ جي ٻنهي ڪنارن کان گولين جو وسڪارو جاري رکيو ويو. فقط ٽي ماڻهو مارجي ويا هئا، ڏهه زخمي ٿيا ۽ وڌيڪ چار ڄڻا گم هئا. مئلن مان هڪ ڄڻو، زخمين مان ٻه ڄڻا ۽ گم ٿيلن مان سڀئي ڇانوڻيءَ جا پوئلڳ هئا. لغارين جي متعلق چيو ويو ته انهن جا سٺ ماڻهو مارجي ويا هئا ۽ ڪيئي زخمي ٿيا هئا، زخمين ۾ امير محمد خان پڻ شامل هو. ٻنهي ڌرين طرفان لڙائي سٺي نموني ۾ هلائي ويئي ۽ جرئتمندي سان مقابلو ڪيو ويو. هٿيارن جي استعمال جو شاندار ۽ بهادري وارو ڪارنامو هو جيڪو ان جي ترت ئي پٺيان ٿيڻ واري حيرت انگيز ۽ عبرتناڪ ڪارنامي جو هڪ سٺو پيش خيمو هو.

بندوقبازيءَ جا آواز اڃا بند ئي مس ٿيا هئا ته ميجر آئوٽرام وري غلطين جي پنهنجي پهرئين رستي تي موٽي اچي پهتو جنهن کان بلوچن جي حملي ڪيس عارضي ۽ وقتي طور هٽائي پري ڪيو هو. جهاز تي ٻه هن هڪ خط لکيو، جيڪو هن انهيءَ عجيب ۽ چرڪائيندڙ ڳالهه سان شروع ڪيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن کان وٺي سندس خطن سر چارلس نيپئر کي هن نتيجي ڪڍڻ لاءِ آماده ڪيو هوندو ته صلح جون ڳالهيون ناڪام ٿينديون! ان جي باوجود، هن پنهنجين بار بار دهرايل ۽ پڪّر اعتماد، انهن يقين دهانين کي نظرانداز ڪندي ته اميرن جي دل ۾ جنگ ڪرڻ جو ڪو ارادو ڪونهي، هن ١٣- تاريخ تي عهدنامي تي ڪليل دربار ۾ دستخطن ٿيڻ ۽ مهرن لڳڻ جو واقعو لکي موڪليو هو، جيڪا هڪ اهڙي ڪارروائي هئي، جنهن لاءِ گورنر جنرل ۽ ڪلڪتي واري

ڪائونسل بلڪل صحيح طرح ھيءَ ڳالھ چئي تہ انھيءَ ڪي صلح جي عھدنامي جي منزلِ مقصود طرف ھڪ پُراميد قدم تسليم ڪري سگھجي ٿو.*

مياڻيءَ کان ھڪ منزل اتر طرف واقع شھر مٽياريءَ وٽ، جيڪو سنڌونديءَ جي ڪپ تي آھي، ميجر آئوٽرام اھو لشڪر ڏٺو، جيڪو لڙائي ڪرڻ لاءِ پيشقدمي ڪري رھيو ھو. ھو پنھنجي انھيءَ لشڪر سان، ھن ڪري شامل نہ ٿيو، جيئن توقع ڪري سگھجي ٿي، جو ھو پنھنجي فوجي ڪارنامي تي ناز ڪري ۽ پنھنجي سياسي ناڪاميءَ تي ڪجھ قدر شرمساري محسوس ڪري رھيو ھو، پر پنھنجي دانشمنديءَ ۽ ڊپلوميسيءَ ۾ فيصلي جي قوت جي ساکيءَ ۾ تبديل راءِ سان، ھن پنھنجي سپہ سالار تي وري بہ اھڙن معاملن ۾، جن لاءِ ڪيس ڪو اختيار ئي ڪونہ ھو، پنھنجا ساڳيائي خطرناڪ مشورا مڙھڻ جي ڪوشش ڪئي، اھڙيءَ طرح انھيءَ حملي جي باوجود، جنھن ڪيس ريزيڊنسيءَ مان ڀڄڻ لاءِ مجبور ڪيو ھو، ھن پنھنجي انھيءَ اعلان ڪرڻ تي اصرار ڪيو* تہ ويچارن ٻيڏوھي اميرن کي امن برقرار رکڻ جي خواھش ھئي. ھن سچ پچ جنرل تي زور ڀريو تہ ھو وڌيڪ ھڪ ڏينھن لاءِ قيام ڪري، جيڪا ڳالھ دشمن جي لشڪر ۾ مياڻيءَ وٽ پنجويھن ھزار ماڻھن جو اضافو ڪري ھا. سر چارلس نيپئر کي انھيءَ معاملي ۾ سخت ڏسي، ۽ پنھنجي انھيءَ ارادي ۾ مستحڪم محسوس ڪري، تہ ھو اڪيلي وڏي دشمن سان لڙائي ڪرڻ جو تھيہ ڪري چڪو آھي، پنھنجي مقصد ۾ فوراً تبديلي آندي، ۽ ھڪدم فوجي انتظام ۾ ٽنگ اڙائڻ شروع ڪئي.

---

* ضميمو نمبر ٢، ڀاڱو ٣

* ضميمو نمبر ٣، ڀاڱو ١

جو نالو هوندو آهي، ۽ تصور ۽ خيال آرائيءَ کي ان ۾ ڪوبہ مقام ڪونہ هوندو آهي، جيڪو ماڻهو حقيقتن جي بجاءِ محض اندازن ۽ ڏ ڪن کي ذهن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏئي ٿو، سو ڪڏهن بہ هڪ اعليٰ فوجي جنرل ٿي نٿو سگهي. سپہ سالار کي هر هڪ اهڙيءَ ڳالهہ تي سوچڻ گهرجي، جيڪا بہ دشمن طرفان سرزد ٿئي ٿي. هن کي اهڙين ڳالهين تي دائمي طور ۽ هر وقت سوچڻ گهرجي، ۽ جنگ جي هر ڦيري ۽ تبديليءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي، پر جيڪڏهن سندس مقصد جنگ ڪرڻ جو آهي، تہ پوءِ ڪيس اهڙيءَ ڳالهہ تي عمل ڪرڻ گهرجي، جيڪا "آهي"، ۽ نہ اهڙيءَ تي، جيڪا "ٿي سگهندي هجي" هن حالت ۾، ميجر آئوٽرام طرفان اهو اندازو ڪيو ويو تہ بلوچ سنڌونديءَ جي ڪنارن وارن شڪارگاهن تي قبضو ڪندا؛ پر رات جي دوران اهي سندن ساڄي طرف ڏانهن آٺ ميل پري هٽي ويا، ۽ ان طرح هن جي اها مهم انگريزن لاءِ ڏاڍي غير مفيد ۽ نقصانڪار ثابت ٿي.

جنگ، ڪڏهن بہ غلطين کان سواءِ نہ ٿيندي آهي، ميجر آئوٽرام کي محافظن جي ڪافي تعداد کان سواءِ حيدرآباد وڃڻ جي اجازت ڏيڻ، سر چارلس نيپئر طرفان ڪيل غلطين جي ڊگهي سلسلي مان پهرين غلطي هئي؛ سڪرنڊ ۾ پنجين ڏينهن تائين ترسي دير ڪرڻ، ٻي غلطي هئي، شڪارگاهن جي مهم واري هيءَ غلطي ٽين، ۽ انهن ٽنهي مان وڏي ۾ وڏي غلطي هئي، جيڪي اڄ تائين ڪيون ويون هيون، پهريون بہ غلطيون ڪليل اکين سان، سياسي بنيادن تي ڪيون ويون، ۽ اهي اخلاقي لحاظ کان حق بجانب هيون. اهي ٻئي انسانذات جي ڀلي خاطر، قابلِ تلافي نوعيت جون فوجي قربانيون هيون. آخري غلطي شخصي ڳالهين، دوستيءَ ۽ نامعقوليت آڏيان ڪمزور پوڻ جي برابر هئي، جنهن جي اجازت عقل نہ ڏني؛ جنگ جي حالت ۾ ائين ڪڏهن بہ نہ ڪرڻ گهرجي.

اها ڳالهه انهيءَ قاعدي جي پڻ پڇڪڙي هئي، جيڪو اهڙي وقت تي فوجي دستن کي سڪيم لشڪرن کان ڇني ڌار ڪرڻ کان منع ڪري ٿو، جڏهن لڙائي ڇڙڻ جو امڪان موجود هجي. چنانچه، اها هڪ فوجي غلطيءَ سان گڏ، هڪ ڪمزوري پڻ هئي، جيڪا سر چارلس نيپئر جي پنهنجي فيصلي جي خلاف سرزد ڪئي ويئي. جنگ ۾ اهڙين ڳالهين جي ڪليل اجازت ڪانه هوندي آهي، ۽ هن غلطيءَ فوج کان ڏاڍي ڳري قيمت وصول ڪئي. ٻئي ڏينهن تي انهيءَ ڳالهه جي حقيقت هئڻ جو احساس، ڪن مختلف موقعن تي ۽ انهيءَ مهل جنرل جي دل کي ٿيو، جڏهن بلوچن جي جنگي طوفان اڳيان سندس فوجن جي قطار ڇڄي ٿي پيئي، ۽ جنگ کي بحال ڪرڻ لاءِ، پٺتي رکيل مخصوص ۽ تازه دم فوج موجود ڪانه هئي، ان جي باوجود، ميجر آئوٽرام جي عدم موجودگيءَ جي نتيجي ۾ هن کي وڏو فائدو اهو حاصل ٿيو، جو مياڻيءَ جو سڄو ميدان اڪيلي سر سندس قبضي ۾ هو. جيڪڏهن ڪمشنر انهيءَ جنگ ۾ موجود هجي ها، ته فتح جو سڄو شان و شوڪت ۽ پوري شاباس انهن ماڻهن طرفان انهيءَ کي ئي انعام طور عطا ڪئي وڃي ها، جن شروع کان وٺي ئي ڪيس ڊپلوميسيءَ جي سڄي حڪمت سان نوازڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

فوج ١٤- تاريخ تي سڪرنڊ کان رواني ٿي، ۽ ١٦- تاريخ صبح جو مٽياريءَ اچي پهتي، جتي اها انهيءَ مهل حيدرآباد کان سورهن ميل پري هئي. شام ڌاري جاسوس اهڙيون رپورٽون کڻي آيا، جيڪي بعد ۾ عام طور صحيح ثابت ٿيون. سامهون واري طرف اميرن جون فوجون اسان کان فقط ڏهه ميل ئي دور مياڻي جي پرسان هڪ هنڌ تي جمع هيون، جيڪو ڦليليءَ جي سڪل پيٽ طرفان تشڪيل ٿي رهيو هو. اها ندي، جيڪا وڏي آهي، ۽ سيلابي موسم ۾ زوردار ۽ تيز رفتار سان وهندي آهي، هاڻي خشڪ ٿيئي هئي، البت ڪن ڪن هنڌن تي گهرائي ۾ گپ چيڪ،

۽ بيٺل پاڻيءَ جا ڍنڍا نظر اچي رهيا هئا. انهيءَ نديءَ جي پٺيان، ۽ خود ان جي پيٽ ۾ پندرهن هزار بلوچ فوجي مورچه زن هئا. پر سڀئي جاسوس هن ڳالهه تي اتفاق ڪري رهيا هئا ته پنجويهه يا ٽيهه هزار وڌيڪ سپاهه ۱۸- تاريخ تي صبح تائين اتي پهچي ويندا، ۽ گهٽ ۾ گهٽ اوترائي ماڻهو انگريزن جي پٺ ۽ پاسن کان موجود هئا. اها صورتحال زبردست نوعيت واري هئي. انگريزن جي فوج هاڻي گهٽجي وڃي ڪل ۲ هزار ۽ ڇهه سؤ ماڻهن تي مشتمل رهي هئي، جنهن ۾ هر قسم جا اهڙا سپاهي ۽ آفيسر شمار هئا، جيڪي جنگ جي ميدان ۾ وڙهڻ لائق هئا؛ ۽ انهيءَ تعداد مان انهن ٻن سون کي گهٽائڻو هو، جيڪي لشڪر کان الڳ ڪري ميجر آئوٽرام سان گڏ موڪليا ويا هئا.

فوجن جي تعداد ۾ اهڙي وسيع فرق هئڻ جي باوجود، جنرل ڪا دلگيري ڪانه ڏيکاري ۽ ريزيڊنسيءَ تي ٿيل حملي مان حاصل ڪيل هن معلومات ته بلوچ بهادر ۽ مستقل مزاج ويڙهاڪ آهن، هڪ دفعو وري پنهنجي صورتحال تي غور ڪيو. هن اڳا ۾ پنهنجي دليل بازيءَ جو بنياد پنهنجي انهيءَ عزم تي رکيو ته وحشين جي فوج جو تعداد، خواه پنجاهه هزار هجي يا هڪ سؤ هزار، تڏهن به ڪيس اهڙيءَ فوج جي آڏو ڪڏهن به پٺي ڏيکارڻ نه گهرجي. پر سوال هو ته ڇا، هو پاڻ حملي ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪري، يا انهن جي حملي کي برداشت ڪري؟ جيڪڏهن پوئين فيصلو ڪرڻو هو ته ان صورت ۾ ڪيس پنهنجي ڇانوڻيءَ کي هڪدم سنڌونديءَ تي قلعه بند ڪري، وڌيڪ ڪمڪ اچڻ جو انتظار ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڳالهه تي هو راضي ڪونه ٿيو. ان طرح هو دشمن اڳيان گويا خوف ۽ ڊپ جو مظاهرو ڪندا. ڇانوڻيءَ ۾ وبا ڦهلجڻ جو امڪان هو؛ مددگار فوج کي ايندي رستي ۾ ڪو حادثو به پيش اچي پئي سگهيو؛ ۽ سڀ کان آخر ۾، فوجن جي اڳين آڏو دشمن جي لشڪر جي

تعداد ۾ ڏينهنڊ ايترو سارو اضافو، سپاهين جي همت ۽ اعتماد ۾ ڪمي به آڻي پئي سگهيو، جن مان گهڻا انهيءَ جهنگلي ۽ وحشي لشڪر جي هٿان ماضيءَ ۾ شڪست کائي چڪا هئا، ۽ اهي سڀ ئي، ڪنهن نه ڪنهن حد تائين، ماضيءَ جي تباهڪارين جو اثر محسوس ڪري رهيا هئا.

ٻئي طرف، ڪيس محرم جي ڪري مختلف قبيلن جي گڏ ٿيڻ ۾ ڍيل دير جي پوريءَ طرح ڄاڻ هئي؛ ۽ هو انهيءَ وقت جو اٽڪل روءِ اندازو ڪري پئي سگهيو، جڏهن پنٽي رهيل بلوچ اميرن سان سياڻيءَ ۾ اچي گڏجي سگهندا. هن انهن جي مختلف مفاصلن ۽ سنڌن چرپر ڪرڻ جي رفتار جا انگ اکر جاچ ڪري معلوم ڪيا هئا، جيڪي ڪيس ١٨- تاريخ جي صبح تائين مهلت فراهم ڪري رهيا هئا. اها ڳالهه جاسوسن جي رپورٽن سان ٺهڪي پئي آئي. چنانچه، هن ٻئي ڏينهن صبح جو اميرن تي حملي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو؛ ۽ ڪيس اها ئي اميد هئي ته انهيءَ وقت سنڌس سامهون فقط پندرهن هزار بلوچ صف آرا هوندا. پر جاسوسن جي نگرانيءَ وارن هنڌن تان هٽڻ کان پوءِ، ويهه هزار بلوچ اوچتو درياءَ پار ڪري اچي سهڙيا ۽ اهي سڀ يعني پنجٽيهه هزار ماڻهو سنڌس سامهون موجود هئا. لشڪر جي انهيءَ وڏي تعداد ١٤- تاريخ تي درياءَ پار ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ اهي عين انهيءَ وقت ريزيڊنسيءَ کان ڪي ٿورائي ميل پرڀرو مياڻي ڏانهن پيشقدمي ڪري رهيا هئا، جڏهن ميجر آئوٽرام زوردار نموني ۾ اها دعويٰ ڪري رهيو هو ته اميرن سچ پچ پنهنجن هٿيار بند ماڻهن جي ٽولن کي چڙوچڙ ڪري ڇڏيو هو، ۽ اهو سڄو گوڙ گهمسان محض رستم لاءِ ڪجهه فائدو حاصل ڪرڻ خاطر هڪ هٿرادو ڍونگ هو.

اها خطرناڪ خبر، جنرل وٽ شام جي وقت پهتي، ۽ تنهن ۾ ڪا ڳالهه واضح ڪانه هئي، ۽ مختلف ماڻهن جون

ڳالهيون بہ مختلف هيون. انهيءَ خبر سندس فيصلي ۾ ڪو ڦيرو نہ آندو. هن ۾ ذري برابر بہ لوڏو نہ آيو. هڪ خانگي خط جي هيٺئين اقتباس مان، جيڪو هن مٿئين خبر ملڻ بعد لکيو؛ سندس عزم جي غير جذباتي نوعيت ۽ مضبوطيءَ جو ثبوت ملي ٿو: ”بلوچ ڏاڍيل آهن، جيڪي محض اسان جي خلاف پنهنجي جذبي، ۽ اسان جي طرفان غريب سنڌي رعايا جي حفاظت ڪرڻ تي جوش ۾ آيل آهن. هنن قرآن تي هٿ رکي قسم کنيو آهي تہ اهي انگريزن جي جنرل ۽ سندس لشڪر کي ناس ڪندا! جيئن تہ آءٌ انهيءَ آزمائش لاءِ تيار آهيان، انڪري آءٌ اڄ رات جو ڪوچ ڪندس ۽ صبح جو ڇهين وڳي تائين انهن کان چند ئي ميلن جي مفاصلي تائين پهچي ويندس. ممڪن آهي تہ مان پنهنجي فوج کي تيز رفتاريءَ سان وٺي وڃان ۽ هنن جي توقع کان اڳ ۾ ئي لڙائي شروع ڪريان انهيءَ ڳالهہ جو فيصلو هاڻي ۽ صبح جي درميان مختلف اسباب ئي ڪندا.“ - ”هنن جي گهوڙي سوار فوج ڏهن هزارن جي آهي، ۽ سا بہ هڪ اهڙي وسيع ميدان ۾ آهي، جيڪو بلڪل سڌو ۽ سخت قسم جي چيڪي مٽيءَ سان مليل ريتيءَ جي مٿاڇري وارو آهي. منهنجي گهوڙي سوار فوج فقط اٺن سون تي مشتمل آهي! انهن انگن ۾ تمام گهڻو فرق آهي. يعني هڪ جي مقابلي ۾ ڏهہ؛ بهرحال سپاهي يا ان کان هڪ ڏينهن پوءِ، اسان کي هڪ ٻئي جو قدر ۽ قيمت معلوم ٿي ويندا.“

١٦- تاريخ واري رات جو، فوج ڪوچ ڪيو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اٺين وڳي مهل، اسان جي هر اول دستي کي اميرن جي ڇانوڻي نظر آئي.* نائين وڳي مهل انگريزي فوج جنگ لاءِ قطارون ٻڌي بيٺي. بلوچ انهيءَ مهل اڳي ئي تيار

---

* ضميمو نمبر ١٤، پاڱو ١٤

بيٺل هئا، جيڪي پڪ ئي پڪ ٽيهن هزارن کان مٿي، ۽ ڪن جي چوڻ مطابق، چاليهه هزار هئا، ۽ ونن پندرهن ميداني توبون پڻ موجود هيون، پر جاسوسن گهوڙيسوارن جو تعداد پيٽو ڪري ٻڌايو هو؛ اهي فقط پنجن هزارن جي تعداد ۾ ميدان ۾ موجود هئا.

پياده فوج ڪي ڏاڍي مهارت ۽ مضبوطيءَ سان بيهاريو ويو هو. انهن جو سامهون وارو طرف ٻارهن سؤ والن جي اوچائي تي هو، جنهن جي هڪ طرف کان ڦليليءَ جو خشڪ پيٽ هو، جنهن جو اوچو ڪپ، جيڪو سامهون واري کليل ميدان طرف لاهيءَ وارو هو، هنن لاءِ هڪ مضبوط پناهگاهه فراهم ڪري رهيو هو. هنن جون توبون انهيءَ ڪناري جي اڳيان ٻن جدا جدا جهڳٽن ۾ بيهاريل هيون، جيڪي ٻنهي پاسن کي زد ۾ آڻي رهيون هيون؛ ۽ هاڻي، جيئن ته انگريزي فوج انهن جي گولن جي زد ۾ اچي قطارون ٺاهي رهي هئي، انڪري انهن جي توبن جي مٿنهن مان گولا نڪري مٿن باهه جو مينهن وسائي رهيا هئا.

بلوچن جي لشڪر جا بازو وڏن شڪارگاهن تي هئا، جيڪي سامهون واري ميدان جي ٻنهي پاسن کان ڪافي مفاصلي ۾ ايتري تائين ڦهليل هئا، جو جيڪڏهن انگريزن جي فوج پيشقدمي ڪرڻ لاءِ وڌي ته ان کي ٻنهي طرفن کان وڪوڙي سگهجي. اهي ٻيلا ڏاڍا وڏا ۽ وڻن ٽڻن ۽ جهنگ جهر سان ڀريل ۽ ڏاڍا گهاٽا هئا. بلوچن جي ساڄي پاسي وارو شڪارگاه مختلف ديگهه ۽ ويڪر وارن ننڍن ۽ وڏن واهن ۽ نيَن سان ڪٽيل ۽ ورهايل هو، پر اهي سڀ ئي ڏاڍا اونها هئا، ۽ ڦليلي سان ذري گهٽ گوني ڪنڊ ٺاهي وهي رهيا هئا؛ ۽ اهو وڏو ڦاٽ (ڦليلي) اوچتو ئي اوچتو ٻنهين پاسي ڏانهن وڪڙ کائي شڪارگاه جي پٺ ۾ هليو ويو، ۽ اهڙيءَ طرح

ان ۾ هڪ اهڙو وڏو گول وڪڙ آيل هو*، جنهن ۾ اميرن جي ڇانوڻي ۽ گهوڙيسوار فوج رکي ويئي هئي. ننڍن قاڻن ۽ نين کي احتياط سان کوٽيو ويو هو، جنهنڪري اهي توبن ۽ گهوڙيسوار فوج جي لنگهي وڃڻ جهڙا نه رهيا، ۽ انهن جي پٺيان وري بندوق بردارن جا ڪيئي دستا بيهاريل هئا.

دشمن جي کابي هٿ وٽ ڏاڍو وسيع شڪارگاه هو، ۽ جيتوڻيڪ اهو نئين کان آزاد هو، ان جي باوجود اهو انهيءَ پاسي کان کين ڏاڍو مضبوط مورچو مهيا ڪري رهيو هو. شڪارگاه جو جيڪو رخ ميدان طرف هو، اتي ان جي چوڌاري هڪ ديوار ٺهيل هئي، جنهن ۾ اچڻ وڃڻ جو هڪ رستو کليل هو، جيڪو تمام ويڪرو ڪونه هو، ۽ بلوچن جي ڇانوڻيءَ ۽ انگريزي فوج جي قطارن جي وچ تي هو. انهيءَ ۾ وري پنج يا ڇهه هزار پياده سپاهي بيهاريا ويا هئا، جنهن جو بظاهر مقصد اهو هو ته جڏهن انگريزن جي فوج حملي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي، تڏهن اهي سپاهي ديوار واري رستي کان اوچتو ٻاهر نڪرن ۽ حملهآور فوج جي پٺيان ۽ پاسي کان ان کي وڪوڙي وڃن.

جنرل اندازو ڪيو ته بلوچن جي ساڄي پاسي واري وڏي شڪارگاه وچان زوريءَ رستو چيري ڪڍڻ، ۽ انهيءَ بازوءَ واري لشڪر تي حملو ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، بيفائدي ۽ اجائي محنت ثابت ٿيندي؛ ان کان پاسو ڏيئي، ۽ وڏو وڪڙ کائي نڪرڻ جي ڪوشش ۾ سڄو ڏينهن ضايع ٿي ويندو؛ ان کان علاوه، قليليءَ جي گولائي واري وڪڙ جي نتيجي ۾، هو وري به پنهنجي فوج کي قليليءَ جي کپ تي آڻي پهچائيندو، جتي اها اهڙي نئي سني دفاعي جاءِ فراهم ڪري رهي هئي.

---

* ڏسو نقشو نمبر ٤

جنهن جي اندر سامان کي محفوظ ڪيو ويو؛ پر جنرل قديم زماني جي جرمنيءَ وارن جي هڪ طريقي کي حالات مطابق ٿوري گهٽي ڦيرڦار سان اختيار ڪري، انهيءَ اڻاه انبوهه کي پنهنجي لڙائي واري قطار جي هڪدم پٺيان گولائي ۾ گڏ ڪري، انهن کي اٺن جي ذريعي وڪوڙي ڇڏيو، جن جا مٿا اندرئين پاسي ڦيرائي هيٺ ليٽايو ويو ۽ ڳنڍڙين کي انهن جي وچ ۾ رکي اهڙو پناهگاه ٺاهيو ويو، جن جي پٺيان هٿياربند ڪيل پوئلڳن کي موقعي ملڻ سان دشمن تي گوليون هلائڻ لاءِ چيو ويو. اهڙيءَ طرح هڪ قسم جو اهڙو ڪوٽ تشڪيل ڏنو ويو، جنهن کي دليريءَ سان بچائڻ جي حالت ۾، دشمن آسانيءَ سان ان تي حملو ڪري نه سگهي ها. پوني واري گهوڙيسوار فوج مان اڌائي سؤ سوارن ۽ پيادل فوج جي ڇئن ڪمپنين کي ڪئپٽن ٽيٽ جي ماتحت محافظ دستي جو فرض سونپيو، هن باقي بچيل فوج سان، جيڪا هاٿي آفيسرن سميت، باقي وڃي ڪل ٻه هزار بچي هئي، هن پنهنجي لڙائي جو انتظام ڪرڻ شروع ڪيو؛ ترارين ۽ سنگينن وارا فوجي سپاهي ڪل ٺي، فقط سترهن سؤ اسي هئا!

ٻارهن توبون، ميجر لائڊ جي ماتحت هيون، جنهن جي ساڄي پاسي کان مدراس سيپرس جا پنجاه گوله انداز ۽ بارودي ڪاٺيون وڇائيندڙ ڪئپٽن هينڊرسن جي هٿ هيٺ رکيا ويا.

توبخاني جي کاٻي پاسي کان، بيخوف ڪرنل پيني فادر جي هٿ هيٺ، جيڪو اهڙن ماڻهن جي قيادت ڪرڻ جو پوريءَ طرح اهل هو، ٻاويهين ڪوئينس ريجمينٽ پيشقدمي ڪئي هئي. اها بٽالين جنهن جو تعداد اٽڪل پنج سؤ کن هو، سڄي ٺي آئرش لوڪن تي مشتمل هئي، جيڪي بدن جا جاڻتا، گرمجوشيءَ وارا ۽ خطرناڪ ۽ جوشيلا سپاهي هئا، جيڪي پنهنجي آڏو فقط فتح و ڪامرانيءَ کي ٺي ڏسندا هئا، ۽ دشمن جي تعداد کي شمار ۾ نه آڻيندا هئا.

ٻاويهين ريجمينٽ جي ڪاٻي پاسي کان بمبئي وارا سياهه فام سپاهي بيٺل هئا. اهي ماڻهو قد جا لانئيرا ۽ عام طور گهٽ ذاتين سان واسطو رکندڙ هئا، پر ڏاڍا جفاڪش، بهادر ۽ فرمانبردار هئا. ان کان سواءِ، گولين جي باهه ۾ اوچ ذات وارن جهڙائي سڻا، ۽ ان کان ٻاهر نڪرڻ تي انهن کان وڌيڪ مانيڏا هوندا هئا. انهن جي دلين ۾ وڏ ذاتين کان گهٽ تعصبات ۽ ٿوري مغروري هوندي هئي. انهن سان ڀرپاسي، ميجر ٽيزڊيل جي ماتحت، پنجويهين ريجمينٽ وارا هئا. اهي ٻاويهين ريجمينٽ جي پاسي ۾، پر ڪجهه قدر پٺيان هلي رهيا هئا، ڇاڪاڻ ته جنرل طرفان جنگ جي طريقي سان حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. انهن جي کاٻي هٿ طرف، ميجر ريڊ جي ماتحتيءَ ۾ ٻارهين ريجمينٽ هئي. انهن کان پوءِ، ميجر ڪلبورن جي هٿ هيٺ ڦرسٽ گرينڊيئرس اچي رهيا ها.

قطار جي ڏائي هٿ واري آخري ڇيڙي وٽ، پر ان جي باوجود، ٿورو پٺيرو، نائين بينگال گهوڙي سوار فوج جا دستا ڪرنل پٽل جي ماتحت اچي رهيا هئا. اهي ماڻهو اوچ ذات وارا سخت مزاج ۽ مغرور هئا.

ساڄي بازوءَ جي اڳيان پيادل فوج جا ڪجهه حمله آور بيهاريل هئا. ڏائي بازوءَ کان سنڌ جي بيقاعدي گهوڙي سوارن کي بيهاريو ويو هو، جيڪي ڏاڍا خارباز مشرقي ترار باز هئا، ۽ انهن جي اڳواڻي گهوڙي سوار فوج جو سائنسي فن جو ماهر آفيسر، ڪئپٽن جيڪب ڪري رهيو هو، جيڪو گهوڙي سوار فوج جي ملازمت لاءِ بيمثال اهليت رکندڙ آفيسر هو. انهن سنڌي بيقاعدي سوارن کي کاٻي بازوءَ کان، ۽ ٻاويهين ريجمينٽ جي پاسن وارين ڪمپنين کي ساڄي بازوءَ کان، سڀ کان اول ميدان ۾ اڳتي وڌايو ويو، ته جيئن بلوچن کي پنهنجي بيهڪ جي جاءِ ۽ تعداد کي ظاهر ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي،

ڇاڪاڻ تہ انهن جهنگلي جانبازن جي عادت اها هوندي آهي تہ اهي پنهنجي دشمن جي ويجهي اچڻ جي انتظار ۾ پاڻ کي ڪَڏن ۽ نين ۾ پوشيده ڪري لڪي ويهي رهندا آهن. اهي ماڻهو انهيءَ نموني سان ويهندا آهن، جو سنڌن بندوقون انهن جي مورچن جي سامهون واريءَ ديوار تي ٽڪائي رکيل هونديون آهن، ۽ تڏهن ڇوڙيون ويندڀون آهن، جڏهن دشمن ويجهو اچي پهچندو آهي. انهيءَ کان پوءِ اهي ڇوڙيل بندوق ڦٽي ڪري هٿن ۾ ترار ۽ ڍال پڪڙي، مورچي مان ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪرندا آهن، انهيءَ حالت ۾ هنن جي سامهون ايندڙ ۽ مقابلي ۾ جمي بيهندڙ ماڻهوءَ کي طاقتور ۽ باهمت هئڻ گهرجي، جيڪو مقابلو ڪري ان کان پوءِ زنده رهڻ جي آرزو ڪندو هوندو.

ٻنهي فوجن جي درميان جيڪو ميدان حائل هو، سو اٽڪل هڪ هزار کن وال ويڪرو هو. سٽن سون والن تائين اهو جهنگلي گاهہ ۽ ڪرڙ ڪانڊيرن سان ڍڪيل هو، جيڪي فوج جي قطارن کي اڳتي وڌڻ ۾ رنڊڪ وجهي رهيا هئا، پر باقي ميدان کي بلوچن طرفان ڦليلي جي ڪپ تائين صاف ڪيو ويو هو، تہ جيئن انهن کي پنهنجين بندوقن سان گولين هلائڻ لاءِ نشانو چٽائي سان ڏسڻ ۾ اچي سگهي. انهن هاڻي پري کان هوائي فائر ڪرڻ شروع ڪيا، ۽ پوءِ منهن وارن پيادن ۽ گهوڙيسوارن کي نشانو بڻايو، پر اڃا بہ نين ۽ شڪارگاهن ۾ لڪا ويٺا رهيا.

جڏهن فوج جي صف آرائي ٿي چڪي، تڏهن جنرل انهن کي اڳتي وڌڻ جو اشارو ڪيو، ۽ انهن جي اڳيان پاڻ پنهنجي عملي جي ماڻهن ۽ ترجمان، علي اڪبر سان گڏ، پيشقدمي ڪئي، جيڪو اعليٰ نسل ۽ عربن جي حقيقي جرئت وارو هڪ سچو ۽ شريف عرب آهي، جنهن ڪهڙي بہ خطري جي حالت ۾ پنهنجي سپہ سالار جو پاسو نہ ڇڏيو آهي. بلوچن جي بندوقن ۽ توبن مان لڳاتار ۽ مينهن وانگر گولا وسي رهيا

روڪڻو هو؛ ۽ ضرورت پوي ته اهي سڀ مري کپي وڃن، پر ڪنهن به قيمت تي، ڪنهن کي ٻاهر نڪرڻ نه ڏين! ۽ انهيءَ ٻـي ڏيي بهادر پنهنجن احڪامات جـي خوب تعميل ڪئي؛ هو اتي مري ويو، پر انهيءَ رستي جو دفاع ٿيندو رهيو. اهڙيءَ طرح ٻنهي ڌرين جـي لشڪرن جـي تعداد ۾ جيڪو زبردست فرق هو، سو گهٽجي ويو، ۽ فقط اسي ڄڻن جي وڏيڪ ماهرانه ڪارروائي سان ڇهن هـزار ماڻهن جـي سرگرميءَ کي بي اثر بڻايو ويو! انهيءَ ئي قسم جي اعليٰ سرڪردگيءَ جي، حالانڪ تعداد جي لحاظ کان گهٽ پيماني واري ضـرب هئي، جنهن ڊيوڪ آف مارلبرو لاءِ بلينهيم فتح ڪيو هو!

هاڻي، پيشقدمي ڪندڙ سپاهين جا چورس ڪالم، جن کي ريجمينٽن جـي صـورت ۾ تشڪيل ڏنو ويو هـو، دشمن جي مقابلي ۾ سندس سامهون آيا. انـگريزي فوج جو ساڄو بازو، شڪارگاهه جي ديوار جي سايه ۾ سلامتيءَ سان لنگهي رهيو هو، "ٽيو" جي بندوقن جي ٺڙا ٺڪ جي آوازن ۾ نعرا بلند ڪندو ۽ همت ۽ جـوش ۾ اضـافـو ڪندو اڳتي وڌي رهيو هـو. ڏائي طرف واري فـوج، ڪنڊي جي ٻوٽ کان ايندڙ گولين کان پاڻ بچائڻ لاءِ، جنهن لاءِ تجويز اهـا ڪيل هئي تـه ان تـي ڪلبورن پنهنجي ديسي گوله انـداز سپاهين سـان حملو ڪري، ڪجهه قدر پريشان هئي؛ انهيءَ وچ ۾ ميدان جي هموار سطح تي بلوچن جـي توبن جا گولا ۽ بندوقن سـان نڪرندڙ گوليون گويا ٻوهارو ڦيرائي رهيون هيون، جنهن جو وقت بوقت لائڊ جي توبخانه طرفان جواب ملندو پئي رهيو، پر ان هوندي به اهو جواب تيزي سان نه ملي رهيو هو، ڇو ته فوج جي دستن جا سپاهي پنهنجن لڪل دشمن سان هٿون هٿ ويڙهه ڪرڻ ۽ ڇنبا ملائڻ لاءِ ڏاڍي جوش و خروش ۽ تيزيءَ سان دباءُ وجهي رهيا هئا. جڏهن ٻاويهين ريجمينٽ ڦليليءَ جي اوچي سلامي واري ڪناري جي هڪ سؤ والن جي مفاصلي تي پهتي، تڏهن فوجي

سڄي ميدان ۾ ڦهليا پيا هئا، اهي سڀ پنهنجن متن کي وڏين ۽ ڪارين ڍالن سان محفوظ ڪندي، پنهنجين تيز ترارين کي لوڏائي رهيا هئا، جن مان سج جي تکن ڪرڻن ۾ اولڙا نڪري رهيا هئا، جيئن ئي انهن پوري قوت ۽ غضبناڪ جوش و خروش ۽ جنوني اشارن سان ٻاويهين ريجمينٽ جي توبن جي عين سامهون زوردار نعرا بلند ڪري شيطاني طاقت سان حملو ڪرڻ لاءِ پيشقدمي ڪئي، ته ائين معلوم ٿيڻ لڳو ته انهن جي گڏيل آوازن سان طوفاني گجگوڙ ٿي رهي هئي، جنهن جون لهرون سڄي ميدان ۽ آسپاس واري جهنگ ۾ گونج پيدا ڪري رهيون هيون. پر آئرش فوجين به، اهڙين ئي زوردار رڙين ۽ اهڙين ئي غضبناڪ ۽ وحشي آوازن، اهڙين ئي وڏين دلين ۽ طاقتور ٻانهن سان، هنن جو مقابلو هٿيارن جي آنهيءَ راڻيءَ انگريزي بندوق سان ڪيو، جنهن کي "مسڪيٽ" چيو وڃي ٿو، ۽ انهن پهرين صفن وارن جانبازن جي وڏي تعداد کي رتو رت ڪري پٺتي هٽائي ڇڏيو.

انهيءَ وچ ۾ ساڄي بازوءَ وارو بارودي سرنگن کوٽڻ وارو هڪ ننڍڙو ٽولو ڏاڍي دليري ۽ بي جگريءَ سان وڙهندو رهيو هو، ۽ آن توبخاني جي انهيءَ بازوءَ جو بچاءُ ڪيو ويو، جيڪو پنهنجي بيهڪ واري پوزيشن سبب ٿلهليءَ جي تري ۾ آڏو ۽ ترڇو ٿي سندس سامهون بيٺل بلوچن جي لاتعداد ماڻهن کي خطرناڪ نموني ۾ ماري ۽ ڪاٽي رهيو هو ۽ انهيءَ هنڌ زبردست رتوڇاڻ ٿي رهي هئي. ڪيلبورن جي گوله اندازن کان علاوه، باقي پيا ديسي سپاهي، جيڪي ڪنڊيءَ واري ڪوٽ ۾ دشمن سان جهڙپن ۾ مشغول هئا، جلد ئي ريجمينٽن جي صورت ۾، هڪٻئي جي پٺيان ايندڙ لهرن جي صورت ۾ دشمن جي زبردست حملي جي زد ۾ اچي ويا، پر انهن به بلڪل بيخوفي ۽ جرئتمنديءَ سان انهيءَ حملي جي تيزيءَ کي پاڻ ۾ جذب ڪري ورتو ۽ ڏاڍي بي جگريءَ سان مقابلو ڪيو.

بندوق بردارن جي نظاري جلدئي خاطري ڏياري ڇڏي ته ائين ڪرڻ ناممڪن هو، جنهن ڪري هو پٺتي موٽيو. جنرل پنهنجي ساڄي بازوءَ کي ڇڏي نه ڏني سگهيو، ڇو ته بلوچ تمام وڏي تعداد ۾ اڳتي ڌوڪيندا پئي آيا، ۽ مٿس زبردست دٻاءُ وجهي رهيا هئا؛ انهن جي لڙائي ڏاڍي خطرناڪ ۽ سخت هئي، ۽ انهن جي مقابلي ۾ هن جا ماڻهو ڏاڍا ٿڪل ۽ بيزار هئا؛ پر هن جي اک سڄي ميدان ۾ ڦري رهي هئي ۽ هن ڏٺو ته فتح دور ڪان بيٺي، ڪيس اشاري سان سڏي رهي هئي، حالانڪ ڪلبورن کي ان جو ڪو احساس ئي ڪونه هو ۽ هو ان جي موجودگيءَ کان بيخبر هو. چنانچه، هن پنهنجي آواز ۽ مثال ذريعي پنهنجي نائب ڪمانڊر، ڪرنل پٽل کي حڪم ڏيئي موڪليو ته بلوچن جي وڌندڙ غصي ۽ ڪاوڙ آڏو انتهائي مضبوطيءَ ۽ سختيءَ سان سينو ساهي، ۽ سمورا خطرا سر تي کڻي هر قيمت دشمن جي ساڄي بازوءَ تي بنگالي ۽ سنڌي گهوڙيسوارن جي سموري فوج ۽ طاقت سان حملو ڪري.

اِهو حڪم هڪ استاد ۽ ماهر انسان جو هو، جنهن جي تعميل باهه جهڙي تيز رفتاريءَ ۽ همت سان ڪئي ويئي. انهن مشرقي گهوڙيسوارن پنهنجن گهوڙن کي زور سان مهميز لڳائي ۽ بلوچ بندوقچين کي نظرانداز ڪيو، يا کين ڪُنڊيءَ جي ڪوٽ مان هڪالي ٻاهر ڪڍيو، ۽ ڪوٽ جي آسپاس ڦهليل نالين ۽ کڏن مٿان بنا ڪنهن رنڊڪ ۽ رڪاوٽ جي، گهوڙن تي ٽاپ ٽاپ ڪندا ويا، پر انهن جو تعداد ايڏو ته گهٽو هو؛ ۽ اهي ايتريقدر دشوار گذار هيون، جو انهن جي مٿان ٽپ ڏيندي سنڌي گهوڙيسوارن سان پنجاهه سپاهي هڪ ئي وقت گهوڙن جي پٺين تان ڪري پيا. پر هن آنهيءَ پاسي وارين بلوچن جي توبن وچان ڊوڙي، ٽليليءَ جي بلند ۽ بالا ڪناري تان گهوڙن وسيلي پار نڪري، انهيءَ اونهي واهه کي پار

جيڪا اُنهيءَ وقت ڇيڙي پوي ها ته هڪ اهڙي سڌي ۽ هموار ميدان تي ٿئي ها، جنهن ۾ انگريزي لشڪر جي پاسن وارين فوجن لاءِ ڪوبه بچاءُ ڪونه هو، ۽ جتي واهه جي اوچي ڪپ وارو فائدو موجود ڪونه هو. جنهنڪري جنرل اُنهن کي وڏيڪ ڇيڙڻ ۽ جوش ڏيارڻ موزون نه سمجهيو. هن پنهنجي فوج جي پيشقدميءَ کي روڪي، گهوڙيسوار دستن کي واپس گهرايو، ۽ انهن سڀني کي هڪ وسيع چورس جي صورت ۾ ترتيب سان ٻيهاري، فوج جو سامان ۽ ڇانوڻيءَ جي غير فوجي پوئلڳن کي ان جي وچ ۾، حفاظت سان پهچايو!

اهڙي هئي مياڻيءَ جي جنگ، جيڪا ١٧-فيبروري ١٨٤٣ع تي ٽيهن هزارن کان به وڌيڪ ماڻهن جي مقابلي ۾ ٻن هزار ماڻهن سان لڙي ويئي. اها پنهنجي عام انتظام ۽ ترتيب ۾، ۽ انهن سڀني ڳالهين ۾، جن جو آذار ڪمانڊر تي هو، بهادريءَ ۽ مهارت جي اشتراڪ جو مثال هئي؛ ۽ پنهنجن تفصيلن جي معاملي ۾، لڙاين جي تاريخ ۾ لکيل ڪارنامن مان ڪنهن کان به گهٽ ڪانه هئي. لڙائي جي پهرين قطارن ۾، انفرادي ۽ دوبدو مقابلن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو موجود هو، جن ۾ ڪنهن کي به پناه ڪانه ٿي ملي، ڪنهن به امان جو مطالبو نه پي ڪيو، ۽ نه ڪنهن کي امان ملڻ جي توقع ٿي هئي. ڏيهي سپاهي ۽ يورپي خواه بلوچ، سڀ جو سڀ ساڳيءَ طرح رتو رت ٿيل ۽ بي رحم هئا، جيڪي جان جي بدلي جان وٺي رهيا هئا، ۽ موت جي عيوض موت ڏيئي رهيا هئا. ٻنهي طرفن جي خونخواري لامحدود، ۽ وڏيل ڪٽيل لاشن جا ڍير خوفناڪ هئا. جنرل، ٻاويهين ريجمينٽ جي هڪ سپاهيءَ کي، هڪ ٽڪل ۽ ماندي بلوچ سردار کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان وڌندي ڏٺو ته ڪيس رڙ ڪري چيائين ته هن کي ڇڏي ڏي؛ سپاهيءَ اڳ ۾ ته پنهنجي سنگين بلوچ جي سيني ۾ گهرائيءَ تائين گهُسائي ڇڏي، ۽ پوءِ منهن ڦيرائي پنهنجي

جتن ڪيو، جنهن جي چوڏاري هڪ وڏو ۽ گهاٽو وڪڙن وارو پٽڪو پڻ ويڙهيل هو، پر فِٽز جيرالڊ جي ترار هيٺ لهندي بلوچ جي ڍال، پٽڪي، ۽ کوپڙيءَ کي صفائي سان چيري، هن جي ڏندن تائين هلي ويئي! اهي ڳالهيون اجائي وڏائي يا ڊِينگ بازي جا داستان، يا حد کان زياده وڌايل مبالغه آرايون ڪينهن، پر اهي سچا واقعا آهن، ۽ اها ڳالهه وڏي فخر جي آهي ته انهن سخت مزاج جانبازن، فولادي عضون وارن انهن دلير ۽ جرئتمند انسانن يڪ آواز ٿي، هيءَ ڳالهه تسليم ڪئي ته سنڌن جنرل انهن جي رهبري ۽ قيادت ڪرڻ جو اهل هو.

ويهه يورپي، جن ۾ چار فيلڊ آفيسر پڻ شامل هئا، انهيءَ لڙائي ۾ وڙهندي مارجي ويا ــ ڇهه قتل ڪيا ويا، انهن سان گڏ ٻه سؤ پنجاه سارجنٽ ۽ سپاهي، جن مان ذري گهٽ سٺ ڄڻا هڪدم مارجي ويا ميدان ۾ ڪم آيا ۽ هيءَ ڳالهه قابل ذڪر آهي ته جيئن ته گوله انداز سپاهين کي گهڻو وڙهڻو نه پيو هو، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته وڙهندڙ ماڻهن جو قريباً ڇهون حصو ختم ٿي ويو. بلوچن جو جاني نقصان بي انداز، بلڪ ذري گهٽ، اعتبار ڪرڻ کان ٻاهر هو، احتياط سان ڪيل شمار مان ڇهن هزارن جي مارجي وڃڻ جي پڪ ٿي چڪي، انهن سان اڪثر ماريا ويا، ڇاڪاڻ ته ڪنهن کي به پناه نه ڏني ويئي، فقط اهڙائي بچي فرار ٿي سگهيا هوندا، جن جي زخمن هنن کي بلڪل ئي معذور نه ڪيو هوندو. ڦليليءَ جي تري ۾ هڪ هزار لاشن جو ڍير پيل هو! اهڙيءَ طرح ڇٽن ڪلاڪن ۾ ٻن هزار ماڻهن، ڇهن هزارن کي قتل ڪري ڇڏيو! يعني سراسري طور هڪ ماڻهوءَ ٽن ڄڻن کي ختم ڪيو! سلامانڪا جي لڙائي ۾ هڪ لک ماڻهو، هڪ سؤ ٽيهن توبن سان سٺن يا اٺن ڪلاڪن مار ـ ماران ڪئي هئي، پر ان جي باوجود انگريزي فوج جي مٿان جو

تعداد مشڪل سان ٻي پنجن هزارن کان وڌيڪ ٿيو هوا ميانيءَ جي لڙائي اها، ۽ اهڙي خوفناڪ هئي!

انهيءَ رات انگريز جنرل پنهنجي ڇانوٽي ڦليليءَ جي پرئين ڪپ واري ميدان ۾ قائم ڪئي، پر هو پاڻ سمهڻ کان اڳ ۾، گهوڙي تي چڙهي اڪيلي سر خونريزيءَ واري جاءِ واردات تي، ايترن سارن مئل ماڻهن جي وچ ۾ ويو ۽ پنهنجا ٻئي هٿ آسمان طرف مٿي کڻي پاڻ کان هيءَ سوال ڪيو: "ڇا، آءٌ هن ڪوس جو ذميوار آهيان؟" هن جي ضمير جواب ڏنو ته، نه!

پوءِ هو آرام ڪرڻ لاءِ موٽي آيو ۽ اهڙي گهري ننڊ ڪيائين جو ميجر آئوٽرام، جيڪو شڪارگاهن جي خلاف پنهنجي مهم تان واپس اچي چڪو هو، سڄي ڇانوٽيءَ کي خطري جي هڪ ڪوڙي اطلاع جي نتيجي ۾ افراتفريءَ ۾ ڏسي جلد هن اها ڳالهه جنرل کي ٻڌائڻ لاءِ ويو، تڏهن کيس جاڳائڻ ۽ هوشيار ڪرڻ لاءِ جنرل کي زوريءَ بستري تان هٿڻي اٿارڻو پيو.

صبح جو باک ڦٽيءَ مهل هن اميرن کي پيغام ڏياري موڪليو ته جيڪڏهن هو اٺ نه مڃيندا ۽ پيش نه پوندا ته هو هڪدم حيدرآباد تي حملو ڪندو. پوءِ هنن جا وڪيل اهو پڇڻ لاءِ آيا ته هو ڪهڙا شرط پيش ڪري ٿو. "جيئدان، ۽ پيو ڪجهه به نه؟ ۽ مون کي اوهان جو فيصلو ٻارهين وڳي منجهند تائين گهرجي، ڇو ته انهيءَ مهل تائين آءٌ پنهنجن مري ويل سائين جي دفن ۽ سپاهين کي نيرن ڪارائڻ کان فارغ ٿي چڪو هوندس." جلد ئي پوءِ ڇهه خود مختيار ۽ آزاد شهزادا، يعني اپر سنڌ وارا امير نصير، رستم ۽ محمد، ۽ لوئر سنڌ وارا نصير خان، شهداد ۽ نوجوان حسين گهوڙن تي سوار ٿي سندس ڇانوٽيءَ ۾ داخل ٿيا، ۽ پاڻ کي قيدين طور پيش ڪيو. هنن پنهنجي قلعي جو قبضو ڇڏيو ۽ پنهنجيون

قيمتي ترارين ۽ ٻيا هٿيار پنوهار جنرل جي قدمن ۾ رکيا. انهن هٿيارن جي قيمت ڪيترائي هزار پائونڊ هئي؛ اهي فاتح جو حقي واجبي مالِ غنيمت هئا، جنهن لاءِ ڪوئي به هن سان تنازعو يا تڪرار نه ٿي ڪري سگهيو، يا ڪوئي پائيواريءَ جو حق جتائي ٿي سگهيو؛ ان ڪان سواءِ، اها ڳالهه هڪ پرائيويٽ جينٽلمئن لاءِ معمولي شان واري ڪانه ٿئي ها، جڏهن هو ايترن سارن خودمختيار ۽ آزاد حڪمرانن جا هٿيار پنهنجي اسلحه خاني ۾ شامل ڪري ها، پر هن پنهنجن قيدين لاءِ رحم جي جذبي کان متاثر ٿي ۽ اهڙن فائدن کان نفرت جو اظهار ڪندي، اهي هٿيار کين واپس ڏنا، ۽ انهيءَ باري ۾ گورنر کي هنن لفظن ۾ سڌي سادي رپورٽ لکي موڪلي- ”هنن جي بدنصيبي ۽ بدبختي خود سندن ئي پيدا ڪيل آهي، پر جيئن ته اهي عظيم هئا؛ انڪري مون هنن کي سندن ترارون واپس ڏنيون.“

اهي هٿيار محض شاهاڻي ٺاٺ باٺ لاءِ سينگاريل ۽ ٺاهيل شيون هئا. امير هميشه مشهور و معروف ترارين جمع ڪرڻ جا شوقين رهيا هئا، ۽ ايشيا جي مشهور ترين ترارين مان ٿي ترارون، جن مان هڪ نادرشاهه جي هئي، لڙائيءَ جي ميدان مان رت سان رنگيل حالت ۾ هٿ آيون هيون، جتي آهي سندن مالڪن طرفان نه، چاڪاڻ ته اميرن کي لڙائي ڪندي نه ڏٺو ويو هو، بلڪ سندن انتهائي بهادر شيدين طرفان اُڇلايون ويون هيون، جيڪي انهن لاءِ سون جي تعداد ۾ قتل ٿيا هئا. اهڙي ڪابه ڪهاڻي ٻڌڻ ۾ نه آئي آهي ته حيدرآباد واري امير محمد خان، ۽ ميرپور واري امير شير محمد کان سواءِ، ٻئي ڪنهن به امير پاڻ کي لڙائي ۾ شامل ٿي، جسماني خطري ۾ وڌو هو، انهن ٻنهي مان هڪ به مياڻيءَ ۾ موجود ڪونه هو. محمد خان ۽ صوبدار ڪنهن مهل به قلعي کان ٻاهر قدم نه رکيو هو. انهن مان اول الذڪر پنهنجي زخمن سبب، ۽

آهي ٿي دشمن آخر ۾ اچي اهڙي وقت تي دوستيءَ جو دم پريندا، جڏهن انهن کي هٿيارن سان مقابلو ڪرڻ ناممڪن نظر ايندو، تہ پوءِ هو انهن سان مهربانيءَ جي بلڪل آبتڙ سلوڪ ڪندو. هنن سان انهيءَ طريقي جي روش، جيڪا ڪجهہ تہ سٺي حڪمت عمليءَ جو نتيجو آهي، ۽ ڪجهہ قدر هن جي قدرتي جذبات جو اثر آهي، انهن جهنگلي ۽ بهادر انسانن کي حيرت انگيز نموني سان متاثر ڪيو آهي. هنن کي عزت ۽ وقار جا ڏاڍا سخت، حالانڪ وحشيانہ نوعيت جا خيال آهن، ۽ انهن کي احسانمنديءَ جو بہ اهڙوئي شديد احساس آهي، جهڙو دشمنيءَ جو.

هن پنهنجي بهادر سائين جي تعريف پڻ، انهيءَ احساس سان ڪئي، جنهن جا اهي خود سنڌس ۽ پنهنجي وطن پاران ملڻ جا حقدار هئا. انگريزن جي سرڪاري خط و ڪتابت ۾، تاريخ ۾ پهريون دفعو اهڙن خانگي سپاهين جا نالا شامل ڪيا ويا، جن پاڻ کي جنگ جي ميدان ۾ ڪيل ڪارنامن سان نمايان ۽ سرخرو ڪيو هو*، ۽ اهڙيءَ طرح انهن کي سندن هموطنين سان متعارف ۽ روشناس ڪرايو ويو. اها نئين ڳالهہ، هڪدم ماڻهن ۾ پاڻپي ۽ ڏسي ورتي جن ڪڏهن بہ سندس ماتحت ڪا خدمت سرانجام نہ ڏني هئي، ۽ هنن ان جي تعريف ڪئي، انهيءَ ڳالهہ، هن جي نالي کي اهڙن هزارين ماڻهن ۾ محبوب بڻائي ڇڏيو آهي، جن ڪڏهن بہ هن کي نہ ڏٺو آهي، ۽ نہ آئينده ئي ڪيس ڏسي نہ سگهندا، ڇاڪاڻ تہ انگريز فوجيءَ کي عزت ۽ وقار جو شديد احساس هوندو آهي. هن جي رپورٽ سان اهو پڻ ثابت ٿيو تہ فوجي شان و شوڪت جي شوق ۽ آرزوءَ سندس ڪارڪردگيءَ ۾ ڪم کي ڪيترو بہ گهٽ متاثر ڪيو. انهيءَ جي ابتدا ايڏي عظيم فتح حاصل ڪرڻ لاءِ معافي گهرڻ سان ٿئي ٿي.

---

*ضميمو نمبر ٧

# باب چوٿون

جڏهن مفتوح اميرن جي آجيان واري تقريب ختم ٿي، تڏهن جنرل حيدرآباد جي قبضي وٺڻ جي تياري ڪئي. هن ڪان اڳ ۾ هن انهيءَ ڳالهه جو پڪو ارادو ڪيو هو ته هو ميرپور واري شير محمد جي خلاف پنهنجي سڄي لشڪر کي وٺي ويندو. اهو امير، جيڪو ٻين اميرن لاءِ ڏهن هزار ماڻهن کي ساڻ وٺي آيو هو، ۽ جنهن ۱۸-تاريخ تي صبح جو انهن سان وڃي ملڻ جو عزم ڪيو هو سو، جڏهن مياڻي جي ميدان ۾ لڙائي شروع ٿي ختم به ٿي ويئي هئي، انهيءَ مهل مياڻيءَ کان فقط ڇهه ميل ئي پري هو. انهيءَ امير تي حملو ڪرڻ ۽ ساڳي وقت حيدرآباد تي قبضو ڪري سگهڻ لاءِ جنرل مٿي بيان ڪيل سخت پيغام اميرن ڏانهن ڏياري موڪليو هو، ۽ هن سندن اهڙي شڪست کائڻ تي انهن جي دلين ۾ پيدا ٿيل خوف جي جذبي تي آڌار رکيو هو، جنهن لاءِ کيس پورو پورو سبب هو؛ اهڙيءَ طرح اميرن جي پيش پوڻ کان چند ئي ڪلاڪن ۾ شير محمد تي اوچتو حملي ڪيو وڃي ها، جنهن ۾ مقابلو ڪندي يا ته هو مارجي وڃي ها، يا قيد ڪيو وڃي ها، بشرطيڪ ميجر آئوٽرام، جيڪو انهيءَ مهم جي دوران بدروح ۽ فوج جو آريمينس هو، انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ موجود نه هجي ها. هن شڪارگاهن کي ساڙي ڇڏيو هو، جنهن ڪم ۾ سندس مخالفت ڪرڻ وارو ڪوئي به ڪونه هو. انهن کي ڏنل باهين جو دونهون جنگ جي ميدان مان نظر اچي ها، پر آهو به تڏهن، جڏهن لڙائي ختم ٿي وڃي ها، ڇاڪاڻ ته ان مهل ڪنهن کي به ڏورانهين شين کي ڏسڻ جو ڪو خيال ئي

ڪونہ هو. هن سر چارلس نيپئر کي خاطري ڏني تہ انهيءَ مهم، جنهن ۾ دشمن جي عدم موجودگيءَ سبب ڪابہ دشواري يا رڪاوٽ درپيش ڪانہ آئي هئي، انهيءَ ڏينهن جي ڪاميابيءَ ۽ فتح ۾ وڏي مدد ڪئي هئي، پر جنرل پنهنجي خط ۾ انهيءَ ڳالهہ کي ڪا خاص اهميت ڪانہ ڏني، ڇاڪاڻ تہ اهڙي جهنگ جي سڙڻ جو، جيڪو اتان کان ڏهہ ميل پري هو، اهڙي لڙائيءَ تي ڪهڙو اثر پئي ٿي سگهيو؟

ميجر آئوٽرام جي قدرتي سرگرمي، جيڪڏهن انهن معاملن تي مرڪوز ڪئي وڃي ها، جن کي هو چڱيءَ طرح سمجهي پئي سگهيو، تہ اها يقيناً فائديمند ثابت ٿي سگهي ها؛ پر جيئن تہ هو هميشه اهڙن معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ لاءِ ڪمربستہ رهندو هو، جيڪي سندس ذهني دسترس کان ٻاهر هوندا هئا، انڪري ڪن موقعن تي سندس هٺ ۽ ضد سندس بالا آفيسر جي فيصلي مٿان حاوي ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هاڻي هن ڪيس منٿ ڪئي تہ هو شير محمد جي خلاف پيشقدمي نہ ڪري. هن ڇيو تہ هو انهيءَ ماڻهوءَ کي شخصي طور ۽ پوري طرح سڃاڻندو هو. هو سندس اخلاق، موجوده خيالن، طبيعت، سندس عام پاليسيءَ ۽ فطرت کي سمجهي رهيو هو. هو ڪڏهن بہ لڙائي نہ ڪندو. هن جيڪا پيشقدمي ڪئي هئي، سا محض ڊيڄارڻ جو هڪ ڏيک هو؛ دراصل هو پيش پوڻ ۽ امن حاصل ڪرڻ ۾ وڏي خوشي محسوس ڪندو. جيڪڏهن سندس موجوده اڳرائي کي نظرانداز ڪيو ويندو تہ هو هڪدم انهيءَ نتيجي تي وڃي پهچندو. هن ڏانهن خط لکي موڪليو ۽ توهان ڏسندا تہ هو ايتريقدر نرم آهي، جيتريقدر ڪنهن ۾ نرميءَ جي خواهش ڪري سگهجي ٿي. پر هن جي خلاف پيشقدمي ڪرڻ سان، نتيجو شرارت ۽ خونريزيءَ جي صورت ۾ نڪرندو. اهڙا ۽ اهي هئا دليل، جن سان جنرل کي متاثر ڪيو ويو، تان جو هن هڪ منحوس

گهڙيءَ ۾ اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ چيو، "تہ پوءِ جيڪي چاهيو ٿا، سو لکو؛ آءٌ ان تي دستخط ڪندس."

اها گهڙي ڏاڍي بدنصيبيءَ واري هئي؛ جڏهن اها ديده دليريءَ واري صلاح مڃي ويئي. جيڪڏهن رٿا مطابق فوج پيشقدمي ڪري ها، تہ شير محمد اوچتي حملي ڪان حيران ۽ پريشان ٿي پوي ها، شڪست کائي ها، ۽ سندس دارالحڪومت تي ٿن ڏينهن ۾ قبضو ٿي وڃي ها. هن کي اها ڳالهہ چڱيءَ طرح معلوم هئي، ۽ هن لڙائي جي نتيجي کان باخبر ٿيڻ بعد پهرئين خوف وچان لکي موڪليو تہ انهيءَ لڙائي ۾ هن جو ڪو هٿ ڪونہ هو؛ هن پنهنجي سرحد کي پار نہ ڪيو هو. اها ڳالهہ غلط هئي، پر ان جي باوجود اهو بهانو قبول ڪيو ويو ۽ کيس آڻ مڃڻ لاءِ مجبور ڪرڻ جي رٿا تي پوريءَ طرح عمل شروع ڪيو ويو. امير کي، هاڻي جيئن تہ سندس پوزيشن تي نظرثاني ڪرڻ جو موقعو مليو، ان ڪري هن پنهنجي هٿي وڃي پاڻ کي سلامتي واري جاءِ تي پهچايو، ميجر آئوٽرام جي پُر اعتماد سادگيءَ تي خوب کليو ۽ انهن بلوچ جانبازن کي پنهنجين صفن ۾ شامل ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪي لڙائي جي ميدان مان فرار ٿي آيا هئا. ٿورن ئي ڏينهن اندر هن جي هٿ هيٺ پنجويهن کان وٺي ٽيهن هزارن تائين جنگجو ۽ بهادر بلوچ سپاهي گڏ ٿي ويا. اهي هميشه وانگر جوشيلا هئا ۽ اڃا تائين نااميد ۽ نراس ڪين ٿيا هئا، ۽ جلدئي هن انهن جي مدد سان جنگ جي دوباره شروعات ڪئي، هن پنهنجي وڏي، ۽ مضبوطيءَ سان قلعہ بند ٿيل دارالحڪومت ميرپور خاص کي، جيڪو ريگستان جي ڇيڙي تي واقع هو، جنگي ڪارروائن جو بنياد بنايو، ۽ شڪست جي حالت ۾ هن وٽ ريگستان جي عين وچ ۾ واقع عمرڪوٽ نالي پيو قلعو پناهہ لاءِ موجود هو، جنهن ۾ هن ڪافي مقدار ۾ رسد جو سامان ۽ بارود پري ڇڏيو هو. سر چارلس نيپئر طرفان اها

جي ذريعي قبضو ٿي سگهي ها؛ جنهن لاءِ ان جي پاسن کان مٽيءَ طرح دفاع نہ هئڻ سبب سهولت ملي پئي سگهي. بلوچ جانباز جيتوڻيڪ لڙائي کان فرار ٿي پناه لاءِ آيل هئا، پر ان جي باوجود اهي پوءِ بہ اهڙائي غضبناڪ هئا؛ جهڙا جنگ کان اڳ ۾؛ ۽ اچا بہ انهن جو تعداد تمام گهڻو هو، ڇاڪاڻ تہ مياڻيءَ کان پٺتي هٽڻ جي دوران ڏهہ هزار تازه دم ساٿهو انهن سان رستي ۾ اچي مليا هئا، اهي سڀ قلعي ۽ شهر جي هر هڪ گهر جو بچاءَ ڪرڻ لاءِ تيار هئا، جو عمارتن جون ٿلهيون پٿيون اهڙي لڙائيءَ لاءِ بلڪل موزون ۽ مناسب هيون. پر اميرن جڏهن ڏٺو تہ انهيءَ طرح سندن جسماني سلامتيءَ کي خطرو درپيش ايندو، انڪري اهي خوفزده ٿي ويا ۽ لڙائي ڪرڻ لاءِ آماده نہ ٿيا، ان کان پوءِ بلوچ نراس ۽ مايوس ٿي شير محمد سان ملڻ لاءِ هليا ويا؛ ۽ ٽالپر شهزادا گهوڙن تي سوار ٿي پنهنجيون تراريون پيش ڪرڻ لاءِ انگريزن جي ڇانوڻيءَ طرف روانا ٿيا، اهڙيءَ طرح انهن وارڪانڊاريندڙ ظلم ۽ ستم ۽ وحشيانہ عيش و عشرت جو طويل عرصو، نفرت‌انگيز بزدليءَ جي صورت ۾ ختم ڪيو.

اونهاري جي شديد گرميءَ واري موسم هاڻي تيزيءَ سان اچي رهي هئي ۽ ڇانوَ ۾ ٿرماميٽر گرميءَ جو ١١٢ درجو ڏيکاري رهيو هو. ان جي باوجود جنرل، جنهن کي معلوم هو تہ اميرن طرفان، فتحياب ٿيڻ جي حالت ۾، انگريزن جي خونريزي، ۽ خود سندس لاءِ جنهن خطرناڪ حالت جي رٿا تيار ڪئي ويئي هئي، ۽ جنهن انهيءَ معلومات هئڻ جي باوجود کين سندن تراريون هن ڪري واپس ڪيون هيون، جو انهن جي بدبختي تمام وڏي هئي، تنهن هاڻي انهن کي سندن محل ۽ باغن سان لطف اندوز ٿيڻ جي پوري آزادي ڏيئي ڇڏي، ۽ پاڻ انهيءَ ساڙيندڙ گرميءَ ۾ هڪ سادي ميداني تنبوءَ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني، ۽ سندن رهائشگاهن ۾ داخل

ڪٿيو هو، سنڌس ڪاميابيءَ جا امڪان ويهن جي مقابلي ۾ هيڪوٽا مس هجن ها. هن کي معلوم هو ته انهيءَ امير وٽ، جنهن لاءِ مشهور هو ته هو سڄي ٽالپر خاندان ۾ بهترين سپاهي آهي، ايترو خزانو ڪونه هو، جيترو ٻين اميرن وٽ هو، جنهنڪري هن اهائي ڳالهه بهتر سمجهي ته هن کي سنڌس رٿائن جي مڪمل ڪرڻ لاءِ في الحال آزاد ڇڏي ڏجي ۽ ڪيس نئون لشڪر گڏ ڪرڻ جو به موقعو ڏجي، ته جيئن هڪ ئي وقت ۾ هن جي غرور ۾ اضافو ٿيندو رهي ۽ خزانو کٽندو وڃي.

انهن ٻنهي ڳالهين سبب هو هڪدم جوش ۾ اچي، يقيناً انگريزي ڇانوڻيءَ جي دروازن تي پهچي لڙائي ڪندو، ۽ شايد همت ڪري ان تي حملو به ڪري. اها ڳالهه انگريزي فوج کي ڪيس کولڻ لاءِ گرميءَ ۾ ڏگهين منزلن ڪرڻ ۽ نقصان سهڻ کان هڪ طرف بچائيندي، ته ٻئي طرف لڙائي مرضيءَ مطابق ٿيندي، اهي بنا ڪنهن ٿڪاوٽ جي، تازه دم حالت ۾ ٻاهر نڪري لڙائي ڪندا، ۽ ڪنهن به حادثي جي حالت ۾ سنڌن پنيان ئي بلڪل ويجهڙائي ۾ هنن لاءِ پناهگاه به موجود هوندو. هارائڻ تسوڙي ڪٽڻ، ٻنهي حالتن ۾ هو پنهنجن زخمي ساٿين کي آسانيءَ سان کڻي وڃي سگهندا ۽ انهن جي سار سنڀال لڏي ويندي. انهيءَ آخري مقصد جو، جنرل کي ڏاڍو فڪر دامنگير هو، حالانڪ وڏن شهرن کان دور اهو ڪم بمشڪل ئي ممڪن هو.

صورتحال جو اهڙيءَ طرح جائزو وٺڻ بعد، هن خاموش ٿي رهڻ جو فيصلو ڪيو، ۽ هڪدم ڪراچيءَ ڏانهن آرڊر موڪلي ڏنا ته فوج جو هر اهڙو دستو، جنهن کي ڇڏي سگهجي ٿو، بنا ڪنهن دير جي هن ڏانهن روانو ڪيو وڃي. پر هن جو وڏي ۾ وڏو آسرو سکر تي هو، جتان کان هن کي

هن جهازن کي درياءَ جي ساڄي ڪپ وارن قبيلن جي حملن کان بچائڻ لاءِ، سنڌو نديءَ جي پرئين ڪپ تي هڪ قلعي جي تعمير پڻ شروع ڪئي. انهيءَ ڇانوڻيءَ ۾، جيڪا حيدرآباد کان اٽڪل ڇهن ميلن جي مفاصلي تي هئي، هن پنهنجون اسپتالون ۽ گدام قائم ڪيا. ان کان پوءِ، اهو ماڻهو، جيڪو پهريائين اهڙو دلير ۽ مهم جُوُ بڻجي رهيو هو، اوچتو سڀني کان وڌيڪ محتاط ۽ خبردار بنجي پيو، ۽ ظاهري هلت چلت ۾ ڪمانڊرن کان ڊڄڻ ۽ سندن موجودگيءَ کي نظرانداز ڪرڻ لڳو، حالات جي مطابق پاڻ کي بدلائيندي، ۽ ڪنهن به احتياط کي نظرانداز نه ڪندي، هو ڏاڍي صبر ۽ تحمل سان انهيءَ گهڙيءَ جو انتظار ڪندو رهيو، جڏهن هو مياڻيءَ واري جوشيلي جنرل کي هڪ دفعو وري ٻيهر ٻاهر نڪرڻ لاءِ آماده ڪري سگهي. هن انهيءَ احتياط ۽ خبرداريءَ لاءِ پڻ انهيءَ عظيم ڪپتان جي ڪليل تعريف حاصل ڪئي، جيڪو انهيءَ هلت چلت جو بهترين نموني سان احساس ڪري ٿي سگهيو:

”هن دشمن* جي ڇانوڻيءَ تي قبضو ڪيو، سندس توبون هٿ ڪيون، ۽ انتهائي مڪمل فتح حاصل ڪئي ۽ ائين ڪندي هن اهڙي پوزيشن اختيار ڪئي، جنهن ۾ مٿس وري ٿي حملي ٿيڻ جو امڪان باقي ڪونه رهيو. هن نه فقط حيدرآباد، ۽ ان جي ٺپيان سنڌونديءَ واري حصي تي قبضو ڪيو، هن پنهنجي لاءِ درياءَ رستي ڪمڪ پڻ اتي گهرائي ورتي ۽ اهڙيءَ طرح هن پاڻ کي انهيءَ فوج کان وڌيڪ طاقتور ۽ مضبوط فوج جو مهندار بڻايو، جيڪا لڙائي جي شروعات کان اڳ سندس قيادت ۾ هئي. هن هڪ اهڙي آفيسر جي

---

* ڊيوڪ آف ويلنگٽن جي تقرير، شڪراداڻي جي ووٽ جي موقعي تي ڪيل بحث.

اورنگزيب جو فرانسيسي معالج، برنيئر پڪ سان چوي ٿو ته سنڌ جي حڪمرانن وٽ خزاني لڪائڻ جا خفيه تهخانا، خصوصاً عمرڪوٽ ۾ موجود هئا، جن کي ڳولي لهڻ انتهائي مشڪل ڪم آهي. اهي تهخانا مشڪل وقتن ۾ خزاني لڪائڻ لاءِ ڪم آندا ويندا آهن. اهو به ممڪن هو ته زناني جون عورتون پڻ ڪيترائي قيمتي هيرا جواهر لڪائي پاڻ سان کڻي ويون هونديون. چاڪاڻ ته جنرل طرفان کنهن به ماڻهوءَ کي سنڌن ڪمرن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏني ويئي. انهن جي زيورن، ڪپڙن ۽ انهن هيرن جواهرن تي، جن لاءِ انهن پنهنجي ملڪيت هئڻ جي دعويٰ ڪئي، اهڙيءَ ته سختيءَ سان ڪنهن کي هٿ وجهڻ نه ڏنو ويو، جو جڏهن ڪن غلامن زنانن جي دروازن کان عورتن جا زيور ٻاهر ڪڍي پئي ڏنا، ته مال غنيمت جي فوجي ايجنٽن اهي زيور هڪدم انهن زنانن ۾ واپس موڪلي ڏنا. نيٺ جڏهن انهن عورتن پنهنجي رضامنديءَ سان پنهنجن پيڪن گهرن ڏانهن وڃڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، جتان انهن کي زوري کڻي آندو ويو هو، تڏهن جنرل انهن کي بنا تلاشيءَ جي سنڌن سخت قيد خانن کان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڏني. هن کي انهيءَ ڳالهه جو فڪر هو ته اميرن جي ظلمن جون ستايل هي غريب عورتون پنهنجن عزيزن ڏانهن موٽڻ مهل پنهنجن سابق ستائيندڙن جي خزانن سان کنيل سابق شان و شوڪت جون ڪجهه نشانيون پاڻ سان کڻي وڃن، جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ سان خود سنڌس ۽ فوجين جو حصو گهٽجي پيو وڃي، بشرطيڪ انهن کي حصو ملڻو آهي، جن اها لڙائي کٽي هئي. لارڊ ايلنبرو انهن کي يقيناً انهيءَ مال مان ڪجهه حصو ڏني ها، جن ترار سان ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ محنت ڪئي هئي؛ پر ائين پيو معلوم ٿئي ته اهو خزانو خاموشيءَ سان انهن جي کيسن ۾ منتقل ٿي رهيو آهي، جيڪي قلم جو پورهيو ڪندڙ آهن. عام طور ائين سمجهيو پيو وڃي ته سر چارلس نيپئر کي

مطابق پنهنجي لشڪر کي تباهه ۽ برباد ٿيڻ نه ڏنو، انهيءَ ڪري هندستان ۽ انگلنڊ ۾ هن جي اخلاق تي حملا ڪيا ويا آهن ۽ سنڌ ۾ ڪارڪردگيءَ کي غلط رنگ ۾ پيش ڪيو ويو آهي؛ گويا هو جيڪو درحقيقت انتهائي فراخدل ۽ رحمدل انسانن سان هڪ هو، محض هڪ وحشي فاتح هو، جيڪو هروقت رتوڇاڻ ڪرڻ جو عادي هو؛ ۽ پنهنجن بد نصيب قيدين کي بيعزت ڪرڻ ۽ ڏمڪائڻ لاءِ تيار رهندو هو. خوشقسمتيءَ سان انهيءَ وقت هو ميجر آئوٽرام جي مشورن ۽ صلاحن جي بار برداشت ڪرڻ کان آجو ۽ آزاد هو. جيئن ته انهيءَ آفيسر جا ڪمشنر جي حيثيت ۾ فرائض ختم ٿي چڪا هئا، انڪري هو بمبئي هليو ويو هو. سر جارج آرٿر هن غلط خيال کان ته شايد سر چارلس نيپئر پنهنجي ڪنهن فوجي ڪائونسل جي مشوري سان ڪم ڪندو هو. هيءَ تجويز ڏني ته ميجر آئوٽرام کي هڪ فوجي آفيسر طور پوءِ به رهڻ گهرجي ها. آئوٽرام کي معلوم هو ته جنرل ائين ڪونه ڪندو هو، تڏهن به هو هڪدم واپس موٽي ويو. پر جنرل کي، جيڪو اڃا به هن کي هڪ دوست سمجهي رهيو هو، هاڻي هن جي فيصلي جي قوت جي فقدان جي خاطري ٿي چڪي هئي، جنهنڪري هن سنڌ ۾ مدد جي پيشڪش کي سختيءَ سان رد ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ آئوٽرام انگلنڊ هليو ويو، جتي هن جو برو اثر اڃا به ڪجهه وقت پوءِ تائين باقي رهيو، جيڪا ڳالهه جنرل ۽ سنڌ ۾ زير قيادت ڪم ڪندڙ بهادر فوجن لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي.

شروع ۾ هن ڳالهه جي فيصلي ڪرڻ، ته اميرن سان ڪهڙو سلوڪ روا رکجي، هڪ منجهائيندڙ صورتحال پيدا ڪري وڌي؛ جنهنڪري انهيءَ مونجهاري انهن اقدامات ڪرڻ ۾ رڪاوٽ حائل ڪئي، جيڪي فوج جي سلامتيءَ لاءِ ضروري هئا. ڇا، اهي امير جنگي قيدي هئا؛ يا معزول ٿيل شهزادا؟

لڙائيءَ، هنن جي خودمختار ۽ آزاد شهزادن جي حيثيت ۽ ائنگلو انڊين گورنمينٽ جي درميان باهمي تعلقات جي نوعيت کي بدلائي ڇڏيو هو. هاڻي ته نئين عهدنامي تي عمل ڪرائڻ جو سوال ئي باقي نه رهيو هو. هنن ترار سان فيصلي ڪرڻ کي ترجيح ڏني هئي، ۽ لڙائي ۾ ڪاڌل هار هنن کي سنڌن فاتح جي رحم و ڪرم تي آڻي ڇڏيو هو. سوال هو ته گورنر جنرل هنن سان ڪهڙو ورتاءُ ڪندو؟ انهيءَ سوال جو فيصلو مياڻيءَ جي جنگ کان چوويهه ڏينهن پوءِ، ١٢- مارچ تي ڪيو ويو. لارڊ ايلنبرو، هڪ پڌرنامي جي ذريعي سنڌ جي علاقي کي مشرق جي انگريزي مقبوضات ۾ ملائي ڇڏيو ۽ اميرن کي قيدي بڻائي بمبئي موڪلڻ جو حڪم ڏنو.

گورنر جنرل هن طرح پنهنجي پاليسيءَ جي وضاحت ڪئي ۽ ان کي حق بجانب ثابت ڪيو: ”مياڻيءَ جي لڙائيءَ انهيءَ پوزيشن کي بلڪل بدلائي ڇڏيو، جيڪا انگريزي حڪومت ۽ سنڌ جي اميرن ۾ موجود هئي. ان کان پوءِ هنن ۾ ڪنهن به طرح اعتماد رکڻ ناممڪن ٿي ويو، هنن کان سنڌن ملڪ جا وڏا علاقا ڪسي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ سان، باقي بچيل ملڪ سنڌن حوالي ڪرڻ جو مطلب اهو ٿئي ها ته اسان ڪين جنگ مسلط ڪري پنهنجن وڃايل علاقن کي وري حاصل ڪرڻ جو ذريعو سنڌن هٿ ۾ ڏيون ها. جيئن ته اهي سنڌ ۾ ڌاريا هئا، انڪري هو فقط ترار جي زور تي پنهنجي طاقت برقرار رکي سگهيا هئا، ۽ هاڻي انهيءَ ئي ترار جي ذريعي هنن ملڪ وڃايو هو، ظاهر آهي ته هنن جي حيثيت هڪ اهڙي مقامي ۽ ڏيهي شهزادي کان مختلف آهي، جيڪو سندس گهراڻي جي ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ مليل حڪومت جو مالڪ هوندو آهي، ۽ انڪري پنهنجي رعايا لاءِ موروثي پيار ۽ محبت ۽ فرمانبرداريءَ جي علامت هوندو آهي، هنن کي ته قديم زماني جي قبضي، يا قدرتي تعصب جي بنيادن

تي ڪابہ دعويٰ ڪانہ هئي، يقيناً، هنن وٽ ملڪ جي حڪومت ڪي چڱي نموني ۾ هلائڻ ڪري بہ ڪا اهڙي دعويٰ ڪانہ هئي. هنن جيڪو ڏوهہ ڪيو هو، تنهن جو فائدو وٺڻ ۽ سنڌن حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ، رعيت جي انهن ماڻهن ڏانهن هڪ فرض ادا ڪرڻ برابر هو، جن تي هنن ايڏي ڏگهي وقت کان وٺي ظالمانہ حڪومت ڪئي هئي. ملڪ جي حالات ۾ ٺاپر آڻڻ لاءِ هيءَ ڳالهہ انتهائي ضروري ۽ لازمي هئي تہ هو اميرن جي متعلق هڪدم هڪ فيصلہ ڪُن رستو اختيار ڪرڻ متعلق معاملو طئي ڪري، ۽ جيئن تہ هن کي انهيءَ ڳالهہ ۾ ذري برابر بہ شڪ ڪونہ هو تہ هو انهن کي تخت تان لاهڻ ۾ بالڪل حق بجانب هو، انڪري هن پنهنجي انهيءَ فيصلي جي اعلان ڪرڻ ۽ ان تي عملدرآمد ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو."

جنرل کي جڏهن انهيءَ ڳالهہ کان باخبر ڪيو ويو، تڏهن هن ان تي پنهنجي اطمينان جو اظهار ڪيو.

هن چيو تہ* "مون کي اميرن لاءِ ڪوبہ تعصب ڪونہ هو. يقيناً، آءٌ هنن جي حڪمرانن جي حيثيت ۾ اختيار ڪيل روش ۽ هلت کي ناقابل برداشت سمجهي رهيو هوس، پر انفرادي حيثيت ۾ مون کي هنن تي قياس اچي رهيو هو. مون هنن کي ڪمزور شهزادا سمجهيو، جن جي حماقتن ۽ غلطين کين مشڪلات ۾ وڌو. منهنجي انهيءَ ئي جذبي مون کي انهن جون ترارون کين واپس ڏيڻ لاءِ آماده ڪيو؛ ڇاڪاڻ تہ مان انهيءَ اعزاز کان يقيناً بي خبر ۽ بي حس ڪونہ هئس، جيڪو هڪ پرائيويٽ جينٽلمين کي ايترن سان خود مختيار شهزادن جي ترارين جي مالڪ بنجڻ سان، جيڪي جنگ جي ميدان ۾ سندس آڏو پيش ڪيون ويون هيون، کيس ملي ها؛

---

* ايلنبرو ڏانهن موڪليل خط- سنڌ پارليامينٽري پيپرس

ميدان ۾ اچي پيش پيا هئا. هڪدم سنڌونديءَ جي ڪپ تي، مورچہ بند ڇانوڻيءَ جي ويجهڙائي ۾، هڪدم هڪ اهڙي وڏي ۽ پرلطف باغ ۾ رکيو ويو، جيڪو خود انهن جو هو. انهيءَ باغ جي چوديواريءَ اندر وڏا وڏا شاميانہ لڳل هئا، جن ۾ عيش ۽ آرام جون اهي سڀ شيون موجود هيون، جن جا اهي عادي رهيا هئا. انهن کي پاڻ وٽ لاتعداد خدمتگارن ۽ نوڪرن چاڪرن رکڻ جي اجازت ڏني ويئي، جن جي معرفت اهي شهر ۽ ان کان ٻاهر سڄي ملڪ سان آزادانہ رابطو رکي پئي سگهيا. صوبدار، محمد خان ۽ ٻنهي حسينن کي، جن کي پهريائين دوست سمجهيو ويو هو، سندن ئي محلاتن اندر سک ۽ آرام سان رهڻ ڏنو ويو، جيستائين سندن بدمعاشي ظاهر نہ ٿي؛ ان کان پوءِ انهن کي، ٻين وانگر ئي قيدي بڻايو ويو ۽ محمد ۽ صوبدار کي باغ ڏانهن موڪليو ويو، جڏهن تہ ننڍن اميرن کي قلعي اندر ئي رهڻ ڏنو ويو، پر سڀني کي سندن عيش ۽ آرام ماڻڻ ۽ بيشمار خدمتگارن رکڻ جي اجازت ڏني ويئي. قيدين جي اهڙي تڪليف ده تقسيم، انهن جي حفاظت ڪرڻ جي تڪليف ۾ هيڪاري اضافو ڪيو. اهو انتظام بہ ميجر آئوٽرام جي حڪمت عمليءَ جو هڪ ڏڪ هو، جاڪاڻ تہ هن آخري ڪم اهوئي ڪيو تہ جنرل کي منٿ ميڙ ڪري قيدي اميرن کي انهيءَ نموني ۾ رکائڻ جي منظوري حاصل ڪئي.

هاڻي، اها ڳالهہ دريافت ڪئي ويئي تہ ڪئپٽن انيس جو خون امير شهداد ڪرايو هو. اهو بدنصيب آفيسر بيماريءَ جي موڪل تي ٻيڙيءَ ذريعي سنڌونديءَ رستي هيٺ وڃي رهيو هو، تہ ڪن بلوچن سندس ٻيڙيءَ کي پنجوڙ ۾ ڦاسائي درياءَ جي ساڄي ڪناري طرف ڇڪي ورتو، جتي انهن هن جا ڪپڙا لاهي ڪيس اگهاڙو ڪيو، جڏهن اهي بدمعاش هن جي قميص ڦاڙي رهيا هئا، تڏهن هو مئيءَ ۾ ڪنبي رهيو هو ۽ ان پاڻ کي بچائڻ لاءِ

جانباز مڪمل طور مسلح ٿي سگهن ها. اهي خدمتگار باقاعدگيءَ سان ۽ بار بار اميرن واري باغ، شهر ۽ شير محمد جي ڇانوڻيءَ جي درميان اچ وڃ ڪندا رهيا. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن به هڪ کي بيهاريو ويو، يا ڪانئس ڪجهه پڇيو ويو ته هڪدم هيءَ دانهن بلند ٿي ڪئي ويئي ته جيڪڏهن سندن خدمتگارن سان ڪا بدسلوڪي ڪئي ويئي ته سندن عورتون بک وگهي مري وينديون. هٿيارن پڪڙڻ ۽ انهن خونخوار ماڻهن کي حڪم مڃڻ لاءِ آماده ڪرڻ واسطي زنانن ۾ ڪنهن به انساني جذبي سان داخل ٿيڻ جي ڪوشش ناممڪن ڳالهه هئي، ڇاڪاڻ ته اهي علي الاعلان هيءَ ڌمڪي ڏيئي رهيا هئا ته جيڪڏهن سندن زنانن مان هڪ ۾ به قدم رکيو ويو ته، اهي هڪدم پنهنجين سڀني عورتن جا ڳلا ڪاٽي ڇڏيندا، ۽ پوءِ وڙهي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. اهي ماڻهو انهن بنهي ڪارروائين ڪرڻ جا پوريءَ طرح اهل هئا، ۽ ان لاءِ گهڻي ڪوشش جي ضرورت ئي ڪانه هئي، ڇو ته شير محمد جو لشڪر شهر کان ٿورن ئي ميلن جي ويجهڙائي ۾ موجود هو؛ قلعي اندر انگريزي فوج جو تعداد بمشڪل چار سؤ هو. انهن کي قلعي جي ٻاهرين فصيل ۽ برجن جي حفاظت به ڪرڻي هئي، جن جي ڪافي گهڻي ڏيکه هئي، ۽ ساڻ ئي ڪين قلعي اندر ڇهن علحده زنانن جي سنڀال به ڪرڻي هئي. چنانچه اها فوج، بلوچن جي اوچتي حملي جي حالت ۾ ڪنهن به هنڌ تي اثرائتي نموني سان مقابلو ڪري نه سگهي ها.

باغ ۾ به اميرن بلڪل ساڳي نموني جي حڪمت عملي اختيار ڪري رکي هئي. هنن محافظن ۽ خدمتگارن جي ناليءَ ۾ پنهنجي چوڌاري پنج سؤ مضبوط جسم وارا ۽ تنومند بلوچ جمع ڪري رکيا هئا، جيڪي سڀ وڏن خنجرن سان، ۽ ڪي ترار ۽ ڍال سان مسلح هئا؛ ۽ اهي انهن مان ڪن کي لڳاتار انگريزي ڇانوڻيءَ ۾ موڪليندا ۽ فوج جي تعداد ۽ ڪم ڪار

بابت جاسوسي ڪرائيندا رهيا، جتان ڪان پوءِ اهي شير محمد جي ڇانوڻيءَ ڏانهن ويندا هئا، ۽ ڪيس پنهنجي جاسوسيءَ ذريعي دريافت ڪيل معلومات پهچائيندا هئا. هنن شير محمد سان حملي جو هڪ هيءُ منصوبو پڻ طئي ڪيو، جنهن مطابق هن جي لشڪر کي قلعي ۽ انگريزي ڇانوڻيءَ تي هڪ ئي وقت زوردار حملو ڪرڻو هو، ۽ عين انهيءَ مهل اميرن جي بلوچ جانبازن کي اندرئين پاسي، انگريزن جي قلعي واري فوج تي ڪڙڪي پوڻو هو. هنن جو شير محمد جي لشڪر سان رابطو لڳاتار ۽ اهڙو مسلسل هو، جو آهي ذري گهٽ هر هڪ ڪلاڪ ۾ هڪٻئي سان لاڳاپو قائم رکندا پئي آيا، ۽ انهن کي پنهنجي ڪاميابيءَ جو ايتريقدر ته اڳواٽ ئي يقين هو، جو آهي دغابازيءَ جي انهن ڪاررواين کي لڪائڻ جي ضرورت ئي نه سمجهي رهيا هئا.

اندروني طور جڏهن صورتحال اها هئي، تڏهن ضروري آهي ته ٻاهرين طرف به نظر ڪجي. شير محمد، يا شينهن، جيئن هن کي ان وقت سڏيو پئي ويو، ۽ جيئن ڪيس مستقبل ۾ پڻ سڏيو ويندو، ڇو ته ”شير“ لفظ جي معنيٰ آهي ”شينهن“، جيڪو نالو هن کي ٻين گهڻن ئي محمدن ڪان ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو هو، هاڻي هڪ اهڙي لشڪر جي مهنداري ڪري رهيو هو، جنهن جو تعداد پنجويهن هزارن ۽ چاليهن هزارن جي وچ تي ٻڌايو پئي ويو، اڪثر جاسوسن هن جي لشڪر جو تعداد ٻويون ٽي ٻڌايو، پر جيئن ته هن جي جهنڊي هيٺ جمع ٿيل بلوچ اڪثر ڪري لٽ مار ڪرڻ جي مهم تي رواني ٿيڻ لاءِ ڪيس ڇڏي هليا ويندا هئا، انڪري سندس لشڪر جو صحيح ۽ اصل تعداد بدلبو رهندو هو. بهرحال، جنرل کي هن وٽ موجود لشڪر جي وڏيڪ وڏي تعداد کي ڌيان ۾ رکڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو. عام افواهن ۾ شير کي ڪيترن ئي پوائنٽن ڏوهن جو ذميوار ٺهرايو پئي ويو،* جن ۾ ماڻهن جو قتل به

* ضميمو نمبر — ٧

حيدرآباد ۽ پنهنجي ڇانوڻيءَ کي انتهائي خطري ۽ مونجهاري ۾ ڇڏي سندس پيڇو ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري وجهي ها.

سر چارلس نيپئر انهيءَ وقت جنهن صورتحال سان دوچار هو، تنهن کان وڌيڪ نازڪ ۽ خطرناڪ ٻي ڪنهن صورتحال جو تصور ڪرڻ به مشڪل آهي. قلعي اندر هن وٽ فقط چار سؤ ماڻهو هئا؛ هن جي ميداني لشڪر کي، جنهن جو تعداد لڙائي ۽ بيماريءَ سبب گهٽجي هاڻي وڃي ٻه هزار مس بچيو هو، نه فقط مورچن اندر قائم ٿيل ڇانوڻيءَ جو اسپتالن ۽ گولن ۽ بارود جي ذخيرن سميت جهازن جي دڪي جو بچاءُ ڪرڻو هو، پر انهن سان گڏ انهيءَ باغ جي به حفاظت ڪرڻي هئي، جنهن ۾ امير نظربند هئا، ۽ جنهن جي ٻاهرين ديوار جو گهيرو هڪ ميل کان به وڌيڪ هو. اهڙيءَ طرح سان اتي ٻه هزار ماڻهو موجود هئا؛ جيڪي پنهنجي رضاخوشيءَ سان نه، بلڪ ضرورت جي تحت ٽن جدا جدا جماعتن ۾ ورهايل هئا، جڏهن ته قلعو مورچه بند ڇانوڻيءَ کان، جنهن ۾ بارود جو ذخيرو ۽ اسپتال هئي، چار ميل ۽ باغ، اڌ ميل پري هئا، ان جي ٻاهرئين طرف ڏانهن دلير ۽ جرئتمند ماڻهن جو هڪ اهڙو لشڪر ڏهه ميل پري موجود هو، جنهن جو تعداد چاليهه هزار ٻڌايو پئي ويو، جنهن جو رابطو اندرئين طرف موجود ٻارهن هزار ماڻهن سان قائم هو، جيڪي سڀ مدد ڪرڻ لاءِ تيار هئا؛ اترئين طرف کان جنهن امدادي لشڪر جي اچڻ جي اميد هئي، سو هڪ اهڙي رستي تان پيشقدمي ڪري رهيو هو، جيڪو ڏاڍو خطرناڪ هو، ۽ ان سان ايندڙ لشڪر کي دشمن ۽ آب و هوا، ٻنهي جو خوف هو، ڏکڻ طرف جيڪي به ڇانوڻيون موجود هيون، تن مڙني تي حملو ڪيو ويو هو ۽ انهن کي لٽيو ڦريو ۽ پٽي پوريو ويو هو يا مٿن قبضو ڪري دشمن طرفان پنهنجا ماڻهو رکيا ويا هئا، پهاڙي علائقن جا قبيلا هٿيار بند ٿي گڏ ٿيڻ لڳا هئا، ۽ اهي هيٺ ميداني علائقن ۾

لهڻ لاءِ تياريون ڪري رهيا هئا. فوج جا ڪيچ، جوڌپور، جيسلمير ۽ ڪراچيءَ سان جيڪي به مواصلاتي رستا هئا، سي سڀ منقطع ڪيا ويا هئا، جڏهن ته سنڌو درياهه جي چوڙ وارن هنڌن، ۽ سکر سان رابطو قائم رکڻ وارن رستن جو سڄو دارومدار فوجي جهازن تي هو.

قيدي اميرن، جيڪي اصل صورتحال کان بخوبي آگاهه هئا، پنهنجي فاتح جي فراخدليءَ مان فائدو وٺندي؛ ڏاڍي خطرناڪ نوعيت جي سازشن ۽ منصوبن ذريعي سنڌس دشوارين ۽ مشڪلات ۾ اضافي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهي پنهنجن ڏن پرينڊڙ سردارن ۽ اتحادين ڏانهن لڳاتار پنهنجا ايلچي موڪليندا رهيا ته هو وري هٿيار بند ٿي جمع ٿين ۽ دوباره لڙائي شروع ڪن؛ شير محمد سان اهي لڳاتار خط و ڪتابت ڪندا رهيا ۽ هن کي انگريزن جي ڪمزور حالت، ۽ سندس جنگي ڪاروائين لاءِ سڀني اهم نقطن کان باخبر ۽ آگاهه ڪندا رهيا. هنن انگريزي ڇانوڻيءَ جي پرسان واقع سندن باغ ۽ قلعي ۾ پنهنجن بلوچن کي منظم ڪيو ۽ هدايت ڪئي ته جڏهن شير محمد ۽ انهن جي وچ ۾ طئي ٿيل رٿا مطابق، شير پيشقدمي شروع ڪري، تڏهن اهي هڪ طرف قلعي جي محافظ فوجي دستن تي؛ ۽ ٻئي طرف اسپتال تي ڪڙڪي پون، هو پنهنجين انهن سازشن جي پرده پوشي ڪرڻ لاءِ، جيڪي بهرحال انگريزي ڪمانڊر کي پوريءَ طرح معلوم هيون، انگريزي فوج جي آفيسرن ۽ سپاهين سندن ۽ سندن عورتن جي بيعزتيءَ ۽ توهين خلاف هر وقت وڏي واڪي ڪوڙيون ۽ بي بنياد دانهون ۽ شڪايتون ڪندا رهيا؛ ائين ڪرڻ ۾ سندن مقصد، هن جو ڏيان اصل ڳالهه کان هٽائڻ، ۽ سندن ئي چوڻ مطابق، ”هن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ هو،“ هنن جي طرفان جن بيعزتين جون شڪايتون ڪيون ويون، تن مان هڪ شڪايت اها هئي ته انهن جي باغ وارن محافظن کان خنجر

ڪوئي ڪونهي! ڪو به بلوچ هن باغ اندر داخل نه ٿيندو آهي!" پوءِ ٿي هن انهن ماڻهن کي بي هشيار ڪرايو، ۽ اميرن پنهنجي انهيءَ بيعزتي جي خلاف احتجاج ڪيو! قلعي اندر موجود بلوچن جي سلسلي ۾ اهڙي ئي قدم کڻڻ کان هن کي فقط عورتن جي حياتي وڃڻ جي خيال، مجبور ڪري روڪي وڌو.

اها دغابازي، بيعزتي ۽ بيباڪي گهڻي وقت تائين مثالي صبر سان برداشت ڪئي وئي؛ پر جڏهن خطرو اچي سر تي پهتو، تڏهن سپاهين ڏانهن پنهنجي فرض ادائي، ۽ قيدين سان عزت ۽ شرافت جي سلوڪ ڪرڻ جي خواهش جي درميان روڪجي بيهڻ، ڪمزوري ثابت ٿئي ها. آءٌ چوان ٿو ته جنرل ڏکهي عرصي تائين انهيءَ قدم کڻڻ کان درگذر ڪيو، جنهن جي تقاضا اها صورتحال ڪري رهي هئي، ته متان ائين سمجهيو وڃي ته هن انهن جي خلاف اهڙو قدم انهيءَ ظلم ۽ بيرحميءَ سبب انتقام طور کنيو آهي، جنهن جي رٿا هنن ڪامياب ۽ فتحياب ٿيڻ جي حالت ۾، سائس اختيار ڪرڻ لاءِ ٺاهي هئي. نيٺ، هن فقط پنهنجي لشڪر جي سلامتيءَ جي خيال کان اميرن جي دستوري بيباڪانه ۽ ڪوڙين شڪايتن سان هڪ جي جواب ۾ هن طرح لکي موڪليو:

"مون کي اوهان جو خط اڄوڪي ڏينهن مليو آهي. توهان کي ياد رکڻ گهرجي ته توهان جون مير شير محمد سان هلندڙ سازشون مون کي اوهان جي خلاف گهڻو ڪجهه ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿيون. مون کي انهن ڪوڙن تي به ڏاڍو عجب ٿو لڳي، جيڪي اوهان ڳالهايو ٿا. هن کان پوءِ آءٌ اهڙي هلت کي برداشت نه ڪندس؛ ۽ جيڪڏهن توهان بي بنياد ۽ ڪوڙين ڳالهيون ڪرڻ سان، جيئن اوهان پنهنجن اڳين ٻن خطن ۾ ڪيو آهي، مون کي وڌيڪ تڪليف ڏيندا ته آءٌ توهان کي جيل ۾ وجهندس، جنهن جا اوهان لائق آهيو. توهان قيدي آهيو، ۽ جيتوڻيڪ مان توهان کي انهيءَ طرح قتل نه

ڪندس، جيئن توهان پنهنجن ماڻهن کي انگريزن سان ڪرڻ جو مشورو ڏنو هو، پر ان جي باوجود مان توهان کي زنجيرن ۾ جڪڙي جهاز تي چاڙهي ڇڏيندس. اي شهزادا، توهان کي اهو سبق سکڻ گهرجي ته جيڪڏهن قيدي انهن جي خلاف سازش ڪندا، جن کين فتح ڪيو آهي، ته پوءِ اهي پاڻ کي خطري ۾ وجهندا. چپ چاپ رهو، نه ته توهان کي پنهنجي غلطيءَ جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو. توهان جي دوست مير شيرمحمد، توهان جي قسمت جي فيصلي بابت گورنر طرفان آيل خط کي مون تائين پهچڻ کان روڪي ڇڏيو آهي، جو هن جا سپاهي اسان جي ڊاڪ کي رستي ۾ روڪين ٿا. هو هڪ تمام ڪمزور ماڻهو آهي، ۽ جلد ئي پاڻ کي تباهه و برباد ڪرائيندو، ۽ ساڳيءَ طرح توهان به پاڻ کي اهڙي ئي طرح برباد ڪرائيندا، جيڪڏهن توهان پنهنجي انهيءَ مقدر آڏو وڏيڪ خاموشيءَ سان اٽڪي نه رهندا، جيڪو توهان تي خود توهان جي بي سمجهيءَ واري غلطيءَ توهان تي مسلط ڪيو آهي. هن کان پوءِ مان توهان جي ڪنهن به خط جو جواب ڪونه ڏيندس، ڇو ته اهي بلڪل ڪوڙين ڳالهين ۽ بي بنياد الزامن جو اجايو ورجاءُ آهن."

آخرڪار جڏهن هن ڏٺو ته انهن جي سازشن جو سلسلو هلندو ئي رهي ٿو، ۽ جڏهن شير ايترو ويجهو هليو آيو، جو لڙائي اٽل ٿي پيئي، هن کين جنگي جهازن تي موڪلي ڏنو، پر کين زنجير نه پارايا.

انهيءَ خط کي پارليامينٽ ۾ انهن ماڻهن جن جنرل لاءِ شڪراداڻي جي ٺهراءَ جي مخالفت ڪئي هئي، هن ڪري نِنديو آهي ته اهو خط قيدين ڏانهن اختيار ڪيل سختي ۽ شوخيءَ جو اهڙو مثال آهي، جنهن جهڙو اڳي ڪڏهن نه ٻڌو ويو؛ يقيناً، نيپولين ۽ سندس پهاڙيءَ وارو قيدخانو هنن جي يادگيرين سان پوريءَ طرح ميسارجي ويو هوا ۽ هڪ تازي اشاعت ۾ ان جي بدنامي هيئن ڪئي ويئي آهي ته

پر آهي تہ "معزول ڪيل شهزادا"، "شان و شوڪت وارا مظلوم"، "سر چارلس نيپئر کان اڳي ويل سڀني پوليٽيڪل ايجنٽن جا دوست"، "مظلوم روئيندڙ مصيبت جا ماريا"، مصيبت ۾ شاندار، گهريلو جذبن وارا، ۽ سنڌن عزيزن سان دلي لڳاءُ رکندڙ هئا. اهڙن نرم ۽ قياس پرين لفظن ۽ اصطلاحن سان سنڌن قسمت تي اهڙن ماڻهن طرفان افسوس ڪيو پئي ويو، جيڪي لارڊ ايلنبرو طرفان سنڌ جي ڏلن کي ڪليڪٽرن، سيڪريٽرين، پوليٽيڪل ايجنٽن ۽ ڊئريڪٽرن جي اقربا پرورين جي ٻين طريقن سان لٽڻ ۽ ڦرڻ کان روڪجي ويا هئا. دراصل هندستان جي روزانہ اخبارن ۽ انگلنڊ جي پريس جي ڪجهہ حصي جي اهڙي ئي دانهن ۽ فرياد رهي آهي؛ اهڙي ئي فرياد ۽ مذمت هائوس آف ڪامنس ۽ انڊيا هائوس ۽ ڊئريڪٽرن جي بي نام قلم هلائيندڙ منافقن جي تحرير ڪيل صفحن ۾ ٿيندي رهي آهي. پر هاڻي اميرن جي اصل هلت چلت ۽ حقيقي اخلاقن تان پردو کنيو ويندو تہ جيئن انهن جي سلسلي ۾ صحيح فتوي صادر ڪري سگهجي. ان کان پوءِ راءِ عامہ اهو فيصلو ڪندي تہ سر چارلس نيپئر انهن شهزادن سان جيڪا هلت ڪئي، سا انگريزن جي فراخدلي، سخاوت ۽ عزت سان غداري هئي يا نہ!

اچو تہ سڀ کان اول انهن جي خودمختيار حاڪمن طور هنن جي لياقتن کي جاچيون.

امير ترار کان علاوه ٻئي ڪنهن بہ قانون ذريعي حڪومت نہ ڪندا هئا. بلوچ قوم جا ماڻهو، سنڌن لشڪر هئا؛ سنڌي قوم جا ماڻهو ۽ هندو سنڌن رعايا ۽ ظلم جا نشانا هئا. مياڻيءَ جي جنگ ثابت ڪيو، ڪوبہ بلوچ آزاديءَ سان ڪنهن بہ سنڌيءَ يا هندوءَ کي پنهنجي فائدي يا خوشيءَ خاطر بنا ڪنهن ڊپ ڏاءَ جي ماري سگهندو هو. انهيءَ آزاديءَ تي وسيع پيماني تي

پر، انهيءَ پوڙهي امير پاڻ پنهنجي گهراڻي وارن سان ڪهڙو سلوڪ روا رکيو هو؟ سندس پاءُ، علي مراد اجا ننڍو ٻار هو، جڏهن سندن والد گذاري ويو. اهو والد هن کي رستم جي حفاظت ۽ سنڀال ۾ ڏئي ويو؛ ۽ بعد ۾ ڪنهن تڪرار ۽ تنازعي جي امڪان کي روڪڻ لاءِ قرآن (شريف) ۾ هڪ وصيت نامو پوري وضاحت سان لکيو ويو. انهيءَ ۾ صاف طور لکيل هو ته هرهڪ پٽ جو حصو ڪهڙو ۽ ڪيترو هوندو، پر رستم ۽ سندس هڪ ٻئي پاءُ، جيڪو انهيءَ وقت پورو مرد هو، پنهنجي ننڍي پاءُ علي مراد کي دغا سان سندس جائز وراثت کان محروم ڪيو. جڏهن هو وڏو ٿيو، تڏهن هن کي اهو نقصان معلوم ٿيو، جيڪو سندس پاڻن هٿان کيس پهتو هو، ۽ جيئن ته هو جوشيلو ۽ جذباتي نوجوان هو، انڪري هن هڪدم هڪ وڏو لشڪر جمع ڪيو ۽ ان جي قيادت ڪندي، هن پنهنجو جائز حق طلب ڪيو. اهو واقعو سن ۱۸۳۸ع جو آهي؛ هو ايتريقدر مضبوط هو، جو هٿيارن جي وسيلي سندس مقابلو ڪرڻ آسان ڪونه هو؛ پر رستم هن کي سندس ڪوٽ واپس ڏيڻ جو وعدو ڪري، ۽ انهيءَ باري ۾ قرآن (شريف) ۾ وعدي وفا ڪرڻ جي تحرير لکي، علي مراد کي، جيڪو هڪ امير جي حيثيت ۾ حد کان وڌيڪ فراخدل طبيعت جو مالڪ آهي، پنهنجي لشڪر کي فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڇڙوڇڙ ڪرڻ تي آماده ڪري ورتو؛ ۽ پوءِ هن تي بيوقوف هئڻ طور کلڻ شروع ڪيو. جڏهن آڪلئنڊ واري عهدنامي جي توثيق ڪئي ويئي؛ تڏهن انهيءَ ئي عهدنامي جي پيش نظر، هيءُ تڪراري مسئلو به ائنگلو انڊين گورنمينٽ ڏانهن فيصلي لاءِ موڪليو ويو؛ اهو فيصلو علي مراد جي حق ۾ ٿيو. چنانچه، هيءُ اندازو معقول طور ڪري سگهجي ٿو ته انهيءَ انصاف لاءِ احسانمنديءَ جي احساس هن کي انگريزن سان ڪيل اتحاد ڏانهن سچو رکيو.

سر چارلس نيپئر، هنن جي بيوفائين ۽ بدعهدين، سنڌن خوفناڪ حڪومت، ۽ اڃا به وڌيڪ ڏهڪائيندڙ ڪمن جي پوري ڇاڻ هڻي ڪري ٿي اميرن کي پورو پورو بدمعاش سڏيو هو، ۽ هن ڳالهه تي پنهنجي مڪمل اطمينان جو اظهار ڪيو هو ته هنن کي معزول ڪيو ويندو.

پر چيو ويو ته سنڌن رعايا کي هنن سان محبت هئي، ۽ اهي مرڻ گهڙيءَ تائين هنن لاءِ وڙهيا! سچ آهي ته بلوچن هنن لاءِ جنگ ڪئي. هنن پنهنجين پگهارن لاءِ، لٽ مار ڪرڻ لاءِ لڙائي ڪئي، ۽ جيئن ته اهي به مذهبي جنوني هئا، انگريز فرنگين کي ڪافر سمجهي ڪانئن نفرت ڪندا هئا. اهو غلط آهي ته هو اميرن جي محبت کان وڙهيا، ۽ انهيءَ ڳالهه جي ڪوڙي هئڻ جي ثابتي اڄها هيءَ آهي: رستم جا پٽ ۽ پوٽيا، جن جو تعداد شايد ٽيهاڪو کن آهي، اڄ ڏينهن تائين آزاد آهن. هنن سنڌونديءَ جي ساڄي ڪپ وارن پهاڙي قبيلن کي ٻيهر جنگ شروع ڪرڻ لاءِ منٿ ميڙ ڪرڻ جو سلسلو اڄ تائين بند نه ڪيو آهي، پر ان هوندي به هو هڪڙي بلوچ کي به سنڌن مفاد خاطر هٿيار کڻي لڙائي ڪرڻ لاءِ آماده ڪري نه سگهيا آهن. انهن مان گهڻائي وحشي درحقيقت جبلن تان لهي ميداني علائقن ۾ پنهنجين قديم رسمن مطابق، لٽ مار ڪرڻ لاءِ آيا آهن، پر انهن مان ڪوبه معزول ٿيل شهزادن خاطر وڙهڻ لاءِ ڪونه آيو آهي. نه وري معزول ٿيل شهزادن مان سڀني کان بهترين شهزادو، شير محمد ئي پنهنجي خزاني وڃائڻ کان پوءِ هڪ سؤ ماڻهن کي به تيار ڪري ميدان ۾ آڻي نه سگهيو آهي، حالانڪ جڏهن سندس خزانو اڃا موجود هو، تڏهن هو لڙائي لاءِ ٽيهن هزارن جو لشڪر آڻي ميدان ۾ ٻيهاري سگهيو هو.

۽، جيڪڏهن جنگجو قبيلا اميرن جي گهراڻي کي گاديءَ تي بحال ڪرائڻ لاءِ هٿيار کڻڻ بہ ها، تہ سنڌين اهو ڪم معقول نہ ٿئي ها. بلوچ، اميرن جا سپاهي هئا ۽ سنڌي ماڻهو هنن جي رعايا ۾ شامل هئا. سپاهين طور بلوچ جنهن نموني سان لڙيا، سو قابلِ داد هو. ڪين فتح جي توقع هئي، ۽ اهي فطري طور بهادر ۽ پنهنجي فوجي شهرت جا شوقين آهن، پر اهو ممڪن ڪونہ هو تہ اهي بزدل اميرن لاءِ پنهنجين دلين ۾ حقيقي محبت رکن ها، جن کي هنن جي خوف کان سواءِ، ٻئي ڪنهن بہ نموني سان هنن لاءِ، ڪنهن انتهائي ذليل ۽ نيچ سنڌيءَ جي مقابلي ۾ بہ، جن کن نهايت ظالمانہ طريقي سان بدصورت بنائيندا هئا، ڪا خاص پرواهہ ڪانہ هوندي هئي. انهيءَ ڳالهہ لاءِ ثابتي موجود آهي. جيڪي ماڻهو اهڙي جرئت ۽ دليريءَ سان مياڻيءَ ۾ وڙهيا، فقط ٿي ڇٽا جيئري حالت ۾ قيد ٿيا، ۽ اهي بڇري طرح زخمي ٿيل هئا. انهن کي انگريزن جي فوجي زخمين سان گڏ درياءَ جي ڪپ تي واقع مورچہ بند ڇانوڻيءَ واري اسپتال ڏانهن نيو ويو هو، جيڪا اميرن واري باغ جي بلڪل ويجهڙائي ۾ هئي. اهڙو ڪوبہ نوڪر چاڪر يا خدمتگار هٿ نہ پئي اچي سگهيو، جيڪو انهن جي ٻولي ڳالهائي ۽ سمجهي سگهي ها. سر سي. نيپئر، جنهن کي انهن ماڻهن جي مقدر ۾ دلچسپي هئي، پاڻ اميرن کي هيءَ عرض ڪرڻ لاءِ ويو تہ هو پنهنجن زخمي سپاهين جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪنهن بلوچ کي انهن ڏانهن موڪلي ڏين. هرگز نہ! پوءِ تہ هن انهن کي ائين ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن تي هنن هڪ ماڻهوءَ کي هن وعدي سان موڪلي ڏنو تہ کيس ٽي آڌيلا روزاني اجرت ملندي! ٻئي ڏينهن تي انهيءَ شڪايت ڪئي تہ هو ايتري قليل رقم ۾ وقت گذاري نٿو سگهي. اميرن کي چيو ويو تہ هن کي ڪجهہ وڌيڪ پئسا ڏنا وڃن. هنن جو

جواب هو، ”نه، اها رقم تمام گهٽي آهي؛ اسان وٽ پئسا
ڪينهن.“ ان تي اهو ماڻهو پنهنجي چارج ڇڏي ڀڄي ويو،
جنهن ڪان پوءِ انهن ويچارن زخمين جي سموري سار سنڀال
انگريزي فوج جي سپاهين ڪئي. هاڻي، ڀلي ته انهيءَ ٽولي
جا ماڻهو انهن بزرگ شهزادن تي ويهي ماتم ڪن، ۽ انهيءَ
ماڻهوءَ جي بدنامي ڪن، جنهن انهن کي شڪست ڏيڻ ۽
معزول ڪرڻ سان انگلنڊ جي شهرت ۽ شان و شوڪت ۾
اضافو آندو آهي.

# باب پنجون

## مارچ ١٨٤٣ع

شير محمد، جڏهن مياڻيءَ واري لڙائي جي خبرچار ٻڌي، تڏهن هن، جيئن اسان ڏنو آهي، خوف ۽ هراس جي پهرين گهڙيءَ ۾، جنرل ڏانهن نيازمندانه پر ڪوڙو پيغام موڪلي ڏنو. انهيءَ جي جواب ۾ هوند انگريزن جي گهوڙيسوار فوج کي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي ها، جيڪڏهن ميجر آئوٽرام مداخلت نه ڪري ها، ۽ جنگ جي ضرب هٽڻ بدران هيٺيون خط نه لکائي موڪلي ها:

”توهان جو عيوضي، سيد امام بري، مون وٽ اوهان جو پيغام کڻي آيو، جنهن ۾ چيل هو ته اوهان صاحب انگريزن جا دوست آهيو، ۽ لڙائي جي دوران اوهان پنهنجي لشڪر سان پنهنجي سرحد کان ٻاهر نه آيا هئا؛ انهيءَ ڪري مون کي اوهان صاحبن جو پيغام پسند آهي. هاڻي اهو ضروري آهي ته اوهان وٽ جيڪو لشڪر موجود آهي، تنهن کي ڇڙوڇڙ ڪريو ۽ پاڻ سان لشڪر جي صورت ۾ ماڻهو نه رکو؛ ۽ جيڪڏهن مون ڏٺو ته اوهان صاحبن کو لشڪر ڪٺو ڪيو آهي ته ان صورت ۾ آءٌ مٿن هڪدم حملو ڪندس. جيڪڏهن توهان پنهنجين فوجن کي منتشر ڪندا ۽ ڪنهن کي به پاڻ وٽ باقي نه رکندا، ته پوءِ آءٌ اوهان کي انهيءَ ساڳي نظر سان ڏسندس، جنهن سان هن کان اڳي ڏسندو هوس- يعني انگريزن جو دوست ۽ اتحادي“

باغ وارن بلوچن سان گڏجي ڇانوڻيءَ تي پٺئين پاسي کان حملو ڪري ان کي تهس نهس ڪرڻو هو.

اها رٿا ڏاڍي سٺي نموني سان تيار ڪيل هئي. شير جي فوج جي سڀني حصن ۾ قريبي رابطو قائم رهي ها، جڏهن ته انگريزي فوج جا حصا هڪ ٻئي کان جدا هجن ها، ڇانوڻيءَ تي جنهن فوجي دستي کي حملو ڪرڻو هو؛ سو ڪوسڙيءَ جي قريب بيٺل هو، ۽ قلعي تي حملي جا آواز چڱيءَ طرح ٻڌي سگهي ها، جنهنڪري اهو حملي جي وقت ۽ ان ۾ اشتراڪ ڪرڻ جي معاملي ۾ ناڪامياب نه ٿئي ها. بهرحال، هڪ وحشيءَ جي جنگي رٿا جي تعميل بمشڪل پوري وقت ۽ چال جي ميل سان ٿي سگهندي آهي، ڇاڪاڻ ته انهن وٽ تنظيم ۽ جنگي فن جا قاعدا ۽ قانون ڪين هوندا آهن، ۽ پوري پوري نتيجي ڪڍڻ لاءِ انهن ٻنهي ڳالهين جي سخت ضرورت هوندي آهي. پر هن ڳالهه ڏيکارڻ لاءِ ته ”شير“ پنهنجي انهيءَ مهم ۾ ڪيئن ناڪامياب ٿيو، جنهن جا سمورا امڪان ۽ موقعا ايتريقدر هن جي فائدي ۾ هئا، اهو ضروري آهي ته ٻنهي ڌرين جي جنگي چالين جو خاڪو پوري خبرداريءَ ۽ احتياط سان ڪڍجي.

ٽين مارچ تي، سر چارلس نيپئر جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته شير محمد، وفاداريءَ ۽ دوستيءَ جي دعوائن جي باوجود، اڃا به حملي ڪرڻ واري پوزيشن کي برقرار رکيون بيٺو آهي، ۽ روزانو پنهنجن ماڻهن جو تعداد وڌائيندو رهي ٿو، تڏهن هن کيس هيٺين طرح خط لکي موڪليو:

”اي امير، توهان مون کي خط لکي موڪليو، جنهن ۾ اوهان چيو ته توهان انگريزن جي خلاف لڙائي ۾ شريڪ نه ٿيا هئا. مون توهان تي اعتبار ڪيو ۽ توهان کي چيو ته توهان پنهنجي لشڪر کي چڙو ڇڙ ڪري ڇڏيو، ۽ ان

طرح توهان محفوظ رهندا. جيڪڏهن توهان ائين ڪريو ها، ته پوءِ توهان خطري ۾ نه هجو ها، پر ائين ڪرڻ بدران توهان شڪست کاڌل بلوچن کي گڏ ڪري رهيا آهيو. توهان پنهنجين فوجن جو تعداد وڌايو آهي، ۽ جيڪڏهن توهان مون وٽ حيدرآباد واري ڇانوڻيءَ ۾ نه ايندا، ۽ پنهنجي بيگناهي ثابت نه اچي ڪندا ته مان توهان تي حملو ڪندس، ۽ توهان کي مثالي سزا ڏيندس."

ساڳي وقت هن ٻين ٻه گهڻن ئي اهڙن سردارن ڏانهن خط لکي موڪليا، جن جي متعلق کيس معلوم هو ته اهي وچ تي لڏي لمي رهيا آهن، ۽ ٻين سان گڏ، هن ٻارهين تاريخ تي جوکين جي وڏي سردار ڄام ميرعاليءَ کي به خط لکي موڪليو، جنهن مياڻيءَ جي لڙائي جي خبر ٻڌڻ تي پنهنجي گهراڻي جي ڪن خواتين لاءِ، جيڪي جنرل جي قبضي ۾ اچي ويون هيون، امانَ پناهه حاصل ڪرڻ جي درخواست ڪرڻ ذريعي، پنهنجي نيازمندي ۽ نئڙت جو مظاهرو ڪيو.

هن جو ان لاءِ هيءُ جواب هو: "مون وٽ اوهان جي هلت چلت کي پسند ڪرڻ جو تمام سٺو سبب آهي. مون ان جي رپورٽ گورنر جنرل کي موڪلي ڏني آهي. مون کي اوهان جي ڪٽنب لاءِ ڪارگر ٿيڻ تي ڏاڍي خوشي آهي، اهي نوجوان عورتون جيڏانهن به چاهينديون، تيڏانهن وڃي سگهنديون، ۽ جيڪڏهن کين اها ڳالهه پسند هوندي ته سندن ئي ماڻهن منجهان چار چڱا هٿيارن پنوهارن سان انهن سان گڏ هلندا. خدا نه ڪري جو ڪنهن به عورت جي منهنجي هٿان يا منهنجي قيادت هيٺ رهندڙ ڪنهن به ماڻهوءَ هٿان بيعزتي ٿئي، چاهي انهيءَ عورت جو تعلق ڪنهن دوست سان هجي يا دشمن سان، جنگ ۾ عورتن جو هميشه احترام ٿيڻ گهرجي."

١٣- تاريخ تي جنرل سپ کان پهرين انهن ماڻهن جي وڏي تعداد بابت خبر پئي، جيڪي ”شير“ سان گڏ هئا. هو انهيءَ خبر تي مشڪل سان اعتبار ڪري پئي سگهيو. هن چيو ته ”هن وٽ گهڻو پيسو ڪونهي، پاڻي به هن وٽ گهڻو ڪونهي؛ نه ئي وٽس گهڻو بارود آهي، پوءِ ڀلا هو ڪهڙيءَ طرح چاليهه هزار ماڻهن کي جمع ڪري ٿو سگهي؟ مون کي خبر نه ٿي پوي.“ ٿوري ۾ چئجي ته هو هاڻي وري پهر ميجر آئوٽرام جي ڪَن ڏيڻ جي خطري جو تجربو ڪري رهيو هو.

انهيءَ نئين لشڪر جي اوچتو ايڏي وڏي تعداد ۾ سندس مقابلي لاءِ ظاهر ٿيڻ تي پريشان ٿي، هن سپ کان وڌيڪ سلامتيءَ وارو رستو اختيار ڪيو، ۽ فيروزپور ڏانهن امداد لاءِ خط روانو ڪيو. جيئن مون اڳيئي ڏيکاريو آهي، هن جي انهيءَ مطالبي کان اڳيئي لارڊ ايلنبرو دورانديشي ڪري جنرل ناٽ واري فوج مان جدا ڪيل ڪجهه فوجي دستا هن ڏانهن روانا ڪري ڇڏيا هئا، جيڪي هاڻي سکر پهچي چڪا هئا. انهيءَ طرح ڪرنل رابرٽس کي، جيڪو هڪ نهايت جوشيلو آفيسر هو، نه فقط سر چارلس نيپئر طرفان اڳئين موقعي تي گهريل فوجن کي گولي بارود ۽ رسد جي سامان سان گڏ پيڙين تي چاڙهي سنڌونديءَ رستي ڏانهن موڪلڻ جو موقعو ملي ويو، پر هو ساڳئي وقت تي نئين آيل لشڪر جي هڪ مضبوط برگيڊ کي، جنهن ۾ هر قسم جا هٿيار هلائيندڙ فوجي شامل هئا، ميجر اسٽيڪ جي قيادت هيٺ خشڪيءَ رستي پڻ پيشقدمي ڪرڻ لاءِ روانو ڪري سگهيو؛ ڇاڪاڻ ته جنرل جو حڪم اهڙوئي هو، جنهن پنهنجي طرفان حاصل ڪيل فتح جو انهيءَ طرح ئي فائدو وٺڻ پئي چاهيو، جڏهن ان جو ڏهڪاءُ ۽ خوف اڃا بلوچ قبائل جي دلين کي متاثر ڪري رهيو هو، جيڪي بيءَ صورت ۾ انهن فوجن جي پيشقدميءَ ۾ رڪاوٽون وجهن ها.

انهيءَ وچ ۾ سر چارلس نيپئر پنهنجي خفيه طريقه ڪار تي پابنديءَ سان عمل ڪندو رهيو؛ يعني ته هن پنهنجي ڇانوڻيءَ جي مضبوطيءَ سان مورچه بندي ڪئي، خوف ۽ ڊپ جو مظاهرو ڪيو ۽ "شير" کي لالچائي پنهنجي ڇانوڻيءَ کي ويجهو اچڻ لاءِ آماده ڪيو ته جيئن سندس فوجون هن کي گهولي ڪڍڻ لاءِ گرميءَ ۾ ڪوچ ڪرڻ جي تڪليف کان بچي وڃن. پر جيتوڻيڪ هو امير کي ڏکي رسي ڏيڻ لاءِ آماده هو، ته جيئن هن جو خزانو خالي ٿئي، ۽ سندس امدادي فوج هن جي ميدان تي نڪري اچڻ کان اڳي ئي وٽس پهچي وڃن، پر هو ڪيس ٢٤-مارچ کان وڌيڪ هڪ ڏينهن به، آزاد ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونه هو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ وقت کان وٺي، شديد ۽ برداشت کان ٻاهر گرميءَ جي اچڻ تائين وچ وارو وقت هن جي لشڪر کي شڪست ڏيڻ ۽ ميرپور ۽ عمرڪوٽ جي شهرن تي قبضي ڪرڻ لاءِ مشڪل سان ڪافي هو. چنانچه، هن دل جي وڏائيءَ سان، جنهن هن يادگار مهم ۾ سرانجام ڏنل سندس سيني ڪارنامن کي نمايان ڪيو، پڪو ارادو ڪيو ته جيڪڏهن سندس مدد لاءِ ايندڙ لشڪر کي پهچڻ ۾ ديرمدار به ٿي پوي، تڏهن به هو دشمن کي گهولي ڪيندو، ۽ هن سان انهيءَ ٿوري لشڪر سان ئي لڙائي ڪندو، جيڪو انهيءَ وقت سندس قيادت هيٺ وٽس موجود هو، جيتوڻيڪ دشمن سندس مقابلي ۾ ويهوڻو هو.

ٻئي طرف شير محمد، انگريز جنرل جي احتياط کي خوف جو نتيجو سمجهي، جلد ئي حيدرآباد جي وڌيڪ ويجهو اچي پهتو، ۽ انهيءَ پيشقدمي دوران آسپاس واري سڄي علائقي کي ويران ڪندو آيو. هن پنهنجي لشڪر جا ڪجهه دستا انگريزن کي پريشان ۽ بيعزت ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنا، جيڪي فوج جي اُٺن کي سندن چراگاهن مان چورائي ڪٺي ويا؛ اهڙيءَ طرح هن بلوچن جي پارٽيءَ ۾ وڏيون اميدون جاڳائي وڌيون، سنڌين کي

خوفزده ڪيو ۽ پاڻ کي هڪ فاتح تصور ڪرڻ لڳو. جڏهن هن حملي لاءِ پنهنجي رٿا ٺاهي تيار ڪئي ۽ قيدي اميرن سان سازباز ڪري پوري ڪئي، تڏهن هن فخر جي جذبي وچان يا ڪٿي چئجي ته ڪنهن لڪل خوف وچان ١٠ - ٨ مارچ تي پنهنجن وڪيلن کي انگريزن جي ڇانوڻيءَ ڏانهن موڪلڻ مناسب ڄاتو، جن کي هن هار مڃي پيش پوڻ جا انتهائي گستاخانه شرط شروط ڏيئي روانو ڪيو، جن ۾ چيو ويو ته ”هي ملڪ ڇڏي هليا وڃو ته توهان جي جان بخشي ڪئي ويندي، بشرطيڪ توهان اهو سڀڪجهه واپس ڪريو، جيڪو ڪجهه کنيو اٿو.“ وڪيل ڏاڍي اعتماد سان ڇانوڻيءَ ۾ داخل ٿيا ۽ غرور سان پريل اهو پيغام پهچايو. عين انهيءَ گهڙيءَ شام ٿيڻ جو اعلان ڪرڻ لاءِ توب ڇوڙي ويئي.

”اهو آواز ٻڌو ٿا. توهان جي سردار کي منهنجو اهو جواب آهي. هاڻي ڀڄي وڃو!“ هن انهيءَ سخت جواب ڏيڻ سان ايلچين ڏانهن پنهنجي پٺي ڦيرائي. ٻئي ڏينهن هن کي امير جي قتل ڪرڻ جي ڇرڪائيندڙ تجويز موڪلي ويئي؛ اها امير جي پنهنجي ئي پاڻ طرفان موڪلي ويئي هئي! جنرل سخت ڪاوڙجي ۽ بيزاريءَ ۾ پرجي هڪدم اها خبر شيرمحمد کي ڏياري موڪلي ۽ کيس تاڪيد ڪري موڪليو ته هو دغا ٿيڻ کان هوشيار رهي، ساڳئي وقت تي هن وڪيلن جي گستاخانه پيغام جي جواب ۾ هيٺيون چٺو موڪليو:

”مان توهان جي غير مشروط آڻ مڃڻ ۽ توهان جي جان جي سلامتيءَ کان سواءِ توهان جا ڪي به شرط نه مڃيندس؛ اهڙي ئي خاطري ٻين اميرن کي به ڏني ويئي آهي. اسان توهان سان صلح ۽ امن سان گذاري رهيا هئاسون؛ توهان سان اسان ڪا جنگ ڪانه ڪئي، توهان اسان سان، بنا ڪنهن سبب جي، جنگ شروع ڪئي آهي ۽ اسان جي

ڊاڪ روڪي آهي. جيڪڏهن توهان پاڻ کي هن مهيني جي ٢٣- تاريخ کان اڳي مون وٽ پهچي جنگي قيديءَ جي حيثيت ۾ پيش نہ ڪندا تہ مان توهان تي حملو ڪري لڙائي ڪندس."

ائين پيو معلوم ٿئي تہ انهن واقعن ۽ خط و ڪتابت جي سلسلي شير طرفان حملي جي طئي ڪيل اصلي رٿا ۾ دير ٿي ويئي ۽ انهيءَ وچ ۾ جنرل طرفان قائم ڪيل رابطي پنهنجو اثر ڏيکارڻ شروع ڪيو، ۽ انهيءَ جي ڪري محمد جو ڌيان ٻئي طرف ڇڪجي ويو، ۽ اهو ڪم عين اهڙي وقت ٿيو، جڏهن هو پنهنجين رٿائن کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ بلڪل تيار ٿي رهيو هو. هو عليءَ جي ٽنڊي طرف پيشقدمي ڪري آيو هو، جيڪو حيدرآباد کان ڪجهہ ٿي ميل پريرو آهي، ۽ اتي پهچي هن اٺ هزار ماڻهن کي جدا ڪري ڪين پنهنجي ساڄي بازوءَ ڏانهن واقع ڏٻي نالي هڪ هنڌ ڏانهن موڪليو، ۽ وڌيڪ پنجن هزار ماڻهن کي پنهنجي ڏائي طرف واقع ڪوسڙيءَ نالي هڪ ٻئي هنڌ ڏانهن روانو ڪيو.* اهي ٻئي هنڌ اهڙا هئا، جو انهن تائين وچ واري نقطي يعني عليءَ جي ٽنڊي کان اڳتي وڌي پهچي سگهڻ آسان هو، جتي هن جا ٻارهن هزار فوجي جوان باقي رهيا. اهڙيءَ طرح هن جو لشڪر هڪ ٽڪنڊي جي صورت ۾ ٺهيل هو، جنهن جي ڏائي بازوءَ کي چانوٽيءَ تي حملو ڪرڻو هو، جنهن کي هو پنهنجي ٻيهڪ جي نوعيت سبب قريب وڃي پهتو، ساڄي بازوءَ کي قلعي تي حملو ڪرڻو هو، جنهن کي پڻ اهو لشڪر ويجهو وڃي پهتو، باقي مرڪزي حصي واري لشڪر کي

* ڏسو خاڪو نمبر ٣ ۽ ٥

اسٽئڪ، جنهن کي ٿورو اڳي مستقل مزاجيءَ سان اڳتي وڌندو رهڻ جي واضح هدايت ملي چڪي هئي، سو اهڙي متضاد نوعيت جي پيغام ملڻ تي قدرتي طور حيران ۽ پريشان ٿي پيو؛ ۽ ان سان گڏئي شير محمد جي لشڪر جي ايڏي اٿاهه تعداد تي اچرج ۾ پئجي، هن هڪدم قاصد کي انهيءَ ڪنمي ۽ پيغام سان واپس روانو ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته کيس غير مبهم ۽ واضح احڪامات موڪليا وڃن. خوشقسمتيءَ سان اهو ماڻهو شير جي ڇانوڻيءَ وٽان خير و خوبيءَ سان لنگهي ويو ۽ پنهنجي ڇانوڻيءَ ۾ عين اهڙي وقت تي پهتو، جڏهن جنرل پنهنجي تنبوءَ ۾ آفيسرن جي وڏي ميڙ جي دعوت ڪري رهيو هو، ۽ جنهن مهل اهو قاصد اتي پهتو ته رات جي ماني کائي سڀ فارغ ٿيا هئا. معاملو ڏاڍو وڏو ۽ خطرناڪ هو. شير محمد جي لشڪر جي ويجهڙائي، سندس ماڻهن جو ايڏو وڏو تعداد، هن جي غرور ۾ پريل لباڙ ۽ متڪبرانه پيغام، قيدي اميرن سان سندس خط و ڪتابت، جنهن بابت ميئني کي خبر هئي، ۽ بلوچ جانبازن جي باغ ۽ قلعي ۾ موجودگي، جن کي اهي شهزادا انهن جاين تي رکيو ويٺا هئا؛ انهن کان سواءِ ٻين به ڪيترن ئي بلوچن جو موجود هئڻ، جيڪي شهر ۽ ان جي پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ خاموشيءَ سان ٽڪري رهيا هئا، ۽ پاڻ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ فقط لڙائي ڇڙڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا؛ اهي سڀ ڳالهيون هيون، جيڪي فوج جي هرهڪ ماڻهوءَ کي معلوم هيون، ۽ انهن ۾ وڏي بي آرامي پيدا ڪئي هئائون. فوجي سپاهي خواه انهن جا آفيسر ڪمڪ جي اچڻ ۽ انهن وٽ پهچڻ جي ڏاڍي انتظار ۾ هئا. مطلب ته جيڪڏهن خوف نه، ته به هرڪنهن جي دل ۾ بي آرامي ضرور هئي، ڇاڪاڻ ته صورت حال ڏاڍي اونداهي ۽ خطري سان پريل هئي.

تي جنرل، جيڪب کي سنڌ جي گھوڙيسوار دستي سان گڏ حيدرآباد کان ساڳي رستي تان روانو ڪيو*، جلد ئي پوءِ هو پاڻ بينگال واري گھوڙيسوار فوج سان گڏجي ۽ ڪجھ توبون ساڻ ڪري هن جي پٺيان اتان روانو ٿيو، ۽ ڪجھ وقت کان پوءِ سڄي پيادل فوج هن جي پٺيان رواني ٿي.

فوجي دستن جي انهيءَ نموني سان هڪبئي جي پٺيان روانگيءَ جنگي فن ۾ مهارت جو ثبوت پيش ڪيو. شير جي پيشقدميءَ جي معلومات ڪجھہ قدر مبهم ۽ غير واضح هئي، ۽ هن لشڪر جي اصل تعداد جي باري ۾ يقيني ڄاڻ حاصل ٿي نہ پئي سگھي. آس پاس جو علائقو جيتوڻيڪ سڌو ۽ سنئون هو، پر اهو گھرن، باغن ۽ شڪارگاهن سان ڀريو پيو هو، ۽ ڪيئي ننڍا ۽ وڏا واهہ هيڏانهن کان هوڏانهن زمين کي ڪاٽي رهيا هئا، جن ۾ هزارين ماڻهو پوري سلامتيءَ سان لڪي پئي سگھيا. ڪٿي بہ اهڙي جاءِ ڪانہ هئي، جتان کان ملڪ جو ڏورانهون نظارو ڪري سگھجي آسان هو، جنهنڪري مورچہ بند ڇانوڻيءَ جي اسپتالن ۽ بارودي ذخيرن کي بياحتياطي سان ظاهر ڪرڻ ڪم عقليءَ جو ڪم ٿئي ها؛ هن ڳالھہ جو امڪان هو تہ شير تمام وڏي لشڪر سان اسٽيڪ تي حملي ڪرڻ لاءِ پيشقدمي ڪئي هجي ها، ۽ ان جي باوجود ڪافي لشڪر کي انهيءَ گھاٽي علائقي ۾ هن مقصد سان پوشيده ڪري ڇڏيو هجي ها تہ جيئن ميداني لشڪر جي عدم موجودگيءَ ۾ ڇانوڻيءَ تي حملو ڪيو وڃي. درحقيقت ان کان اڳي پهتل اطلاعات مان معلوم ٿيو هو تہ انهيءَ ئي مقصد سان پنج هزار ماڻهو ڪوٽڙيءَ وٽ بلڪل انهيءَ طريقي سان لڪائي ويهاريا ويا هئا؛ ۽ هن باري ۾ ڪا يقيني معلومات ڪانہ ملي هئي تہ انهن کي بعد ۾ اتان هٽايو هو.

*ڏسو خاڪو نمبر-٥

فوج جي هڪبئي جي پٺيان لهرڻ جي صورت ۾ چرپر انهن ئي ڳالهين تي غور ڪرڻ سان تجويز ڪئي ويئي هئي؛ چاڪاڻ ته جنرل اهو اندازو لڳايو ته شير جي جاسوسن هئان مئڪ مرڊو جي فوجي دستن جي اصل تعداد کي گهٽي قدر وڌائي ٻڌايو ويندو. چنانچه، جيڪڏهن هن جي فوج رستي ويندي بلوچ لشڪر سان مُنهان مُنهن ملي ويندي ته هن جو اهڙيءَ طرح اچانڪ پرگهٽ ٿيڻ، سندس خطرناڪ چرپر، ۽ هن جي فرضي طاقت، اسٽئڪ جي خلاف سندس پيشقدميءَ جي رفتار کي پڪ ئي پڪ سست ڪري وجهندي. اهڙيءَ طرح هڪ طرف ته شير جي لشڪر جي موجودگيءَ واري جاءِ جي يقيني ڄاڻ حاصل ٿي ويندي، ۽ ٻئي طرف سڄي لشڪر کي مئڪ مُرڊو جي مدد ڪرڻ لاءِ سندس ويجهو پهچڻ جي مهلت ملي ويندي. پر جيڪڏهن رستو صاف هو، جيئن ته اهو سچ پچ ائين ئي هو، ته پوءِ اسٽئڪ جي لشڪر ۾ هڪ نهايت ئي پُرعزم آفيسر ۽ اڍائي سؤ سٺن گهوڙيسوارن جو اضافو ٿي ويندو، جيڪو ان کان پوءِ واضح احڪامات ۽ اڳي کان وڌيڪ طاقت سان، وڌيڪ همت ۽ جرئت سان اڳتي ڊوڪڻ شروع ڪندو. انهيءَ وچ ۾ حيدرآباد مان نڪتل لشڪر جو منهن وارو حصو ڦليلي جي ويجهو پهچي سگهندو، ۽ لشڪر جي هڪبئي کان جدا ٿيل حصن جي وچ وارو مفاصلو تيزيءَ سان گهٽجي ويندو، جڏهن ته هڪ حصي جي پٺي اچا ٻه حيدرآباد جي قريب هوندي، ۽ چانوٽيءَ تي حملي ٿيڻ جي حالت ۾ اهو لشڪر ان جي مدد ڪري سگهندو.

ميجر اسٽئڪ ٻاويهين تاريخ صبح جو يارهين وڳي مهل مٽياريءَ کان روانو ٿيو، ۽ جهڙيءَ طرح جنرل اندازو ڪيو هو، هڪ به بلوچ کي ڏسڻ کان سواءِ مياڻيءَ جو ميدان پار ڪري نڪتو. هو ڦليليءَ کي پٺيان ڇڏي هڪ ميدان ۾ داخل

ٿيو، جتي اهو واهه، جيڪو اوچتو ئي اوچتو اتان کان حيدرآباد*
طرف وڃڻ لاءِ وڪڙ کائي رهيو هو، سنڌس ڏائي بازوءَ طرف
هلندو رهيو. هو هڪ سٺو آفيسر هو، پر هو جنرل سان گڏجڻ
لاءِ، جنهن جي لشڪر جو منڍ وارو دستو اتان کان ٽي يا
چار ميل مس پري هو، ايتريقدر ته آتو هو، ۽ سنڌس سمورو
ڌيان هن ڏانهن اهڙي طرح ته ڦاٿل هو، جو هن سڀ خيال ۽
احتياط نظرانداز ڪري ڇڏيا ۽ پنهنجي ڪارروائي بي خياليءَ
سان هلائي، ۽ ان جو انتظام هوش ۽ عقل سان نه
ڪري سگهيو.

پيشقدميءَ جو رستو اهڙيءَ طرح هو، جو ڏائو بازو
جيئن مٿي چيو ويو آهي، ڦليليءَ طرف، ۽ خاص طرح، لُونر
ڳوٺ جي ويجهڙائي ۾ هو؛ ان جو پَريون ڪنارو هڪ گهاٽي
شڪارگاهه سان ڍڪيل هو، جنهن ۾ بلوچن جو لشڪر لڪو
ويٺو هو، ته جيئن اهو اوچتو هن جي فوجي دستي تي حملو
ڪري. چنانچه، عقلمندي اها ٿئي ها ته فوج جو سامان آبتي
بازوءَ تي گهٽو اڪٺي رکيو وڃي ها، ۽ پيادل فوج ۽ توبن
کي گڏوگڏ بيهارجي ها ۽ گهوڙيسوارن جي دستن کي ڦليليءَ
واري بازوءَ کي نظر ۾ رکڻ ۽ بچائڻ لاءِ آنهيءَ رخ ۾ اڪٺي
موڪليو وڃي ها. اهو سڀڪجهه آسانيءَ سان سرانجام ٿي
سگهي ها، ڇو ته هو هڪ کليل ميدان تي هو، جتي سنڌس
راهه ۾ هڪ ننڍي واهه کان سواءِ بي ڪابه رڪاوٽ پار
ڪرڻ لاءِ موجود ڪانه هئي، جيڪو ڦليليءَ کان گوني ڪنڌ
تي وهندي هن جي پيشقدميءَ واري رستي کي ڪاٽي رهيو
هو. انهيءَ عقلمنديءَ واري انتظام ڪرڻ بدران، هن پنهنجون
توبون سڀ کان اول روانيون ڪيون، ۽ پنهنجي گهوڙيسوار
۽ پيادل فوجن کي ملائي هڪ ئي دستي جي شڪل ۾
هڪدم پٺيان موڪليو، ۽ پنهنجو سڄو ساز و سامان ايتريقدر

*ڏسو خاڪو نمبر-٥

بي ڊپائي ۽ بيخوفيءَ سامان کي بچائي وڌو. آخر جڏهن سوارن جو اهو دستو ڪجهه دير بعد آتي پهتو، جنهن لاءِ هن مطالبو ڪيو هو، ۽ جنهن کي رستي تي ڪجهه رڪاوٽ حائل ٿي هئي، تڏهن هن وري ٻيهر حملو ڪيو ۽ بلوچن کي ڦليليءَ جي ٻئي ڪناري ڏانهن ڀڄائي ڪڍيو. انهن ڪارروائين جي دوران، ميجر اسٽئڪ، جيڪو ظاهر ٿي رهيو هو تہ انهيءَ خطري ۽ نازڪ صورتحال کان بي خبر هو، جيڪا سندس سامان کي درپيش هئي، هڪ آفيسر کي اڳتي وڃي، جنرل سان رابطو قائم ڪرڻ لاءِ روانو ڪري ڇڏيو هو، جنهن جي متعلق ڪيس اندازو هو تہ هو ڪانئس گهڻو پري ڪونہ هوندو، ۽ هن پاڻ پنهنجي لشڪر سان حيدرآباد طرف پيشقدمي جاري رکي، جنهن جا اوچا برج هن کي دور کان نظر اچي رهيا هئا.

مٿڪ مردو اها صورتحال ڏسي، ۽ پنهنجي سامان وڃائڻ جو خوف محسوس ڪري، ليفٽيننٽ موئر کي سڏيو، جيڪو هڪ گهوڙي سوار دستي جو مهندار هو، ۽ هن کي بهترين نموني سان حالات کي منهن ڏيڻ جو حڪم ڏيئي اِسٽئڪ کي رستي تي وڃي جهلڻ ۽ پنهنجي واسطي ڪمڪ حاصل ڪرڻ لاءِ هن جي پٺيان گهوڙو ڊوڙايو. اسان جيئن اڳيئي چيو آهي، توبون اڳيئي سامهون واري طرف نندي واهہ کي پار ڪري ان جي پرئين ڪناري طرف پهچي ويون هيون، ۽ هن انهن سان ٻن کي پاڻ سان واپس ڪٺي وڃڻ جي ڏاڍي مشڪل سان اجازت حاصل ڪئي* انهن کي هن پنهنجي لشڪر جي هڪ بازوءَ طرف رکايو، ۽ پوءِ انهن سان دشمن تي، جيڪي هاڻي تمام گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿي رهيا هئا، باهہ جو مينهن وسائڻ شروع ڪيو، پر ڪجهہ ٿورن ئي گولن کان پوءِ، جن انهن جو قتلِ عام ڪري ڇڏيو، اهي ڦليلي پار ڪري ٻئي ڪناري تي هليا ويا.

---

*ڏسو خاڪو ٥

جنرل سان مقابلو ڪرڻو هو، ۽ سر چارلس نيپئر جي ڏاڍي مرضي هئي ته بلوچن جي لشڪر کي اسٽئڪ جي فوجي دستن سان دوبدو ۽ قريب مقابلي ۾ مصروف ڏسي؛ ڇاڪاڻ ته اهي انتهائي سٺا هئا، ۽ انهن ۾ ٽنهي قسمن جا فوجي دستا شامل هئا. هن ڳالهه جو ڪوبه ڊپ ڊاءُ ڪونه هو ته متان اهي انهيءَ مختصر مدت تائين بلوچ لشڪر جي جدوجهد جو دٻاءُ برداشت ڪري نه سگهن، جيڪا فوج کي لڙائي ۾ شريڪ ڪرڻ لاءِ حيدرآباد کان آڻڻ لاءِ ضروري هئي. پوءِ ته شير ٻن باهين جي وچ ۾ اچي پاڻ کي ڏاڍي خطرناڪ حالت ۾ ڏسي ها، ۽ سمورا موقعا انگريزن جي حق ۾ هجن ها.

بلوچ، جيڪي جنگ جي رٿا ٺاهڻ ۽ دشمن جو حملو جهلڻ لاءِ مورچي جي چونڊ ڪرڻ ۾ ڪافي ماهر هئا، وڏي تعداد ۾ چرپر ڪرڻ ۽ دشمن جي گوليبازيءَ ۾ اوچتي ڦير ڦار ڪرڻ ۽ مختلف ٽولن ۾ قريبي رابطو قائم رکڻ جي صلاحيت کان خالي هئا. انهيءَ حالت ۾ ممڪن هو ته اهي انهيءَ ڏينهن ئي لونر جي ميدان ۾ افراتفريءَ ۾ پئجي وڃن ها ۽ پڪ شڪست کائي وڃهن ها. جنگ ۾ حالات جو ڦيرو ضرب المثل آهي، ۽ سنڌ جي قبضي لاءِ فيصلہ ڪن مقابلو ٿيڻ اڃا باقي هو. شير محمد اهڙو ڪونه هو، جنهن کان نفرت ڪجي، هن حساب لڳايو هو ته اسٽئڪ جو دستو ٢٣ تاريخ کان اڳي لونر ۾ پهچي نه سگهندو، جنهنڪري هن پنهنجي رٿا انهيءَ طرح تيار ڪئي هئي. پر انهيءَ آفيسر کي آرڊر مليا هئا ته هو وڌيڪ تيز رفتاريءَ سان ۽ جبري طور پيشقدمي جاري رکي، جنهن ڳالهه هن کي ٢٢ تاريخ تي حملي جي نقطي تي آڻي وڌو. شير جي حملي جون رٿائون اهڙي طرح رابطي ۾ اچڻ کان رهجي ويون، جيڪا ڳالهه سندس چڱائي ۾ هئي، پر سندس قسمت جو فيصلو فقط ڪجهه وقت لاءِ ملتوي ٿيو هو.

ماڻهن جي دلين ۾ ڌمڪاءُ ۽ خوف ڦهلائيندا رهيا. اهڙيءَ طرح انهيءَ ساڳي ڏينهن تي، جڏهن لونر جي پرسان ميجر اسٽئڪ تي حملو ڪيو ويو، هڪ سؤ سپاهين جي حفاظتي دستي جي سنڀال هيٺ ٽن سؤ اٺن ۽ فوجي سامان جي هڪ قافلي تي جيڪو سامونڊي ڪناري واري علائقي کان مٽي فوج ڏانهن اچي رهيو هو، ٽئي وٽ حملو ڪيو ويو، ۽ ليفٽيننٽ گورڊن کي، جيڪو انهيءَ دستي جي اڳواڻي ڪري رهيو هو، زخمي ڪيو ويو.

هڪ ٻئي هنڌ تي، هڪ ايراني امير، جيڪو انگريزن جي فائدي ۾ هو، ۽ انهن ڏينهن ۾ ٻن سؤ گهوڙيسوارن سان سنڌ جي مختلف علائقن ۾ گهمي ڦري رهيو هو، ڇو ۽ ڇالاءِ، تنهن جي ڪا وضاحت نه ٿي ملي سگهي، اتفاق سان اهڙين ٽولين مان ڪن سان دوبدو مقابلو ٿي ويو، ۽ هو پنهنجن پوئلڳن مان گهڻن کي مارائي باقي فقط ٽيهن سوارن سان گڏجي سنڌو نديءَ تي واقع انگريزن جي مورچه بند ڇانوڻيءَ ۾ پناهه لاءِ اچي سهڙيو. علي مراد جي بلوچن مان ڪجهه ماڻهو پڻ انگريزن وٽ ملازمت ڪرڻ، ۽ شايد جنگي ڪارروائين جي رخ کي ڏسي پنهنجي آقا کي واقعات جي مهلائتي اطلاع پهچائڻ لاءِ، جيڪي اڳتي هلي شايد سندس مستقبل کي متاثر ڪن، اتي اچي سهڙيا هئا. اهو امير پنهنجي بقايا لشڪر کي آپر سنڌ ۾ پنهنجي رئيس جي حيثيت ۾ مرتبي کي قائم ڪرڻ لاءِ، رکي ويٺو هو، جتي سندس سؤن جا ڪيئي قلعي دار خصوصاً درياءَ جي ساڄي ڪناري وارا، شير محمد ۽ پنهنجن اميرن جي آخري فتح جي توقع رکندي هن جي فرمانبرداري ڪرڻ کان انڪار ڪري رهيا هئا، ۽ ڪن حالتن ۾ ته هن جي عملدارن سان جنگ به ڪئي هئائون، جن مان ڪجهه موقعن تي هنن کي فتح به حاصل ٿي هئي.

ڇيو، ۽ جنهن رخ ۾ هو اشارو ڪري رهيو هو، تنهن ڏانهن درياءَ جي سڌي سنئين ڪپ جي مٿان سڙهن جو هڪ ڇڳو خاصو جهنگ نظر اچي رهيو هو. اهي پيڙيون سکر واري مددگار فوج جي آخري دستن کي ڪٺي آيون هيون؛ ۽ انهي طرفان ڪان هڪ ئي وقت تي آيل مدد جي نتيجي ۾ فوج ۾ پنج سؤ سٺن رنگروٽن، مورچہ بنديءَ لاءِ گهربل اوزارن جي چڱي خاصي ذخيري، انهن انچن جي گولن اڇلائيندڙ ٻن توبن، سان گڏ تمام ضروري گهربل توبخاني جي آفيسرن جي هڪ دستي، ۽ توبچين جو اضافو ڪيو. انهيءَ خوش قسمتيءَ ڪان اڳ، سورهن توبن کي سنڀالڻ لاءِ ۽ تمام گهٽ تعداد جي توبچين ڪان ڪم وٺڻ لاءِ اسان وٽ فقط ٽي آرٽلري آفيسر هئا.

جنرل هڪدم نون آيل رنگروٽن کي حيدرآباد جي قلعي اندر موڪلي ڏنو، ۽ آتان جي پراڻن فوجين تي مشتمل دستي کي ٻاهر ڪڍي پنهنجي ميداني لشڪر ۾ شامل ڪيو. پوءِ هن لڙائي جو پنهنجو نقشو ٻيهر نئين سر ترتيب ڏنو ۽ پنهنجي توبخاني ۾ سورهن جي بدران اٺويهن توبن کي منظم ڪيو. جڏهن هن شام جو ستين وڳي مهل پنهنجيون رٿائون ٺاهي ختم ڪيون، تڏهن هن پنهنجي سڄي لشڪر کي ٻاهر ڪڍي ڇانوڻيءَ جي سامهون صفن ۾ ترتيب ڏيئي بيهاريو ۽ مکيه آفيسرن کي سندن مختلف ڪارروائن ۾ عملي سبق ڏيڻ لاءِ ڪجهہ نيون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون، ڇاڪاڻ تہ هن جي برگيڊن جي قيادت ميجر، ۽ ريجمينٽن جي اڳواٽي ڪئپٽن ڪري رهيا هئا. هن جي سڄي عملي ۾ ڪو هڪ ماڻهو بہ اهڙو ڪونہ هو، جنهن جي عمر ٽيويهن سالن ڪان مٿي هجي. اهي سڀ جوش، جرئت، همت ۽ وفاداريءَ جي جذبن سان پوريءَ طرح سرشار هئا، پر اهي سڀ مڪمل طور بي تجربيڪار هئا، ۽ ٿورو ئي وقت ٿيو هو، جو کين سندن مختلف ڪمن

جي تربيت حاصل ٿيڻ جو موقعو مليو هو. انهن ۾ شايد هڪڙو نـي آفيسر، ڪئپٽن يلينڪائينس جيڪو چيف ڪمشنر هو، اهڙو هو، جنهن ۾ تجربي ۽ اعليٰ صلاحيت جو پوريءَ طرح اشتراڪ هو.

جنرل پنهنجي متحرڪ فوج کي ميدان ۾ وڏائڻ لاءِ، بيمارن ۽ فوج جي سامان کي پڻ حيدرآباد ۾ ڇڏڻ پئي چاهيو، پر جيتوڻيڪ هو ڇانوڻيءَ کان فقط ڇهن ميلن جي مفاصلي تي هو، پر ان جي باوجود هن وٽ انهن کي هڪ ڪان ٻئي هنڌ پهچائڻ جا وسيلا اپا ڪين هئا. بهرحال، هو قيدي اميرن جي چوڪسي ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي ڇڏي پنهنجي لشڪر جو تعداد گهٽائڻ لاءِ تيار ڪونه هو، ڇو ته اميرن جي طرف کان ڪيس دغا کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ڳالهه جي اميد ڪانه هئي، جنهنڪري هن شرافت جي خيال کي بالاءِ طاق رکي، هن کي جنگي جهازن تـي چاڙهي اتي نظربند ڪرايو. پوءِ هن پنهنجن صحتياب ٿيندڙ سپاهين مريضن، علي مراد وٽان آيل ماڻهن ۽ ايراني آغا خان جي پوئلڳن کي، جن سڀني جو مجموعي طور تعداد اٽڪل اٺ سؤ کن هو، ڇانوڻيءَ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ فوجي محافظن طور منظم ڪري، پنهنجن سمورن بهترين سپاهين کي لڙائي لاءِ آزاد ڪري ڇڏيو، جنهن کي پاڻ اڳتي وڌي ڇيڙڻ کان هاڻي ڪير ڪانه ڳالهه روڪي نه پئي سگهي.

هن کي چڱيءَ طرح خبر هئي ته قسمت تي ڪو ڀروسو ڪري نه ٿو سگهجي؛ کيس اهو به معلوم هو ته دشمن جي لشڪر جو تعداد هن جي فوج کان گهڻي قدر وڌيڪ هو، ۽ جنگ جي سڀني ڪارروائين ۾ لڙائي ئي انتهائي حد تائين غير يقيني هوندي آهي؛ پر ان کي آزمائي ڏسڻ ضروري هو، ۽ جيڪڏهن کيس شڪست به ملي، تڏهن به هو ٿوريءَ ئي پسپائي سان قلعي ۽ پنهنجي مورچه بند ڇانوڻيءَ ۾ پناهه حاصل

ڪري گڏيل طاقت کي ان وقت تائين روڪي، سنڌن مقابلو
ڪري سگهندو، جيسين سنڌس جنگي جهاز جنگ کي بحال
ڪرڻ لاءِ وٽس امداد ۽ ڪمڪ پهچائي سگهندا. ڏوري ۾
چئجي ته هن انهيءَ قاعدي تي سختيءَ ۽ عقلمنديءَ سان عمل
ڪيو هو، جيڪو هڪ فيصلهڪن ۽ قطعي جنگ لڙڻ لاءِ
نه فقط انهيءَ سڄي طاقت جي اتحاد ۽ ايڪي جي تلقين
ڪري ٿو، جيڪا به هڪ هنڌ گڏ ڪري سگهجي ٿي، پر
ان سان گڏو گڏ اها به هدايت ڪري ٿو ته فتح جا امڪان
ڪٿي ڪيتريقدر به روشن هجن، پر مقدر جي چڱائيءَ ۾ انهيءَ
حد تائين بي اعتباري رکي وڃي، جو فتح ۽ ڪاميابيءَ جي
ڳولا ڪندي تباهي ۽ پسپائي لاءِ به تيار رهڻ گهرجي. هن
انهن سڀني ڳالهين تي پوريءَ طرح عمل ڪيو، جن جي تقاضا
جنگي فن جا سڀ اصول ۽ قاعدا ڪري رهيا هئا، ۽ جن جو
سندس عقل مطالعو ڪري رهيو هو؛ هاڻي جڏهن به سچ پچ
لڙائيءَ جي گهڙي مٿان اچي سهڙي هئي، تڏهن هو هڪ دفعو
ٻيهر مياڻيءَ جي ميدان وارو هيرو هو.

ميداني لشڪر ٢٣-تاريخ تي شام مهل اچا پنهنجي
ٻهرين صف سڌي ڏاڍي سس پوري ڪئي هئي، ته شير محمد
جا وڪيل هڪ دفعو وري ڇانوڻيءَ ۾ داخل ٿيا، ۽ جنرل
جي قريب آيا، جيڪو ان مهل پنهنجي لشڪر جي اڳيان
بيٺو هو. آهي آيا ته جاسوسي ڪرڻ لاءِ هئا، پر هنن سندن
اصل مقصد کي لڪائڻ لاءِ شير طرفان جنرل کي پيش پوڻ
جو آخري پيغام پهچائڻ جو بهانو ڪيو. هنن چيو ته انگريزن
جو لشڪر پيش پوي، نه ته تباهه و برباد ٿيڻ لاءِ تيار رهي.
جنرل بلڪل خاموشيءَ سان انهن مغرور ايلچين کي پنهنجي
لشڪر جي ٻهرين قطار ۾ موجود بيخوف ۽ دلير سپاهين جي
اڳيان گهمايو، جيڪي هن جي حڪم ملڻ لاءِ منتظر هئا؛ پوءِ
هن منهن ڦيرائي وڪيلن کي چيو ته هنن جيڪي ڪجهه

اڪين سان ڏٺو، سو وڃي، پنهنجي مالڪ کي ٻڌائين. انهيءَ گهڙيءَ ۾ هڪ ٻيو وڪيل چانوٽيءَ ۾ داخل ٿيو. هو ڪي به نوان شرط ڪٿي ڪونه آيو هو، پر ان هوندي به هو گفتگو ڪرڻ لاءِ آتو هو، ۽ اهڙيءَ طرح هن پنهنجي اچڻ جو اصل مقصد ظاهر ڪري وڌو. فوج جي قواعد پوري ٿيڻ سان، ايلچي جاسوسن جو سچو ٽولو جنرل جي پٺيان سندس تنبوءَ ۾ داخل ٿيو، ۽ پنهنجي سموري مهارت* ۽ هوشياريءَ کان ڪم وٺي هنن جنرل جي دلي مقصدن معلوم ڪرڻ لاءِ جتن ڪيا، هنن جون اهي ڪوششون رات جو دير تائين جاري رهيون، تان جو هن تڪاوت کان بيزار ٿي، انهن کي شير جي نالي هيٺيون خط ڏيئي روانو ڪري ڇڏيو، ۽ ساڳي وقت هنن کي سفارش ڪئي ته اهي تڪڙ ڪري نڪري وڃن، ڇاڪاڻ ته هو تمام جلد سندن آقا وٽ پهچندو.

”جيڪڏهن امير، مير شير محمد مون سان سياڻي انهيءَ وقت ملاقات ڪرڻ چاهي، جڏهن مان پنهنجي فوج سان مٿس حملو ڪرڻ لاءِ ڪوچ ڪندس، ۽ جيڪڏهن هو پاڻ کي جان جي سلامتيءَ کان علاوه ٻئي ڪنهن به شرط شروط کان سواءِ پيش ڪندو، ته پوءِ آءٌ هن سان ملندس؛ ۽ جيڪڏهن بلوچ سردار هن سان گڏ اچڻ جو فيصلو ڪندا ته پوءِ مان انهن سان فقط هن شرط تي گڏبس ته اهي گورنر جنرل سان وفاداري ۽ فرمانبرداريءَ جو قسم کڻندا؛ ۽ پوءِ اهي پنهنجن پوئلڳن سان گڏ پنهنجن ڳوٺن ڏانهن واپس وڃي سگهندا، ۽ انهن کي سندن سيني حقن ۽ مال ملڪيت جي سلامتيءَ جي ضمانت ڏني ويندي.“

اهو پيغام روانو ڪري هو رات جو ٻين وڳي سمهي پيو ته جيئن وري ڇئين وڳي مهل لڙائي تي روانو ٿيڻ لاءِ جاڳي.

---

* ضميمو نمبر ٣

# باب ڇهون

## ٢٤-مارچ ١٨٤٣ع

٢٤-مارچ تي صبح جو باک ڦٽيءَ مهل، انگريزي ڇانوڻيءَ جي اڳيان پنج هزار جنگي جوان پوريءَ طرح هٿيار بند ٿيا بيٺا هئا؛ انهن مان ٻارهن سؤ گهوڙي سوار هئا. هن وقت مختلف طاقت جون اٺويهه توبون هيون، جن مان پنج گهوڙن جي ڇڪڻ واريون هيون، ٻه توبون ڇانوڻيءَ جي بچاءَ لاءِ ڇڏيون ويون ۽ باقي سترهن لشڪر سان گڏ رکيون ويون، ۽ اهڙيءَ طرح تيار ٿي سڄي فوج ڪوچ ڪيو. فوج جي پيشقدميءَ لاءِ جيڪو رستو اختيار ڪيو ويو، تنهن ۾ اڳ ۾ ته حيدرآباد جو شهر لشڪر جي ڏائي هٿ تي هو، ڇو ته ٻاويهين تاريخ رات جو جاسوسن اها خبر آندي هئي ته شير محمد جڏهن ميجر اسٽئڪ تي ڪيل حملي ۾ ناڪام ٿيو، تڏهن هو عليءَ جي ٽنڊي ۽ کوسڙيءَ ڏانهن واپس وريو، ۽ هن ٽيويهين تاريخ وارو سڄو ڏينهن اتي ئي قيام ڪيو هو. چنانچه، فوج کي اهڙيءَ طرح حرڪت ۾ آندو ويو ته، جيڪڏهن هو پوريءَ طاقت سان آتي موجود ملي وڃي ته مٿس انهيءَ هنڌ ئي حملو ڪيو وڃي، پر هن راتو رات ئي، شايد وڪيلن جي هٿان جنرل جي موڪليل پيغام جي نتيجي ۾ پنهنجي پوزيشن بدلائي هئي، ۽ سڄي لشڪر کي پنهنجي ساڄي هٿ تي واقع دٻي نالي ڳوٺ ۾ جمع ڪيو هو، جتي هن هڪ دفعو اڳ ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ* جنهن جي شروع ٿيڻ کي هاڻي هن بلڪل اٽل سمجهيو، مورچا ٺهرايا هئا.

---

* ڏسو خاڪو نمبر ٦

جڏهن ڪوسڙيءَ طرف موڪليل اسڪائوٽن هٿان اها ڳالهه معلوم ڪئي ويئي، تڏهن فوج جي پيشقدميءَ جو رستو اهڙي طرح بدلايو ويو، جو اهو ڍنڍ ڏانهن ويندي حيدرآباد جي سامهون آڏيءَ ليڪ ۾ لنگهي رهيو هو. ڍنڍ جو ڪوٽ حيدرآباد شهر کان آتر اولهندي طرف اٽڪل اٺن ميلن جي مفاصلي تي هو. هاڻي پيادل فوج ۽ توبون سوڙهيون ٿي ڪٽيل صورت ۾ هلي رهيون هيون، جڏهن ته گهوڙيسوارن جا دستا اڳيان ۽ پاسن کان ڏاڍي هوشياريءَ ۽ احتياط سان نظرداري ڪندا اڳتي وڌي رهيا هئا. چاڪاڻ ته سڄو ملڪ گهرن جي جاين، باغن، شڪارگاهن ۽ واهن ڪڙين سان ايتريقدر ته ڀريو پيو هو، جو عين ممڪن هو ته پنجاهه هزار ماڻهو مورچه سنڀالي لڪا ويٺا هجن، ۽ انهن جو اڌ ميل جي مفاصلي کان به سراغ ملي نه سگهي ها. جيتوڻيڪ سڄي علائقي جو مٿاڇرو بلڪل سڌو سنئون هو، پر ان هوندي به، جن هنڌن تي وڻن ۽ باغن جي رڪاوٽ به موجود ڪانه هئي، اتي به پريان کان ڪجهه صاف ڏسڻ ۾ نه پئي آيو، ڇو ته ڪڙين ۽ واهن جا ڪپ گهڻو ڪري ايتريقدر اوچا هئا، جو گهوڙي جي پٺيءَ تي ويٺل ماڻهو به انهن جي ٻئي طرف جو نظارو ڏسي نه پئي سگهيو.

انهيءَ مهل کان هڪ يا ٻه ڪلاڪ ڪن اڳي، لارڊ ايلنبرو وٽان انهيءَ ئي هڪ ڊاڪ ذريعي خط آيا هئا، جيڪا ٻن مهينن کان پوءِ فوج تائين پهتي هئي، چاڪاڻ ته ٻيون سڀئي ڊاڪون رستي تي روڪيون ويون هيون. جنرل ڏاڍي اشتياق سان لفافن جون مهرون ٽوڙيون ۽ خط پڙهيا. انهن ۾ گورنر جنرل طرفان، فوج لاءِ مياڻيءَ جي ميدان ۾ ماضيءَ ۾ ڪيل شاندار ڪارگذاري ۽ حاصل ڪيل فتح لاءِ شڪرگذاريءَ جو اظهار ڪيل هو ۽ ساڻ ئي هيءَ خاطري ڏني ويئي هئي ته انهيءَ عظيم لڙائي ۾ فتح حاصل ڪندڙن کي اعزاز ۽ انعام و اڪرام سان نوازيو ويندو. جيئن ته جنرل پنهنجن ماڻهن جي جوش و خروش ۽

بهرحال، اتي پنجويهن هزارن کان وڌيڪ تعداد ۾ جنگجو ماڻهو موجود هئا، جيڪي سڀ ترارن، ڍالن ۽ بندوقن سان مسلح هئا؛ هنن وٽ پندرهن توبون هيون، جن مان يارهن هلائڻ لاءِ تيار بيٺيون هيون. پيادن جون ٻه قطارون انهيءَ هنڌ مورچن ۾ هيون ۽ انهن جي پٺيان بيشمار گهوڙيسوار ريزرو ۾ بيٺل هئا (١).

هنن جو ساڄو بازو ڦليليءَ جي ڪپ تي هو، جنهن جو ترو جيتوڻيڪ انهيءَ موسم ۾ عام طرح خشڪ هو، پر انهيءَ هنڌ واهه جي تري ۾ گپ جو هڪ وڏو تلاءُ موجود هو، جيڪو انهن جي بازوءَ جو بچاءُ ڪري رهيو هو ۽ واهه کان پرڀرو هڪ گهاٽو شڪارگاهه موجود هو، جيڪو فوج جي رخ کي هڪ وڏو وڪڙ کائڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن طريقي سان بدلائڻ کي روڪي رهيو هو.

لشڪر جي سامهون هڪ وڏو واهه هو، جيڪو اٽڪل ويهه فوٽ ويڪرو ۽ اٺ فوٽ اونهو هو ۽ ان جا ڪنارا دستور مطابق اوچا هئا. انهيءَ واهه جي پٺيان پيادن جي پهرين قطار بيٺل هئي، جيڪا ڦليلي جي ڪناري سان هڪ ميل جي مفاصلي تائين ٿوري گهٽي لهردار ليڪ ۾ هلي ويئي هئي؛ ۽ اتان کان پوءِ وڌيڪ هڪ ميل تائين ساڳيءَ ليڪ ۾ اڳتي وڌائي ويئي هئي، جتي هڪ گهاٽو جهنگ هو ۽ ان ۾ ماڻهو موجود هئا، ۽ اهو بلوچ لشڪر جو کاٻو بازو معلوم ٿي رهيو هو (٢). بهرحال، انئين ڪونه هو. هڪ ٻيو واهه هڪ ميل کان پوءِ، آڏي رخ ۾ پٺئين پاسي ڏانهن وڃي رهيو هو (٣)، جيڪو لشڪر جي سنهن واري صف سان گوني ڪنڊ کان وڌيڪ ويڪري ڪنڊ ٺاهي رهيو هو، ۽ دشمن جي لشڪر

(١) ڏسو خاڪو ٦ (٢) ڏسو خاڪو، اکر "سي"
(٣) ڏسو خاڪو b.B

بلوچن جي لشڪر جي هڪ گهاٽي قطار موجود هئي. شير جون توبون پڻ انهيءَ جي پٺيان قطار ۾ بيٺل هيون، البت انهن مان فقط هڪ توب ساڄي طرف هڪ اوچي دڙي تي پنهي اوچين قطارن جي وچ ۾ لڳائي ويئي هئي، جتان اها ڦليليءَ جي پيٽ ۾ گوله باري ڪري رهي هئي، دشمن انهن کان علاوه، ٻن ننڍين واهن کي پڻ کوٽي اونهو ڪري ڇڏيو هو، جيڪي ان جي فوج جي ڏائي بازوءَ ۽ قلب جي پٺيان هئا، جن جو مقصد گهڻو ڪري اهو پئي معلوم ٿيو ته ان جو پٺيون پاسو محفوظ رهي يا جيڪڏهن ان کي اتان پٺ ڏيئي پڇڙو پوي ته پوءِ ان کي هڪ نئون محاذ ملي وڃي، دشمن پنهنجي ٻهرين صف جي اڳيان وارو جهنگ وڍائي صاف ڪرائي ڇڏيو هو ۽ هو انهيءَ بهترين پوزيشن ۾، جيڪا ڪنهن به نقص کان پاڪ هئي، شير جي نالي ماتر اڳواٽيءَ هيٺ حملي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار بيٺو هو.

پر امير کي ڪهڙو به سنو سپاهي ڪٿي ڇنجي، پر هيءَ حقيقت هئي ته هن کان بهتر ۽ وڌيڪ بهادر انسان بلوچن جي لشڪر جي سر گرمين جي قيادت ڪري رهيو هو. اهو ماڻهو هڪ افريقي غلام هوش محمد شيدي هو، جنهن جو پهريون نالو جيڪڏهن صحيح آهي ته پوءِ امڪان آهي ته هو مصر ۾ فرينچن جي فوج سان وابسته ڪنهن حبشي غلام جو پٽ هوءَ هن جي زوردار هدايتن ۽ تلقينن اميرن کي جوش ڏياري جنگ ۾ آندو هو. مياڻيءَ ۾، تـوڙي ان کان پوءِ هاٽي تائين هن جي قابليت ئي وڏي پاڳي فوجي ڪاروائين جي رٿابنديءَ جي ذميوار هئي؛ ۽ هاٽي، هو پنهنجي نظربند آقا امير صوبدار ڏانهن، جيڪو پين لاءِ ته برابر ظالم ۽ بدخصلت ثابت ٿيو هو، پر هن غلام سان فراخدليءَ جو مظاهرو ڪيو هئائين، سچو ۽ وفادار ثابت ٿي رهيو هو ۽ هن موقعي تي اهو سياه فام هيرو اهڙي جنگي مهارت جـو مظاهرو ڪري رهيو هـو، جيڪو واقعي هڪ يـورپي

فوجي جنرل جي شايان شان هو. لڙائي ۾ بہ هو پنهنجن شيدي پائرن سان گڏ پهرين قطار ۾ بيٺو هو، ۽ جڏهن هو فتح حاصل ڪري نہ سگهيو، تڏهن هڪ بہ قدم پٺتي ڪڻڻ کان سواءِ، هٿ ۾ ترار کڻي وڙهندو رهيو ۽ انهيءَ حالت ۾ مارجي ويو. مرڻ کان پوءِ بہ ترار سندس هٿ ۾ رهي.

انگريزن جي لشڪر جي حيدرآباد کان روانگي جيئن تہ بلوچ لشڪر جي اڳين سامهون واري قطار جي ڪنڊون ڪنڊ ٿي هئي، انڪري ان جو پهريون دستو، ڏائي هٿ کان مارچ ڪندو دشمن جي ساڄي بازوءَ جي پرسان اچي نڪتو، انهيءَ ئي آڏي رخ ۾ هڪدم قطار ٺاهي ويٺي، گهوڙي سوارن کي قلب واري لشڪر جي پٺيءَ بازن طرف بيهاريو ويو ۽ مختلف ريجمينٽن جي درميان جيڪا وڇوٽي ڇڏيل هئي، تنهن جي وچ ۾ توبخانو نصب ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح فوج جو ساڄو بازو ڪجهہ قدر ڦهلجي ويو، جيتوڻيڪ اهو اوتري حد تائين نہ ڦهليو، جيتري قدر دشمن جو کاٻو بازو ڦهليل هو.*

شروع ۾ جنرل کي انهيءَ جهنگ تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي، جيڪو سندس ساڄي بازوءَ لاءِ خطرو بڻيو بيٺو هو. اهو ماڻهن سان ڀريل هو، ۽ هن کي اهو معلوم نہ هو تہ ان ۾ گهڻا ماڻهو آهن يا ٿورا، پر هن جي جاسوسن کيس پڪي خاطري ڏني هئي تہ دشمن پنهنجن پنج هزار بهترين جنگجو ماڻهن کي چونڊي انهيءَ لائين جي ڪجهہ حصن ۾ هن ارادي سان لڪائي بيهاريو هو تہ جڏهن بہ اهي انگريزي فوج کي حملي ڪرڻ لاءِ ويجهو ايندي ڏسن، تہ هڪدم ٻاهر نڪري انهن تي حملو ڪن، انڪري انهيءَ جهنگ مان هو انهيءَ جوابي حملي جي توقع ڪري رهيو هو، هن پنهنجي ساڄي بازوءَ جي گهوڙي سوار دستن کي جزوي طور سندس پاسي جي بچاءَ ڪرڻ ۽ ڪجهہ هن مقصد لاءِ اڳتي وڌايو تہ دشمن پنهنجي لڙائي جي اصل

---

*ڏسو خاڪو نمبر ٦

تنظيم کي وڌيڪ واضح طور ظاهر ڪري. هن جي پنهنجي پوزيشن، انهيءَ وچ ۾، نازڪ ۽ خطرناڪ هئي. هو جنهن ميدان اندر گهڙي آيو هو، سو تمام وڏو ڪونه هو ۽ ڦليلي اوچتو وڪڙ کائي سندس پٺئين پاسي جي چوڌاري گهيرو ڪري بيٺي هئي، جڏهن ته انهيءَ گولائي جي باقي ٻن سيني نقطن وٽ، انهيءَ هڪ اونهي واهه کان علاوه، جنهن جي ذريعي هو داخل ٿيو هو، ننڍين ننڍين ڪڙين ۽ واهڙن جو چار وڇايل هو، جنهن جي درميان هن جو سوڙهو هلندڙ فوجي دستو، بلوچن جي هجوم جي مقابلي ۾ اڳ ۾ ته ائين نظر اچي رهيو هو، جيئن مشرقي ملڪن جي شڪار دوران چوڌاري سوڙهي ٿيندڙ گهيري جي وچ ۾ ڦاٿل ڪو جهنگلي جانور نظر ايندو آهي. ان جي باوجود، هن جي پٺئين پاسي ڦليليءَ ۾ جيڪو وڪڙ هو، سو سراسر هن لاءِ نقصانڪار ڪونه هو، انهيءَ هنڌ تي جيئن ته انهيءَ واهه جو ترو سڪل هو، انڪري اهو هن لاءِ بچاءَ جي ٻي لائين مهيا ڪري رهيو هو.

انگريز جنرل بلوچن جي سڄي پوزيشن کي ڏسي نه پئي سگهيو. هو ايترو ته ڏسي سگهيو ته جيتوڻيڪ هو پنهنجن ترار بازن جون هڪ ٻئي جي پٺيان گهٽيون ۽ گهاٽيون قطارون بيهارڻ جي طريقي تي عمل پيرا آهن؛ ان جي باوجود اهي ساڄي پاسي کان سندس قطارن کان گهٽ ۾ گهٽ اڌ ميل اڃا پري تائين بيٺل هئا، ۽ ان کان پوءِ به هنن جا گهوڙيسوار ريزرو ۾ بيٺل هئا، پر هو انهن جي قلب ۽ ساڄي بازوءَ جي پٺئين پاسي ڏانهن موجود واهن جي ٻئي لائين کي ڏسي نه پئي سگهيو؛ نه وري هو اهو اندازو لڳائي سگهيو ته ڊٻي جي ڳوٺ ۾ ماڻهو موجود هئا، اهو بلڪل خالي معلوم ٿي رهيو هو. هو ڦليليءَ کي پار ڪرڻ، ۽ ٻئي طرف شڪارگاهه جي وچان وڃڻ کان سواءِ سندن قطار کي ويجهڙائي کان

انهيءَ وچ ۾ سڄي پيادل فوج چرپر ۾ اچي چڪي هئي؛ ٻاويهين ريجمينٽ جيئن تہ کاٻي بازوءَ کان پيشقدمي ڪندي پئي آئي، انڪري ان دشمن جي گولہ باريءَ جي سامهون پاڻ کي هڪ آڏي ليڪ ۾ پيش ڪري، حملي جو زور پنهنجي طرف ڇڪايو. ڏائي بازوءَ واري گهوڙيسوار فوج، جيڪا بينگال ۽ پوني وارن دستن تي مشتمل هئي، سوڙها دستا ٿاهي ڦليليءَ جي تري جي ويجهڙائي ۾ اکٽي وڌي رهي هئي، ۽ ائين ڪندي اها ليسليءَ جي توبن جي پٺڀرائي ڪري رهي هئي ۽ اهڙي ڪنهن بہ حملي لاءِ تيار هئي، جيڪو بلوچ پنهنجن مورچن مان ڪرڻ جو ارادو ڪن.

جلد ئي اهو ظاهر ٿيو تہ سامهون واري واهہ ۽ ڀرئين ڪوٽ تي قبضي ڪرڻ کان شيدي هوش محمد غافل نہ رهيو هو. انهيءَ بهادر شخص انهن ٻنهي جاين کي ماڻهن سان ڀَرُ ڪري رکيو هو، ۽ هاڻي هو پنهنجن شيدي پائرن جي اڳيان، ساڄي بازوءَ کان ٿيندڙ انهيءَ حملي جو انتظار ڪري رهيو هو، هنن جون بندوقون ۽ ڏڙي تي رکيل توب مسلسل تيزيءَ سان هلي رهيون هيون ۽ ٻاويهين ريجمينٽ کي پيشقدمي ڪرڻ ۾ جاني نقصان جي صورت ۾ مهانگي قيمت ادا ڪرڻي پيئي. لائيٽ ڪمپنيءَ جو نصف حصو ڀرئين واهہ مان ايندڙ گولين جي وسڪاري ۾ زمين دوز ٿي ويو؛ ۽ پٺئين پاسي ٻي ۽ اچا وڏيڪ اونهي کڏ هئي، جيڪا وڌيڪ مضبوطيءَ سان جنگي جوانن سان ڀري پيئي هئي، ۽ ڀريان وارو ڪوٽ اوچتو ئي اوچتو بندوقچين جي شور سان جيئرو ٿي پيو، جن جون گوليون پيشقدمي ڪندڙ فوج جي ڀرين قطار تائين پهچي رهيون هيون.

هاڻي سر چارلس نيپئر محسوس ڪيو تہ هن دشمن جي مهارت جو صحيح نموني ۾ اندازو نہ ڪيو هو. ۽ انهيءَ مهل سمجهيو تہ ڪوٽ طرف ۽ سنڌن ساڄي بازوءَ ڏانهن انهن جي ماڻهن جي تيزيءَ سان ڪيل چرپر، انهيءَ مقصد لاءِ نہ هئي تہ

انهيءَ بازوءَ تي قبضو ڪيو وڃي؛ پر درحقيقت هنن جڏهن انگريزن جي فوج جي حملہ آور پهرين قطار جي بيهڪ ۽ نظام کي ڏٺو، تڏهن انهن پنهنجي انهيءَ بازوءَ کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ لاءِ انهيءَ طرف آڳهرائي ۾ وڌيڪ ماڻهو روانا ڪيا هئا. پر هاڻي وقت ڪونہ هو، ۽ نہ ئي حملي جي طريقي کي بدلائڻ جو ڪو رستو ئي هو، ۽ جهڙيءَ طرح جنگين ۾ عام طرح وڏن وڏن مهندارن ۽ سپہ سالارن سان ٿيندو آهي، تهڙيءَ طرح هن حالت ۾ بہ انتظامن ڪرڻ ۾ جيڪا غلطي ٿي ويئي هئي، تنهن جو ازالو هاڻي همت ۽ دليريءَ ذريعي ئي ٿي پئي سگهيو.

جنرل پاٽ منڍ وارن حملہ آورن سان وڃي رهيو هو، تہ جيئن ڪناري کي پار ڪرڻ لاءِ ڪيل حملي جي اڳواڻي پاڻ ڪري، جڏهن اوچتو ساڄي طرف کان هڪ گهوڙيسوار واءُ ميٺهن ڪندو هن کي اها ڳالهہ چوڻ لاءِ هن ڏانهن آيو تہ انهيءَ طرف واري سڄي گهوڙيسوار فوج حملو ڪري رهي هئي. اها ڳالهہ ٻڌي هن اهو مطلب ورتو تہ، جيئن هن اڳ ۾ سمجهيو هو، جهنگ ۾ لڪل سڄو لشڪر پنهنجي ڪمين گاهہ مان نڪري پيو هو، ۽ انهيءَ جي حملي کان سندس پنهنجي سڄي بازوءَ واري فوج ڀاڄ ۾ هئي. انهيءَ ڪري هن ميجر پٽول کي اها هدايت ڪئي، تہ هو واهہ تي حملي ڪرڻ ۾ پاويهين ريجمينٽ جي اڳواڻي ڪري، پاڻ گهوڙي کي ڊوڙائيندو ساڄي بازوءَ واري فوج ڏانهن ويو تہ جيئن هو حملي جو رخ نئين سر ڦيرائي، جهڙيءَ طرح هن اڳي ئي پنهنجي ذهن ۾ سوچي ڇڏيو هو. گهوڙي سوار جي آندل خبر بلڪل صحيح هئي. ساڄي بازوءَ واري سڄي گهوڙيسوار فوج دشمن جي اڳيان جيڪي نندا ڪڙيا ۽ واهہ هئا، تن جي پار وڃي ان جي ڏائي بازوءَ تي ڪڙڪڻ لاءِ انتهائي تيزيءَ سان چرين وانگر حملو ڪرڻ خاطر وڃي رهي هئي، تہ انڪري جو

وڏيڪ مفاصلي تائين پيشقدمي ڪئي. انهيءَ پيشقدميءَ جي دوران، هو ٻن اهڙن مضبوط مورچن وٽان اچي لنگهيا، جيڪي شير طرفان ضرورت پوڻ تي پناهه وٺڻ لاءِ تيار ڪرايا ويا هئا، پر هو انهن تي قبضو ڪرڻ لاءِ وقت سير ڪافي تعداد ۾ ماڻهو جمع ڪري نه سگهيو. انگريزن جي قوت ۽ اورچائي جو اهو ٻهريون انعام هو، ٻئي ڏينهن تي پوني واري گهوڙيسوار فوج لڙائي جي ميدان کان چاليهه ميل پري ميرپور جي دروازي اڳيان بيٺي هئي.

شير جڏهن پاڻ کي اهڙيءَ طرح دٻاءَ هيٺ آيل ڏٺو، تڏهن هن پنهنجي دارالحڪومت کي ڇڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو، ۽ پنهنجي خاندان کي ساڻ ڪري، ۽ خزانو کڻي، ريگستان وچان پڇندو عمرڪوٽ وڃي نڪتو. ميرپور شهر جا دروازا هڪدم ماڻهن طرفان کوليا ويا، جيڪي جيئن ته سڀ هندو ۽ سنڌي نسل وارا هئا، انڪري هنن بلوچن کي شڪست ڏيندڙن جو سندن نجات ڏهندڙ طور استقبال ڪيو. اهو شهر مضبوط قلعي اندر هو ۽ سڄو مال سان ڀريل نڪتو. جيڪڏهن ان جو بچاءُ ڪيو وڃي ها، ته جيئن ته گرميءَ جي موسم مٿان بيٺي هئي، ۽ درياءَ چاڙهه ۾ هو، انڪري ان جو گهيرو ڪري ويهڻ ڏاڍو مشڪل ٿئي ها، ۽ قلعي جي فصيلن تي ڪمندن وسيلي چڙهڻ نه فقط نهايت دشوار ڪم ثابت ٿئي ها، پر جيئن ته قلعي اندر تمام گهٽي تعداد ۾ بلوچ موجود هئا، انڪري اها ڪوشش ڏاڍي خطرناڪ ڪارروائي ٿئي ها. قلعي جي دروازن کي بارود سان اندرئين طرف اڏائڻ، ۽ ساڻ ئي حملي ڪرڻ جا موقعا تمام ٿورا هئا؛ ۽ اهڙيءَ ڪوشش ۾ ناڪاميابي يا فصيلن تي ڪمندن وسيلي چڙهڻ ۾ ناڪامي اهڙي ڪمزور فوج لاءِ تباهڪن ٿئي ها. انهيءَ صورت ۾ شير تمام جلد هڪ نئون لشڪر جمع ڪري وٺي ها، ۽ سڀئي جابلو قبيلا ۽ درياءَ جي ساڄي ڪپ واريون ميداني قومون

پڻ، هٿيار سنڀالي ساڻس اچي گڏجن ها؛ ۽ اهي سڀ گڏجي
اچا ٻه ست هزار جنگجو ماڻهن جو لشڪر تيار ڪري پئي
سگهيا. ڪڇيءَ جي علائقي ۾ پڻ، جيڪا شير محمد جي
خصوصي اميري هئي، ۽ جيڪو سڄو علائقو سم سان ڀريل،
غير صحتمند، پيچيده ۽ ڪيترن ئي قلعن سان ڀريو پيو هو، بلوچن
جي مختلف قبيلن جي ڌاڙيلن طرفان اڳيئي قبائلي جنگ شروع ڪئي
ويئي هئي. ۽ اهڙيءَ طرح هنن سنڌونديءَ جي ڇوڙ وارن منهن واري
علائقي ۾ مواصلات جي نظام ۾ رڪاوٽون وجهي ڇڏيون هيون؛
جيڪڏهن انگريزي فوج کي ڪٿي به رڪاوٽ پيش اچي ها
ته پوءِ اها جنگ ايڏو ته زور وٺي وڃي ها، جو ان کي
دٻائڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ، هڪ کان وڌيڪ لڙائيءَ ۽ پنجن
هزارن کان ڀيڻن لشڪرن جي ضرورت پوي ها. پر هوش محمد
مري چڪو هو ۽ شير جيتوڻيڪ هڪ بهادر جانباز سپاهي هو،
پر ان جي باوجود، هو انهيءَ بحران تي قابو پائڻ جو اهل
ڪونه هو. چنانچه، ميرپور جو شهر قسمت جو پيو تحفو
هو، جيڪو انگريز جنرل جي قوت جي جواب ۾ انعام طور
ڏنو ويو.

شير محمد، پنهنجي حريف جي تيز رفتاريءَ ۽ قوت کان
مرعوب ٿي، تمام ٿورو لشڪر ساڻ ڪري ڏاڍي تيزيءَ سان
عمرڪوٽ ڏانهن ڀڄي ويو؛ پر جيتوڻيڪ هن جي ڀاڄ تيز
رفتار هئي، پر سندس پيڇو ڪندڙ هن کان گهڻو پٺتي ڪين
هئا. جنرل انهيءَ وقت ئي، جڏهن هو ميرپور جو قبضو وٺي
رهيو هو، جيڪب کي سنڌ جي گهوڙيسوارن ۽ ڪئپٽن وٽلاءِ
جي آئن واري توبخاني کي شير جي پٺيان پوڻ لاءِ موڪليو
هو، ۽ انهن جي مدد ڪرڻ لاءِ هن ميجر ووڊبرن جي قيادت
۾ سپاهين جي پنجويهين پيادل دستي کي پڻ اوڏانهن روانو
ڪري ڇڏيو. هو پاڻ انهن سڀني فوجن سان گڏ، جن کي هن
انهيءَ مهم ۾ اڳتي آندو هو، ميرپور ۾ رهجي پيو، هن جو

اهو قيام جسماني ٿڪاوٽ جي نتيجي ۾ ڪونه هو، حالانڪ
ڪيس ڪافي تڪليف برداشت ڪرڻي پيئي هئي، نه ئي هن جو
اتي ترسڻ سندس جوش ۽ جذبي ۾ آيل ڪميءَ جو نتيجو هو،
بلڪ سندس قيام انهيءَ محتاط مهارت جو نتيجو هو، جيڪو
سندس سمورين ڪارروائين جو مخصوص عنصر هو. ڇاڪاڻ ته
عمرڪوٽ تي چڙهائي ڪرڻ واري ريگستاني رستي ۾ تمام
گهٽ مقدار ۾ پاڻي ميسر هو، ۽ هن پنهنجين فوجن کي اڪ ۾
ننڍين ننڍين ٽولين جي صورت ۾ هڪٻئي جي پٺيان ان ڪري
روانو ڪيو، ته متان هو پنهنجي چڱيءَ قسمت جي هٿان ڪري
ڪري وڃهي، ۽ نه هن ڪري جو هن کي انهيءَ شهر تي
هڪدم قبضو ڪرڻ جي زوردار اميد هئي، جنهن جي باري ۾
کيس چڱيءَ طرح معلوم هو ته اهو شهر پوريءَ طرح سان قلع بند
ڪيل آهي ۽ ان ۾ رسد جي سامان جا ڪافي ذخيرا موجود آهن.

انهيءَ وچ ۾ هن کي سندس پٺيان پاسي سنڌونديءَ جي
سيلاب جو خطرو پڻ لڳل هو. انهيءَ ڪري هن لشڪر جي
مکيه حصي کي خود پنهنجي قيادت هيٺ مرڪزي جاءِ ۾ رکيو
ته جيئن درياءَ جي لڳاتار چاڙهه جي حالت ۾ هو فوري طور
لشڪر ۽ توبخاني کي پاڻ سان گڏ وٺي حيدرآباد تائين پهچي
سگهي، ۽ جيڪڏهن درياءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪمي ايندي رهي ته
ان صورت ۾ هو عمرڪوٽ جي دروازن اڳيان پنهنجي لشڪر
کي وڌيڪ مضبوط بڻائي، هن وٽ هرهڪ ڪلاڪ کان پوءِ
اهي خبرون اچي رهيون هيون ته درياءَ جي پاڻي ۾ چاڙهه آهي
۽ اهو وڌندو پيو وڃي. انهيءَ ڪري هن پنهنجي مرڪزي
پوزيشن کي حيدرآباد ۽ عمرڪوٽ جي وچ تي، آسانيءَ سان
طئي ٿيندڙ مفاصلي تي برقرار رکندو رهيو ته جيئن هو حالات
جي تقاضائن مطابق پنهنجي لشڪر کي ريگستان مان جلد از جلد
واپس گهرائي وٺي، يا اڳتي وڌي ۽ بذاتِ خود انهيءَ آخري
شهر تي حملي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ شرڪت ڪري.

شرط، جيڪي مون ٻين اميرن کي آڇيا آهن؛ اهي شرط ڪھڙا هوندا، تن جي باري ۾ آءٌ ڪجهه به چئي نٿو سگهان، ڇاڪاڻ ته مون کي اڃا گورنر جنرل جا آرڊر نه پهتا آهن، پر مون کي يقين آهي ته هو انهن سان فراخدليءَ واري رَوش اختيار ڪندو. بهرحال، مان جيئن ته هن جو نوڪر آهيان، انڪري اوهان کي اهو نٿو ٻڌائي سگهان ته منهنجي آقا جا احڪامات ڪھڙا هوندا. مان توهان کي جان جي سلامتيءَ جو وعدو ڏيان ٿو ۽ اهو به انجام ڪريان ٿو ته توهان جي ڪٽنب جي عورتن جي عزت آئين ئي ڪئي ويندي، جيئن باقي ٻين اميرن جي خواتين جي ڪئي وئي آهي؛ مان توهان کي مشورو ڏيان ٿو ته توهان آڻ مڃيو ۽ پيش پئو. عمرڪوٽ جي بچاءَ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بيوقوفي ٿيندي. مان ان کي هڪ ڏينهن اندر ڀڃي ڀوري، ۽ اندر موجود سڀني ماڻهن کي ناس ڪري سگهندس.“

اهو خط هڪ اُٺ سوار جي ذريعي موڪليو ويو، پر جيتوڻيڪ جنرل ان مان ڪجهه فائدي نڪرڻ جي اميد ڪئي، ان جي باوجود هو ايتريقدر ته ڦوڪجي ويو، جو هڪ شهر تي قبضي ڪرڻ جي غيريقيني آسري تي پنهنجي پٺيان درياءَ جي سيلاب جي خطري کي سر تي کڻڻ لاءِ تيار نه ٿيو؛ انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ هن انهيءَ شهر کي پنهنجي باقاعدي گهوڙيسوار فوج ۽ اُٺن تي ڪجهندڙ توبخاني سان ڌمڪائيندو رهيو، ۽ سنڌس فوج جو اهو ئي حصو ريگستان ۾ چرپر ڪرڻ جو ٻين سڀني حصن کان وڌيڪ اهل هو، ان جي باوجود هو ان کي ڏاڍي احتياط سان پيادل فوج ۽ پنهنجي باقي بچيل توبخاني سان سهارو ڏيئي رهيو هو. انهيءَ طرح مان هن جو لشڪر هڪٻئي جي پٺيان مختلف هنڌن تي جڏهن بيهجي ويو، تڏهن اهو حالات جي تقاضائن مطابق گڏجي عمرڪوٽ تي

حملہ آور ٿيڻ، يا پنهنجي سيلاب ۾ ٻڏڻ کان بچڻ لاءِ
هڪ جهڙي نموني سان تيار هو.

جلد ئي پنهي طرفن کان خبرون پهچڻ شروع ٿيون: "درياءَ
پنهنجي دستوري موسم کان اڳي، غير معمولي تيز رفتاريءَ
سان چڙهي رهيو هو". "عمرڪوٽ جو قلعو پنهنجا دروازا
کولڻ لاءِ تيار ڪونہ هو." پوءِ پنهنجي هٿن جا احڪامات جاري
ڪيا ويا. ان هوندي بہ ريگستان جي انهيءَ شهر کي حاصل
ڪرڻ جي سموري توقع ترڪ نہ ڪئي ويئي. اسان جيئن
مٿي ڏٺو آهي، لارڊ ايلنبرو ٻہ مهينا اڳي، ڪڇ ۾ متعين
بمبئي پريزيڊنسيءَ وارين فوجن تي جنرل جي خود مختياريءَ
واري ڪمانڊ ۾ توسيع ڪري ڇڏي هئي. هاڻي هن اهو اختيار
استعمال ۾ آڻڻ شروع ڪيو، ۽ ڏيسا ۾ مقيم چيف آفيسر ڏانهن
حڪم موڪليو تہ هو انهيءَ طرف کان ريگستان وچان پيشقدمي
ڪري، عمرڪوٽ تي حملو ڪري؛ ۽ هن انهيءَ چڙهائيءَ جي
حمايت ۾ هڪ نئين فوجي ترتيب ڪئي، جنهن جو انتظام
حيدرآباد ٿيڻو هو.

انهيءَ وچ ۾، پنهنجي هٿن جو حڪم، ڪئپٽن وِٽيلاءِ کي
انهيءَ وقت پهتو، جڏهن هو عمرڪوٽ کان ويهہ ميل پري
ريگستان ۾ هو، ۽ ساڳي وقت انهيءَ آفيسر اها خبر پڻ ٻڌي
تہ امير شهر کي ڇڏي هليو ويو هو. اهڙيءَ پريشان ڪندڙ
صورتحال ۾ هن اهو سوچيو تہ هن لاءِ بهترين رستو اهو ٿيندو
تہ هو انهيءَ وقت تائين اتي قيام ڪري، جتي موجود هو،
جيسين هن وٽ تازيون هدايتون پهچن؛ هن وٽ سندس ڇانوڻيءَ
۾ هڪ اهڙو نوجوان شخص، ليفٽيننٽ برائون، موجود هو،
جيڪو انهن نين هدايتن حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري تيز رفتاريءَ
سان وڃڻ لاءِ تيار، ۽ انهيءَ ڪم سرانجام ڪرڻ لائق هو.
هن کان اڳي بہ هن نالو ڪڍيو ۽ ناموس ڪمايو هو؛ ۽ هاڻي
هو چاليهہ ميل يڪساهيءَ ۽ ڪنهن هنڌ وچ تي ترسڻ کانسواءِ

سڌو ميرپور وڃي پهتو، ۽ ساڳي ئي نموني ۾ موٽي آيو ۽ پاڻ سان اهي هدايتون کڻي آيو ته شهر تي هڪدم قبضو ڪيو وڃي، اهڙيءَ طرح هو ڪنهن به پيشگي تياريءَ يا دير مدار ڪرڻ کان سواءِ ريگستاني علائقي مان آسي ميلن جو مفاصلو گهوڙي جي پٺيءَ تي ويهي اهڙي شديد گرميءَ ۾ طئي ڪري آيو، جڏهن سج جا ڪرڻا باهه جي ذرڙن وانگر مٿان ڪري رهيا هئا، ڇاڪاڻ ته ٿرماميٽر ۾ پارو ١٣٠ ڊگرين کان به مٿي بيٺل هو. جيئن ئي هو واپسي تي پنهنجن سپاهين واري فوجي دستي وٽان اچي لنگهيو، تيئن هن انهن کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو ۽ ٤- اپريل جي تاريخ تي عمرڪوٽ جي رهواسين قلعي جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ قلعي اندر رهندڙ لشڪر جو محافظ دستو پري هٽيو؛ قلعي اندر ٺهيل هڪ ننڍي قلعي ۾ هليو ويو. ميرپور وانگر، هتان جي ماڻهن پڻ، انگريزن جو سندن آمد تي استقبال ڪيو.

ميجر ووڊبرن جيڪو سپاهين جي پنجويهين دستي کي رات ڏينهن جبري مارچ ڪرائيندو انهن کي ڏاڍين دشوار گذار حالتن ۾ وٺي آيو هو، تنهن هاڻي پنهنجين توبن ۾ گولا ڀرائي انهن کي قلعي جي سامهون بيهاريو؛ ۽ ڏاڍي عقلمندي ۽ پوري قوت سان عمل ڪري، اندر لڪل محافظ دستي کي هن شرط تي پيش پوڻ لاءِ مجبور ڪيو ته انهن کي جان جي امان ڏني ويندي. اهڙيءَ طرح عمرڪوٽ جو قلعو ۽ شهر لڙائي کان پورا ڏهه ڏينهن پوءِ فتح ڪيو ويو ۽ قلعي ۾ انگريزن جي محافظ فوج متعين ڪئي ويئي، حالانڪ اهو پورا هڪ سؤ ميل پري ريگستان جي عين قلب اندر واقع هو! اهو ٿيون فائدو هو، جيڪو انگريز جنرل مقدر جي هٿان حاصل ڪري ورتو. ۽ اهو فائدو ڏاڍو وڏو هو، ريگستان هاڻي کان پوءِ، بلوچن لاءِ پناهه جي جاءِ نه رهيو؛ ممڪن هو ته شير، جيڪو پنهنجن ٿورن ماڻهن سان گڏ اتر طرف فرار ٿي ويو هو، ڪجهه

ڪجهه وڏيڪ وقت لاءِ همت ڪرڻ جي تلقين ڪندا رهيا، سڀ اجائي ڪوشش هئي، ڇو ته اهي ٿورو ئي اڳتي هلي سگهيا، ۽ جلدئي ڪري وچي پٽ پياه پوءِ اهو ڏٺو ويو ته اهي سڀ شاندار انسان زخمي ٿيل هئا، ڪن کي ته ڏاڍا گهرا زخم رسيا هئا، پر اهو خيال ڪندي، ته اجا هڪ ٻي لڙائي ڪرڻي آهي، انهن پنهنجا زخم لڪايا هئا، ۽ فطرت تي جبر ڪري ان کي رت جي ضايع ٿيڻ، زخمن جي درد ۽ سور، ساڙيندڙ سج، ڏکين منزلن ۽ وارياسي ريگستان جون سموريون تڪليفون هن لاءِ برداشت ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو ته جيئن سندن زندگين جا پويان پساهه جنگ جي هڪ ٻئي ميدان تي سندن ملڪ خاطر ڪم اچن! انهن جا نالا سندن احسانمند جنرل طرفان رڪارڊ ڪيا ويا آهن، پر اها ڳالهه کين ڪهڙو فائدو پهچائيندي؟* جڏهن ته خود سندن جنرل کي محض هن لاءِ برو ڀلو ڳالهايو ۽ بدنام ڪيو ويو آهي، جو هو انهن کي جنگ ڪرڻ لاءِ پنهنجي قيادت هيٺ وٺي ويو هو؛ ۽ لارڊ ايلنبرو کي اقتدار تان انهيءَ ڪري هٽايو ويو آهي، جو هن اهڙن سپاهين کي عزت ڏني ۽ سندن تحفظ ڪيو!

فوج جا آفيسر پنهنجن سپاهين ۽ پنهنجي سپه سالار جي لائق هئا. انهن غريب سپاهين طرفان اهڙي جذبي جو مظاهرو ڪندي، ۽ نوجوان آفيسرن کي جيڪي جوش و خروش سان ڀريل ۽ پوري طرح سمجهدار هئا، سندن پراڻي ۽ تجربيڪار مهندار جي چوڌاري جمع ٿيندي ڏسڻ سان هڪ شاندار ۽ دلين کي متاثر ڪندڙ نظارو پيش ٿي رهيو هو؛ اهي غريب هن کي خدمت جي شڪل ۾ پنهنجين طبيعتن جي اها سختي پيش ڪري رهيا هئا، جنهن کي ڪهڙي به سخت ٿڪاوٽ ٽوڙي نه پئي سگهي، ۽ هن کي اهڙي پختي عزم جو تحفو آڇي

---

* ضميمو نمبر ٦، پاڱو ۳

رهيا هئا، جنهن کي ڪو به خطرو خوفزده ڪري نه ٿي سگهيو، هنن پنهنجي طرفان ڪيس جنگ ۾ انهيءَ طاقت ۽ جرئت جي سوغات پيش ڪئي، جنهن جي مقابلي ۾ ڪو به دشمن همت ڪري بيهي نه پئي سگهيو؛ ان جي باوجود اهي سڀ هن ڳالهه کي تسليم ڪري رهيا هئا ته انهن منجهان ڪو به ايڏي ذهني ۽ جسماني مشقت برداشت نه ڪري رهيو هو، جيڏي هو، يعني سنڌن پيرسن اڳواڻ برداشت ڪري رهيو هو، ڇاڪاڻ ته هن جنگي فتوحات ڪيون هيون، سي هن کي سستيون نه مليون هيون، نه ئي هن جي جنرلي انهيءَ قسم جي هئي، جنهن کي سندس شخصي ساز و سامان ڪٺي هلڻ لاءِ سرڪاري خزاني جي خرچ تي سوين اٺن جي ضرورت هئي. هو پنهنجي لشڪر جي قيادت ڪنهن آرام ده پالڪيءَ ۾ ويهي نه ڪري رهيو هو، جنهن مان فقط ان مهل منهن ڪڍي ٻاهر نڪري ٿي آيو، جڏهن جنگ اڳي ئي شروع ٿي چڪي هئي، فقط پنج اٺ جيڪي هن پنهنجي خرچ تي خريد ڪيا هئا، سندس سڄو شخصي سامان ۽ هن جي هيڊ ڪوارٽر جو رڪارڊ کڻي هلي رهيا هئا، سڄو ڏينهن سندس سپاهي هن کي گهوڙي جي پٺيءَ تي سواريءَ ميداني ڪمن ڪارين ۾ مصروف ڏسي رهيا هئا، جڏهن ته سندس عملي جي آفيسرن کي معلوم هو ته رات جو دير تائين هو انتظامي ڪمن ۾ مصروف پئي رهيو. هو پنجن ڪلاڪن کان وڌيڪ مشڪل ئي ڪڏهن سمجهندو هو. پر ڪنهن کي به هن جي ٻوڙهي ۽ ڏڪوئيندڙ سوچ ۽ ويچار جي حدود جو احساس ڪونه هو، جيڪو ڪيس انهيءَ سڄي محنت ۽ مشقت جي دوران معاملن جو پوري صفائي ۽ وضاحت سان فيصلو ڪري سگهڻ، ۽ انهن شاندار جنگين کٽڻ ۽ ايڏي ساري بادشاهيءَ کي فتح ڪرڻ جي ذريعن ۽ وسيلن ايڏي سادگيءَ سان منظم ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي رهيو هو.

# باب ستون

## مارچ ١٨٤٣ع

لارڊ ايلنبرو، جيڪو پنهنجن جنرلن کي اعتماد ۽ حمايت ڏيڻ ۾ جيتريقدر تيار ۽ فراخدل رهيو هو، اوتريقدر ئي هو انهن کي عزت ۽ انعام ڏيڻ ۾ تيار هو، جنهنڪري هاڻي هن سر چارلس نيپئر کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو، ۽ کيس پريزيڊنسين کان بلڪل آزاد اختياري ڏنائين، هن کي فقط گورنر جنرل ڏانهن جوابده بنايو ۽ ان کي ئي سڌيءَ طرح رپورٽنگ ڪرڻ جو ذميوار ڪيو. هن کيس سنڌ ۾ غلاميءَ کي منسوخ ڪرڻ جو اعلان ڪرڻ جي هدايت ڪئي، پر کيس انهيءَ باري ۾ گهٽي پاڳي آزادي ڏيئي ڇڏي ته هو انهيءَ ۾ گورنر جنرل طرفان موڪليل پنهنجون اهم هدايتن تي عملدرآمد ڪهڙي نموني ۾ ڪري. نه وري هن جي ڪمانڊر لاءِ نيڪ نيتي ۽ خيرسگاليءَ محدود هئي، جيئن گهٽين ئي حالتن ۾ ظاهر آهي؛ هن فوجين کي پڻ شخصي خواه فوجي اعزازن سان نوازيو، ۽ نهايت گهري جذبات سان پرزيل لفظن ۾ سندن شڪر ادائي ڪئي ۽ سندن بيمثال جرئت ۽ خدمات لاءِ تعريف ڪئي.

”سنڌ جي فوج“، هن چيو، ”ايشيا جي انتهائي بهادر دشمن کي ٻه دفعا اهڙين حالتن ۾ شڪست ڏني آهي، جيڪي ان کي يورپ جي بهترين فوجن تي پڻ بلڪل ساڳيءَ طرح فتح حاصل ڪرائين ها.“

”گورنر جنرل فوج جي انهن نون ثبوتن کي ڏاڍي خوشيءَ سان ڏسي رهيو آهي، جيڪي فوج طرفان جنگ جي ميدان ۾

سنڌن اعليٰ خوبين جي سلسلي ۾ پيش ڪيا آهن، ۽ هو سنڌن انهيءَ خواهش تي بہ خوش آهي، جيڪا هو هارايل ڌر تي نازل ٿيل جنگ جي لازمي مصيبتن کي گهٽائڻ متعلق دل ۾ رکن ٿا."

"شڪرادائي جي اظهار لاءِ عام قسم جي لفظن جي ادائي، احسانمنديءَ جي انهيءَ گران بار جو پوريءَ طرح سان اظهار ڪري نہ سگهندي، جيڪو گورنر جنرل هندستان جي حڪومت فوج ۽ عوام طرفان هز ايڪسلينسي سر چارلس نيپئر جو حق سمجهي ٿو".

"حفاظت هيٺ آيل شهزادن جي دغابازيءَ لاءِ کين سزا ڏيڻ، هڪ قوم کي سندس ظالم ۽ ستائيندڙ آقائن کان آزاد ڪرڻ، برطانوي سلطنت ۾ مصر جيڏي ۽ ان جهڙي سر سبز ۽ زرخيز صوبي جو اضافو ڪرڻ، ۽ اهي سمورا عظيم مقصد جنگ جي ميدان ۾ اعليٰ مهارت ۽ بيمثال هوشياريءَ سان حاصل ڪرڻ، جن کي هڪ ٿورائتو ۽ احسانمند لشڪر پنهنجي سپہ سالار جي قابليت ۽ جرئت جو نتيجو سڏي ٿو، اِهي ڪي عام نوعيت جون ڪاميابيون ڪينهن، ۽ نہ ئي تعريف جا عام قسم جا الفاظ انهن جو انعام آهن".

لارڊ ايلنبرو هيٺانهين سطح جي ماڻهن متعلق، ۽ انهن سان انهيءَ طرح ڳالهائيندي ثابت ڪيو تہ ڄو هڪ ملڪي مدبر جو دماغ رکڻ سان گڏ، پنهنجي سيني ۾ هڪ بهادر سپاهيءَ جي دل رکي رهيو هو، ۽ ان جي نبض کي خوب سڃاڻي رهيو هو.

قيدي اميرن کي، جن جو تعداد سندن ٽن پٽن سميت ٻارهن هو، گورنر جنرل جي حڪم سان بمبئي موڪليو ويو، خوني شهداد کي جدا ۽ وڌيڪ سختي سان رکيو ويو، پر ڪئپٽن اِنس جي خون ۽ هن جي ٻين بد اعمالين جي بدلي ۾

هئا، حالانڪ لڙائي ۾ شرڪت ڪري نہ سگهيا، جو هنن کي اتي پهچڻ ۾ دير ٿي ويئي، جيئن تہ انهيءَ قبيلي وارا سندن پاڙيسري قبيلن، بگٽين ۽ ڏومڪين جي پيٽ ۾ گهٽ بيقانوني سرگرميون ڪندڙ، ۽ انهن قبيلن سان وڙهيل هئا، انڪري جنرل انهن جي پوڙهي سردار کي پنهنجي طرف ڪرڻ لاءِ آتو هو، چنانچہ هن کيس هي جواب ڏنو:

”حيدرآباد جي اميرن جي فرمانبرداري ڪرڻ ڪري، سان توهان جي عزت ڪريان ٿو، پر خدا تعاليٰ جي اِها رضا آهي تہ هن کان پوءِ اهي سنڌ تي حڪومت نہ ڪن. هاڻي انگريزي حڪومت هن ملڪ جي مالڪ آهي؛ ان جي خدمت ۾ اهڙيءَ ئي وفاداريءَ سان ڪريو، جهڙيءَ سان توهان اميرن جي خدمت ڪئي؛ ان صورت ۾ اسان توهان سان عزت ۽ احترام سان پيش اينداسين. پر هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪري ڇڏيو تہ توهان کي درياهہ جي پنهنجي ڪناري طرف رهڻو آهي. انهن پهاڙي قبيلن لاءِ مصيبت ٿيندي، جيڪي سنڌوءَ کي پار ڪري ايندا.“

انهيءَ پيغام تي آسرو ڪري، چانڊين جو سردار علي مراد وٽ ويو، پر جيئن تہ اهو شهزادو پنهنجين وحشيانہ عادتن سبب هڪ اهڙي طاقتور دشمن طرفان ڪيل اهڙي فراخدلانہ ڪارروائي کي سمجهي نہ سگهيو، انڪري هن انهيءَ پيرسن سردار کي قيدي بڻائي حيدرآباد موڪلي ڏنو. سر چارلس نيپئر اهڙي وعدہ خلافيءَ تي ڪاوڙجي ويو، ۽ علي مراد کي سختيءَ سان تنبيهہ ڪري، چانڊيئي سردار کي آزاد ڪيو، سندس هٿيار واپس ڪيا ۽ هن کي پنهنجي طرفان هڪ تحفو پڻ پيش ڪيو. واللہ اهڙي فراخدلانہ روش کان پنهنجي بيعزتيءَ تي آيل ڪاوڙ کان وڌيڪ متاثر ٿيو، ۽ قسم کنيو تہ هو هميشہ انگريزي حڪومت سان سچو رهندو، ۽ واقعي

هو اڄ تائين بنا ڪنهن نقص يا خلاف ورزي ڪرڻ جي، سچو ۽ وفادار رهندو آيو آهي.

ٽالپر سردارن منجهان هڪ، مير محمد پڻ جنهن حيدرآباد واريءَ جنگ کان اڳي جهرڪ کي لٽيو هو، پيش پوڻ لاءِ شرط معلوم ڪرڻ چاهيا، پر هن کي جنرل هي جواب موڪليو:

"جيڪڏهن توهان آغا خان کي اهو سمورو مال موٽائي ڏيندا، جيڪو توهان جهرڪ مان ڪنيو هو، ۽ هتي اچي مون کي سلام ڪندا، ته آءٌ توهان کي معاف ڪندس؛ ۽ توهان جو دوست ٿي رهندس، ۽ توهان جي جاگيرن جو احترام ڪيو ويندو".

جوکين جي چام کي، جنهن جي روش بي وفائي ۽ گستاخيءَ واري رهي هئي، هن ڌمڪي آميز خط لکي موڪليو. اهو طاقتور سردار، اميرن جو اتحادي ۽ ماتحت هئڻ جي باوجود، خود انهن جي بالادستي به مشڪل سان تسليم ڪندو هو. هن وقت هو اسي سالن جي ڄمار جو هو، پر جسم جو مضبوط ۽ دل و دماغ جو صحيح سالم هو، هو هڪ خونخوار ڌاڙيل طور ڏاڍو مشهور هو ۽ ٽوري ۾ چئجي ته هو هڪ عاليشان ڦورو هو! جيئن ته هن جي ملڪ جو ڪجهه ڀاڱو ڪيٽيءَ جي مغرب طرف واقع ميداني علائقي تي مشتمل هو، ۽ باقي هالا جبلن جي هيٺانهين قطارن ۾ واقع هو، انڪري اهو ڏاڍو مضبوط هو. اميرن واري جنگ ۾ هن ڪراچيءَ لاءِ خطرو پيدا ڪيو هو، ۽ دراصل اتان جي مورچه بند ڇانوڻيءَ جي ناڪه بندي ڪئي هئي، حالانڪ ان ۾ ٻن هزار بهترين سپاهين تي مشتمل لشڪر موجود هو ۽ انهن وٽ ميداني علائقي جو تمام سٺو توبخانو پڻ هو، وڌيڪ ڳالهه ته انهن مان هڪ ريجمينٽ اڻاويهين برٽش هئي! انهيءَ ڳالهه مان هي حقيقت چٽڻ گهرجي ته سر چارلس نيپئر سڀني خطرن

وچان جيڪڏهن فوج کي اهڙي ڪاميابيءَ سان پار آئي سگهيو، تہ ان جو سبب اهو هو تہ هن انهن سڀني دشوارين ۽ سامهون موجود اهڙين رڪاوٽن ۾ جيڪي ڪنهن گهٽ درجي واري ماڻهوءَ کي منجهائي مارين ها، هن پنهنجي غير معمولي ذهانت ۽ طاقت کان ڪم ورتو هو. چاڪاڻ تہ هتي، جيتوڻيڪ چام وٽ ڪراچيءَ واري محاذ وٽ سچ پچ تہ ست سؤ جانبازن کان وڌيڪ لشڪر موجود ڪونہ هو، ان جي باوجود ڪرنل بائليو کي جيڪو اتان جو سپہ سالار هو، حالتون اهڙيون تہ نازڪ ۽ خطرناڪ محسوس ٿيون، جو هن انهيءَ مغرور پوڙهي سردار کي سندس چانوڻيءَ کي گهيري ۾ آڻڻ جي اجازت ڏني، تانجو مياڻيءَ جي جنگ انهيءَ وحشيءَ کي سبق سيکاريو تہ سنڌ جو اصل مالڪ هاڻي ڪير هو. پوءِ بہ هن نيم دليءَ سان نيازمندي ڪندي، پنهنجي خاندان جي ڪجهہ خواتين لاءِ امان پناہ حاصل ڪرڻ چاهي، جيڪي اتفاق سان فاتح جي قبضي ۾ آيل هيون. پر جيتوڻيڪ اها هڪدم ڏني ويئي، پر ان جي باوجود هو ڪراچيءَ ۾ پوءِ بہ خطرو بڻيل رهيو، جيستائين حيدرآباد واري لڙائي ختم ٿي.

جنرل انهيءَ تي ڪاوڙجي، ۽ هن ڳالهہ کي سوچي تہ هن کي سندس معمولي جنگي ڪاروايـن سان هڪ اهڙي انگريزي لشڪر کي بيعزت ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو هو، جيڪو تعداد ۾ انهيءَ فوج کان بہ گهٽو هو، جنهن مياڻيءَ جي ميدان کي لاشن سان ڍڪي ڇڏيو هو، بائليو کي حڪم ڏنو تہ هو چانوڻيءَ کان ٻاهر نڪري چام جي لشڪر تي حملو ڪري؛ اها ڳالهہ ٻڌي چام اتان پڇي نڪتو، جنهن تي جنرل هن کي هيٺيون خط لکي موڪليو:

”توهان انگريزن جي ڊاڪ کي پنهنجي سنڀال ۾ وٺڻ لاءِ انهن کان پئسا ورتا آهن؛ توهان پنهنجي امانت ۾ خيانت ڪئي آهي ۽ ڊاڪ کي روڪيو آهي؛ توهان اسان جي فوج

تي ٻه حملو ڪيو آهي. اهي سڀ ڳالهيون مان توهان کي معاف ٿو ڪريان، ڇاڪاڻ ته امير هيتي هئا ۽ اهي توهان جا پراڻا آقا هئا، پر هاڻي امير سنڌ مان هميشه لاءِ هليا ويا آهن. انهن انگريزن جي طاقت کي للڪاريو ۽ ان جي سزا ڀوڳي آهي. آءٌ سنڌ جي گورنر جي حيثيت ۾، هاڻي توهان جو فوري حاڪم ۽ مالڪ آهيان. جيڪڏهن توهان روبرو ايندا ۽ سلام ڪندا ۽ آئينده لاءِ انگريزن جي حڪومت سان وفادار رهڻ جو پڪو وعدو ڪندا ته آءٌ توهان جون زمينون ۽ اڳيون سڀ رعايتون بحال ڪندس، ۽ ساڻ ئي توهان کي ڏاڪ جي نگراني به حوالي ڪندس. جيڪڏهن توهان انڪار ڪندا، ته پوءِ آءٌ گرميءَ جي موسم گذري وڃڻ تائين ترسندس، ۽ ان کان پوءِ توهان جي علائقي ۾ باهه ۽ ترار کڻي ايندس، ۽ پوءِ توهان کي ۽ توهان سان واسطو رکندڙ سڀني ماڻهن کي پهاڙن ۾ ڌڪي ڪڍندس؛ ۽ پوءِ جيڪڏهن توهان کي کڻي به پڪڙيندس ته پوءِ توهان کي هڪ باغيءَ طور ڦاهي تي چاڙهيندس. هاڻي توهان جي مرضي ته پنهنجي لاءِ ڇا ٿا پسند ڪريو- چونڊ ڪريو!"

چام آڻ مجي، پر هن جي وحشيانه غرور ۾ جهڪاءُ نه آيو؛ هو پنهنجن هٿياربند ماڻهن سان گڏ ڇانوڻيءَ ۾ داخل ٿيو، ۽ خود ڪرنل بائليو جي ڪمري اندر ڪرخت ڇهرن ۽ سخت مزاج وارن پنهنجن ڇهن پوئلڳن سميت هليو ويو، ۽ هڪ فاتح جنرل جي حقي واجبي ڪاوڙ کي ٺڏو ڪرڻ لاءِ نيازمنديءَ جو رويو اختيار ڪرڻ بدران، پاڻ هڪ فاتح جي متڪبرانه ۽ گستاخانه هلت جو مظاهرو ڪيو. هن کي ان مهل جلدئي سندس غلطي معلوم ٿي ويئي، جڏهن هڪ اڪيلو آفيسر هن وٽ هيٺيون پيغام کڻي ويو ۽ کيس سندس ڪوٺ ۾ وڃي اهو پيغام پهچايو:

”هڪڙا هيڏانهن اچو. اڪيلا اچو ۽ پنهنجي نيازمنديءَ جو مظاهرو ڪريو، نه ته مان هڪ هفتي اندر توهان کي، توهان جي قبيلي وچان اچي زوريءَ ڪڍي ويندس ۽ ڦاسيءَ تي چاڙهيندس.“

جيڪڏهن هو ٿوري به دير ڪري ها ته جنرل وعدي کيل وقت اندر پنهنجن چونڊ سوارن جي دستي ۽ توبن سان وٽس پهچي وڃي ها، جنهن لاءِ هن جواب جو انتظار ڪندي انهن کي تياريءَ جي حالت ۾ رکيو هو. بهرحال، انهيءَ ڪارروائيءَ ڪرڻ جي ضرورت ڪانه هئي، ڇو ته چام اهو حڪم مڃيو، ۽ اهڙي خوف جو مظاهرو ڪيو، جو هن ڪراچيءَ واري ايجنٽ کي، جنهن کي ان کان اڳي پنهنجي گستاخي ۽ غرور سان ستايو هئائين، منٿون ڪيائين ته هو سندس سفارش ۽ شفاعت لاءِ ساڻس گڏجي جنرل وٽ هلي: اهڙيءَ طرح عمل ڪري هن معافي حاصل ڪئي، جنهن بعد کيس سندس رتبي تي بحال ڪيو ويو. ٻين سردارن پڻ ان مان سبق حاصل ڪيو. ڪيترن ئي سردارن، جيڪي مغرور هئا، يا شير جي جهنڊي هيٺ هٿيار بند ٿي جنگ لاءِ تيار هئا، پنهنجي طرفان آڻ مڃڻ جون آڇون ڏياري موڪليون ۽ انهن سان اهڙيءَ ته کليل ۽ واضح پاليسي اختيار ڪئي ويئي، جو فاتح جي فراخدليءَ ۽ رحمدليءَ جي شهرت دور دور تائين پکڙجي ويئي ۽ آن انتهائي سخت مزاج بلوچن جي عزم کي پڻ لوڏي وڌو. ٻين سردارن کان علاوه، خيرپور واري امير محمد خان، پڻ اهو معلوم ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ته کين ڪهڙن شرطن جي توقع رکڻ گهرجي.

ٻهرئين نالي واري اميرڪان، جيڪو هڪ معزول شهزادو هو، جيئن ته جنرل کي سواءِ غيرمشروط طور آڻ قبول ڪرڻ کان علاوه، کيس ٻي ڪنهن به آڇ ڏيڻ جو اختيار مليل ڪونه هو، انڪري هن کيس هيئن لکي موڪليو:

”اي امير، مان توهان کي مشورو ڏيان ٿو تہ توهان علي مراد وٽ وڃو، ۽ انهيءَ وقت تائين وٽس رهو، جيسين گورنر جنرل جي مرضي معلوم ٿئي، مان توهان کي اها سفارش ڪريان ٿو تہ بمبئي وڃي پين اميرن سان شريڪ ٿيو. پر جيستائين مون کي گورنر جنرل جي اختياري حاصل ٿئي، تيستائين مان توهان کي شخصي سلامتي کان سواءِ پيو ڪوبہ وعدو ڏيئي نٿو سگهان.“

ٽالپر سردار ڏانهن، جيڪو هڪ بهادر انسان هو، جنرل هيٺئين طرح لکي موڪليو:

”مان هڪ سٺي سپاهيءَ سان ڪڏهن تڪرار نہ ڪندو آهيان، توهان مون وٽ اچي سلام پيش ڪريو، انگريزي حڪومت جي خدمت ڪريو، ۽ وفادار رهو، توهان جون جاگيرون سلامت رهنديون.“

سردار کي اچا بہ ڪجهہ شڪ شبهو محسوس ٿيو ۽ هن پنهنجي وفاداريءَ جي علامت طور پنهنجي ترار موڪلي ڏني، جنهن تي جنرل هن جي انديشي کي حق بجانب سمجهي، ڪيس هن طرح خاطري ڏياري موڪلي:

”توهان اچو“، هن لکيو، ”اچو ۽ پنهنجو سلام پيش ڪريو؛ توهان کي انگريز سرڪار وٽان اهو سڀڪجهہ ملندو، جيڪو اوهان کي اميرن وٽان مليل هو؛ ۽ آءٌ اها ترار جيڪا توهان مون ڏانهن موڪلي آهي، وري توهان جي هٿن ۾ ڏيندس تہ جيئن توهان سنهنجي قوم لاءِ بہ اهڙيءَ ئي بهادريءَ سان وڙهو، جهڙيءَ سان توهان اميرن جي خدمت ۾ اسان جي خلاف وڙهيا.“

بهرحال جيتوڻيڪ محمد خان اهو محسوس ڪري رهيو هو تہ وڌيڪ مقابلو ۽ مخالف اجائي آهي؛ جيتوڻيڪ هو پنهنجي لاءِ قطعي سلامتي ۽ امان حاصل ڪرڻ جي خواهش بہ ڪري رهيو هو، پر

تنهن هوندي به پنهنجي وقار ۽ عزت جي اصول خاطر شير سان بيوفائي ڪرڻ لاءِ آماده نه پئي ٿي سگهيو، پر هن جڏهن اهو ڏٺو ته اهو شهزادو هميشه لاءِ تباهه ٿي چڪو هو، تڏهن سردار اڳي پيش پيو، ۽ جيئن هن ڪان پوءِ ڏيکاريو ويندو، ساڻس انهيءَ ڪان بدتر هلت نه ڪئي ويئي، جنهن جو ڪيس اڳ ۾ وعدو ڏنو ويو هو.

اڃا به هڪ ٻيو وڏو سردار موجود هو، جنهن سان معاملو ڪرڻو هو. اهو هو لغاري قوم جو سردار احمد خان، جن جون جايون سنڌو نديءَ جي ساڄي ڪپ تي آهن. اهي ڏاڍي بهادريءَ سان لڙيا هئا، ۽ جنگين ۾ سخت نقصان ڏنو هئائون، پر احمد انهن جي قيادت ڪندي ريزيڊنسيءَ تي حملو ڪيو هو. اهو ڏوهه نهايت سنگين هو، پر جيئن ته هن اهو ڪم پنهنجن بادشاهن جي حڪم تحت ڪيو هو، ۽ جڏهن ته اهي بادشاهه پاڻ هر خطري ڪان دور رهيا، هن پاڻ کي ڏاڍي بهادريءَ سان خطري ۾ وڌو هو، انڪري جنرل هن سان مهرباني ڪرڻ تي آماده هو. مطلب ته هو هڪ شاندار وحشي هو، جيڪو وڙهڻ ڪان خوفزده ڪونه هو ۽ پنهنجي فاتح تي اعتماد ڪرڻ لاءِ به تيار هو، ۽ اهو فاتح جيتوڻيڪ ڪيس معاف ڪري نه پئي سگهيو، پر ان هوندي به هن کي نقصان پهچائڻ يا دوکو ڏيئي خطري ۾ وجهڻ لاءِ تيار ڪونه هو، پر هن پنهنجي پوزيشن کي هن طرح واضح ڪيو ۽ پوءِ انهيءَ سردار کي رعايت ڏني ته هو پنهنجو رستو پاڻ طئي ڪري:

”مان هڪ دلير سپاهيءَ جي عزت ڪندو آهيان، پر مون کي توهان کي معاف ڪرڻ جو اختيار ڪونهي. توهان انگريز ايلچي آئوٽرام جي رهائشگاه تي حملو ڪيو، توهان جا شهزادا خود توهان تي اهو الزام هڻن ٿا. گورنر جنرل انگريزي حڪومت جي ڪيل انهيءَ بيعزتيءَ تي ڪاوڙيل آهي، ۽ هن مون کي حڪم ڏنو آهي ته امير شهداد ۽

توهان کي قيد ڪريان. انڪري مون کي گورنر جنرل کي اپيل ڪرڻي پوندي ۽ توهان جي سفارش لاءِ هن وٽ توهان جي وڪالت ڪندس. مون کي توهان لاءِ معافي حاصل ڪرڻ جي اميد آهي؛ پر مان پنهنجي طرفان اهڙي وعدي ڏيڻ لاءِ تيار ناهيان، جنهن تي اڳتي هلي عمل ڪري نه سگهان. جيڪڏهن توهان هيڏانهن اچي رهندا ته مان توهان جي آجيان ڪندس، جيسين گورنر جنرل جي مرضي معلوم ٿئي؛ ۽ جيڪڏهن هو توهان کي معاف ڪرڻ کان انڪار ڪندو ته پوءِ مان توهان کي اٺيتاليهن ڪلاڪن جي مهلت ڏيئي، بنا ڪنهن نقصان جي هليو وڃڻ ڏيندس."

لغاري سردار لاءِ معافي حاصل ڪئي ويئي، ۽ هو دوست بڻجي ويو.

انهيءَ وچ ۾، سڄي ملڪ ۾ خاص طور ڪيٽي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن باهه ٻاري ڏني هئي، ۽ اهي ٽولا ناهي ۽ پاڻ کي شير جا سپاهي سڏائي ملڪ ۾ ڦرلٽ مچائي رهيا هئا. هاڻي وري هڪ ٻي مصيبت حيدرآباد ۾ شروع ٿي، جنهن جي خطرناڪ نتيجن نڪرڻ جو انديشو هو: هن جي لشڪر جي اٽڪل پندرهن هزار پوئلڳن، جيڪي سمورا هٿياربند هئا، سنڌي ماڻهن کي ڦرڻ لٽڻ شروع ڪيو ۽ سچ پچ ته اهي ڏاڍا زور وارا هئا؛ ان جي باوجود جنرل انهن جي زيادتين کي ڏاڍي سختيءَ سان دٻائي ڇڏيو، ۽ ڪين فوري طور بي هٿيار ڪيو. ڌاڙيلن سان منهن ڏيڻ، البت ڏاڍو ڏکيو ڪم هو؛ ڪيٽيءَ ۾ سرگرميون جاري رکندڙن جي خلاف فوجي سطح تي ڪارروائي ڪرڻ جو وقت اڃا مناسب ڪونه هو، پر ان جي بجاءِ ڏيهي ماڻهن تي مشتمل پوليس جا دستا ٺاهيا ويا، جن جلدئي منظم ٿي، انهن جي زيادتين ۽ چورين جو خاتمو آڻي ڇڏيو. واپاري ۽ آبادگار کي وڏي سرگرميءَ، فوجن جي هوشمندانه تقسيم، ۽ مسلسل چوڪسيءَ سان قابلِ قدر حد تائين حفاظت ڏني ويئي.

انهيءَ ڳالهه، قبائلي سردارن طرفان، پيش پوڻ جي حالت ۾ سندن آڻ کي جنرل طرفان نورن قبول ڪرڻ، ۽ ڪين انهن جي جاگيرن ۽ ٻي جائداد جي واپسيءَ ۽ بحاليءَ جي خاطريءَ گڏ جي جنگ جي درميان ملڪ ۾ حيرت انگيز طريقي سان عجيب ڏاپر آڻي ڇڏيو. سر سي. نيپئر جي انتظام هلائڻ جي نوعيت واضح علامتن ۽ اشارن ذريعي واضح ڪئي ويئي. هو ڏڪ هڻڻ ۾ دير نه ڪندو هو، معافي ڏيڻ لاءِ ترت تيار رهندو هو، تفصيلن جي معاملي ۾ بلڪل صاف ذهن رکندڙ ۽ سڌين ساڌين ڳالهين کي ياد رکڻ ۾ سندس حافظو نهايت تيز هو، ۽ سندس سمورا اقدامات ملڪ ۾ امن امان آڻڻ ۽ پورهيت طبقي جي ماڻهن لاءِ سلامتي ۽ تحفظ جي ضمانت ۽ خاطري ڏيڻ جي مقصد سان ٿيندا هئا.

”ڪي به اهڙيون تبديليون نه آڻيو، جن جي خاص ضرورت نه هجي“، هن اها هدايت پنهنجن انهن ماتحت آفيسرن کي ڏني، جن کي هن انهن ضلعن جو انتظام سونپيو، جن ۾ هن سنڌ کي ورهايو، ”ملڪ جي قديم رسمن ۽ پراڻن قاعدن ۾ ڪي به اهڙيون تبديليون نه ڪيو، جن کان سواءِ گذر ٿي سگهي. هڪ ملڪ جو فتح ٿيڻ ئي ماڻهن لاءِ ڪافي پريشانيءَ جو سبب ٿئي ٿو، جنهن ۾ انهن جي عادتن ۾ اوچتيون نيون ڳالهيون شامل ڪرڻ ۽ سندن سماجي زندگيءَ جي دستور ۾ اجايون تبديليون آڻي اضافو ڪرڻ جي ضرورت ناهي. توهان پنهنجيون سموريون ڪوششون فقط انهن بيشمار برائين جي بيخ ڪنيءَ تائين محدود رکو، جيڪي هن بدنصيب سرزمين جي سابق بلوچ فاتحن جي ظالمانه حڪومت ان تي نازل ڪيون هيون. هن ڳالهه جو سڄو دارومدار سنڌ جي حڪومت تي ٿيندو ته اها ملڪ جي عوام کي سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت جي آمد جي آجيان ڪرڻ تي آماده ڪري، ۽ ان کي غلاميءَ ۽ ظلم کان ڇوٽڪاري جي يادگار طور ياد رکي يا ان کي

سبب سمجهڻ لاءِ آماده ڪو بڻي ويو. بدقسمتيءَ سان سنڌن تڪليف جو مکيه سبب، خود انهن جي پنهنجي بدپرهيزي آهي.

”بمبئي ٽائيمس“ جي ڊاڪٽر بيوسٽ انهيءَ ٽولي جي زهرافشانيءَ جي ڪاروبار ۾ پڻ سڀني کان گوءِ کٽي، قيدي اميرن سان گڏجي وڃڻ کان عورتن طرفان ڪيل انڪار جو سبب، هن اعلان جي ذريعي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، ته انهن عورتن کي زوريءَ ڪنيو ويو هو، ۽ هاڻي آهي انگريز آفيسرن وٽ سندن داشتائن جي حيثيت ۾ گذاري رهيون هيون، ۽ اهو هڪ اهڙو گناهه آهي، جيڪو هندستان جي سڀني مسلمانن لاءِ ناقابل معافي هوندو آهي، ۽ هن انهن کي انهيءَ ڏوهه جو انتقام وٺڻ لاءِ جوش ڏياريو، ۽ اهو هڪ اهڙي وقت تي ائين ڪري رهيو هو، جڏهن ته انهيءَ فرقي جي هندستاني آبادي انگريزي اقتدار کان غير مطمئن، ۽ ان لاءِ دشمنيءَ جا جذبا رکندڙ هئي، انهيءَ ذليل اوزار انگريز آفيسرن جي عزت ۽ وقار تي اجهو هيٺين لفظن ۾ حملو ڪيو:

”اهي، جيڪي ڪجهه ئي مهينا اڳي محلاتن جي زندگيءَ ۾ شريڪ هيون، سي اڄ فرنگين جون بيعزت داشتائون آهن! ائين ئي آهي، حرم کي ناپاڪ ڪيو ويو آهي؛ اسان اميرن کي عذاب سان ڀريل جيڪو پيالو پيئڻ لاءِ ڏنو آهي، تنهن ۾ تلخيءَ جو آخري قطرو ملايو ويو آهي، مسلمان جيڪا گران ترين بيعزتي ۽ هتڪ برداشت ڪري سگهن ٿا، سا انهن جي سفيد وارن ۽ تاج کان اگهاڙن سٽن تي وڌي ويئي آهي. ائين نه سمجهڻ گهرجي ته اسان هن باري ۾ ڪنهن جذباتيت واري ٻوليءَ مان ڪالهائي رهيا آهيون. جن آفيسرن بادشاهن جي زنانن کي پليد ڪيو آهي، تن عظيم گناهه ڪيو آهي. پر انهيءَ لاءِ توڙي ٻين بچڙاين لاءِ، جيڪي اهڙي بي انصافيءَ واري فتح جي نتيجن طور رونما ٿيون آهن، اها حڪومت ذميوار آهي، جنهن اهڙي ڪم جي اجازت ۽ اختياري ڏني. اسان کي هاڻي سخت افسوس ۽

انهيءَ الزام تراشيءَ (۱) جو فوري طور غصي سان پريل هڪ جواب شايع ڪيو ويو، جنهن تي جنرل ۽ حيدرآباد ۾ مقيم سڀني انگريز آفيسرن جون صحيحون ڪيل هيون. انهيءَ تهمت ۾ ذري جيترو به سچ ڪونه هو؛ ڪنهن به انگريز آفيسر زنان خانن جي هڪ عورت کي به اکين سان نه ڏٺو هو. انهن عورتن طرفان اميرن جي قيد ۾ گڏجي نه وڃڻ لاءِ نصير جو پٽل وارو چهبڪ ئي وڏي ۾ وڏو سبب هو. ڊاڪٽر بيوسٽ جي انهيءَ ڪوڙ کي جڏهن اهڙي نموني ۾ ڪوليو ويو، تڏهن هن ڳالهه تي زور ڏنو ته انهن سڀني عورتن کي سندن مرضيءَ جي خلاف به، هڪ هنڌ جمع ڪري زوريءَ انهن جي آقائن ڏانهن جهاز ۾ پيري موڪلڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهي پڻ، سندن مڙسن وانگر قيدي آهن. اهي ٻانهيون آهن، ۽ کين سندن قانوني ۽ جائز آقائن جي پٺيان وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي، جن کي انهن جو گلو ڪاٽڻ يا زهر ڏيئي مارڻ جو حق به حاصل آهي ته اهڙي آسادگي به!"

پر سر چارلس نيپئر (۲) زنان خانن جي عورتن ڏانهن ڪنهن به بداخلاقيءَ جي مظاهري جي اجازت ڏيڻ بدران، انهن سان نهايت ئي شرافت ۽ نزاڪت وارو رويو اختيار ڪيو هو، هن عورتن هٿان سندن بدن جي انهيءَ وقت تلاشي وٺڻ جي به اجازت نه ڏني هئي، جڏهن اهي حرمن کان ٻاهر نڪري وڃي رهيون هيون، ۽ اهڙيءَ طرح هن کين مالِ غنيمت کي نقصان پهچائي به، نه فقط پنهنجن زيورن کڻي وڃڻ جي اجازت ڏني، پر اميرن جي اهڙن هيرن جواهرن کي پڻ پاڻ سان

(۱) ڏسو ضميمو ۵، ياڱو ۳

(۲) ضميمو ۲۵ ياڱو ۱ ۽ ۲

ڪيڏي وڏو جو وسيلو مهيا ڪيو، جيڪي اهي پنهنجي بدن ۾ لڪائي ڪٽي وڃي ٿي سگهيون.

اهي ڪوڙا الزام انهيءَ جنگ جو هڪ حصو هئا، جيڪا بمبئي مان سنڌ ۾ موجود جنرل جي خلاف هلايا ٿي ويئي. وڏين وڏين مصيبتن جون اڳڪٿيون ڪيون ويون. علي مراد کي، جنهن ٻين اميرن سان گڏجي انگريزن جي لشڪر کي تباهه ڪرڻ ۾ شرڪت نه ڪئي هئي، روزانو انتهائي گنديون گاريون ڏنيون وينديون هيون، ۽ هن کي ٻنهي ڌرين جو هڪ اهڙو غدار ۽ بدمعاش قرار ڏنو ويو، جنهن جي ناقابل اظهار زيادتيءَ لاءِ انگريز جنرل کيس وڏيون رقمون ۽ وسيع علائقا انعام طور ڏيئي ڇڏيا هئا. پر هن کي ڪابه رقم يا ايراضي نه ڏني ويئي هئي؛ هن کي جيڪو هڪ ئي اعزاز ڏنو ويو هو، سو سنڌس طنبيلي لاءِ هڪ هاٿي موڪلڻ جي صورت ۾ هو. عزت ۽ شان جي انهيءَ علامت جو مشرقي شهزادا ڏاڍو قدر ڪندا آهن؛ پر جنرل هڪ طرف، جتي هن جي انهيءَ شان جو سامان مهيا ڪيو، اتي هن ڪانئس اهو به وعدو ورتو ته، جيڪڏهن گورنر جنرل سندس انهيءَ سوکڙي کي منظور نه ڪيو ته پوءِ هو ان جي قيمت خزاني ۾ جمع ڪرائيندو*. اهو پڻ اشارو ڏنو ويو ته علي مراد جهڙيءَ طرح پنهنجي گهراڻي سان غداري ڪئي آهي، تيئن هو انگريزن سان پڻ دوکو ڪندو؛ هن جي خلاف اهو ڪوڙو الزام بيشمار ڀيرا دهرايو ويو، ۽ ائين به چيو ويو ته هن جي لشڪر کي شير جي فوجن سان گڏ، جنگ جي ميدان ۾ انگريزن جي مقابلي لاءِ صف آرا ٿيل ڏنو ويندو، شير جي طاقت ۽ لشڪر جي تعداد کي پڻ تمام وڌاءُ ڪري بيان ڪيو ويندو هو، ۽ اهو ڪم هن جي آخري فتح ۾ بدنيتيءَ واري خوشي محسوس ڪندي ڪيو ويندو هو.

---

* ضميمو نمبر ١١ ڀاڱو ٤

گڏ ڪري ھو گڙ ٻڙ پيدا ڪندو رھي، پر ھو انھيءَ طرف کان ڪجھہ بہ صورت ۾ خطرناڪ ثابت ٿي نہ پئي سگھيو؛ ڇاڪاڻ تہ سنڌي قوم جو انگريز قوم وارن ڏانھن رويو اھڙو ھو، جنھن بابت ڪا غلط فھمي ٿي نہ پئي سگھي، ھو انھن کي ائين چنبڙي پيا، جيئن ھڪ ٻار پنھنجي بچائيندڙ کي چنبڙندو آھي، بلوچ بہ شير جي خدمت ڳڳھار کان سواءِ ڪرڻ وارا ڪين ھئا، جيڪا انھن کي ھو گھڻي وقت تائين نہ پئي ڏئي سگھيو؛ البت لٽ مار ڪري ئي ھو انھن کي راضي رکي سگھي ھا، جيڪا سنڌي ماڻھن تي ٿئي ھا، ۽ اھا ڳالھہ ھنن کي انگريزن جي مفاد سان اڃا بہ وڌيڪ مضبوطيءَ سان ڇھتائي رکي ھا. انھيءَ ڪري حيدرآباد جي اتر طرف، سنڌو نديءَ جي ڏائي ڪناري تي اھڙو ڪوبہ لشڪر گڏ ٿي نہ پئي سگھيو، جيڪو انگريزن سان فيصلہ ڪن جنگ ڪرڻ جھڙو ھجي ھا: ۽ جيڪڏھن شير محمد کي ساڄي ڪپ تي وڃڻ کان روڪيو ويندو تہ پوءِ انگريزن جي بالا دستي يقيني بڻجي ويندي. درياءَ کي انھيءَ رستي کان پار ڪرڻ کان شير کي روڪڻ لاءِ جنرل خود پنھنجي سرگرمي ۽ چوڪسيءَ تي ڀاڙي رھيو ھو:

پر جيتوڻيڪ درياءَ جي ڏائي ڪناري تي ڪنھن بہ طاقتور لشڪر جي توقع ڪرڻ اجائي ھئي، پر ان ھوندي بہ ننڍين ننڍين گروھي جنگين کي نظر انداز ڪرڻ مشڪل ھو، خصوصاً درياءَ جي ڪنڌيءَ ۾، جيڪو علائقو غير صحتمند، پيچيدہ، درياءَ جي شاخن ۽ نين جي جار سان حيرت انگيز طور ڇانيل، جھنگن ۽ سم وارن علائقن سان ڀريل، ۽ انھيءَ وقت ھٿيار بند بلوچن جي ٽولن جو آماجگاہ بڻيل ھو، جيڪي پاڻ کي شير جا سپاھي سڏائي رھيا ھئا، پر در حقيقت ڌاڙيل ۽ رھزن ھئا، جيڪي بدامنيءَ ۽ بي آرامي واري دور مان فائدو وٺي رھيا ھئا. انھيءَ ڪري ھن ڳالھہ جو انديشو ھو تہ شايد

آڏار رکڻ لاءِ آزاد ڇڏيو، ۽ سردارن سان باعزت روش اختيار ڪرڻ، خوشامدانه لفظ استعمال ڪرڻ، ۽ هن خاطريءَ سان ته سندن جاگيرون محفوظ رهنديون؛ ۽ انهن جي شان مان ۾ ڪمي ڪانه ايندي، انهن کي پنهنجو بنايو.

انهن سمورن فڪرن جي درميان، هو شير جي هرهڪ چرپر کي انتهائي خبرداري ۽ احتياط سان جاچيندو رهيو. جنهن جي ريگستاني پناهگاهه کي هو خاموشيءَ ۽ پڪ سان گهيري ۾ آڻي رهيو هو، ۽ حيرت انگيز نموني ۾ هن سندس انهيءَ ڪمين گاهه کي تاڙي ورتو، جنهن ۾ هن کي سندس ڪوشش جي درميان پڪڙڻو هو. اتر ۾ چيمبرلين جا گهوڙيسوار روهڙيءَ کان ڪوچ ڪندي اڳتي وڌي رهيا هئا، ۽ هنن کي هدايتون هيون ته اهي علي مراد جي مدد ڪن؛ انهيءَ سردار کي حڪم ڏنو ويو ته هو شير جي پيشقدميءَ کي اڳتي وڌي وڃي روڪي، جيڪڏهن هو سڪن جي علائقي ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪري، يا رستم جي پٽ علي محمد سان ملڻ لاءِ شاهه ڳڙهه جو رخ ڪري، جتان کان علي محمد، علي مراد جي خلاف محدود پيماني تي قبائلي جنگ ڇيڙيندو رهندو هو. علي مراد جي دل اندر پوشيده ارادا ڪٿي ڪهڙا به هجن، پر هن جو مفاد انهيءَ ۾ ئي هو ته هو وفادار رهي. هو انگريزي فوج جي هڪ ننڍي حصي سان به اڪيلي سر مقابلي ڪرڻ جي حيثيت ۾ ڪونه هو؛ هن کي پڳ ملي ويئي هئي، ۽ انهيءَ اعزاز سان گڏ جيڪي علائقا ويندا هئا، تن جو خواه سندس اباڻي ملڪيت جو قبضو سندس هٿن ۾ محفوظ هو. جيڪڏهن امير شير محمد ۽ علي محمد ڪامياب ٿين ها ته پوءِ هو پڳ ۽ ان سان لاڳو علائقا پاڻ وٽ نه رکي سگهي ها، نه وري هو انهيءَ موقعي تي ظاهر ٿيڻ کان سواءِ ڪا ٻئي راند ڪري سگهي ها، ڇاڪاڻ ته هن کي واضح هدايتون مليل هيون، هڪ انگريزي فوجي دستو سندس قريب هو، ۽ جيڪي مقصد حاصل ڪرڻا هئا، تن کي نظرانداز

ڪرڻو هو، ۽ نه ڪنهن غلط فهميءَ جو شڪار بنجڻو هو. پر هن جي وفاداري ۽ جذبي کي غلط سمجهڻ لاءِ ڪو به سبب ڪونه هو؛ انگريزن سان سنڌس اتحاد، سلامتيءَ جو هڪ پهاڙ هو، هن جو گهر اج به انهيءَ هنڌ بيٺل هو، جتي ٻين اميرن جا گهر ڊهي ٽٽي ويا هئا؛ هن جي هارائڻ جو انديشو هو؛ ڪيس اهڙي بيوقتي بي وفائي مان ڪنهن فائدي ملڻ جي ڪا اميد ڪانه هئي. اهڙيءَ طرح شير طرفان سنڌس چوڌاري وڌندڙ گهيري کي ٽوڙي اتر طرف پٺي نڪرڻ جي امڪان کي روڪڻ لاءِ ڪافي انتظام ٿيل هو.

شير محمد جو لشڪر، بهرحال وڏي چاليهه نه، بلڪ اٺن هزار ماڻهن تائين پهتو هو؛ ۽ هن وٽ چار توبون هيون. ڪيٽيءَ واري علائقي ۾ ڏاڙيلن جا ٽولا پڻ وڏي ويا ۽ وڏيڪ خطرناڪ ٿيندا رهيا؛ جيئن ته انهيءَ علائقي ۾ گهٽائي ننڍا ڪوٽ هئا، انڪري اهي ماڻهو وڏيڪ وڏن ٽولن جي صورت ۾ انهن ۾ گڏ ٿي رهيا هئا، ۽ هڪٻئي سان لڳا پيا رهيا، ڏکڻ واري طرف کان ٻيون قومون ۽ قبيلا پڻ ڪيٽيءَ جي اوڀر طرف جمع ٿيندا ويا؛ ۽ اهي پاڻ کي امير جو لشڪر چوائي رهيا هئا، انهن کي، ۽ سڀني بلوچن کي، خواه اهي جبلن جا هئا توڙي ميدانن جا، ڪيٽيءَ جا هئا، يا ريگستان جا، سڀني کي بمبئي وارو ٽولو سنڌن اخبار "بمبئي ٽائيمس" جي ذريعي هر وقت پڙڪائي زوردار جنگ لاءِ اپاري رهيو هو. اهو ٽولو، جيئن ته سر چارلس نيپئر جي مقرريءَ جي نتيجي ۾ سنڌ جي سول انتظاميه مان حاصل ٿيندڙ لٽ مار جي فصل کان محروم رهجي ويو، انڪري انهن هن، ۽ سنڌس لشڪر جي تباهيءَ کي اهڙي ڏوهه ڪرڻ لاءِ بمشڪل ڪافي سزا سمجهيو، پر ان هوندي به اهي ڪين اها سزا ڏيارڻ لاءِ برابر ڪوششون ڪندا رهيا. جڏهن انهن ڏٺو ته هن جي مهارت ۽ همت هن کي اهڙي تباهي ۽ مصيبت ۾ اچڻ جي ڪا گنجائش باقي نه ڇڏي، تڏهن اهي هن جي متعلق هيئن چوڻ لڳا: "افسوس! ڪهڙو نه

افسوس آهي، جو هن ماڻهوءَ تي هڪ انگريز جو نالو رکيل آهي افسوس! جو اهو ماڻهو ويلنگٽن جي شاندار دور ۾ ڄائو، جنهن لاءِ هو بدناميءَ جو ٽڪو آهي!۹

مٿي چيو ويو آهي تہ جنرل، چيمبرلين کي هدايت ڏني هئي تہ هو پنهنجي گهوڙي سوارن جي بيقاعدي دستن سان روهڙيءَ جي ريگستان واري طرف علي مراد جي حمايت ۾ ڪارروائي ڪري؛ هاڻي هن کيس مدد ڪرڻ لاءِ اهو جرئتمند آفيسر، فٽزجيرالڊ پڻ ڏنو، جيڪو انهيءَ طرف جي رستن کان واقف هو، جو هو امام ڳڙهہ واري مهم ۾ شامل هو، ساڳي وقت هن ڪرنل رابرٽس کي چوائي موڪليو تہ هو درياءَ رستي سکر کان سيوهڻ طرف روانو ٿئي، ۽ پاڻ سان پندرهن سؤ ماڻهو ۽ توبخانو پڻ کڻي وڃي، جيڪو هن کي لارڊ ايلنبرو جي همت سکر واري محافظ فوج کي گهٽي قدر ڪمزور بنائڻ بغير ڪم آڻڻ جي حيثيت ۾ آندو هو. هن کي اهو حڪم ڏنو ويو تہ هو درياءَ تان هيٺ ايندي سڀ ٻيڙيون ضبط ڪندو اچي، ۽ اهڙي طرح شير کي ساڄي ڪناري طرف درياءَ پار ڪرڻ يا اولهہ وارن قبيلن کي هن سان ڏائي ڪپ تي وڃي ملڻ کان روڪي. انهيءَ ڇرپر، علي مراد جي بلوچن جي ڪارروائين ۽ چيمبرلين جي بيقاعدي گهوڙي سوار دستن جي سرگرمين جو، مقرر ۽ مناسب وقت اچڻ تي ڏکڻ سنڌ جي فوجي دستن جي ڪارروائين کي جواب ڏيڻو هو. سڄو منصوبو وسيع ۽ پيچيده هو، جنهن ۾ ڪمانڊر جي مضبوط همت، ۽ وسيع ۽ همہ گير قوت فيصلہ ۽ فوجن جي انتهائي سخت مشقت جي ضرورت هئي؛ پر ان کي اهڙي ئي عقلمنديءَ سان سوچيو، ۽ اهڙي ئي همت ۽ محنت سان عمل ۾ آندو ويو، جهڙيءَ سان هن مهم جي ٻين حصن کي سرانجام ڪيو ويو هو.

ڇا، اهو جنرل باهمت ۽ سندس فوجن جو اڳواڻ ڪونہ هو، جنهن سنڌ جي سج کي ان جي انتهائي شدت واري حالت ۾، جڏهن پارو ھڙادو ڪيل ٽڏن تنبن ۾ منهن ۾ ۱۳۰ ڏيکاري رهيو هو،

ٻاهر نڪري پيشقدمي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، ۽ سڄ پڄ اهڙي گرميءَ ۾ ڪوچ ڪيو، ۽ مختلف دستن کان هڪ کان ڏيڍ سو ميلن جو مفاصلو طئي ڪرايو؛ ۽ اهو ڪم هڪ ديسي لشڪر جو سراغ ڳولي ڪڍڻ ۽ ان کي گهيري ۾ آڻڻ جڏهن ته اهو لشڪر بنا ڪنهن ساز و سامان جي هڪ اهڙي ملڪ ۾ ڪري رهيو هو، جنهن جو انگريزي فوج کي ڪو پتو ڪونه هو، جيڪو سڄي وسعت ۾ جهنگن ۽ نين سان ڀريو پيو هو، جيڪي انهيءَ موسم ۾ پاڻيءَ سان ٽمٽار ٿيل ۽ پار ڪرڻ ۾ نهايت تڪليف ڏيندڙ هيون. هيءُ منصوبو برابر پنهنجن نتيجن ۾ مياڻيءَ ۽ حيدرآباد وارين جنگين جي پيٽ ۾ توڙي ريگستان ۾ ڪيل پيشقدميءَ جي مقابلي ۾ اهڙو پيڪيدار ڪونه هو، ۽ دشوارين ۽ خطرن جي لحاظ کان گهٽ نمايان ۽ عوام جي پسنديءَ خيال کان گهٽ شاندار هو، پر ان جي باوجود اهو پنهنجي سماءَ جي لحاظ کان وڌيڪ پيچيده، ۽ تخيل جي لحاظ کان انهن کان شايد گهٽ شان و شوڪت وارو ۽ مجاهدانه خواهه اثر جي لحاظ کان گهٽ فيصلي ڪن ۽ قطعي ڪونه هو.[1]

اها ڪا بي سمجهيءَ واري مهم ڪانه هئي، جنهن کي محض قيادت جي فخر ۽ غرور وچان يا نالو ۽ نمود حاصل ڪرڻ جي حرص کان هٿ ۾ کنيو ويو هو. ان کي ترڪ ڪري سگهڻ، سڄي فتح کي خطري ۾ وجهڻ کان سواءِ ممڪن ڪونه هو. حالات جي دٻاءَ تحت، انهيءَ تي عمل ڪرڻ يا هڪ نئين ۽ اڳي کان به وڌيڪ دشوار جنگ قبول ڪرڻ جي ڀِن ڳالهين مان هڪ جي چونڊ ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي، جنرل پاڻ کي چڪيءَ جي ڀِن پڙن جي وچ ۾ محسوس ڪيو؛ پيشقدميءَ جي دوران سخت گرميءَ سبب وڏو جاني نقصان، ۽ جنگي ڪارروائي کان پوءِ گرميءَ جي بعد وارن اثرن سبب اڃا به وڌيڪ تعداد ۾ ماڻهن جو جاني نقصان ٿيڻ

تائين ترسيو هو. اها جاءِ، جيڪا ريگستان جي ڪناري وٽ واقع هئي، ميرپور ڪان اٽڪل پنجاهه ميل اتر طرف، ۽ حيدرآباد ڪان اٽڪل سٺ ميل پري هئي. شير ڪي اوڏانهن پاڻيءَ جي کهرج ڏوڙايو هو، جيڪو ريگستان ۾ اونهاري جي گرمي وڏيڪ شديد ٿيڻ سان گڏو گڏ گهٽجي رهيو هو. هن جي قيادت هيٺ، بهرحال اٺ يا ڏهه هزار ماڻهو ۽ ٻه توبون هيون، ۽ هن جون نگاهون ڪن ٻين مقصدن طرف هيون. هن جو خاندان سنڌونديءَ جي ساڄي ڪپ تي لڪيءَ وارين ٽڪرين ۾ موجود هو، جتي اهو قبائلي ماڻهن کي هٿيارن کڻڻ تي آماري رهيو هو، ۽ انهيءَ حالت ۾ جڏهن هو درياءَ پار ڪرڻ لاءِ تيار ٿين، تڏهن هو پاڻ انهن جي وڏيڪ ويجهڙائي ۾ رهڻ جو خواهشمند هو. هن جو ڀاءُ، شاهه محمد پڻ هيٺئين طرف آيو هو، ۽ ٻن هزار ماڻهن ۽ ڪجهه توبن سان گڏ درياءَ جي ساڄي ڪپ جي ويجهو ڇانوڻي هڻيو ويٺو هو؛ پر ائين ٿو معلوم ٿئي ته هن کي امير جي مدد ڪرڻ بدران، جنهن کي خون ڪرڻ لاءِ هو اڳ ۾ آڇ ڪري چڪو هو، خود پنهنجي اقتدار وڌائڻ جا خيال هئا.

اتر ۾، خيرپور وارو علي محمد شاهه گڙهه ڪان اڳتي وڌي آيو هو، ۽ هن جي ۽ سندس چاچي علي مراد جي ماڻهن جي وچ ۾ ڪجهه ننڍيون وڏيون لڙايون به ٿي چڪيون هيون.

ڏکڻ ۾، ڪيٽيءَ وارا ڏاڙيل اچا مٿي جو سور بڻيل هئا؛ ۽ انهن جي اپرندي طرف، هڪ اهڙي قبيلي، جنهن جي نالي جو اڳيئي ذڪر ٿي چڪو آهي، جنهن جي جنگي جوانن جو تعداد اٽڪل پنج هزار هو*، پورنا نديءَ جي ڪپ تي هڪ گهاٽي جهنگ ۾، جيڪو ميرپور ڪان اٽڪل روءِ چاليهه ميل پري ۽ حيدرآباد ڪان ٻه ذري گهٽ اوترو ئي مفاصلو دور هو، پنهنجو

---

*ڏسو خاڪو نمبر ٣

مورچو قائم ڪيو هو، ۽ ان انهن ٻنهي شهرن ۽ ڪڇ ڏانهن وينڌڙ رستي تي واقع ونگا بزار جي درميان مواصلات جي سلسلي ۾ رڪاوٽ وڌي هئي.

هڪ ٻئي وقت تي ٿيندڙ انهيءَ چرپر، ۽ عام صورتحال جيڪا جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ نازڪ صورت اختيار ڪري رهي هئي، سر چارلس نيپئر کي وڏي تشويش ڏيئي ڇڏي، پر هن جي طرفان مخالفت ۾ تيار ڪيل رٿا پڻ اڳتي وڌي رهي هئي، ڪرنل رابرٽس پوري تيز رفتاريءَ سان سيوهڻ ڏانهن اچي رهيو هو، چيمبرلين ۽ علي مراد اتر طرف پوريءَ طرح چوڪس ۽ هوشيار هئا. جيڪب ميرپور ۾، ريگستان جي ڪنڌيءَ تي هوشيار ويٺل هو، جنرل، مختلف بهانن ۽ سببن هيٺ، ۽ ڇڻ ته هو عمرڪوٽ سان مواصلات قائم رکڻ لاءِ پنهنجين منزلن کي مڪمل ڪري رهيو هو؛ ۽ انهيءَ قلعي ۽ ميرپور واري ڪوٽ کي مضبوط ڪرڻ ۽ انهن جي مرمت لاءِ گهربل ضروري ڪم ڪار کي جلد از جلد ۽ تيزيءَ سان پوري ڪرڻ جا جتن ڪري رهيو هو، جيڪب ڏانهن ننڍا ننڍا فوجي دستا هڪ ٻئي جي پٺيان موڪليندو رهيو، تان جو انهيءَ ماهر آفيسر پاڻ کي هڪ اهڙي فوجي دستي جي قيادت ۾ ڏٺو، جيڪو چڱيءَ طرح هڪ ڪان ٻئي ڪوچ ڪرڻ جهڙو هو، ۽ جيڪو سنڌ جي بيقاعدي گهوڙيسوار فوجن، چار سئو پيادن، ۽ ٻن توبن تي مشتمل هو، ۽ ساڳي وقت هن کي سنڌس آئينده جي ڪارروائين بابت پورا پورا ۽ صحيح آرڊر پڻ مليل هئا. انهيءَ وچ ۾، حيدرآباد ۽ ميرپور جي وچ تي واقع عليءَ جي ٽنڊي واري قلعي کي مضبوط ڪيو ويو، ۽ اهڙيءَ طرح ئي ميرپور ۽ عمرڪوٽ وارن قلعن کي خوب مضبوط بڻايو ويو. اهڙيءَ طرح شير، ڏکڻ ڏانهن ويندڙ هر رستي کان محروم ٿي ويو، ڪيئيءَ سان سندس رابطو ڪٽجي ويو ۽ پورنا نديءَ تي رهندڙ قبيلي سان سندس مواصلات روڪجي

ويئي. سر چارلس نيپئر، انهيءَ زنجير کي مڪمل ڪرڻ، ۽ امير جي چوڌاري ڦهلايل دائري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، ڇاڇي ريگستان جي ڀئي ڪناري تي واقع ڏيسا واري قلعي کان پڻ فوجون گهرائي ورتيون، تہ جيئن انهن سان عمرڪوٽ جي محافظ دستن کي وڌائي، ۽ اوڀر واري طرف کان امير جي چرپر تي چوڪس ڪري سگهجي.

انهن انتظامن هلندي، گهوڙيسوار فوج جي هڪ دستي کي پورنا نديءَ جي ڪپ واري قبيلي جو واءُ سواءُ لهڻ لاءِ موڪليو ويو، جنهن کي انهن جو تعداد ايڏو تہ بيشمار ۽ اهو علائقو گهوڙيسوار دستن جي ڪارروائي لاءِ اهڙو ناموافق ۽ پيچيده نظر آيو، جو انهيءَ دستي جي ڪمانڊر پٺتي هٽڻ ئي بهتر ۽ موزون سمجهيو. ساڳي وقت هيءَ خبر بہ پهتي تہ اڪيءَ جي جبلن واري قبيلي، پيڙيون گڏ ڪري ورتيون آهن ۽ هاڻي اهي درياءَ پار ڪري شير سان وڃي ملڻ جو ارادو ڪري رهيا آهن. ان کان سواءِ اهو بہ معلوم ٿيو تہ خود امير بہ هاڻي ڪونهيرا کان سڪرنڊ ڏانهن اچڻ وارو هو، جيڪو درياءَ جي ڏائي ڪپ تي؛ حيدرآباد ۽ سيوهڻ جي ذري گهٽ وچ تي واقع هو، ۽ هو هن ڪري ائين ڪري رهيو هو تہ جيئن لڪيءَ واري قبيلي کي درياءَ پار ڪرڻ جي ڪارروائي ۾ آساني ٿئي، ۽ رند قوم جي ماڻهن سان؛ جيڪا درياءَ جي ساڄي ڪپ تي رهندڙ سنڌ جي بلوچن جي هڪ انتهائي طاقتور قوم آهي، سڌيءَ طرح رابطو قائم ڪري سگهي، جن کيس ويهہ هزار جنگي جوانن موڪلڻ جو وعدو ڏنو هو.

## اپريل ١٨٤٣ع

انهن مددگار فوجن کي سنڌو ندي پار ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ، هڪ جنگي جهاز سيوهڻ ڏانهن روانو ڪيو ويو، جنهن کي اهو حڪم ڏنو ويو تہ هو انهن سڀني ٻيڙين کي تباهہ

ڪري ڇڏي، جيڪي لڪيءَ وارن ماڻهن طرفان جمع ڪيون ويون هجن، ۽ ڪنهن بہ اهڙي ڪشتيءَ کي، جيڪا هٿياربند ماڻهن سان ڀريل هجي، بنا ڪنهن رحم جي هڪدم ٻوڙي غرق ڪري ڇڏي. انهيءَ خطرناڪ حڪم، جنهن کي ڇاپي ۾ بہ شايع ڪيو ويو، ۽ جنگي جهازن جي ظاهر ٿيڻ تي ساحلي ڪپ وارن بلوچن ۾ عام خوف پيدا ڪري ڇڏيو، جيئن اصل ارادو ڪيو ويو هو، ۽ شير سان وڙهي ملڻ جو سندن ارادو گهڻي ڪمزور ٿي پيو. انهيءَ سردار پنهنجي مٿان دٻاءُ وڌندو محسوس ڪيو، ۽ ان کي مصالحتي ڳالهين ذريعي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ هن گهٽو ڪري بمبئي وارن پنهنجن خير خواهن جي همت افزائي سان، شرطن جي تقاضا ڪئي، پر جيئن تہ جنرل، بلوچن جي غرور کي ٽوڙڻ جي پنهنجي ارادي ۾ مضبوط هو، ۽ هن جنگين ۾ حاصل ڪيل فتح جي ڪري حاصل ٿيل اخلاقي برتريءَ کي برقرار ۽ قائم رکڻ پئي چاهيو، انڪري هن ائين سمجهندي تہ انهن کي مستقل نيازمندي ۽ ميٽا تي مجبور ڪرڻ ۽ پرامن رهڻ تي آماده ڪرڻ جو اهوئي واحد ذريعو هو، شير جي خط جو جواب هن سخت اطلاع جي صورت ۾ موڪليو:

”ڏهن ڏينهن ۾ آءٌ توهان تي انهيءَ ڪان وڌيڪ وڏي لشڪر سان حملو ڪندس، جيڪو ٢٤ مارچ واري ڏينهن تي مون سان گڏ هو. فوجون، سڀني طرفن کان توهان تي حملو ڪنديون، مان توهان کي يا توهان جي ماڻهن کي مارڻ نٿو چاهيان، ۽ مان توهان کي صلاح ڏيان ٿو تہ توهان وقت سر گورنر جنرل جي مرضيءَ آڏو جهڪو. جي نہ، تہ پوءِ پنهنجو مقدر پورو ڪيو. توهان جو خون خود اوهان جي پنهنجي سر تي هوندو.“

اهو خط ٢- مئي تي لکيو ويو. امير بهاني بازيءَ کان ڪم وٺڻ چاهيو، جيڪي بي بنياد هئا، ۽ هو ڪجھ گستاخيءَ

جا جيڪي اقدامات طئي ڪيا هئا، ۽ جيڪي پنهي طرفن جي خصوصيتن جا حامل هئا، تن جا هاڻي تفصيل بيان ڪيا ويندا.

هن مهم کي هلائڻ ۾، سر چارلس نيپئر طرفان جيڪي به ڪم ڪيا ويا، تن سڀني ۾ هن جي طرفان هر فائدي مند حالت مان گهٽي کان گهٽي فائدي وٺڻ لاءِ سندس آمادگي ۽ تيار رهڻ جي خصلت، هڪ ماهر ۽ قابل ڪمانڊر جي ٻين خصلتن کان وڌيڪ، هن جي لياقت جي نشاندهي ڪندڙ ڪانه هئي. هو پنهنجين رٿائن کي ڏاڍي غور و خوض، دوراند يشي ۽ احتياط سان ترتيب ڏيندو هو، ان جي مختلف حصن کي وسيع بنياد تي منظم ڪندو هو ، سڀني اهم سياسي خواه فوجي نقطن کي جن جي سامهون اچڻ جو امڪان هوندو هو، هڪ دائري اندر محدود ڪري بيهاريندو هو ؛ پر هو هميشه حادثاتي ۽ اتفاقي واقعن جي رونما ٿيڻ لاءِ بيدار رهندو هو ، ۽ انهن کي پنهنجي مقصد لاءِ فائديمند نموني ۾ ڪم آڻڻ جو ڍنگ خوب ڄاڻندو هو. اهو اڳيئي ڏيکاريو ويو آهي ته پوڙهي امير رستم جي اوچتي ڀاڄ ۽ هن جي پڳ تان دستبردار ٿيڻ جي واقعن کي ڪهڙي نه حڪمت سان پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم آندو، ۽ عين اهو موقعو وٺي ريگستان طرف پيشقدمي ڪئي، ۽ علي مراد کي انڪار ڪرڻ لاءِ بهاني بنائڻ جي موقعي ڏيڻ کان اڳ ئي کيس مجبور ڪيو ته هو سندس انهيءَ پيشقدميءَ جي دوران هن سان گڏ رهي ، ۽ ان جي اجازت ڏئي. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي فوج سان گڏ مقامي رئيس جي اختياري پڻ، ان جي اخلاقي اثر سميت کڻي ويو ، ۽ اهڙيءَ طرح هن ٻين فسادي ۽ وڳوڙي اميرن کان، هن جي انهيءَ مهم کي دشمنيءَ جي ڪارروائي طور دنيا وارن اڳيان پيش ڪرڻ جو هر قانوني بهانو کسي ورتو.

هن فيصلي ۽ ڪم ڪرڻ جي ساڳئي قسم جي تيزي ڏيکاري، جيڪا هن انهيءَ وقت ڏيکاري هئي، جڏهن هن

مياڻيءَ ڏانهن ڪوچ ڪيو هو. آتي، جيتوڻيڪ هن پنهنجي فوج کان ڪيئي ڀيرا وڏي لشڪر سان لڙڻ جو پڪو ارادو ڪيو، ان هوندي به هن لڙائي شروع ڪرڻ جي پوري گهڙيءَ جو انتخاب ڪيو، جنهن اميرن کي سنڌن لشڪر جي وڏيڪ ماڻهن جي پهچڻ ۽ ساڻن انهيءَ چونڊيءَ جنگ واري ميدان تي ملڻ جي موقعي کان محروم ڪري وڌو، جن جي ملڻ لاءِ هو توقع ڪري رهيا هئا. اهو پڻ ياد هوندو ته هن ڪيئن نه، جنگ جي آغاز وقت، دشمن طرفان شڪارگاهه ۾ لڪل سنڌن ماڻهن کي اوچتو هن جي ساڄي بازوءَ ۽ پٺ ۾ پهچائڻ جي ارادي کي ڀانپي ورتو، ۽ ڪيئن نه هن، اوتريءَ ئي تيزيءَ سان، ڪئپٽن ٽيٽو جي يورپي ڪمپنيءَ کي ديوار جي هڪ ئي ڪليل هنڌ تي پهچائڻ سان دشمن جي انهيءَ ارادي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. انهيءَ طرح سان هن فقط اسي ماڻهن سان، دشمن جي ڇهن هزار ماڻهن کي بيڪار بڻائي رکيو.

هر حادثاتي واقعي مان پنهنجي لاءِ فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا بيداري رهندي هئي، تنهن ڪيس انهيءَ وقت، جڏهن هو ڏبي وٽ شير محمد تي حملي ڪرڻ لاءِ درحقيقت اڳتي وڌڻ شروع به ڪيو هو، ۽ جڏهن هو دشمن جي فوج جي نگاهن ۾ اچي ويو هو، ڪيس لارڊ ايلنبرو وٽان آيل انهن خطن جي متن ظاهر ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو، جن ۾ هن پنهنجين فوجن جو سابق ڪاميابين ۽ فتحن حاصل ڪرڻ لاءِ شڪريو ادا ڪيو هو، ۽ کين اعزازن سان نوازيو هو. اهڙيءَ طرح هن انهن جي جذبات کي انتهائي حد تائين ڀڙڪائي ڇڏيو، جنهن مهل اهي دشمن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيا هئا. جڏهن هن دشمن کي سندس قلب کان ڦيرو کائي بازوءَ واري رخ ۾، ظاهري گهٻراهٽ وچان تيز رفتاريءَ سان وڌندو ڏٺو، تڏهن سندس حملي جي ڦڙتي ۽ تيزيءَ؛ جنگ بعد ميرپور ۽ ان جي پٺيان عمرڪوٽ پهچڻ لاءِ، هن جنهن جبر ۽ زور

طرف وارن قبيلن کي ڏڪائي ڇڏيو ۽ شير مان وچي گڏجڻ کان کين روڪي، انهن کي ملڻ ۾ دير ڪرائي. انهيءَ حالت ۾ پوءِ، شير شايد ڪونهيرا ۾ ترسي پوي ها، جتي دن جي پٺتي هٿڻ لاءِ ريگستان سندس پنيان موجود هو، ۽ هو انهيءَ وقت تائين اتي ڪافي سلامتيءَ سان رهي ها، جيسين عظيم تر رٿا تي عمل درآمد ٿيڻ سان فوجن جو گهيرو کيس پنهنجي ويجهو تنگ ٿيندو محسوس ٿئي ها. پر جاسوسن ٻڌايو ته هو سنڌو نديءَ تي واقع شهر سڪرنڊ ڏانهن وڃي رهيو هو، جيڪو حيدرآباد ۽ سيوهڻ جي اڌ تي هو. انهيءَ اطلاع ملڻ تي جنرل سيوهڻ ۾ لاهڻ لاءِ جهازن تي فوج جي هڪ مضبوط دستي کي چاڙهي موڪلڻ جي رٿا سوچي ورتي، جنهن کي آتي ڪرنل رابرٽس جي سکر کان پهچڻ کان اڳي پهچڻو هو. پوءِ ميرپور ۾ موجود جيڪب جي گهوڙيسوار دستي کي اتان کان روانو ڪرائي، سيوهڻ ۽ حيدرآباد کان ايندڙ پين فوجي دستن سان گڏ؛ هڪدم سڪرنڊ کي وڪوڙي وجڻ جا احڪام ڏنا ۽ اهڙي نموني ۾ کين انهيءَ امير کي درياءَ جي ڪپ تي چئني طرفن کان ڦري اچڻو هو.

جيڪڏهن هو مختلف دستن جي وچ مان ترڪي نڪري وڃي، ته به هو فقط ويران علائقي طرف ئي ڀڄي ٿي سگهيو، ۽ انهيءَ حالت ۾ ڪونهيرا جي قلعي تي قبضي ڪرڻ جي تجويز سوچي ويئي، جيڪو ريگستان جي ڪناري وٽ واقع هڪ ئي اهڙو مقام هو، جتان هن کي پنهنجي لشڪر لاءِ پاڻي ملڻ جي توقع ٿي پئي سگهي. اها صورتحال کيس سنڌو نديءَ ڏانهن واپس موٽڻ تي مجبور ڪندي ۽ هن لاءِ حيدرآباد ۽ سيوهڻ جي درميان درياءَ جي ڪناري تي ڪنهن نه ڪنهن هنڌ تي تلاش ٿي سگهي ها. تحقيق، هو ويران علائقن وچان اتر طرف شاهه ڳڙهه ڏانهن ڀڄي وڃي پئي سگهيو، پر هو علي مراد، چيمبرلين ۽ فٽز جيرالڊ جي گڏيل فوجن جي وچان

همت ۾ پڪڙيل هوندي. هاڻي، شير واقعي هڪ بهادر ماڻهو هو، ۽ هڪ اهڙي رستي تي، جيڪو هڪ سئو پنجاه ميلن تائين درياءَ جي ڪناري تي هو، هن باري ۾ پڪ ڪرڻ ناممڪن هئي ته جنگي جهاز مختلف قبيلن کي ننڍين ٽولين جي صورت ۾ درياءَ پار ڪرڻ ۽ شير سان وڃي ملڻ کي روڪي سگهندا. انگريز اها ڳالهه اهڙي هئي، جنهن کي ڪوئي نفرت وچان نظر انداز ڪري نه پئي سگهيو. جنگ ۾ اها هڪ نئين ڳالهه برابر هئي، پر اها ڪنهن طرح به منجهائيندڙ نوعيت واري ڪانه هئي. جنرل چيو ته، ”جنگ جي ميدان ۾ وڙهندي مارجڻ بابت شير جي ارادي ۾ مون کي شڪ آهي، پر جيڪڏهن هو سچ پچ ويهه يا ٽيهه هزار ماڻهو گڏ ڪري ٿو، ته پوءِ مون کي هن سان وڙهڻ ۾ ڪا آبهر نه ڪندس؛ پلي ته هو خرچ برداشت ڪري؛ مان هن تي سنڌو نديءَ تي ٺهيل مورچن مان ويهي ڪلي سگهندس، آءٌ مورچن کان ٻاهر نڪري متس ان وقت حملو ڪري سگهندس، جڏهن هو پٺتي هٽندو، پر جيڪڏهن درياءَ ۾ آيل موجوده چاڙهه، موسم جو حقيقي ۽ اصل سيلاب آهي ته پوءِ هن جي ماڻهن کي هارائڻ جي صورت ۾، سنڌن دستور مطابق انهيءَ وقت چڙوچڙ ٿيڻ ۾ تڪليف ٿيندي، جڏهن پاڻي هٽي ويندو، ۽ پوءِ آءٌ هنن کان سندن بزدليءَ ۽ تذبذب تي سخت پڇتاءُ ڪرائيندس.“

غير يقيني حالت ڏهن يا ٻارهن ڏينهن تائين جاري رهي، پر ٢٢- مئي تي جاسوس هيءَ خبر کڻي آيا ته شير، سنڌي بلوچن جو لشڪر جمع ڪرڻ جي پنهنجين اميدن ۾ ناڪام ٿي، بلوچستان جي جابلو قبائل سان سڌيءَ طرح ناهم جون ڳالهيون ڪيون هيون، ۽ اهي هن سان شرڪت ڪرڻ لاءِ تيار هئا، ۽ لڪيءَ وارن قبيلن، جن متان جنگي جهازن جو

انهيءَ وچ ۾، پياده فوج جا دستا احاطي اندر پهچي ويا، ۽ انهن امير شاهه محمد کي انهيءَ ٻيلي جي هڪ گهاٽي حصي ۾ پنهنجن سترهن خدمتگارن سان گڏ ڏٺو. ڀهريائين ته هو مقابلي ڪرڻ تي آماده نظر آيو، پر جڏهن ڏٺائين ته سپاهي کيس مارڻ لاءِ تيار هئا، تڏهن هو پيش پيو. هن جي سڄي ڪٽنب کي قيد ڪيو ويو، ۽ توبن، بندوقن، ترارين ۽ ڍالن تي قبضو ڪيو ويو. انهيءَ ڳالهه هن جي طرفان سنڌونديءَ جي انهيءَ ڪپ تي ڪنهن سنگين قسم جي جنگي ڪارروائي شروع ڪرڻ ۾ سندس نامرديءَ کي ثابت ڪري ڇڏيو، چاڪاڻ ته بلوچ ڀڳهار ڪان سواءِ خدمت نه ڪندا آهن. اهڙي سهڻي نموني سان ترتيب ڏنل ۽ رٿيل مهم، الف خان ڏالي هڪ پٺاڻ گهوڙيسوار جي اطلاع ۽ صلاح سان عمل ۾ آندي ويئي هئي، جيڪو مشرق جي انهن مهم جُو ماڻهن مان هو، جيڪي جنگ سان محبت ڪندا آهن، ۽ ان جي ذريعي زندگي گذاريندا آهن، ۽ پئسن لاءِ ڪنهن به ڌر جي خدمت ڪندا آهن. هڪڙي ڏينهن اهي سڌا سادا گهوڙيسوار، ته ٻئي وقت تي سپه سالار هوندا آهن؛ سندن نگاهون بادشاهي حاصل ڪرڻ ۾ کُتل رهنديون آهن، بشرطيڪ اهڙو ڪو موقعو اوتريءَ آسانيءَ سان ۽ فوري طور سامهون اچي، جيتري تيزيءَ ۽ آسانيءَ سان اهي انعام حاصل ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن. الف خان فوجي دستي جي رهنمائي ڪندي ان کي پنهنجي شڪار وٽ وٺي آيو، ۽ ڀهرين ئي حملي ۾ چار بلوچ هن جي طاقتور ٻانهن سان لڳل ڌڪ سان ڍهي پيا. هن وقت هو پنهنجي پٽ سميت، سنڌ جي گهوڙيسوار پوليس ۾ آهي، ۽ ٻئي هڪ ئي نموني ۾ سندن همت، وفاداريءَ، هٿيارن هلائڻ جي مهارت، ۽ سندن جسماني خوبصورتيءَ لاءِ مشهور و معروف آهن.

ڪرنل رابرٽس وري طور سيوهڻ واپس وريو، ۽ کيس مليل احڪامات جي تحت عمل ڪندي پنهنجي سڄي لشڪر

سميت درياءَ جي ڏائي ڪناري طرف هليو ويو. شير جي چوڪيداري، ان کان پوءِ گهيرو تيز رفتاريءَ سان پورو ٿي ويو. جيڪب، ۱۰- تاريخ تي ميرپور کان نڪري اتر طرف روانو ٿيو، ۽ جنرل پاڻ حيدرآباد واري لشڪر کي وٺي عليءَ واري ٽنڊي طرف وڌي آيو، ۽ ائين ڪرڻ ۾ هن جو مقصد، سنڌونديءَ تي حيدرآباد ۽ هالا جي اڌ تي واقع هڪ هنڌ، نالي شاهي ڪائوتا کي ڏمڪائڻ ۽ خطري ۾ وجهڻ هو، جتي ان وقت شير ڪونهيرا کان نڪري اچي پهتو هو. جنرل جي پيشقدميءَ جو رستو، جيڪب جي رستي سان متوازي ليڪ ۾ هو، ۽ شير انهيءَ باري ۾ خبر ملڻ تي خطري جي بوءِ سنگهي، ۽ اتان کان هٽي ڪونهيرا واري طرف ڏانهن نه، بلڪ درياءَ جي ڪناري سان مٿئين طرف ڏانهن روانو ٿيو، پر هن جو لاڙو ريگستان واري رخ ۾ هو، حالانڪ هو ميوهڻ واري فوجي دستي کان بيخبر هو.

۱۳- تاريخ تي جنرل کي، عليءَ واري ٽنڊي ۾ موجود هئڻ ڪري، معلوم ٿي ويو ته ڪرنل رابرٽس درياءَ کي پار ڪري آيو آهي؛ جيڪب کي سنڌس احڪامات تي عمل ڪندي، انهيءَ ڏينهن ڪونهيرا جي ويجهو هئڻ گهربو هو؛ پر ساڳي وقت تي علي مراد، جيڪو اتر کان هيٺئين طرف ڏانهن ايندي، هاڻي شير جي قريب اچي پهتو هو، پيغام موڪليو ته انهيءَ امير، ڪرنل رابرٽس جي ويجهي اچڻ سبب خوف محسوس ڪندي، پنهنجو رخ اوچتو ڦيرائي وري ڏکڻ اوڀر طرف ڪيو آهي، ۽ هاڻي هو شاهي ڪائوتا ۾ هو، يعني ته هو عليءَ جي ٽنڊي کان فقط سورهن ميل پري هو. جنرل هڪدم پنهنجن گهوڙيسوارن جي دستن ۽ توبن سان راتو رات شاهي ڪائوتا طرف پيشقدمي شروع ڪئي، ۽ اوڏانهن ويندي هن پنهنجي پياده فوج کي حڪم ڏنو ته اها سندس پٺيان جيتري به تيز رفتاري سان اچي سگهي، اوتريءَ سان وڌندي اچي؛

جي دوران اها ڊاڪ اچي پهتي، جيڪا ايتريءَ مدت تائين روڪيل هئي، جو ٻن حڪومتن، يعني بمبئي ۽ ڪلڪتي جا چئن مهينن جا ڪيترا ٿيل خط هڪ ئي مهل اچي پهتا؛ چنانچه، هن کي انهن سڀني خطن کي پيشقدمي ختم ٿيڻ کان پوءِ، پڙهڻو، ٿامي رکڻو ۽ انهن جي مناسب جوابن ڏيڻ جو انتظام ڪرڻو هو، جڏهن ته هن لاءِ آرام جي پڻ تمام وڏي ضرورت هئي.

انهيءَ صورتحال ۾، جڏهن ته ڪيس جيڪب يا رابرٽس جي چرپر جي ڪابه خبرچار ڪانه هئي، تڏهن هن ١٤- تاريخ تي گرميءَ جي دوران داٻو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، پر هن کي سخت تشويش ٿي رهي هئي، ڇو ته ظاهر هو ته شير جڏهن پاڻ کي سوڙهو ٿيندو محسوس ڪندو ته هو گهيري وچان ڀڄي نڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. ۽ امڪان هو ته هو انهيءَ ڪوشش ۾ شايد ڪامياب ٿئي، ڇو ته فوج جا مختلف دستا هڪ اڌوڙي فيلڊ آفيسر جي غلطيءَ سبب، جيڪو هڪ علحده دستي جي قيادت ڪري رهيو هو، ۽ پنهنجون هدايتون سمجهي نه سگهيو هو، فوجي لحاظ کان هڪ ٻئي سان رابطي ۾ ڪين هئا. اوچتو جيڪب جي توبن جو آواز مشرق وادي طرف کان ٻڌڻ ۾ آيو، پر اهي آواز ايترا ته ٿورا هئا ۽ ايترو جلد بند ٿي ويا؛ جو انهن لاءِ هيءَ غلط فهمي پيدا ٿي ته شايد اهي گولا سلاميءَ لاءِ ڇوڙيا ويا آهن. ان جي باوجود، انهيءَ ڳالهه هن ڏکوئيندڙ خيال کي جنم ڏنو ته شايد هن تي امير غالب پئجي ويو آهي، ۽ هاڻي اهو گهيري کان ٻاهر نڪري ڪينيءَ واري علائقي ۾ وڃي پهچندو ۽ هن کي ڇتڻ لاءِ هلايل ڪارروايون، جيڪي اهڙي سخت محنت ۽ تڪليف ۽ نقصان سان سرانجام ڏنيون ويون هيون، بي اثر ثابت ٿينديون ۽ گروهي جنگ ڇڙي ويندي، جنهن کان ايترو خوف محسوس ڪيو ويو هو.

اهڙي تشويشناڪ حالت ۾ جڏهن جنرل ڄنبوءَ ڪان ٻاهر نڪتو، تڏهن ڪيس سچ لڳي ويو ۽ ساڳي وقت ڏٺائين ته يورپي سپاهي هڪ ٻئي مهل هن جي پڇاڙي سان سچ لڳڻ ڪري، ڍهي پيا؛ انهن مان اڪثر چند منٽن ۾ مري ويا، ۽ باقي ٿورن ڪلاڪن اندر ختم ٿي ويا. فقط هڪ جنرل بچي ويو، هن ڪي جهلي، سندس ٻنهي ٻانهن مان رت جي سير ڇوڙي ويئي، پر زنده رهڻ لاءِ جدوجهد سخت هئي، ۽ سندس جسم ۽ جان جي حالت جو ذڪر هن پنهنجن هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: ”منهنجي لاءِ سڀ فڪر ٿي فڪر هو، پر عين انهيءَ مهل جڏهن هنن منهنجي سير ڇوڙي، تڏهن هڪ گهوڙيسوار ڊوڙندو اتي پهتو ۽ هن ٻڌايو ته جيڪب ڪامياب ٿيو آهي ۽ امير جو سڄو لشڪر ڇڙوڇڙ ٿي ويو آهي. مان سمجهان ٿو ته انهيءَ خبر مون کي بچائي ورتو. مون زندگي واپس ايندي محسوس ڪئي.“

جلد ئي اهو معلوم ٿيو ته امير زرخيز علائقن ۾ گهڻو وقت ٽال مٽول ڪرڻ ۽ ترسڻ کان پوءِ جڏهن اهو محسوس ڪيو ته متحرڪ فوجي دستا مٿانئس اچي ڪڙڪيا آهن، تڏهن هن هڪ سچي سپاهيءَ وانگر اها ڳالهه پنهنجي همت سان حاصل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪا هڪ ڪمانڊر جي حيثيت ۾ هو وڃائي چڪو هو. هن معلوم ڪيو ته جيڪب پڻ سهڻي ڪان وڌيڪ ڪمزور هو، جنهنڪري هن ان تي ڪاهڻ جو فيصلو ڪيو، پر اهو بهادر ۽ اهل آفيسر هڪ خطرناڪ دشمن هو. شير هن کي ائين ئي ڏٺو. هو هڪ اهڙو آفيسر هو، جيڪو قيادت ڪرڻ لائق، حڪم مڃڻ لاءِ حاضر، بهادر ترار باز ۽ ماهر سپه سالار هو، جنهن پنهنجي فوجي دستي کي ويران علائقي جي ڪناري سان ڏاڍي هوشياري ۽ احتياط سان اڳتي آندو هو. ۱۳ تاريخ تي هن معلوم ڪيو ته امير درياءَ جي ڪناري سان مٿانهون ويو آهي، ۽ پوءِ هڪدم ڦيرو کائي ڏکڻ-اوڀر وارو رخ اختيار ڪيو اٿائين. هن صحيح اندازو

گهوڙو ڊوڙائي اڪتي وڌيس؛ اميد اها هئي ته جيڪب جي بازوءَ تي حملو ڪريان. توهان کي ته اسان جي خوفناڪ مٽيءَ جي خبر آهي؛ ڪنهن ماڻهوءَ جي منهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ اجائي هئي؛ سون سمجهيو ته منهنجي پٺيان ماڻهو آهن. مان امير وٽ پهتس ته هن کي ذري گهٽ اڪيلو ڏٺم. اتي بيهڻ سان مٽي ويهجي ويئي، ته ڇا ٿو ڏسان ته مون سان فقط پنجويهه ماڻهو مس هئا، سان خوش نصيب هيس، ڇاڪاڻ ته جيڪب اتي هجي ها ته مان مارجي وڃان ها. پر سڀ ئي مٽيءَ جي ٿهه ۾ لڪي پڇي ويا هئا، سو شير ۽ آءٌ به پڇي وياسين. بس، مون کي انهيءَ لڙائيءَ جي ايتري خبر آهي.

جنرل: ڇگو پلا، شير هڪ سٺو سپاهي آهي؛ مون کي هن لاءِ عزت آهي. ۽ جيڪڏهن مان هن کي جهلي سگهان ها ته ڪيس گورنر جنرل کان معافي ڏيارڻ ۽ سندس جاگيرون واپس موٽائي وٺي ڏيڻ لاءِ جيڪر سڀڪجهه ڪريان ها.

محمد خان: شير بيوقوف آهي. ٢٤ واري لڙائي کان پوءِ اسان سڀني اهو ڏٺو ته اسان جا ماڻهو ڪڏهن به وڌيڪ جنگ نه ڪندا ۽ اسان مان ڪوبه وري ٻيو دفعو ان جي ڪوشش نه ڪندو؛ توهان باز آهيو ۽ اسين توهان جي اڳيان محض ننڍا پکي آهيون. مان اوتري تائين مقابلو ڪيو، جيتري تائين بيهي سگهيس، پر هاڻي اسان کي پنهنجي بيوقوفي نظر اچي ٿي ۽ اسين هميشه لاءِ توهان جا غلام آهيون.

جنرل: پر محمد، (هو ڏاڍو طاقتور، سهڻو ۽ شاندار ماڻهو هو)، تون جهنگ ۾ رهندي ايڏو ٿلهو ڪيئن ٿي پئين؟

محمد: مان ٿلهو ناهيان؛ جڏهن کان توهان مون کي جهنگ ڏانهن ڀڄائي ڪڍيو، تڏهن کان مون کي ڏاڍي محنت

ڪري پيئي آهي، پر هاڻي آءٌ محفوظ ٿي رهيو آهيان ۽ توهان جي تحت آرام محسوس ڪرڻ لڳو آهيان، جو توهان مون سان اهڙي سٺي هلت ڪئي ٿا. توهان ڏسندا ته هاڻي مان ڇا ٿيندس!

درٻارين جهڙي انهيءَ ڏک سان گفتگو ختم ٿي. ان هوندي به خان سمجهه ڇاڻندي سچي ڳالهه ۽ خوشامد بس ڪئي، ڇاڪاڻ ته تمام جلد چار سؤ ننڍا سردار پنهنجو سلام پيش ڪرڻ لاءِ آيا ۽ پنهنجون تراريون جنرل جي قدمن ۾ رکيائون. هنن سنڌس فراخدليءَ تي آسرو ڪندي هيءَ اميد ڪئي هئي ته هو انهن کي سندن جاگيرون واپس ورائي ڏيندو ۽ انهن جون تراريون سوغات طور قبول ڪندو. هر هٿيار ڏاڍي قيمتي مياڻ ۾ بند هو، ۽ انهن جون قيمتون پنجاهه کان وٺي ٻه سؤ پائونڊ في ترار جي حساب سان هونديون، اها هڪ وڏي رقم هئي ۽ جنگ ۾ حاصل ڪيل قانوني انعام هو، جيڪو اڪيلي سر جنرل جي ملڪيت هو، پر هن ڪنهن به هڪ يا رنڊڪ کان سواءِ اهي ڪين واپس ڪيون، جهڙيءَ طرح هن اڳي به اميرن جون تراريون واپس ڪيون هيون. هن صرف ايترو چيو ته ”مان پئسا وڃائي رهيو آهيان، پر هنن سردارن جي خير سڳالي، نيڪ نيتي ۽ دوستي حاصل ڪريان ٿو.“ ٻن سالن جي پڄاڻ امن حالتن انهن ماڻهن جي وفاداري ثابت ڪئي آهي ۽ جنرل جي انهيءَ ڳالهه کي حق بجانب قرار ڏنو آهي، جيتوڻيڪ شير ۽ علي محمد ۽ ٻيا به ڪيئي، جن ۾ معزول ٿيل اميرن جا پٽ ۽ پائٽيا شامل آهن، اڃا تائين روپوش آهن ۽ هميشه بدامنيءَ جون حالتون پيدا ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن.

شير، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي، فقط ڏهن ماڻهن سان گڏ ڀڄي نڪتو ۽ سنڌونديءَ کي پار ڪري، هن پنهنجي

گهر جي ڀاتين کي پاڻ سان گڏ ڪنيو. هن اڳ ۾ بروهي بلوچن وٽ پناهه حاصل ڪئي ۽ ان کان پوءِ افغانن وٽ وڃي نڪتو. جن ڪجهه وقت تائين ڪيس مدد ڏيڻ جي آسرن ۾، هن جون اميدون برقرار رکيون؛ پر اها چال هنن جي طرفان فقط شير جي خزاني حاصل ڪرڻ جي وحشيانه حرفت ۽ ٺڳي هئي - جنهن ۾ اهي ڪامياب ٿيا، ۽ پوءِ هن کي بگٽين، ڊومڪين ۽ شڪارپور جي اتر وارن جابلو قبيلن جي امداد حاصل ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. ان کان پوءِ هن جي دشمني، محض هڪ جابلو ڌاڙيل ۽ رهزن واري دشمني رهي آهي، ۽ نه هڪ بهادر حالانڪ بدنصيب شهزادي واري؛ ۽ ممڪن آهي ته هو آخرڪار هڪ رهزن ۽ ڌاڙيل جو موت مري؛ چاڪاڻ ته انهيءَ طرح سان خونين ۽ ڌاڙيلن سان گڏ رهڻ، ۽ ساڻن گڏجي انهن ڪارروائين ۾ شرڪت ڪرڻ سبب انهن جا ڏوهه، هن جي ئي گردن تي پون ٿا. هن جي فاتح کي، حالانڪ نيڪ نيتيءَ سان دل ۾ اهو خيال آهي ته جيڪڏهن هو انگريزن جي ور چڙهي، جيڪا ڳالهه بلڪل امڪان جي حدن ۾ آهي، هاڻي انهيءَ باري ۾ اڳيئي شڪ شبهو پيدا ٿيڻ لڳو آهي، چاڪاڻ ته جيڪڏهن انهن مصيبت زده ڳوٺاڻن سان، جن جون ملڪيتون لڳاتار ڦريون ۽ لٽيون ويون ٿيون، ۽ شير محمد جي دوستن ۽ ڪيس پناهه ڏيندڙن جي هٿان سنڌن جانيون ورتيون وڃن ٿيون، حق ۽ انصاف جي تقاضا اهائي آهي ته انهن ڏوهن لاءِ خود امير کي سخت سزا ملڻ گهرجي، جيڪو يقيناً ڌاڙيل قبيلن کي حملن ڪرڻ لاءِ همٿي ڏيندو رهي ٿو ۽ شايد سنڌن هٿان چورايل ۽ لٽيل مال جو حصيدار پڻ، بڻجي ٿو.

رستم جي پٽ، علي محمد جڏهن شير جي شڪست جي خبر ٻڌي، تڏهن هن سڀ اميد لاهي، شاهه ڳڙهه کي ڇڏيو ۽ پنهنجن ماڻهن کي ڇڙوڇڙ ڪري، پاڻ درياهه پار ڪيو، ۽

نيٺ وڃي بگٽين جي علائقي ۾ شيرمحمد سان مليو. انهيءَ طرح جنگ جو آپر سنڌ ۾ خاتمو ٿيو، ۽ انهيءَ وچ ۾ جنرل پنهنجو سڄو ڌيان ڪيٽيءَ واري علائقي ڏانهن ڦيرايو ۽ جلد ئي هن اتان جي ڏيهي پوليس جي ذريعي ملڪ ۾ ٿانپر آڻي ڇڏي؛ ڇاڪاڻ تہ جڏهن پورنا نديءَ وارو قبيلو منتشر ٿيو، تڏهن آواره گروهن جا ماڻهو پاڻ کي شير جا لشڪري سڏائي نہ سگهيا، ۽ ماڻهن انهن سان سندن لياقتن مطابق هلت ڪرڻ شروع ڪئي، يعني لفظن ۾، انهن جا قلعا ۽ ڪوٽ ڪاٽئڻ ڪسيا ويا، ڪين بي هٿيار بنايو ويو، ۽ انهن منجهان جن تي بہ خون جا الزام ثابت ٿي سگهيا، تن کي پڪڙي انهن هنڌن تي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو، جتي انهن جي هٿان اهي ڏوهہ سرزد ٿيا هئا، انهن جي سينن تي ڪاغذ جون چٺڪيون چنبڙايون ويون، جن ۾ ماڻهن کي چتاءُ ڏنو ويو تہ انهن ماڻهن کي سندن ڏوهن جي پاداش ۾ ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي آهي؛ ۽ نہ هن ڪري جو انهن انگريزن جي خلاف لڙائي ڪئي هئي. انهيءَ ڳالهہ جو اثر وڏو ٿيو ۽ انهيءَ اصول کي پسند ڪيو ويو؛ ماڻهن وٽ هيءَ چوڻي عام ٿي ويئي تہ: ”پادشا انصاف پسند آهي، ۽ هو ڪنهن کي بہ پنهنجي لاءِ نہ ٿو ماري“. اهڙيءَ طرح فتح حاصل ڪئي وئي،

# باب اڏون

## تبصرو

قدرتي دولت سان مالا مال، انهيءَ عظيم ۽ انتهائي زرخيز بادشاهيءَ، سنڌ جي اطاعت، ۽ انگلنڊ جي ماتحت پرڳڻي جي حيثيت ۾ ان جي مڪمل طور سيٽلمينٽ جو ڪارنامو سر چارلس نيپيئر طرفان ڇهن مهينن جي مدت ۾ پورو ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح هن اسان جي مشرقي سلطنت کي مغرب طرف وڌيڪ مضبوط ۽ اڳي کان وڌيڪ ننڍي سرحد مهيا ڪئي آهي؛ ان کان سواءِ هن انهيءَ عظيم درياهه، سنڌو نديءَ جو قبضو پڻ حاصل ڪيو آهي، جنهن جو وسطي ايشيا تائين آسان ۽ سڌو سنئون تجارتي رابطو آهي، جنهن تي لارڊ آڪلئنڊ جو افغانستان تي ڪيل حملو پڻ، اسان کي قبضي ڪرڻ جو موقعو مهيا نه ڪري سگهيو؛ ۽ هن برطانوي هٿيارن جو ڌمڪاءُ انهيءَ سڄي وسيع ملڪ ۾ ڦهلائي ڇڏيو آهي، جنهن جو هڪ حيرت انگيز ثبوت هن کان پوءِ اڳتي هلي ڏنو ويندو.

اهي عظيم ڪارناما هن هڪڙيءَ ئي مختصر مهم ۾ سرانجام ڏنا، جڏهن ته هن جو سڄو لشڪر فقط ٻن کان وٺي پنجن هزار ماڻهن تائين محدود هو. جيتوڻيڪ هن وٽ نقل و حمل جا وسيلا سٺا ڪين هئا، ۽ کيس ٿاهم جي اجاين ۽ پيچيده ڳالهين ذريعي دائمي طرح پريشان ڪيو ويو ۽ دير ڪرائي ويئي، تڏهن به هن پهرين ٽن مهينن اندر ڇهن سؤ ميلن کان به وڌيڪ مفاصلو طئي ڪيو، هڪ مورچه بند ڇانوڻي تعمير ڪئي، هڪ وڏي قلعي جي مرمت ڪئي، ۽ ٻه وڏيون لڙايون ڪيون، جن ۾ کيس ست هزار دشمنن جو مقابلو ڪرڻو پيو،

ڪيو ويو آهي. هن اهو ڏانچو، فتح جي غرور يا جذبي ۾ اچي نه، بلڪ عدل ۽ انصاف کي پوريءَ طرح خيال ۾ رکي، ۽ ماڻهن جي رسمن ۽ عادتن جي مدنظر، جتي آهي حق ۽ سچ جي ناقابلِ تبديل اصولن سان متصادم نه ٿي رهيون هيون، ترتيب ڏنو هو. خونين ڪان سواءِ، ٻين ميني لاءِ اهو انتظامي ڍانچو نرم پڻ هو، چاڪاڻ ته اميرن جي راڄ ۾ بلوچن ڏوهه جي سزا ڪان اهڙي ته آزادي ماڻي هئي، جو ڪنهن سنڌيءَ کي ذبح ڪرڻ، يا ڪنهن سنڌي عورت کي کهلي وجي ٻانهي بنائڻ، روزمره جا واقعا هئا، اهڙن ڏوهارين لاءِ، هتي وٽ ڪو رحم ڪونه هو. پر هن جي دعويٰ، جيڪا واقعي هڪ شاندار دعويٰ آهي، هيءَ آهي ته سندس سمورين فوجي ڪارروائين ۾، هڪ ماڻهو به لڙائي جي ميدان ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ نه ماريو ويو. ظلم و زيادتيءَ جو ڪوبه ڪم نه ڪيو ويو؛ ڪنهن به لٽ مار جي اجازت نه ڏني ويئي، ڪنهن به عورت جي بيحرمتي نه ڪئي ويئي، فوج جي پيشقدميءَ دوران تشدد يا ڪنهن کي ستائڻ جو ڪوبه ڪم نه ڪيو ويو. سنڌي عوام هن جي فوجي سپاهين جي آجيان دوستن جي حيثيت ۾ ڪندا هئا، ۽ انهن جي جهنڊي هيٺ پناهه ۽ سلامتي ڳوليندا ۽ حاصل ڪندا هئا، جڏهن ته اهي بيرحم بلوچن جي قريب اچڻ تي هڪدم ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ويندا هئا.

هن انهيءَ ملڪ تي، جيڪو هن فتح ڪيو هو، ڪهڙيءَ نه عقلمنديءَ، ڪهڙيءَ نه حڪمت ۽ ڪهڙي نه مضبوط ارادي سان پنهنجي حڪومت جو نظام مسلط ڪيو، تنهن جو بيان شايد هن ڪان پوءِ، سنڌ ۾ هن جي انتظام جي تاريخ ۾ ڪيو ويندو، هن جي انهيءَ انتظام کي هلي اڄ ٻه سال ٿيا آهن؛ ۽ اهو سندس فوجي زندگيءَ ۽ تنظيم ڪان گهٽ درجي جو حيرت انگيز ڪونهي. انهيءَ مختصر مدت اندر هن عام ماڻهن

جي حالت ڪي مصيبت، ظلم و ستم، وحشيانه هتڪ ۽ بي آروئي ۽ ڏاڙيل جي ترار جي حڪومت کان ڦيرائي سلامتي ۽ امن ۽ نسبتاً وڏيڪ خوشيءَ جي حالت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هن مفلسي ۽ ذلت ۾ غرق ٿيل سنڌي مزور ۽ پورهيت کي آپاريو ۽ متي ڪيو آهي، ۽ خونخوار بلوچ جي غرور ۽ تشدد کي دٻائي هيٺ ڪيو آهي، ۽ اهو ڪم هن حڪم جي زور ۽ صحتمند ضابطي جي ذريعي ڪيو آهي، هن وڻج ۽ واپار کي همٿايو آهي، ۽ هنرمندن جي پرورش ڪئي ويئي آهي، ۽ ٻاهر ويل دستڪارن ۽ ڪاريگرن کي واپس موٽي اچڻ لاءِ همٿايو ويو آهي. سنڌ جي عظيم قدرتي وسيلن کي جزوي طور کولي لڌو ويو آهي ۽ انهن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويا آهن. اهڙا سرڪاري ۽ عام ماڻهن جي ڀلي وارا وسيع، ۽ ڪي تمام وڏي خرچ وارا ڪم شروع ڪيا ويا آهن، يا انهن جي سابق رٿائن مان ڪٽي اُگهي وڌايا ويا آهن؛ ڪي هن جي پنهنجي سوچ سمجهه جو نتيجو آهن، ته ڪي لارڊ ايلنبرو جي ذهن جي پيداوار آهن. انهن ۾ هڪ اهڙو ڪم، ڪڇ جي زرخيزي ۽ شادابيءَ کي بحال ڪرڻ لاءِ سنڌو نديءَ جي وڏي شاخ کي ٻيهر کولڻ، ۽ ٻيو ڪراچي ۾ هڪ عظيم الشان سامونڊي دڪو تعمير ڪرڻ آهي، جيڪو خشڪيءَ تي ان جي تعمير کان علاوه، ٻن ميلن تائين پاڻيءَ ۾ هليو ويو ٿو، ۽ هڪ محفوظ ۽ سلامتيءَ وارو بندر تشڪيل ڏئي ٿو.

فوجن لاءِ وڏا وڏا ۽ صحتمند بارڪ ٺهرايا ويا آهن، پوليس ٻن هزارن کان وڌيڪ چڱيءَ طرح منظم ٿيل، جوشيلن ۽ جرئتمند ماڻهن جي هڪ جماعت آهي، ۽ ڏيهي ماڻهن تي مشتمل هڪ فوجي ٻٽالين قائم ڪئي وئي آهي، ۽ ان کي چڱيءَ طرح نظم و ضبط سيکاريو ويو آهي. پنجاب جي حالت جيڪڏهن بي آراميءَ ۽ گڙٻڙ واري نه هجي ها، ته جنرل کي سنڌ تي

هڪ به سپاهيءَ يا يورپي فوجي کان سواءِ، قبضو قائم رکڻ جي آرزو هئي. آٺ سوارن جو هڪ نهايت هوشيار ۽ چست فوجي دستو تشڪيل ڏنو ويو آهي، جنهن کي فيئنز جيرالڊ جي ماتحت رکيو ويو آهي، جنهن کن وقتن تي آسي کان ٻه وڏيڪ ميل ڪوچ ڪيا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح هن جبلن تان آيل ڌاڙيلن جي ٽولن تي اوچتا ڇاپا هڻي، کين حيران ۽ ششدر ڪيو آهي. آخر ۾، جيتوڻيڪ ڊل اميرن جي ايراضين مان، علي مراد جي حصي کي گهٽائڻ سان ايندي آهي، پر انگريزن جي آمدني سر چارلس نيپئر جي سخت ۽ ڪفايت شعاريءَ واري نظام هيٺ، جنهن تي انهن نوجوان آفيسرن طرفان عملدرآمد ڪيو وڃي ٿو، جن کي هو پاڻ فوج مان چونڊيندو آهي، ٽالپر اميرن کي وصول ٿيندڙ سموري آمدنيءَ کان ٻه وڌيڪ آهي، سول خواه سياسي انتظاميه جي هرهڪ حصي کي آمدنيءَ جي وصولين مان پگهارون ڏنيون وينديون آهن؛ پوليس جي جماعت پوريءَ ريت انهيءَ رقم مان هلائي ويندي آهي؛ ۽ سن ١٨٤٤ع ۾ باقي بچيل رقم، نوي هزار پائونڊ ڪلڪتي واري خزاني ۾ جمع ڪرائي ويئي.* اها رقم، مال غنيمت ذريعي حاصل ٿيل نقديءَ مان ملائي ڪل پنج لک پائونڊ اسٽرلنگ ٿئي ٿي، ۽ ايترو سارو پئسو، ايڏي بدنام ڪيل فتح مان هڪ سال جي مدت اندر حاصل ڪيو ويو. نه وري ائين ٿو نظر اچي ته ڊئريڪٽرن کي نفعي تي ڪو اعتراض آهي، پر هنن جو سمورو اعتراض انهن ماڻهن تي آهي، جن جي عقل ۽ طاقت ذريعي اهو حاصل ڪيو ويو. انهيءَ وچ ۾، مصيبت ماريو بني پوکيندڙ سنڌي پورهيت، سلامتيءَ ۽ حفاظت ۾ پورهيو ڪري رهيو آهي، جنهن مان هن کي سنڌس ڏکيو ۽ ذليل وجود برقرار رکڻ لاءِ گهربل حصي کان ڪجهه وڌيڪ ملي رهيو آهي؛ ڪاريگر ماڻهو، جنهن کي هاڻي سنڌس ڪم جي

* ڏسو ضميمو نمبر ٩

واقف ناهن، جن انگريز جنرل کي اقدامات جي انتخاب ڪرڻ ۾ پنهنجو فيصلو ڪن اثر ڏيکاريو؛ پهرين جي خاموشيءَ سان ئي مذمت ڪري ڇڏجي، باقي ٻئي لاءِ رد ڪد پيش ڪيو ويندو.

مياڻي ۽ حيدرآباد وارين جنگين ۾ ٻنهين جي فوجن جي تعداد جي نابرابري ۽ فرق ماڻهن کي حيرت زده ڪري ڇڏيو، ۽ ماڻهن عام طور انهيءَ جرئت ۽ همت جي تعريف ڪئي، جيڪا اهڙين تڪليفن ۾ فتح حاصل ڪري سگهي. پر خود ساز منصفن انهيءَ شاندار نظاري ڪان منهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ لارڊ ايلنبرو جي هن ڪري مذمت ڪرڻ لڳا، جو هن ايتريون ٿوريون فوجون فراهم ڪيون هيون؛ ۽ جنرل کي هن لاءِ ننديڻ لڳا، جو هن اهڙي غيرمساوي مقابلي ۾ آڻي فوجن کي ايڏي وڏي خطري سان دوچار ڪيو. پر ان جي باوجود، لارڊ ايلنبرو تي ڪوبه ڏوهه لڳي نٿو سگهي، ۽ جنرل جا ارادا ۽ مقصد بلڪل درست ۽ آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچڻ جهڙا هئا. لارڊ ايلنبرو سر چارلس نيپئر کي وڏيڪ فوجون ڏنيون، هن کي اجا به وڌيڪ فوجن موڪلڻ جي آڇ ڪئي، ۽ هن جو اختيار ۽ اقتدار ڪٿي تائين وڌائي ڇڏيو، جنرل فوجي ڪمڪ کي رد ڪري ڇڏيو، ۽ هو بينگال واري پيادل فوج کي ته پاڻ سان جنگ جي ميدان ۾ به نه وٺي ويو، جڏهن اها فوج سندس هٿ هيٺ رکي وئي، البت هن انهن کي ڪجهه وقت لاءِ قبضي ۾ آندل ضلعن تي قبضي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. ان هوندي به لارڊ ايلنبرو انهيءَ وقت، جڏهن جنگ هلي رهي هئي، ۽ جنهن مهل به هو فوجون مهيا ڪري سگهيو، هڪدم هن کي مضبوط ۽ طاقتور فوجي ڪمڪ ڏياري موڪلي؛ ۽ اهي فوجون، جيئن مون هن ڪتاب ۾ ڏيکاريو آهي، هڪ انتهائي مناسب موقعي تي اچي پهتيون. چنانچه، مياڻيءَ ۾ ايترا ٿورا ماڻهو وٺي اچڻ لاءِ اڪيلو جنرل ئي ذميوار آهي. اهو سچو الزام هن جي مٿان آهي، جيڪڏهن اهو الزام لائق هجي؛ پر اهو لائق ناهي.

روهڙيءَ کان ڪارروائي شروع ٿيڻ وقت، سر چارلس نيپئر کي هن يقين ڪرڻ لاءِ مضبوط ۽ زوردار سبب هئا ته ڪا جنگ نه لڳندي؛ ۽ هن جي مستحڪم ارادي کي اها جنگ روڪڻي هئي، بشرطيڪ اها سندس ملڪ جي مفادن کي قربان ڪرڻ کان سواءِ، روڪي سگهڻ جهڙي هئي. انهيءَ ڪري هن کي مرڪزي حڪومت کي هڪ اهڙي خرچ برداشت ڪرڻ کان بچائڻ جو فڪر لڳل هو، جنهن کي اها انهيءَ وقت آسانيءَ سان برداشت نه ٿي ڪري سگهي. انهيءَ خيال کان، هن بينگال واري پياده فوج کي سندس پريزيڊنسيءَ ڏانهن موڪلي ڏنو؛ ۽ جيڪڏهن هن انهن کي ڪجهه وقت لاءِ، قبضي ۾ آندل ضلعن ۾ استعمال ڪيو، ته اهو جزوي طور انسان دوستيءَ جي خيال کان، انهن ضلعن جي لٽجڻ کي روڪڻ لاءِ ڪيو، ۽ جزوي طور پنهنجي فوج جي پٺ کي بيعزتيءَ ۽ گروهي جنگ کان محفوظ رکڻ لاءِ ڪيو، جنهن جي اهي امير ڌمڪي ڏيئي رهيا هئا. انهن بهاول خان کي عهدنامي هيٺ ڪيل اتحاد سان سچو رکڻ لاءِ سندس چرپر تي اک رکڻ لاءِ هڪ فوجي چوڪسي رکندڙ دستي جو ڪم پڻ ڪيو، جيڪو وڏي اهميت وارو مقصد هو، ڇاڪاڻ ته هن کي هڪ اهڙي وقت ۾، جڏهن افغانستان واريءَ تباهيءَ جي نتيجي ۾ سڄو هندستان لوڏا کائي رهيو هو، احسانمندي ۽ وفاداريءَ جي جذبن جي احساس تي اعتبار ڪري مڪمل طور آزاد ڇڏي سگهڻ آسان ڪونه هو. بينگال واري ڊويزن کي اهڙيءَ طرح ورچي رکڻ ذريعي هن کان وڌيڪ مقصد حاصل ڪيا ويا؛ ساڳي وقت تي ان کي ڪيئي منزلون اڳتي موڪلي، ستلج واري بينگالي فوج سان آخرڪار وڃي ملڻ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ روانو ڪيو ويو هو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ هنڌ تي هندستاني اخبارن جي ايڊيٽرن جي ڦهلايل ڪوڙين ڳالهين جي نتيجي ۾ اميرن کان وڌيڪ سکن سان جنگ ڇڙڻ جو انديشو وڌيڪ ۽ خطرو سنگين هو.

ناڪامياب ٿئي ها. هن تعداد جي ڪميءَ ڪي همت، سخت ڪوشش ۽ اورچائي سان پورو ڪيو ۽ پنهنجي حقيقي طاقت بدران هن انهن خوبين جي اخلاقي طاقت تي وڌيڪ ڀروسو ڪيو. اهائي ڳالهه هن انهيءَ سڄي مهم جي دوران ڪئي، ڇاڪاڻ ته هميشه موقعا هن جي مخالفت ۾ هئا؛ پر مقصد اهڙو هو، جيڪو انهيءَ خطري کڻڻ جي لائق هو، ۽ هن پنهنجين عظيم اخلاقي خوبين ذريعي پنهنجو مقصد حاصل ڪيو.

هن پنهنجي مهم جو آغاز ٽن هزار ماڻهن سان ڪيو، جڏهن ته هن وٽ يقيناً ڇهه هزار ماڻهو ميداني لڙائي لاءِ هڪيا تڪيا موجود هئا. وڌيڪ وڏو لشڪر سنڌ ۾ داخل ٿي وڃي ها؛ پر پوءِ ان ڪي ورهائڻو پوي ها؛ اهو هڪ ئي سڄي ۾ پيشقدمي نه ڪري سگهي ها، اهڙو لشڪر فقط ڪجهه خاص رستن تان آهستي هلي سگهي ها؛ ۽ ان کي پنهنجي رسد جي سامان لاءِ دائمي طور سنڌو نديءَ سان رابطي ۾ رهڻو پوي ها. اهو لشڪر هڪ انتهائي ڳتيل ۽ نظم و ضبط کان ٻاهر هلندڙ هجوم هجي ها، ڇاڪاڻ ته هيءَ ڳالهه هميشه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته اهو هڪ هندستاني لشڪر هو، ۽ ان جي پوئلڳن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ ڏيهه هزار هجي ها. اهڙو لشڪر وقت جي حالتن لاءِ موزون نه هجي ها، ڇو ته هن مهم ۾ جرئتمندانه ۽ اوچتي حملي، تيز رفتاريءَ واري چرپر ۽ مواصلات ۽ رسد واري رستي کي وقتي طور ترڪ ڪرڻ جي ضرورت هئي. انهيءَ ڪري جنرل وزن ۽ زور جي ڪمي، هلڪائي ۽ سرگرميءَ ذريعي، پوري ڪرڻ ۽ تعداد کي مهارت ۽ نظم و ضبط سان هم وزن بنائڻ جي ڪوشش ڪئي.

سال جو هيءُ اهو وقت هو، جڏهن پاڻيءَ جي قلت هوندي آهي. سنڌ ۾ جيڪي ٽي هزار ماڻهو آندا ويا، سي پنهنجن پوئلڳن سان گڏ پنهنجون ضرورتون ئي مشڪل سان

لشڪر ڏانهن ڏياري موڪلڻ گهرندو هو. جواب اهو آهي ته هن، جيئن ته اها ڳالهه ممڪن ۽ قابل عمل ٿي سگهي، ائين نه ڪيو هو؛ پر هيءَ ڳالهه هميشه ياد رکڻ گهرجي ته لارڊ ايلنبرو چڱيءَ طرح منظم حڪومت هلائڻ لاءِ ڪونه آيو هو، جنهن جي قبضي ۾ وڏا وسيلا هئا؛ هو ته تباهيءَ، مونجهاري ۽ ساٿائيءَ جي وقت تي آيو هو، جڏهن حڪومت جذباتي طور ٽوڙي پئسي جي لحاظ کان، ڪنگال ٿي چڪي هئي. هو تخليق ڪرڻ ۽ بچائڻ لاءِ آيو هو، ۽ ان لاءِ وقت درڪار هو. ان کان سواءِ اميرن سان تڪرار اوچتو پيدا ٿيو ۽ غير متوقع طور وڏي وچي وڃڻ ٿيو. فيروزپور سکر کان چاليهه منزلون دور آهي، ۽ جيڪڏهن سر چارلس نيپئر ڪمڪ ۽ انن لاءِ ترسي پوي ها ته گرميءَ جي موسم مٿان اچي پهچي ها، ۽ پوءِ امير پنهنجي سمورن لشڪرن کي متحد ڪري انگريزي حڪومت جي منهن چيڙائين ۽ ان کي بيعزت ڪن ها. اها ڳالهه گهٽ ڪري انهن جو بروهي بلوچن، افغانن، سکن ۽ گواليار وارن مرهٽن سان اتحاد قائم ڪري وجهي ها، ۽ انهيءَ آخري قوم جي جنگ جو طريقو اهڙو هو، جو ان سان اڪيلي سر منهن ڏيڻ به ڪو آسان ڪم ڪونه هو.

اميرن سان صلح ۽ امن جي حالت ۾ وڌيڪ رهي سگهڻ ناممڪن هو. فوجي ڪارروائين ۾ وڌيڪ دير ڪرڻ ناممڪن ڳالهه هئي؛ بحران وڏي اهميت وارو هو؛ انهيءَ وقت ضرب ڏيڻ جي سخت ضرورت هئي، ۽ سا به همت، جرئت ۽ تيز رفتاريءَ سان ـ يقيناً، لشڪر جو ساز و سامان سنڌ تي حملي ڪرڻ جهڙو ڪونه هو، ۽ خطرو تمام وڏو هو. پر انگريز جنرل، فوجن جي قيادت ڪرڻ جي صلاحيت جو شعور رکندي، جن جي نظم و ضبط ۽ جرئت ۾ هن کي اعتماد هو، ۽ جيڪي موت ۾ جنرل ۾ اعتماد ڪري رهيون هيون، انهن سڀني ڳالهين کي هيئن چئي رد ڪري ڇڏيو: ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو دڪ

اهڙي ڳالهه ڪئي، انهيءَ وقت تائين، جيستائين سندس فوج ۾ سڪجهه ٽيڪ ٺاڪ هجي، منهن ڏيڻ کان ڊڄي ٿو، جنهن جي تقاضا عوامي پلائي فوراً ڪري رهي آهي، ته پوءِ ڪيس جنگ جي ڪم ڪرڻ بدران ڪوئي واپار ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جنگ جي نوعيت ئي اهڙي آهي، جيڪا هر شيءِ کي ڪامل بنائڻ کان روڪي ٿي.“

پوءِ جڏهن نتيجي هن جي انهيءَ جرئت کي صحيح ثابت ڪيو، تڏهن هن پنهنجي مهم جي باري ۾ هن طرح چيو، ”مون اميرن سان صلح سانت سان رهڻ لاءِ سڪجهه ڪيو؛ پر مون انهن جي هٿيار بند ٽولن کي ڇڙوڇڙ ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو، جيئن مون کي حڪم ڏنو ويو هو. مون پنهنجين انهن فوجن کي، جن کي ساڻ وٺي ويو هيس، اميرن کان زوريءَ ائين ڪرائڻ جو اهل سمجهيو؛ ۽ اهي واقعي اهڙا هئا.“

اهي فوجي ڪنهن به ماڻهوءَ جي همٿ هيٺ ائين نه هجن ها، جنهن وٽ هن کان گهٽ لياقت ۽ عزم هجي ها؛ ان هوندي به انگريز جنرل انهن خطرن کي بنا سوچ سمجهه جي، جن جي وچان هن پنهنجي لشڪر کي ڪاميابيءَ سان ڪڍي منزل مقصود تي پهچايو، ڪنهن غرور ۽ همٿ وچان ڪونه اپاريو هو. جڏهن هن خيرپور جي اميرن جي خلاف پيشقدمي شروع ڪئي؛ تڏهن ڪيس ائين نظر آيو ته اهي حيدرآباد جي اميرن کان علحده طاقت، ۽ حيدرآباد وارا ميرپور وارن کان جدا هئا. ٽيئي هڪ ٻئي سان تڪرار ڪري رهيا هئا ۽ وڙهيا به هئا. انهن سان هر هڪ سان جدا جدا ڳالهه جون ڳالهيون ڪيون ويون؛ ۽ جيتوڻيڪ انهن ۾ هڪ وڏي ۽ عام جنگ ڪرڻ لاءِ ٿيل خفيه معاهدي جي موجودگيءَ جو

علم هو، پر اميرن جي انهن ولرن جي مسلسل نااهلي ان نبريل حڪمت عمليءَ ۽ هڪ ٻئي سان ٽڪرندڙ مفادن هن باري ۾ سنگين شڪ شبها پيدا ڪيا ته اهي هڪ ٻئي سان گڏجي، گهٽ ۾ گهٽ هڪ وقائتي ۽ چڱي ميل ميلاپ سان، ساڳي طريقه ڪار تي عمل ڪري سگهندا. چنانچه، هن باري ۾ توقع رکڻ، ته اپر سنڌ جي اميرن جي اتحاد کان علي مراد جي ڇڄي جدا ٿيڻ کان پوءِ، جيسين لوئر سنڌ وارا امير انهن جي مدد لاءِ پهچن، تنهن کان اڳي ئي انهن تي دٻاءُ وجهي سگهبو، انهيءَ مقصد لاءِ فوج ڪافي هئي، ۽ ائين ئي ثابت ٿيو. آخرڪار جڏهن اهي پٺتي هٽي لوئر سنڌ طرف ويا، ۽ ان طرح سنڌ جي سڄي فوجي طاقت جو اشتراڪ عمل ۾ آيو؛ تڏهن صوبدار محمد خان ۽ حيدرآباد واري نوجوان حسين علي طرفان صلح ۽ امن جي زوردار دعوائن ۽ مسلسل احتجاجن جو اهڙي ته چڱي نموني ۾ ڍونگ رچايو ويو، جو ڪجهه وقت لاءِ ته خود علي مراد به هنن جي ارادن بابت دوکو کائي ويو. هن بلڪل نيڪ نيتيءَ ۽ چڱن ارادن سان جنرل کي خاطري ڏني، ڇاڪاڻ ته هن جا مفاد پڻ انهيءَ ڳالهه سان وابسته هئا؛ ته هنن تي اعتبار ڪيو وڃي. ان کان هڪدم پوءِ جڏهن صوبدار وٽان دغابازيءَ واري هيءَ تجويز موڪلي ويئي ته هو پنج هزار ماڻهو جنگ جي ميدان ۾ موڪليندو، ۽ انهن کي اهڙيون خفيه هدايتون ڏنل هونديون ته جنگ هلندي اهي پنهنجن ئي هموطنن جي مٿان حملو ڪن، ته پوءِ هيءَ ڳالهه سمجهڻ بلڪل معقول هئي ته اميرن جو سڄو لشڪر لڙائي جي ميدان ۾ نه ايندو، ۽ اپر سنڌ وانگر لوئر سنڌ ۾ پڻ نتيجو ساڳيو ئي حاصل ٿيندو.

جڏهن مضبوط بنياد تي قائم ڪيل اها اميد ناڪام ثابت ٿي، ۽ ڌرين جي فوجن جي تعداد ۾ حيرت انگيز حد

فتح لاءِ لازمي هوندو آهي، ۽ اها حيرت انگيز ۽ غير معمولي جرئت ۽ همت، جنهن جو انهيءَ موقعي تي مظاهرو ڪيو ويو هوندو آهي، خود انهيءَ ماڻهوءَ کي حماقت معلوم ٿيندي آهي، جنهن اهو ڪارنامو خود سرانجام ڏنو هوندو آهي.

اِها خود-تنقيدي هڪ نقطهءِ نگاه کان انصاف واري، ۽ جنگ جي اصول سان موافقت رکندڙ آهي، جيڪا حملي ڪرڻ کان اڳ ڏاڍي محتاط ڇڪاس ۽ جاچنا جي تقاضا ڪري ٿي. ٻئي طرف، دشمن جو تعداد ايڏو گهڻو ۽ سندس طرفان اختيار ڪيل بيهڪ جي جاءِ جي مضبوطي ايتري واضح هئي، جو ٿوري به دير مدار فوجن جي جذبي کي بري طرح متاثر ڪري ها. ان کان سواءِ، بهترين جاسوسن هن کي خاطري ڏني هئي ته بلوچ يقيناً جوابي حملو ڪرڻ جو ارادو رکن ٿا؛ ۽ اها ڳالهه شايد انهيءَ وقت ٿي پوي ها، جڏهن جنرل قليليءَ جي پرئين ڪپ تي هو، ڇاڪاڻ ته شروع کان ئي مخالف فوجون هڪٻئي کي ايتريقدر قريب هيون، جو هڪ جي طرفان توب جو گولو ڇوڙيو وڃي ها، ته ٻئي وٽ پهچي وڃي ها. چنانچه، اهڙي موقعي تي، وقتي جذبو بعد واري ڇڪاس جي نتيجن کان وڌيڪ مفيد ۽ ڪارآمد هو.

مياڻي ۽ حيدرآباد واريون جنگيون، خصوصاً اول الذڪر جنگ، حيرت انگيز ڪارناما هئا؛ پر هيءَ ڳالهه ڏنـي ويندي ته انهن جي متعلق هن ڪتاب ۾ ڪيئي ڳالهيون اهڙيون به شامل ڪيون ويون آهن، جيڪي خط و ڪتابت ۾ ذڪر ڪيل ڳالهين کان مختلف آهن، ۽ خاص طرح ٻنهي ڌرين جي فوجن جي تعداد متعلق ڳالهيون اختلاف واريون آهن. خطن ۾ غلط بياني ٿيل آهي، جيئن هاڻي ان جو سبب ظاهر ڪيو ويندو. جڏهن اهي لکيا ويا هئا، تڏهن هر طرف مونجهارو ۽ ٿڪاوٽ هئي. جنرل خواه سندس فوجي سخت مشقت، گرمي، مٽيءَ،

ڪوڙن افواهن ۽ هر طرح جي دشوارين هيٺ ڇٽجي رهيا هئا. ان کان سواءِ جنرل جي ساڄي هٿ جي هڪ نس ٽٽي پيئي هئي، جنهن ڪري هن جي سڄي جي تڪليف ۾ زبردست جسماني درد جو اضافو پڻ ٿي چڪو هو. اسسٽنٽ ائڊجوٽنٽ جنرل وائلي سخت زخمي هو، جنهنڪري هن کي پريشان ڪري نه ٿي سگهيو ويو، ۽ جنگ جي ميدان ۾ موجود ماڻهن ۽ هٿيارن وغيره جي تعداد بابت نقشو موجود ڪونه هو. انهيءَ ڪري سر چارلس نيپئر پنهنجي ميز مان فوج جو آخري نقشو ڪڍيو، جيڪو هڪ هفتي جو پراڻو هو، ۽ هن ترت تڪڙ ۾ انهيءَ ۾ ڄاڻايل تعداد کي جنگ ۾ شامل ماڻهن جي تعداد طور داخل ڪري ڇڏيو. انهيءَ کان وڌيڪ وڏي ٻي ڪا غلطي نه ٿي ٿي سگهي. آئونرام وارو دستو، گذريل ڏهن ڏينهن ۾ بيمار ٿيل ماڻهو ۽ سامان جا محافظ، سڀ جو سڀ سڄن وڙهندڙ سپاهين طور ڄاڻايا ويا. بعد ۾ جڏهن صحيح انگ اکر گڏ ڪيا ويا، تڏهن ڏٺو ويو ته ترار بازن، بندوقچين ۽ ڪلبورن جي گولہ اندازن، جن بلڪل مختصر طور جنگ ۾ حصو ورتو هو، سڀني جو مجموعي تعداد سترهن سو اسي کان مٿي ڪونه هو، ۽ انگريز آفيسرن جي تعداد سميت، لڙائي فقط ٻن هزارن کان به گهٽ ماڻهن سان ڪئي ويئي.

باقي جيسين دشمن جي تعداد جو تعلق آهي، سو بنا ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي ثابت ڪري سگهجي ٿو. ايلچين مان جيڪي پڪا پختا ماڻهو هئا، تن جو چوڻ آهي ته لڙائي کان اڳي بلوچن جو تعداد ذري گهٽ چاليهه هزار هو؛ جاسوسن مان گهڻن ڄڻن انهن جو تعداد گهٽائي پنجٽيهه هزار ٻڌايو، جڏهن ته انهن مان هڪ ٻيا ٻن ڄڻن اهو ٻاويهه هزار ٻڌايو. جنرل نهٺائي جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ اهو پويون انگ ئي اختيار ڪيو، ڇاڪاڻ ته ان جي برعڪس يقين ڪرڻ لاءِ هن وٽ ڪو ثبوت ڪونه هو. پر بعد ۾ هن انهن قبيلن جي سردارن

پره ڦٽيءَ مهل مٽليءَ وارن جي هڪ شهر اڳيان اچي نڪتو، جنهن کي ريگستان واري طرف اهڙيءَ طرح اوچتو حملي جي زد ۾ اچڻ جو ڪو خوف ئي ڪونه هو. مٽليءَ وارا نهايت مضبوط ارادي سان وڙهيا، پر ريگستان واري پيشقدميءَ هنن کي اهڙي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو، جو اتان جي سردار جون، جيڪو پنهنجين فوجن کي درياءَ رستي هيٺين طرف وٺي آيو هو، سموريون اڳواٽ تيار ڪيل رٿائون بي اثر بڻجي ويون".

توهان مٽلي ۽ آگزيڊراڪائي وارن جي جاءِ تي اپر ۽ لوئر سنڌ جي اميرن کي آڻيو ته توهان کي ڏيهي ماڻهن جي سموري رٿا ساڳي نظر ايندي، جڏهن ته امامڳڙهه ڏانهن پيشقدمي فقط هڪڙي هن فرق سان سڪندر واري مهم جو نقل آهي ته هو فقط پنجن ڏينهن تائين ريگستان ۾ موجود رهيو هو، ۽ انگريز جنرل ارڙهن ڏينهن آتي هو.

فوجي ڪارروائين کي هاڻي اتي خيرباد چئي، سياسي معاملن جي داستان کي اڳتي هلائڻ ضروري آهي؛ ڇاڪاڻ ته انهيءَ مهم جو جهڙي طرح آغاز ٿيو هو، تهڙيءَ طرح ان جو انجام به اميرن جي دغابازيءَ ۽ ڪوڙ بدوڙ جي چارن ۾ ٿيو، جنهن ۾ انهن کي بمبئي ۾ موجود غير مطمئن ۽ ناراض ٿيل سياسي گروه طرفان مدد ۽ همٿ ملندي رهي؛ لارڊ ايلنبرو طرفان هنن کي نئين فتح ٿيل علائقي ۾ سرڪاري طور متوقع لٽ مار ڪرڻ جي اجازت جو نه ملي ۽ اهي فائدن حاصل ڪرڻ کان جو ان طرح محروم ٿي ويا، تنهن انهن کي سخت ناراض ڪيو، ۽ سندن ناراضگيءَ جو ثبوت سندن دلي دشمنيءَ ۽ گندي زبان جي زور مان ملي ٿو، جيڪو گندي ذهن وارن اهڙن ماڻهن جو خاصو هوندو آهي، جيڪي متوقع فائدن حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي ويا هوندا آهن، جيڪڏهن لارڊ ايلنبرو سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ملائي ڇڏي ها ته سڀ ٺيڪ ٺاڪ هجي ها. مائٽن مٽن ۽ گهر ياتين جي لوازمات جو پورو انتظام ڪيو

ڪيون، جيڪي انگريزن جي ملڪه، گورنر جنرل ۽ بمبئي جي گورنر کي موڪليون هيون.(١) انهن کي اهڙين تبديلين ۽ اهڙن اضافن سان بار بار دهرايو ويو، جيڪي سنڌن يورپي سرپرستن لاءِ لڳائڻ مناسب ۽ موزون هئا، انگريزن جي حڪومت سان سنڌن گذريل تعلقات ۽ هلت چلت جي سچي سلسلي جو بيان ڪندي، سنڌن سموري سرگذشت جو خلاصو هن طرح ڪري سگهجي ٿو:

”امير جيئن ته هميشه انگريزي حڪومت جا پُرخلوص دوست هئا، انڪري انهن پنهنجي رضامنديءَ سان لارڊ آڪلئنڊ جي مطالبي ڪرڻ تي انهيءَ حڪومت جي رعايا ٿيڻ قبول ڪيو هو، ۽ اهڙيءَ طرح اهي وفادار ۽ سچا هئا. انهن مان ڪنهن هڪ جي خلاف به، شڪايت جو ڪو سبب ڪونه هو، پر ان جي باوجود هنن سان اهڙو تشدد ۽ ظلم روا رکيو ويو هو، جنهن جهڙو ٻيو مثال سچي تاريخ ۾ موجود ڪونهي. انهن آڪلئنڊ جا سمورا عهدناما قبول ڪيا هئا ۽ انهن تي صحيحون ڪيون هيون، ۽ انهن جي ٿير جيتريءَ ڳالهه جي به ڇيڪڙي نه ڪئي هئي. هنن لارڊ ايلنبرو جي عهدنامي تي جيتوڻيڪ بي انصافيءَ کي بري طرح سان محسوس ڪيو هو، پر ان هوندي به ان تي صحيح ۽ مهر ثبت ڪئي هئي، ان هوندي به، سنڌن نيازمنديءَ جي انهيءَ ڪم کي بلڪل نظرانداز ڪري، مٿن حملو ڪيو ويو، شڪست ڏني ويئي ۽ سنڌن علائقن کان محروم ڪيو ويو.(٢) سر چارلس نيپئر جي سنڌ ۾ آمد، انهن ويچارن بيگناه شهزادن جي خلاف هر قسم جي بي انصافيءَ ۽ زيادتيءَ جي علامت هئي، ڇاڪاڻ ته اهي ڪنهن به خرابيءَ جي خوف يا شڪ شبهي جي، انگريزي حڪومت جي فرض ڪيل حفاظت ۾ پنهنجي سلامتي ۽ تحفظ سمجهي، خاموشيءَ سان وقت گذاري رهيا هئا. ٻهريائين ته هنن کي اهو ڏسي

(١) ڏسو سنڌ جي متعلق پارليامينٽري پيپرن واري سپليمينٽ
(٢) ايضاً

”ريزيڊنسيءَ تي حملو ۽ مياڻيءَ واري لڙائي، بلوچن جي فطري ڪاوڙ ۽ فراخدلانه غصي جو نتيجو هئي. ريزيڊنسيءَ تي حملو بنا ڪنهن* حڪم احڪام ملڻ جي، سردارن جي موجودگيءَ کان سواءِ ڪيو ويو هو، ۽ اميرن طرفان ان جي همت افزائي ته نه ڪئي ويئي، اٽلو انهن طرفان انهيءَ حادثي کي روڪڻ لاءِ پوري قوت سان ڪوشش ڪئي ويئي هئي. مياڻيءَ جي جنگ ۾ اميرن کي سندن بلوچ جانبازن طرفان حاضر رهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو، پر سندن مقصد لڙائي ڪرڻ ڪونه هو. اهي ته پين کي لڙائي ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ ڇانوڻيءَ ۾ موجود هئا، ۽ هنن سمجهيو ته هو پوءِ به انهيءَ انسان دوستيءَ ۽ رحمدليءَ واري رٿا ۾ ڪامياب ٿين ها، جيڪڏهن انگريز جنرل ميدان ۾ ظاهر ٿيندي ئي هڪدم حملو ڪري ڪن کي ماري ۽ ٻين کي ڀڄي وڃڻ تي مجبور نه ڪري ها، پر هو فتح جي دعوىٰ نه ٿي ڪري سگهيو، ڇاڪاڻ ته هن دشمن کي نه، پر ملڪه وڪٽوريا جي رعيت کي ماريو هو، ڇاڪاڻ ته امير گهڻي وقت کان وٺي پاڻ کي انهيءَ جا ماڻهو سمجهندا آيا هئا.

”جنگ کان پوءِ امير، سر چارلس نيپئر جي ڇانوڻيءَ ۾ قيدين طور نه، بلڪ دوستن جي حيثيت سان داخل ٿيا. انهن هن کي واقعي پنهنجيون ترارون پيش ڪيون، پر هن اهي نصير کي خصوصاً، هن طرح مخاطب ڪري واپس ڪيون ته ”مان توهان جي تعريف ڪريان ٿو. پنجويهن ڏينهن اندر توهان جو معاملو نبيريو ويندو ۽ توهان کي پوري شان و شوڪت ۽ حقوق سان حيدرآباد ۾ بحال ڪيو ويندو.“ سندن حيرت جي انتها نه رهي، جڏهن انگريز جنرل حيدرآباد ۾ هڪ فاتح طور ۽ گويا حملي جي نتيجي ۾ داخل ٿيو ۽ گهرن کي لٽيندو، زنانن ۾ زوريءَ داخل ٿيندو ۽ عورتن کي زبردستيءَ ڊيڄاريندو

* ڏسو ضميمو، نمبر ٤.

فسادي بلوچن جي خواهش جي سختيءَ سان مخالفت ڪئي هئي، جيڪي مياڻيءَ کان موٽي آيا هئا ۽ جن حيدرآباد جي شهر ۽ قلعي جي مدافعت ڪرڻ ٿي چاهي. پر ان هوندي به سندس سڀئي خوبيون کيس قيدي بنجڻ ۽ لُٽجڻ کان نه بچائي سگهيون، سندس گهر جي عورتن جي بيعزتي ڪئي ويئي ۽ نوڪرن چاڪرن کي مارڪُٽ ڪئي ويئي. جڏهن کان وٺي انگريز هندستان جا مالڪ بڻيا، تڏهن کان حڪومت جي ڪنهن به سچڻ ۽ دوست سان اهڙي زيادتي ۽ ايڏو ظلم نه ڪيو ويو، جيڏو ظلم هن سان روا رکيو ويو.

۽ پوءِ هن، مسلمان ٿي ڪري، حضرت عيسيٰ جي نالي ۾ انصاف پلئه پوڻ لاءِ اپيل ڪئي! اهڙيءَ طرح هن پنهنجي انهيءَ بيشرميءَ واري عريضيءَ جي اصل لکندڙن جي ڇاپ ڪرائي ڇڏي. انهيءَ صوبدار، جنهن اهو بهانو ڪيو ته کيس انهن بلوچن تي ڪو ضابطو ڪونهي، جن ريزيڊنسيءَ تي حملو ڪيو هو، جنهن هن ڪري مهربانيءَ جي تقاضا ڪئي ڇو ته هو مياڻيءَ ۾ موجود ڪونه هو، تنهن پنهنجن ٻين امير ڀائرن جي انهن اعلانن کي ته اهي مياڻيءَ واري لڙائي جي ڏوهه کان بي گناهه هئا، پاسي اڇلائي ڇڏيو، ۽ ان جي باوجود هي اهڙي ماڻهو هو، جنهن مياڻيءَ واري لڙائي کان ڪجهه ئي اڳ ڀيرو هيءَ آڇ ڪئي هئي ته هو پنهنجا پنج هزار هٿياربند ماڻهو بلوچن جي قطارن ۾ هنن هدايتن سان گڏي بيهاريندو ته اهي لڙائي ڇڙڻ کان پوءِ پنهنجن ئي هموطنن تي ڪاهي پون. هن کي انهن جي مٿان اهڙي دغا ڪرڻ جو ضابطو ضرور هو، پر انگريزن تي حملي کي روڪڻ جو ڪو اختيار حاصل نه هو! پر هن باري ۾ ڪافي ثبوت هٿ ڪيو ويو ته هن ريزيڊنسيءَ تي ڪيل حملي لاءِ جوش ڏياريو هو ۽ مياڻيءَ واري جنگ ۾ ماڻهو موڪليا هئا، جن مان سوين اتي مارجي ويا ۽ هو پاڻ هڪ بزدل ۽ دغاباز انسان وانگر،

روڪيو هو. سڀ ڪان آخر ۾ هن چيو ته ڪئپٽن اِنِس جي خون ۾ هن جو هٿ ڪونہ هو.

اهڙيون هيون عرضيون، جيڪي انهن مصيبت زده ۽ بيعزت ٿيل شهزادن لاءِ بمبئي ۾ رهندڙ سنڌن بيشرم ۽ بدنام حمايتين هڙادو نموني سان ٺاهي تيار ڪيون هيون، هنن ڏاڍو زور ڏيئي استدعا ڪئي ته ڪين سنڌن گاديءَ واري شهر ڪان ٻاهر نہ موڪليو وڃي، ڇو ته هنن کي يقين هو ته دور رهندي، مفاد پرستيءَ واري بدناموسي ڪرڻ جي راند چڱيءَ طرح ڪيڏجي نہ سگهندي. انهن مان ٽن چٺن يعني صوبدار، نصير ۽ محمد جون درخواستون بمبئي سرڪار طرفان سر چارلس نيپئر ڏانهن موڪليون ويون. اهي هن کي انهيءَ موقعي تي پهتيون، جڏهن هو شير جي خلاف آخري ڪارروائين ڪرڻ ۾ مصروف هو ۽ هن کي انهن درخواستن ملڻ کان ٻہ ڏينهن پوءِ سج لڳو هو. هن انهن جا جواب لارڊ ايلنبرو ڏانهن هيٺئين طرح لکي موڪليا:

”آءٌ توهان صاحبن ڏانهن اسان جي خلاف ڪيل ٽي شڪايتون ۽ ملزمن جا جواب موڪلي رهيو آهيان، آءٌ (اوهان صاحبن کان سواءِ)، اهڙن (١) الزامن لاءِ ٻئي ڪنهن کي بہ جواب ڏيڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل نٿو سمجهان، جن لاءِ مون کي معلوم آهي تہ اهي (الزام) بمبئي ۾ موجود هڪ مخالف جماعت طرفان گهڙيا ويا آهن. انهن کان سواءِ ٻيون بہ ڪيئي شڪايتون آهن، جن مان هر هڪ فول اسڪيپ ڪاغذن جي گهٽ ۾ گهٽ ٽي پنن تي مشتمل آهي، پر اهي سڀ ڪوڙين ڳالهين ۽ بيهوده بهتانن سان ڀريل آهن، مون انهن جا جواب نہ ڏنا آهن، پر هن کان پوءِ جڏهن مون کي ٿوري فرصت ملندي،

---

(١) ڏسو جوابن وارو ضميمو

تہ مان اهي ضروري رمارڪن سان موڪلي ڏيندس، اوهان جڏهن منهنجو بچاءُ ڏسندا، تڏهن آءٌ انهن کي ساڙي ڇڏيندس، يا جيڪڏهن اوهان صاحب چاهيندا تہ آءٌ اهو نئين سر لکندس، چاڪاڻ تہ اصل حقيقتون هن طرح آهن؛ جيئن آءٌ بيان ڪريان ٿو. مون کي يقين آهي تہ اوهان صاحب هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان ضرور ٿوري رعايت ڪندا، جيڪو انهن ماڻهن جي باڪل بيشرميءَ ورن ۽ بار بار بيان ڪيل ڪوڙين ڳالهين کان بيزار ٿي پيو آهي. باقي جيسين انهن جي الزامن کي نا ثابت ڪرڻ لاءِ هر تفصيل ۾ وڃڻ جو سوال آهي؛ سو تہ تڏهن ڪري سگهندس، جڏهن آءٌ پنهنجي فوجي ڪمانڊ کي صفا ڇڏي ويهي رهان ۽ پوءِ بہ انهيءَ ڪم لاءِ مون کي سڄي ساري مڪمل اداري رکڻ جي ضرورت پوندي، ڇو تہ انهن جي هر تهمت ۽ الزام جي نا ثابت ٿيڻ کان هڪدم پوءِ، هنن جي غلط بيانن جو هڪ پيو ۽ نئون سلسلو شروع ٿي ويندو.(١)

پر جيتوڻيڪ هو ٿڪل ٽٽل، فڪرمند ۽ بيمار هو، ان جي باوجود ۽ پڻ حڪومتن جي ڇئن مهينن جي گڏيل خط و ڪتابت جي باوجود، جنهن جو بار هن تي هڪدم اچي پيو، هن اميرن جي غلط الزامن ۽ بهتانن کي نا ثابت ڪرڻ لاءِ مڪمل ۽ ناقابلِ انڪار جواب ضرور ڏياري موڪليا. اهي بهتان، جيئن هن اڳي ئي چيو هو، وري وري دهرايا ويا ۽ بمبئي سرڪار طرفان هن کي محض چيڙائڻ لاءِ ڏانهنس موڪليا ويندا رهيا. پر هن انهيءَ سلسلي ۾ وڌيڪ خط وصول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ انهيءَ خواهش جو اظهار ڪيو تہ آئينده اهي لارڊ ايلنبرو کي موڪليا وڃن.

انهن درخواستن جو مقصد جيئن تہ حق ۽ انصاف تي مبني ڪونہ هو، نہ ئي اهو عوامي ڀلائي ۾ هو، نہ وري انهن

---

(١) ضميمو نمبر ٤

۾ ڪا شرافت ۽ عزت پري ڳالهه هئي، ۽ جيتوڻيڪ انهن جي غلط بيانيءَ ۽ ڪوڙ تان پردو هٽايو ويو، ان جي باوجود انهن جي لکندڙن اهي درخواستون ڊئريڪٽرن ۽ خود ملڪه معظمه کي متاثر ڪرڻ لاءِ انگلنڊ موڪلي ڏنيون، پر هن وقت تائين اثر فقط اهو ٿيو آهي، جو انهن جي ذات ۽ بدمعاشيءَ تان پردو هٽي ويو آهي ۽ سڄو راز کلي پيو آهي.

اهو ڏيکاريو ويو آهي ته ميجر آئوٽرام جي شڪارگاهن کي ساڙڻ واري مهم هن کي مياڻيءَ کان دور رکيو ۽ هو حيدرآباد جي لڙائي کان اڳي فوج ڇڏي هليو ويو هو، ۽ سرچارلس نيپئر تي هن جي هڪ سٺي سفارتڪار ۽ آفيسر جي حيثيت ۾ سٺو اثر نه ڇڏيو ويو هو، پر ان جي باوجود هو جنرل جي دوست هئڻ جو ناٽو پاڻ سان کڻي ويو هو، ۽ ساڳي وقت جنرل کي هن جي همت ۽ جوش و خروش جو قدر هو؛ جنهن جو هن سرد لفظن ۾ اظهار نه ڪيو هو، هو ڪجهه وقت تائين بمبئي ۾ قيام ڪرڻ بعد انگلنڊ هليو ويو، ۽ ان کان اڳي هن ڪليل لفظن ۾ انهيءَ ماڻهوءَ جي احسان جو اظهار ڪيو هو، جنهن گورنر جنرل جي ناراضگي کٽي، ڪيس سنڌ ۾ سرڪاري عهدي تي وري بحال ڪرايو هو. هن اتي پهچڻ بعد وزيرن سان ملاقات ڪري ۽ انڊيا هائوس ۾ وڃي سرچارلس نيپئر جي ڪارڪردگي کي انتهائي خراب نموني ۾ پيش ڪيو ۽ هيءَ دعويٰ ڪئي ته امير آخري وقت تائين تابعداري ڪرڻ لاءِ آماده هئا ۽ انهن سان جنگ ڇيڙڻ جي ڪا ضرورت ڪانه هئي. ۽ جيڪڏهن جنرل طرفان هن کي روڪيو نه وڃي ها، ته هو جيڪر سڀني دشوارين جو پرامن نموني ۾ نبيرو ڪرائي سگهي ها؛ ان کان علاوه هن سرچارلس نيپئر تي اهو به الزام رکيو ته هن اميرن سان آئوٽرام طرفان ڪيل ڳالهين مان ڪجهه حقيقتون پوشيده رکي

دوستن ۽ مداحن، جن جو هندستان جي سابق حڪومتن سان واسطو رهيو هو، زور ڏيئي دعويٰ ڪرڻ شروع ڪئي ته هن کي هڪ بهتر ۽ وڌيڪ هوشيار آفيسر هئڻ جي حيثيت سان، سنڌ ۾ جنرل جي جاءِ تي موڪلڻ گهرجي. ڪن وقتن تي ته بلڪل واضح الفاظ ۾ اهڙا اشارا به ڏنا ويا ته آخري فيصلو ائين ئي ٿيندو.

اهي سڀ ڳالهيون محض اجايا ٺيٺ هئا. ميجر آئوٽرام هندستان موٽي آيو ۽ هڪ گمنام علائقي ۾ هڪ خسيس عهدو قبول ڪيو، جنهن تي هو ويهه سال اڳي رهيو هو. سر چارلس نيپئر اڄ تائين سنڌ تي انهيءَ ساڳي هوشياريءَ ۽ مهارت سان حڪومت ڪئي آهي، جنهن جو مظاهرو هن انهيءَ ملڪ کي فتح ڪرڻ ۾ ڪيو هو. هڪ جنرل جي حيثيت ۾ سندس شهرت دور دراز علائقن تائين پکڙيل آهي. ساڳيءَ طرح سندس شهرت هڪ منتظم ۽ مشرقي حڪمران طور پڻ وڏي علائقي تائين ڦهليل آهي. سڄي وسطي ايشيا ۾ هن جو نالو مشهور آهي، ۽ سندس جنگ ڪان هرڪو ڊڄي ٿو. ڏورانهن علائقن جا وحشي شهزادا هن جي دوستي ۽ اتحاد لاءِ تمنا ڪندڙ آهن، ڇاڪاڻ ته اهي خودمختياريءَ جي طاقت کي لڙائي ۾ رونما ٿيندڙ عظيم ڪارنامن کان عليحده ڪري نٿا سگهن. انهيءَ سلسلي ۾ هلندڙ سال دوران ٻن سفارتي وفدن جي اچڻ سان عجيب نموني جي شهادت ملي آهي. پهريون وفد هرات واري يار محمد طرفان آيو، جنهن پنهنجي پائنتي کي سوڪڙين پاڪڙين ۽ بمبئي سرڪار ڏانهن سفارتي سندن سان موڪليو. پر انهيءَ شهزادي، سر چارلس نيپئر کي وڌيڪ وڏي طاقت سمجهندي، سوڪڙيون پاڪڙيون سندس خدمت ۾ پيش ڪيون. هن جو مقصد انگريزي حڪومت جي نيڪ نيتي حاصل ڪرڻ هو. جنرل ڪيس بمبئي ڏانهن سندس سفر جاري رکڻ جو مشورو ڏنو. هن ائين ئي ڪيو، پر هن سان ڏاڍو بيهودو سلوڪ

ڪيو ويو. هن اچا هيڊ ڪوارٽر مس ڇڏيو هو ته هڪ ٻيو شهزادو جنهن کي خيوا يا اورنگجي جي خان، جنهن جا علاقا ارل سمنڊ تائين ڦهليل آهن، سو ڪڙين پا ڪڙين سان اتي اچي سهڙيو، جنهن کي براهِ راست سنڌ جي فاتح ڏانهن موڪليو ويو هو. هو ڏاڍين دشوارين ۽ خطرن جو مقابلو ڪري اتي پهتو هو، ۽ هن پنهنجون سفارتي سندون پيش ڪرڻ ڪان پوءِ هيٺيون پيغام پهچايو:

”خيوا جو خان روسين ڪان نفرت ڪري ٿو، ۽ ساڳيءَ طرح هن کي بخارا جي حڪمران ۽ هرات واري ماڻهوءَ ڪان نفرت آهي، اوهان انگريز، جن لاءِ مشهور آهي ته توهان ڪتي جي موت جو پڻ بدلو وٺندا آهيو؛ ڪابل ۾ توهان جي لشڪر جي ڪوس کي خاموشيءَ سان ڇو سهي رهيا آهيو؟ جيڪڏهن توهان افغانن تي حملو ڪندا ته خيوا جو خان توهان جي مدد ڪندو. جيڪڏهن توهان مشرق واري طرف ڪان هرات واري ماڻهوءَ ۽ بخارا جي امير تي ڪاهه ڪندا ته خان انهن تي مغرب ڪان حملو ڪندو ۽ پوءِ فتح يقيني ٿيندي.“ اها آهي سر چارلس نيپئر جي وسطي ايشيا ۾ شهرت! هو ٻارهن هزار سپاهين جي لشڪر سان بخارا جي قاتل کي ڪنولائي ۽ اسٽوڊارٽ جي قبرن مٿان ڦاهي تي چاڙهي سگهي ٿو. هٿيارن ۽ حڪمت عمليءَ سان هن جيڪا شهرت حاصل ڪئي آهي، تنهن جي چمڪ کي بد باطن ڪلاخورن جي گندي ساهه سان جهڪو ڪري نٿو سگهجي. صبح جو سج، جيڪو جبل جي چوٽيءَ کي روشن ڪري ٿو، سو ان جي دامن ۾ واقع گندي پاٽيءَ مان نقصانڪار بخارات کي اڀاري ٿو، جن کي منجهند جو طاقتور سج منتشر ڪري ڇڏي ٿو.

ميجر آئوٽرام وارا نوٽ خفيه ڪاميٽيءَ طرفان گورنر جنرل کي موڪليا ويا. لارڊ ايلنبرو انهن کي اڳي ڪڏهن

ڪئي، جنهن جي خلوص ۽ وقار ۾ شڪ ڪرڻ لاءِ ڪين ڏوروئي اڳي آماده ڪيو ويو هو. هن جي فوجي صلاحيت بابت ڊيوڪ آف ويلنگٽن جي مدح سرائي، جيڪا ڪافي زوردار نموني، پر حالات جي مطابق پوري امتياز سان ڪئي ويئي، ثابت ڪيو ته هن جنرل جي ڪاررواين جو پوري غور و خوض سان جائزو ورتو هو، جنهنڪري انهن کي تاريخ ۽ شهرت جو درجو حاصل آهي.

انهن رهنما اشارن سان جنرل جي صفائي وارن خطن کي پوري طرح سمجهي سگهبو، ۽ ميجر آئوٽرام جي هندستاني سفارتڪار، فوجي صلاحڪار ۽ هڪ دوست جي حيثيت ۾ خوبين ۽ خصلتن جو پڻ صحيح نموني ۾ اندازو ڪري سگهبو.

انگلنڊ جي ملڪه ۽ پارليامينٽ جي ٻنهي ايوانن لارڊ ايلنبرو جي پاليسي ۽ سر چارلس نيپئر جي ڪارنامن کي انگلنڊ جي شان و شوڪت ۾ عزت ڀرين اضافن طور تسليم ڪيو آهي؛ ان جي باوجود لڪل ۽ گمنام گلاخورن ۽ غيبت ڪندڙن جون ڪوششون اڃا هلي رهيون آهن، جيڪي انهيءَ ٽولي کي اپيلن ڪرڻ سان انهن بهادر ۽ لائق انسانن جي شهرت کي گهٽائڻ لاءِ ڪمر بسته آهن. ۽ اهي پنهنجي ڪمزور آواز سان لڳاتار حملو ڪندا رهن ٿا، سنڌن حق بجانب ڪاررواين کي ڄاڻي ٻجهي غلط رنگ ۾ پيش ڪن ٿا ۽ اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته سنڌن ڪاررواين جو بنياد انصاف تي نه؛ بلڪ وقت جي مصلحت تي رکيل آهي، حالانڪ اهو انصاف ۽ حق جي پوري پيروي ڪرڻ سان گڏ مصلحت ۽ حڪمت تي رکيل آهي.

افغانستان تي حملو، مصلحت ۽ انصاف، ٻنهي جي خلاف هو. پر جڏهن ته اها جنگ هڪ ڀيرو شروع ٿي ويئي، تڏهن سنڌ جي اميرن تي دٻاءُ وجهڻ غير منصفانه هئڻ جي باوجود مصلحت آميز ٿي پيو ۽ اهڙيءَ طرح آڪلئنڊ واري حڪومت طرفان اهو، منافقت جي گناهه سان گڏو گڏ اختيار ڪيو ويو.

اها ڳالهه انصاف واري ۽ مصلحت آميز هئي ته لارڊ ايلنبرو اينگلو انڊين سلطنت کي انهيءَ خطري کان بچائي، جنهن ۾ ان کي سندن پيشرو جي حماقت ۽ بي انصافيءَ وجهي ڇڏيو هو.

اها ڳالهه به انصاف ۽ مصلحت وٽان هئي ته لارڊ ايلنبرو انهيءَ اعليٰ ترين مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ موجوده سڀني معاهدن تي حرف بحرف عملدرآمد ڪرائڻ تي اصرار ڪري، ۽ انهن کي سزا ڏئي، جيڪي انهن جي اهڙي بحران جي موقعي تي ڀڃڪڙي ڪن.

سنڌ جا امير آڪلئنڊ جي معاهدن ذريعي ٻڌل هئا. اهي معاهدا انهن حڪمرانن جي مٿان بي‌انصافيءَ سان مڙهيا ويا هئا، پر انهن مٿن بنا ڪنهن احتجاج جي، صحيحون ڪيون هيون، ۽ ٽن سالن تائين انگريز سرڪار سان انهن کي پنهنجن تعلقات لاءِ رهنما ۽ گارنٽي بڻائي رکيو هو. هنن انهن جي شرطن مان فائدو ورتو هو، اهو تسليم ڪيو هو ته انهن سان ٻڌل آهن. ۽ معزول ٿيڻ کان پوءِ انهن تي پوري سختيءَ سان عمل ڪرڻ جي ڳالهه کي پنهنجي چڱائي طور پيش ڪري رهيا هئا، اها دعويٰ ٻنهي طرفن کان ڪوڙي هئي، پر اها هن ڳالهه جي تصديق ڪري رهي هئي ته اتحاد جو بنياد انهن معاهدن تي ئي هو.

اميرن طرفان آڪلئنڊ وارن عهدنامن جي بار بار ۽ بري طرح خلاف ورزي ڪئي ويئي هئي، ۽ هنن سنڌ مان انگريزن جي فوج کي هڪالي ڪڍڻ ۽ هندستان ۾ انگريزن جي قوت کي گهٽائڻ لاءِ ني ائين ڪيو هو.

اها ڳالهه حق ۽ انصاف وٽان هئي ته لارڊ ايلنبرو اهڙين ڀڃڪڙين جي سزا ڏي، ۽ آئينده لاءِ پڪ ڪرڻ واسطي نوان شرط وجهي، ڇو ته اڳيان شرط ۽ معاهدا ناڪام ثابت ٿيا هئا، اميرن نوان شرط قبول ڪيا، پر عين انهيءَ موقعي تي جڏهن اهي انهن تي دستخط ڪري مهرن لڳائڻ سان سندن توثيق ڪري رهيا هئا، هنن انگريزي فوجن تي ڪنهن نراسائي وچان نه، بلڪ انهن کي تباهه ڪرڻ جي پوري خاطريءَ سان حملو ڪيو. هنن کي انهيءَ لڙائي ۾ شڪست نصيب ٿي؛ ۽ پوءِ اها ڳالهه مصلحت آميز؛ حق انصاف واري ۽ ماڻهن لاءِ رحمت واري ٻڌجي پيئي ته انهن جي خوفناڪ حڪومت جو خاتمو ڪيو وڃي.

اها ڳالهه هن ڪري انصاف وٽان هئي، ڇو ته هنن ڏيکاريو هو ته جنگ خواه امن جي حالت ۾ انهن تي اعتماد ڪري نٿو سگهجي. اها ڳالهه هن ڪري مصلحت آميز هئي، ڇو ته اها انگلنڊ جي مفاد ۾ هئي، اها رحمت واري هئي، ڇاڪاڻ ته انصاف روءِ سنڌي عوام ۽ خود بلوچن جي ڀلائي، انهيءَ ۾ هئي. جيئن ته اها ڳالهه رحمت واري هئي، انڪري حڪمت واري هئي؛ ۽ ان سان سنڌ ۾ تهذيب ۽ تجارت جو واڌارو ٿيو.

ان مان نقصان ڪنهن کي ٿيو آهي؟ فقط اميرن کي! انهن ئي ماڻهن کي، جن ڏوهه ڪيو هو. اهڙن وحشي، دغاباز ظالمن کي هٽائڻ، جنهن لاءِ هڪ مضبوط بنياد تي بيشڪ حق موجود هو، هڪ اهڙو رحمت جو ڪارنامو هو، جيڪو انگلنڊ جي عظمت جي شايانِ شان ۽ لائق هو. چنانچه، سنڌ جي فتح ۾ ڪا بي انصافي ڪانهي. انهيءَ ڪارنامي جو شان ۾ مان، هڪ اهڙو خالص شعلو آهي، جيڪو انصاف ۽ عدل جي قربان گاهه تي روشن ڪيو ويو آهي.

# ضمائم

# ضميمو نمبر-١

## باب-٦ جي پهرين ڀاڱي سان واسطو رکندڙ، جنهن ۾ امير رستم طرفان پنهنجي پڳ ٽان علي مراد جي حق ۾ دستبرداريءَ واري معاملي ۾ سر چارلس نيپئر جي هلت جو بيان ڏنل آهي.

### ڀاڱو پهريون

### سر چارلس نيپئر جو علي مراد ڏانهن خط، ڊسمبر ١٨٤٢ع

"مير رستم خان پنهنجي رضا خوشيءَ سان اوهان صاحبن جي ڪوٽ ڏيجيءَ ڏانهن ويو، آتي پهچڻ تي هن علي الاعلان سڀني ماڻهن جي موجودگيءَ ۾، ۽ رسمي طور پنهنجي پڳ توهان جي مٿي تي رکي. ان ڪان پوءِ هن پوري سنجيدگيءَ سان قرآن پاڪ ۾ لکيو ته هن ٽالپرن جي پڳ توهان کي سونپي آهي."

"جڏهن مون اهي ڳالهيون ٻڌيون، تڏهن مون امير سان ملاقات ڪرڻ جي هن لاءِ اجازت گهري ته جيئن هزهائينس سان نئين عهدنامي متعلق ڳالهايان ۽ سندس واتان اها ڳالهه ٻڌان ته هن حڪومت جو ڪاروبار توهان جي رهنمائيءَ هيٺ ڇڏي ڏنو آهي. انهيءَ تي هزهائينس طرفان ڪهڙو رستو اختيار ڪيو ويو؟ هو توهان جي ڇت هيٺان ورتل پناهه کي ترڪ ڪري ٿو؛ هو مون وٽان فرار ٿئي ٿو، ۽ انهن اميرن جي قيادت ڪري ٿو، جيڪي انگريزن جي خلاف سازش

اهي پڳ سان گڏ اوهان کي ملڻ گهرجن، پر پين اميرن جا حق ۽ علائقا پڻ عهدنامي جي مسودي ۾ شامل شرطن مطابق برقرار رهڻ گهرجن؛ ۽ مون شروع کان ئي اوهان صاحبن کي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته انهن جي زمينن جو ڪوبه حصو اوهان ڏانهن منتقل ڪري نه سگهبو. جيڪڏهن اهي ڪمپنيءَ جي لشڪر جو جنگ ۾ مقابلو ڪندا، يا جيڪڏهن انهن جي طرفان منهنجي قيادت هيٺ رهندڙ فوج تي گولي هلائي ويندي، ته ان صورت ۾ مون کي اهڙا حڪم مليل آهن ته مان انهن جون زمينون ڪمپنيءَ جي نالي ۾ پنهنجي قبضي ۾ آڻيان، ۽ اهي زمينون اوهان جي حوالي نه ڪيون وينديون. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي خيال موجب، گورنر جنرل جو ارادو اهو ئي آهي. چنانچه، مان اميد ڪريان ٿو ته اوهان صاحب پنهنجن عزيزن کي اهو سمجهائيندا ته جيڪڏهن انهن منجهان ڪوبه منهنجي ماتحتيءَ ۾ رهندڙ فوجن تي ڪوبه حملو ڪندو ته ان صورت ۾ ٽالپر خاندان کي اقتدار ۽ علائقي جي صورت ۾ ڪيترو نه وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پوندو.[٥]

## ڀاڱو ڏيون

## سر چارلس نيپئر طرفان گورنر جنرل اِن ڪائونسل جي نالي، ١٦ - آگسٽ ١٨٤٣ع

منهنجي خطن ۽ اعلانن جي حوالي سان اهو ڏٺو ويندو ته مون سينيئر اميرن کي سندن حقن جي حفاظت جي ضمانت ڏني. جيڪڏهن رستم پنهنجون (رستم جون) سموريون زمينون قانوني طور پنهنجي ڀاءُ علي مراد جي حوالي ڪري ها، ته ان صورت ۾ مان پاڻ کي سندس انهيءَ تحفي جي عهدنامي جي تفصيلن جي بحث مباحثي ۾ حمايت ڪرڻ لاءِ

ٻڌل رکان ها. جيڪڏهن مير رستم ائين نہ ڪري ها تہ پوءِ ان صورت ۾ هزهائينس انهيءَ مباحثي ۾ علي مراد جي دعوائن کي رد ڪري ها، ۽ پوءِ آءٌ هزهائينس مير رستم جي حمايت ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل سمجهان ها. مون هڪ کان وڌيڪ دفعا هزهائينس علي مراد ۽ رستم کي بار بار سمجهايو تہ سندن جي حقن ۽ جائداد جي حمايت ڪئي ويندي. انهيءَ باري ۾ منهنجا خط ۽ منهنجا پڌرناما يوئر لارڊ شپ ان ڪائونسل جي روبرو آهن؛ پر سون خانگي ۽ نجي ڪارروائين جي تفصيلن سان ڪوبہ واسطو نہ رکيو، جنهن جو وقت اڃا تائين نہ آيو هو.

مون ميجر آئوٽرام ڏانهن موڪليل هڪ خط ۾، امير رستم طرفان ڪيل منهنجي بيعزتيءَ کان پوءِ بہ هيءَ تجويز ڏني تہ جڏهن بہ هو منهنجي ڇانوڻيءَ ۾ اچڻ لاءِ آماده ٿيندو، تہ مان هن جي آجيان پوري احترام، عزت ۽ توجہ سان ڪندس. شروع کان وٺي آخر تائين مون مير رستم سان ملاقات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ مون هر طرح سان جدوجهد ڪئي. هڪ ڀيري مون ميجر آئوٽرام کي امير جي ڇانوڻيءَ ۾ موڪليو؛ اها ڇانوڻي منهنجي ڪئمپ جي قريب هئي. هن آئوٽرام کي هن يقين ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو تہ هو ٽڪل هو، ۽ ان مهل نہ ايندو. اها سچي چالاڪي هئي، جيئن مون کي انهيءَ مهل ئي معلوم هو، مان هميشه امير جي هلت تي منجهي پوندو هوس، پر ميجر جي خيال موجب، علي مراد جي حرفت بازين ۽ سازشن ڪري نہ، بلڪ جيئن مان دعويٰ ڪريان ٿو، خود امير جي روش ڪري؛ انهيءَ ڳالهہ نيت مون کي پنهنجي هن اصلوڪي راءِ کي بدلائڻ تي آماده ڪيو تہ رستم ڪوٽ ڏيجيءَ کان سندس ڀاءُ جي ڪري ڀڳو هو. مان هن باري ۾ مطمئن ٿي ويس تہ هن جي ڀاءُ، انهيءَ ٻوڙهي امير جي پنهنجي چالاڪيءَ جي نتيجي ۾ خود اختيار ڪيل هئي. هو پوريءَ طرح دوغلي شخصيت جو مالڪ

آهي. اها ڳالهه بعد وارن واقعن ذريعي ثابت ٿي چڪي آهي. هو انهيءَ ئي نموني سان آئوٽرام کان پڻ پڇي ويو.

مٿين ڳالهين مان يوٽر لارڊ شپ ۽ ڪائونسل کي ٽي اهم ڳالهيون نظر اينديون:

اول اها ڳالهه ته مون خود اميرن کان هيءَ حقيقت معلوم ڪرڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪئي ته هن پنهنجي پڳ پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي ڀاءُ جي سپرد ڪئي هئي يا نه؟ ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ خود امير طرفان مون کي هر بار ناڪامياب ڪيو ويو.

ٻي ڳالهه هيءَ ته مون پڳ وارين زمينن کان علاوه، ٻين ڏنل زمينن کي محض هڪ خانگي ڏي وٺ جو معاملو سمجهيو، جنهن سان انهيءَ وقت منهنجي حڪومت جو تعلق ڪونه هو؛ ۽ اهو معاملو عهدنامي جي تفصيلن طئي ڪرڻ جي موقعي وقت بعد ۾ سوچڻ جو هو.

ٽين ڳالهه اها ته منهنجي لاءِ عهدنامي جي پيش نظر، علي مراد کي تسليم ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪو چارو ڪونه هو. هن کي پڳ ڏيڻ وارو مان نه، بلڪ امير رستم هو. پر مان انهيءَ ڳالهه لاءِ ڏاڍو خوش هيس، جو ائين ٿيو؛ ڇاڪاڻ ته اهو ظاهر هو ته امير رستم جي هلت ۽ روش هن سان ڪنهن به ڳالهه تي مذاڪرات ڪرڻ کي ناممڪن بڻائي رهي هئي. مان هن تي اعتماد ڪري نه پئي سگهيس ۽ ميجر آئوٽرام سان، جيڪو هن جو شخصي دوست هو، بري طرح سان دوکو ڪيو ويو.

هيءَ ڳالهه قابل ذڪر آهي ته ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ مير رستم پنهنجي پڳ ۽ زمينون مير علي مراد جي حوالي ڪرڻ کان اڳ اهي سموريون زمينون ۽ قلعا پنهنجي پٽ جي حوالي ڪيا هئا، ۽ پنهنجي قبضي کان ٻاهر ڪري ڇڏيا هئا (ڏسو هن جو خط، جنهن جو ترجمو آءٌ هن لفافي ۾ بند ڪري موڪليان ٿو.) هيءَ ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته هو پنهنجن مائٽن مٿان ۾ ڦڏو

ڪرائي رهيو هو، ڇاڪاڻ ته هيءَ حقيقت واضح آهي ته، جيئن علي مراد چئي رهيو هو، هن پنهنجي پٽ کي ذري گهٽ رئيس بڻائي ڇڏيو هو، ۽ ساڳي وقت ائين به چئي رهيو هو ته هو انهي ڳالهه اڳيان ڪڏهن به ڪنڌ نه نوائيندو، اهي سڀ ڳالهيون انهيءَ شهزادي جي منافقت ظاهر ڪن ٿيون.

## پاڱو چوٿون

## سر سي. نيپئر طرفان گورنر جنرل اِن ڪائونسل ڏانهن، ٢٩- سيپٽمبر ١٨٤٣ع

اوهان صاحبن جي هلندڙ مهيني جي چوٿين تاريخ واري خط جي جواب ۾، ميجر آئوٽرام جي خط جي وري پيهر ڪاٽ ڪوٽ ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي رهيو آهيان. جنهن جملي جو اوهان صاحب حوالو ڏيئي رهيا آهيو، سو ميجر جي ٢٤- جنوريءَ واري خط ۾ شامل آهي. مان ڪجهه جملن کي ڪٽي انهن جي ڇڪاس ڪندس:

**ميجر آئوٽرام:** ”علي مراد کي اهو تفويض ڪندي، جنهن جو هن سان وعدو ڪيو ويو آهي، يعني اپر سنڌ جي باقي بچيل علاقي جو چوٿون حصو، سندس رئيس هئڻ جي رتبي طور، ۽ ان کان سواءِ سابق حڪمران مير سهراب جي ميراث ۾ پائيوار هئڻ جي حيثيت ۾ هڪ وڏيڪ چوٿون حصو.“

علي مراد سان ڪهڙيءَ ڳالهه جو وعدو ڪيو ويو آهي؟ مير علي مراد قانون مطابق رئيس بڻيو. قانون مطابق، ڪجهه آمدني پڳ سان وابسته آهي. هن جي خانداني ۽ ملڪي قاعدن جي هن کي ضمانت حاصل آهي، ۽ هن جي ضمانت انهن کي مليل آهي ته هو هڪ سردار طور پنهنجن فرضن جي بجا آوري ڪندو. مون کي پڻ ڪن به وعدن جو علم ڪونهي.

جڏهن هزهائينس مير علي مراد مون کي چيو هو ته هو پنهنجي ڀاءُ جي سرداريءَ جي ڪمن ۾ مداخلت نه ڪندو، تڏهن هن اها ڳالهه پڻ چٽي هئي ته هو ڪيس پڳ سندس (رستم جي) پٽ جي مٿي تي رکڻ جي ڪيس هرگز اجازت نه ڏيندو. هن چيو ته "اها يا ته منهنجي ڀاءُ جي زندگيءَ ۾ سندس آهي، يا جيڪڏهن هو ان تان دستبردار ٿيڻ جو فيصلو ڪري ٿو، ته ان صورت ۾ اها منهنجي ڀائٽي جي مٿي تي رکي نٿي سگهجي. ائين ڪڏهن به نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڳالهه کي روڪڻ لاءِ مون وٽ ڪافي طاقت موجود آهي؛ مون کي فقط اهو معلوم ڪرڻو آهي ته ڇا، توهان منهنجي معاملي ۾ مداخلت ڪندا يا نه؟" اسان جي گفتگو جو اهو ئي تت آهي. منهنجي طرفان امير کي ڏنل جواب بلڪل واضح هو. ان ۾ ڪنهن به ٻئي مطلب ۽ معنيٰ جي گنجائش بلڪل ڪانه هئي؛ ان ۾ ڪوبه عهدنامو يا ٺاهه شامل ڪونه هو؛ ان ۾ ڪو وعدو ڪونه هو، تت اهو هو- "١٨٣٩ع واري موجوده عهدنامي جي لحاظ کان، انگريزي حڪومت اميرن کي سنڌ ۾ حقن جو تحفظ ڏيڻ لاءِ ٻڌل آهي؛ پڳ تي اوهان جو حق آهي؛ موجوده معاهدو مون کي اوهان جي حمايت ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو، ۽ مان اوهان جي حمايت ۽ پٺڀرائي ڪندس."

"اوهان صاحب ڏسندا ته مون فقط هزهائينس کي اها خاطري ڏني ته مان عهدنامي جي پوئواري ۽ حمايت ڪندس، ۽ اها خاطري هڪ رواجي گفتگوءَ ۾ ڏني ويئي هئي. پر ميجر آئوٽرام جي لفظن مان اهو مطلب نڪري ٿو ته مون علي مراد سان ڪو عهدنامو ڪيو هو، ۽ جيئن ته مون کي انهيءَ معاملي ۾ هن ڳالهه کان وڌيڪ ڪجهه معلوم ناهي، جيڪي مون مٿي ذڪر ڪيو آهي، ان ڪري مان ميجر آئوٽرام تي اها ڳالهه ڇڏيان ٿو ته هو پنهنجي معنيٰ پاڻ ئي سمجهائي."

**ميجر آئوٽرام:** "۽، آءٌ سمجهان ٿو ته جيئن ته توهان علي مراد کي سندس حصو ڏيارڻ لاءِ ٻڌل آهيو."

خطن ۾ بمبئي ۾ هن جي طرفان ڪيل ڳالهين مان جيڪي مون هيلتائين پڙهيون آهن، انهن سمجهندي پيو نظر اچي ته مون امير کي دولت ۽ طاقت سان مالامال ڪري ڇڏيو! مون هن کي هڪ تحفو ضرور ڏنو، اهو هڪ هاٿي هو، اوهان صاحبن انهيءَ تحفي جي منظوري ڏيئي ڇڏي؛ ۽ اوهان صاحبن کي اهو ڏيکارڻ لاءِ ته مان اهڙين شين ڏيڻ ۾، جيڪي منهنجي شخصي ملڪيت ناهن، ڪيتريقدر محتاط آهيان، مون هزهائينس کان اهو وعدو ورتو ته جيڪڏهن يوئر لارڊشپ منهنجي طرفان هاٿي ڏيڻ جي ڳالهه کي نامنظور ڪندو ته پوءِ هن کي ان جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي، ڇو ته جيئن ته مان پاڻ کي تحفا ۽ سوکڙيون نه وٺندو آهيان، انڪري مون کي تحفن پيش ڪرڻ جي طاقت ڪانهي ۽ ان لاءِ آءٌ تمام گهڻو غريب آهيان. علي مراد جي هلت، شروع کان وٺي آخر تائين، پنهنجي گهراڻي خواه انگريزي حڪومت سان وفاداريءَ واري نظر اچي ٿي. هيءَ ڳالهه واضح آهي ته هن جو مفاد اِهوئي هو، پر هن جي ارادن ۽ مقصدن سان اسان جو ڪوبه واسطو ڪونهي. حقيقت انهن ئي رهي آهي، جيئن آءٌ عرض ڪري رهيو آهيان، ۽ جيڪڏهن ٽالپر گهراڻي وارا هزهائينس جي مشوري مطابق پاڻ کي هلائين ها، ته جيڪر پنهنجي حڪمراني ۽ خودمختياريءَ کي پوريءَ طرح سائيندا رهن ها.

## ضميمو نمبر-٢

### اميرن سان هليل ڪانفرنس بابت
### ميجر آئوٽرام جي ورتل نوٽن بابت

[اِهي نوٽ سنڌ جي متعلق پارليامينٽ جي ڪاغذات ۾ ڏسي سگهجن ٿا. انهن جو تت، حيدرآباد ۾ رهندي ميجر آئوٽرام طرفان اختيار ڪيل ڊپلوميسيءَ جي بيان ۾ ڏنو ويو آهي.]

## ڀاڱو ڇهريون
## گورنر جنرل طرفان خفيه ڪاميٽيءَ ڏانهن
## ١٣ - جون ١٨٤٣ع

”هي نوٽ مون اڳي ڪڏهن به نه پڙهيا، جيسين انهن کي اڄ نه ڏٺم. مون کي انهيءَ باري ۾ بلڪل ڪجهه معلوم ناهي ته ميجر آئوٽرام ۽ اميرن جي درميان انهيءَ وقت، جڏهن هو سر سي. نيپئر جي ماتحت عهدنامي جا تفصيل طئي ڪري رهيو هو، ۽ جنهن جي متعلق اميرن عام طور پنهنجي منظوري ڏيئي ڇڏي هئي، ڇا وهيو واپريو.“

## ڀاڱو ڀيو
## سر چارلس نيپئر طرفان گورنر جنرل ڏانهن
## حيدرآباد، ١١ - جولاءِ ١٨٤٣ع

مان اوهان صاحبن جي گذريل مهيني جي ١٤ - تاريخ واري خط ملڻ جي رسيد تسليم ڪريان ٿو، جيڪو ڪالهه ئي هٿي پهتو، جنهن ۾ ميجر آئوٽرام طرفان اميرن ۽ سنڌ ن وڪيلن سان گذريل ٨ ۽ ١٣ فيبروريءَ جي درميان ڪيل گفتگو جا ڪجهه نوٽ پڻ شامل هئا.

اميرن سان ١٢ فيبروريءَ تي ڪيل ملاقات بابت نوٽ شايد مون ڏانهن موڪليا ويا هئا، پر مون کي اهي نه مليا.

٨ - فيبروريءَ واريءَ ميٽنگ بابت نوٽ مون کي ١١ - تاريخ تي پهتا، جيڪي مان اوهان صاحبن کي هن ڪري نه موڪلي سگهيس، جو ١٣ - تاريخ کان پوءِ اسان جي مواصلات کي روڪيو ۽ خط و ڪتابت تي قبضو ڪيو ويو، پر ميجر آئوٽرام ڏانهن لکيل خط جو هن ڪاغذن سان شامل نقل ڏيکاري ٿو ته منهنجو ارادو ائين ڪرڻ جو هو، حالانڪ مون ائين ڪرڻ ضروري نه سمجهيو، ڇو ته اسان ان وقت اهڙيءَ حالت ۾ هئاسون، جو ٻئي ڏينهن صبح جو لڙائي شروع

هاڻي منهنجا سائين، حقيقت هيئن هئي ته عين انهيءَ گهڙيءَ، جڏهن ميجر آئوٽرام مٿيون خط لکي رهيو هو، ٢٥،٨٦٢ هٿيار بند جنگي جوان، جن مان ڪجهه حصو اٽڪل ٦ ميل پري مياڻيءَ واري ميدان ۾ پنهنجا مورچا مضبوط ڪرڻ ۾ مصروف هئا، ۽ باقي ٻيا ميجر آئوٽرام جي گهر جي چوڌاري حملي ڪرڻ لاءِ تيار ويٺا هئا.

چانڊيا قوم جا ڏهه هزار ماڻهو درياءَ پار ڪري آيا هئا، ۽ اهي سنڌ وانديءَ جو ڏائو ڪپ وٺي منهنجي پٺ ۾ هيٺ اچي رهيا هئا؛ مير رستم جي لشڪر مان ٧٠٠٠ ماڻهو، ڪوهيرا وٽ، منهنجي فوج جي ڏائي بازوءَ جي پٺيئن پاسي، ٽيهن ميلن جي مفاصلي اندر موجود هئا، ۽ مياڻيءَ طرف ڪوچ ڪرڻ لاءِ تيارين ۾ مصروف هئا؛ شير محمد جي اڳواڻيءَ هيٺ ١٠،٠٠٠ ماڻهو ميرپور کان پيشقدمي ڪري رهيا هئا؛ ۽ درياءَ جي ساڄي ڪپ تي، جبلن ۾ رهندڙ هزارين وڏيڪ ماڻهو اچڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا؛ اهڙيءَ طرح، جيئن منهنجن جاسوسن مون کي بلڪل صحيح رپورٽ ڏني، ٢٥،٠٠٠ ماڻهو منهنجي سامهون، ۽ وڌيڪ ٢٥،٠٠٠ ڇهني طرفن کان مون تي حملو ڪرڻ لاءِ وڌي رهيا هئا؛ ۽ انهن ۾ اهي قبيلا شامل ڪين هئا، جيڪي جبلن ۾ گڏ ٿي رهيا هئا؛ ۽ اهي سڀ، جيئن اميرن ميجر آئوٽرام اڳيان قبول ڪيو، سندن ضابطي ۽ قبضي کان بلڪل ٻاهر هئا. ان جي باوجود، ميجر آئوٽرام مون ڏانهن هڪ ٻئي ڏينهن ۾ به خط موڪليا، ۽ مون کي خاطري ڏني ته اميرن پنهنجيون سموريون فوجون منتشر ڪري ڇڏيون ۽ هن مون کي چيو ته مان هن کي انهيءَ ڳالهه جي اجازت ڏيان ته هو انهن کي منهنجي پاران اهو وعدو ڏي ته آءٌ وڌيڪ اڳتي نه وڌندس. اهڙيءَ طرح، هڪ انتهائي خطرناڪ صورتحال ۾، ميجر آئوٽرام جو اهو مشورو منهنجي چوڌر کي مڪمل طور زنجير پارائي ڇڏي ها، ۽ منهنجي ننڍڙي لشڪر کي، ڪنهن معجزي کان سواءِ ٻي ڪا طاقت بچائي نه سگهي ها.

مٿي ذڪر ڪيل حقيقتن جي ڇڪاس ڪندي، مون کي اجازت ڏني وڃي ته آءٌ اوهان صاحبن جو ڌيان ٻن نهايت ئي اهم نقطن ڏانهن ڇڪايان:

١- ته اميرن کي صلح قائم ڪرڻ جي ڪا خواهش ڪانه هئي، ته انهن کي پنهنجي فتح جو پورو پورو يقين هو، ۽ انهن پوري حساب سان انهيءَ ڏينهن يعني ١٧- فيبروريءَ تعين ڪيو هو، جنهن تي مان مياڻيءَ ۾ پهچندس.

۽ انهن کي خبر هئي ته ١٧- تاريخ رات جو، يا ١٨- فيبروري جي صبح کان اڳي پنهنجي ٥٠،٠٠٠ ماڻهن جي سڄي لشڪر کي مياڻيءَ ۾ جمع ڪري نه سگهندا. انهيءَ ڪري هنن جي طرفان ليت و لعل، ٽال مٽول ۽ احتجاجن بلند ڪرڻ جي سڄي حڪمت عمليءَ کان پوري زور ۽ قوت سان، ميجر آئوٽرام کي دوکو ڏيڻ، ۽ هن وعدي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ۾ آندو ويو ته آءٌ پنهنجي پيشقدمي، وڌيڪ نه، ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن لاءِ ئي ملتوي ڪريان. مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن مان هن کي سختيءَ سان هن ڳالهه کان نه روڪيان ها ته هو منهنجي منظوريءَ کان سواءِ ڪوبه وعدو نه ڪري، ته هو يقيناً اهڙو وعدو ڪري ڇڏي ها.

اميرن جي طرفان ظاهر ڪيل فڪرمندي ۽ تشويش جو اصل مطلب ۽ مقصد اهوئي هو، يعني ته هڪ ڏينهن لاءِ ئي سهي، ڪنهن نه ڪنهن طرح منهنجي پيشقدمي روڪجي پوي، سو هن حقيقت طرفان اجا به وڌيڪ عيان ٿيو پوي ته عهدنامي جي مسودي تي دستخط ڪرڻ ۾ ديرمدار ڪرڻ مان ڪوبه فائدو حاصل ٿيڻو ڪونه هو. ان جي برعڪس، انهيءَ عهدنامي جي صحيح ٿيڻ ڪري اميرن کي ان تي هڪدم بحث مباحثو ڪرڻ، ۽ ان جي هرهڪ ۽ سيني حصن تي رسمي احتجاج ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي ها، ۽ ٻئي طرف هنن تان اسان جي فوجن جو دٻاءُ به هلڪو ٿي بلڪ لهي پوي ها؛ پر هنن کي

برقرار رکڻ لاءِ، مون کي يقين آهي ته مان ۽ اوهان صاحب پڻ اوتريقدر ئي متفکر هئاسون، جيتريقدر ميجر آئوٽرام يا ٻيو ڪو به ماڻهو فڪرمند هو."

## ٻيا گو ٽيون

### گورنر جنرل اِن ڪائونسل طرفان سر سي. نيپئر ڏانهن

### ڪلڪتو، ٧- آگسٽ ١٨٤٣ع

"اسان سڳني يوئر ايڪسلينسيءَ جو گذريل مهيني جي ٻارهين تاريخ وارو خط، جنهن ۾ مياڻيءَ جي لڙائيءَ کان اڳي ميجر آئوٽرام سان ڪيل اوهان جي خط و ڪتابت جي ۽ انهيءَ عرصي جي دوران توهان جي فوج جي صورتحال جي متعلق توهان جون ڪجهه وضاحتون شامل آهن، ڏاڍي دلچسپيءَ سان پڙهيون آهن.

اسان هيءَ ڳالهه محسوس ڪرڻ لاءِ مجبور آهيون ته اوهان جو لشڪر پنهنجي سلامتيءَ لاءِ محض توهان جي تيز نظر ۽ فيصلي جي قوت جو احسانمند ۽ محتاج آهي.

ميجر آئوٽرام جو اوهان جي نالي لکيل ١١- فيبروريءَ وارو مخفي خط، هن مير رستم جي نوڪر هٿان موڪلڻ جو ارادو ڪيو هو؛ جيڪو انهيءَ وقت ڪهڙا ۾ موجود سندس لشڪر جي غلط بيانيءَ سان؛ هن سان دوکو ڪري رهيو هو؛ ان هوندي به، انهيءَ خط ۾ هڪ اهڙي تجويز شامل هئي جو، جيڪڏهن اهڙا مير علي مراد کي ٻڏائي وجي ها، ته شايد هن کي اسان جي خلاف قائم ٿيل اتحادين ۾ شريڪ ڪري وجهي ها.

١٥- فيبروريءَ تي ميجر آئوٽرام چيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن جي سنڌس خطن مان اوهان هيءَ توقع ڪرڻ تي آماده ٿيا هوندا ته هن جي طرفان سنڌ جي اميرن مان ڪنهن پڻ رامن ۽ دوستانه ناهه ڪرڻ لاءِ ڪيل سندس پرخلوص ۽ زوردار ڪوششون ناڪامياب ٿينديون؛ ان جي باوجود، اڳئين ڏينهن تي اميرن عهدنامي تي پنهنجون مهرون هنيون هيون، ۽ اها هڪ اهڙي ڪارروائي آهي، جنهن کي عام طرح دوستاني ناهه جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ويندو آهي، يا ان کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙو ناهه سمجهيو ويندو آهي، جنهن جو مقصد ان مان دشمنيءَ ۽ مخالفت جي سڀني ڪمن ۽ ارادن کي خارج سمجهڻ هوندو آهي، ۽ نه، هن حالت وانگر، ان کان هڪدم اڳ ۾ انهن جو سرزد ٿيڻ هوندو آهي."

# پاڳو چوڏون

## سر سي. نيپئر، گورنر جنرل ڏانهن

## حيدرآباد، ١٣- جولاءِ ١٨٤٣ع

آءٌ پاڻ تي هن ڳالهه جي ڪري ڏاڍو ناراض آهيان جو مون ميجر آئوٽرام جي اميرن سان ڪيل ملاقات جا نوٽ ڏياري نه موڪليا، ڇاڪاڻ ته مون کي اهي ١١- فيبروريءَ تي مليا، ۽ جيئن آءٌ ڏسان پيو، ته نيپال اوهان صاحبن ڏانهن انهيءَ ئي ڏينهن تي لکيل هڪ ڊگهي خط ذريعي ١٣- تاريخ تي ڪولي ويئي هئي.

اسان سڀ ئي انهيءَ وقت ڏاڍا ٿڪل هئاسين، ۽ مون کي ياد اچي ٿو ته مون انهيءَ موقعي تي سوچيو هو ته جيئن ته لڙائي ٿيندي يا (جيڪڏهن ميجر آئوٽرام جا بيان ۽ دعوائون صحيح هيون) چند ڏينهن اندر صلح ڪيو ويندو، ته صورتحال بدلجي ويندي، تنهنڪري مون اهو ڪاغذ اوهان

صاحبن ڏانهن ايتري وقت تائين موڪلڻ ۾ دير ڪئي، جيستائين اميرن طرفان عهدنامي تي دستخط ٿيڻ جي خبر پئي. بهرحال، ميجر آئوٽرام جي ملاقاتن جا نوٽ اوهان صاحبن ڏانهن ڏياري موڪلڻ جون تياريون ڪري ڇڏيون هيون، ڇاڪاڻ تہ مون اِجهو هاڻي ئي پنهنجن ڪاغذن ۾ اُنهيءَ ڪاغذ جو هڪ نقل لڌو آهي، جيڪو اوهان صاحبن ڏانهن روانو ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو هو، ۽ ان سان گڏوگڏ مون کي پنهنجا اهي خانگي نوٽ بہ مليا آهن، جيڪي مون انهيءَ کي پڙهڻ تي لکيا هئا. انهيءَ وقت تائين دريافت ڪيو هو تہ هڪ اهڙي پارٽي موجود آهي، جيڪا اميرن جي هر حالت ۾ حمايت ڪرڻ جو پختو عزم ڪري چڪي آهي.

مون کي آئوٽرام جا نوٽ ١١ - تاريخ تي مليا، مون کي هي نوٽ انهيءَ شام مليا هوندا. جيئن تہ هرڪو ڏاڍو مصروف هو، انڪري هيءُ نقل ١٢ - تاريخ جي شام کان اڳي مشڪل ئي تيار ٿي سگهيو هوندو. آنهن ڏينهن مان هرهڪ ڏينهن تي مون کي بغير ڪنهن رڪاوٽ جي اڪيلائي ۾ متضاد قسم جي اطلاعن تي سوچڻ لاءِ تمام گهڻو وقت گهربو هو، جيڪي مون ڏانهن ميجر آئوٽرام موڪليندو هو، ۽ جيڪي منهنجن جاسوسن جي رپورٽن مان ملندا هئا. اهڙي وقت ۾ ”ٺپ ڏيئي نتيجا ڪڍڻ يا فيصلا ڪرڻ“ ناممڪن هو. ميجر آئوٽرام جو اخلاق ۽ مقامي تجربو هن جي دعوائن کي وڏو وزن ڏيئي رهيا هئا، پر ان جي باوجود آهي فوجي اسڪائوٽن جي بيانن کان بلڪل ابتڙ هوندي هيون. لشڪر جي قسمت، ۽ شايد ان کان گهڻي قدر وڌيڪ ڳالهين جو سڄو دارومدار منهنجي فيصلي تي هو، ڪي ٿورائي ماڻهو انهيءَ کان وڌيڪ تشويشناڪ وقت گذاري سگهن ها، جنهن مان انهن ڏينهن ۾ مان گذري رهيو هوس، تہ متان منهنجي غفلت سبب، برطانيہ جي فوجي طاقت جي ڪا بدنامي ٿئي. مري قبيلي جي سردارن جي قبضي

# ڀاڱو پنجون

## گورنر جنرل-اِن ڪائونسل طرفان،

## خفيہ ڪاميٽيءَ ڏانهن، ١٤ - آگسٽ ١٨٤٣ع

سر سي• نيپئر، مياڻيءَ جي جنگ کان اڳي ڪيل ڪارروائي کي صحيح ۽ حق بجانب ٺهرائڻ لاءِ ڪافي طويل دليلبازي ڪئي آهي• اِئين ڪندي، هن اسان جي رڪارڊن تي انتهائي حيرت انگيز ۽ دلچسپ مواد جو ذخيرو آندو آهي، جنهن لاءِ اسان کي افسوس آهي تہ اُن کي هن کان اڳيرو اوهان جي آڏو رکڻ اسان جي وس ۽ اختيار ۾ ڪونہ هو• اسان جي هيءَ زوردار راءِ آهي تہ ميجر جنرل، سر سي• نيپئر جي دورانديشي، معاملہ فهمي ۽ فيصلي جي قوت ئي هئي، جيڪا اسان جي فوج جي سلامتيءَ جو ضامن هئي؛ ۽ اسان هن ڳالهہ تي سخت حيران آهيون تہ ميجر آئوٽرام، اميرن جي هٿان دوکي کائڻ جي معاملي ۾ هن کي ڪيترو دور نڪرڻ جي اجازت ڏني•

اسان اوهان جي غور لاءِ ڪجهہ درخواستون موڪليون ٿا، جيڪي سابق اميرن سنڌ مان اسان کي لکي موڪليون آهن؛ پر انهن تي اسان پنهنجي طرفان ڪابہ تنقيد ۽ ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ کي غيرضروري ۽ اجايو سمجهون ٿا• سر سي• نيپئر طرفان، انهن جي بدناموسيءَ وارين تهمتن جي، جيڪي خود مٿس ۽ انهن بهادر فوجن تي لڳايون ويون آهن، جن جي هو قيادت ڪري رهيو آهي، سخت ڪاوڙ سان ڪيل ترديد اوهان کي هن باري ۾ مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿيندي تہ امير حق ۽ سچ کان خالي آهن•

پڇي ڇڏيو. سنڌ ۾ جڏهن انگريزي فوج متعين ڪئي ويئي، تڏهن عهدنامي جي مطابق، اهو تڪرار پوليٽيڪل ايجنٽ، مسٽر روس بيل جي فيصلي لاءِ سندس اڳيان پيش ڪيو ويو، جنهن باقاعده جاچ جوچ ڪرڻ بعد ڪيس جو فيصلو علي مراد جي حق ۾ ڪيو. اهو فيصلو رائيٽ آنربل گورنر جنرل آف انڊيا طرفان منظور ڪيو ويو آهي، ۽ ان جي تصديق به ڪئي ويئي آهي.

صحيح

اي. جي. برائون،

سيڪريٽري ٽو سنڌ گورنمينٽ

مير لکن ٿا:

"انڪل سٽن ڏينهن کان پوءِ، ١٦- ذي القعد ١٢٥٧هه تي ڪئپٽن برائون خيرپور آيو، ۽ چيو ته 'جيڪڏهن توهان معاهدي تي مهر لڳائڻ قبول ڪريو ٿا ته چڱو، جيڪڏهن نه، ته انگريزي فوج، جيڪا هن وقت روهڙيءَ جي ويجهو پلٽڻ وٽ موجود آهي، سڀاڻي خيرپور ڏانهن ڪوچ ڪندي ۽ ڦرلٽ ڪندي.' هن انهيءَ ڌمڪيءَ سان مون کي نئين معاهدي تي مهر هڻڻ (دستخط ڪرڻ) تي مجبور ڪيو، هن مون کي اهو به چيو ته مون کي پنهنجي هلت چلت جي هرهڪ معاملي ۾ پنهنجي ننڍي ڀاءُ علي مراد جي مشوري سان هلڻو آهي، ۽ اها ڳالهه مان پنهنجي فائدي ۾ ڏسندس."

## ريمارڪ

هن ۾ هڪ لفظ به سچو ڪونهي. هن هنڌ جنهن موقعي جو حوالو ڏنو ويو آهي، تنهن تي مون کي ميجر جنرل سر چارلس نيپئر طرفان مير رستم ۽ مير نصير ڏانهن خيرپور

۾ هڪ خط ڪٽي وجڻ لاءِ نامزد ڪيو ويو هو؛ ۽ مون کي چيو ويو هو ته مان انهن کان اهو مطالبو ڪريان ته اهي هن باري ۾ سنئون سڌو جواب ڏين ته آهي نئين عهدنامي تي دستخط ڪندا يا نه، جيڪو انهيءَ ڏينهن کان اڳي هنن وٽ قبوليت لاءِ پيش ڪيو ويو هو. مون کي هنن انهيءَ ڳالهه تي آماده ڪرڻ لاءِ پڻ ڪلاڪن کان وڌيڪ دير تائين روڪي رکيو ته مان انهن سان عهدنامي جي تفصيلن تي بحث ڪريان. مون هنن کي انهيءَ سڄي وقت دوران هڪئي جواب ڏنو، يعني ته مون کي هنن سان اهڙي ڪنهن بحث ڪرڻ جو ڪو اختيار ڪونه هو؛ ته مان فقط هنن کي خط پهچائڻ وارو ماڻهو هوس ۽ مون کي هنن جي جواب - هائو يا نه - جي ضرورت هئي؛ ۽ جيڪڏهن اهي مون کي اهڙو جواب نه ڏيندا ته آءٌ انهيءَ کان سواءِ ئي سکر هليو ويندس. آخرڪار هنن مون کي پنهنجو اهو جواب ڏنو ته هو معاهدي تي دستخط ڪرڻ لاءِ آماده هئا.

مون کي هن ڳالهه چوڻ جي ڪا خاص ضرورت ڪونهي ته انهيءَ موقعي تي، ڪي به انگريزي فوجون درياءَ رستي سکر کان هيٺ نه ويون هيون. انهيءَ گفتگوءَ ۾ علي مراد جي نالي جو هڪ پيرو به ذڪر نه ڪيو ويو.

صحيح

اي. جي. برائون،

سيڪريٽري ٽو سنڌ گورنمينٽ

# ضميمو نمبر-۳

## ميجر آئوٽرام جي ڊپلوميسيءَ سان واسطو رکندڙ هڪ اضافي خط ٻيا ڳو ڀريون

## سر چارلس نيپيئر، گورنر جنرل ڏانهن حيدرآباد، ۳- جولاءِ ۱۸۴۳ع

بمبئي کان پهتل هڪ خانگي خط ۾ مون کي چيو ويو آهي ته* شخص وٽان آيل هڪ خط ۾ چيو ويو آهي ته هو ائين سمجهي ٿو ته امام ڳڙهه تي ڪيل حملو، ريزيڊنسيءَ تي ٿيل حملي کان وڌيڪ گناهه جو ڪم هو.

جيئن ته مون کي ڪنهن به اهڙي ڪم کان ايترو گهٽو ڏک نه پهچندو، جهڙو اوهان صاحبن کي ڪنهن حملي جو نشانو بنائڻ لاءِ ڪيل ڪم کان، انڪري منهنجي لاءِ اهو ضروري آهي ته هن ڳالهه ثابت ڪرڻ لاءِ ثابتيون پيش ڪريان ته مون ائين نه ڪيو آهي:

۱- اپر سنڌ جي سڀني قلعن وانگر، امام ڳڙهه جو قلعو پڻ اتان جي پڳ ڌڻيءَ يا رئيس جي ملڪيت هو.

۲- هزهائينس علي مراد، سنڌ جي قانون مطابق، رئيس هو ۽ مير محمد هن جي خلاف بغاوت ۾ هو.

۳- هزهائينس مون سان گڏ اِمام ڳڙهه ڏانهن هليو هو. اتي پهچڻ کان پوءِ هن قلعي کي تباهه ڪرڻ جي تجويز ڏني، پر بعد ۾ هو ڪجهه شڪ ۾ پئجي ويو ته ڪيس ائين ڪرڻ گهرجي يا نه. مون هزهائينس کي انهيءَ قدم کڻڻ جي ضرورت جي خاطري ڏيارڻ لاءِ لکي موڪليو.

---

* انهيءَ عقلمند ماڻهوءَ جو نالو هن ڪتاب جي ليکڪ کي معلوم ناهي، نه ته اهو ڏجي ها.

امن امان جي حالت ۾ هلندا چلندا آهن. انهن ٿي ڏينهن ۾ اميرن جو لشڪر اتان کان فقط ڇهه ميل پري مياڻيءَ جي ميدان ۾ پنهنجي پوزيشن کي مستحڪم بنائڻ ۾ رڌل هوا جنهن گهڙيءَ هو مون ڏانهن اهم خط لکي رهيو هو، تنهن مهل هن جي رهائشگاهه، ٨٠٠٠ بلوچن جي گهيري ۾ آيل هئي، (جن وٽ ٨ توبون هيون) جيڪي مٿس حملي جون تياريون ڪري رهيا هئا؛ اهو واقعو ١٥- فيبروري جو آهي.

٢- ميجر آئوٽرام مون کي لکي موڪليو ته مان اڪيلو اميرن سان حيدرآباد ۾ ملڻ لاءِ وڃان، جيڪڏهن مان پاڻ کي ميجر آئوٽرام جي صلاح تي هلڻ لاءِ آماده ڪري وجهان ها، ته منهنجو پنهنجو گلو ۽ اسان سڀني جا گلا گهٽو ڪري وڍيا پيا هجن ها، ۽ لشڪر ميرپورخاص ۾ مهندار کان سواءِ، درياءَ کان چاليهه ميل پري رهجي وڃي ها، جيڪو جهازن رستي سکر ۽ بمبئي سان ۽ هزهائينس علي مراد جهڙي دوست واري علائقي سان، جيڪو ڏکڻ ۾ نوشهري تائين پکڙيل هو، اسان جي مواصلات جو هڪ ئي رستو هو. اهڙيءَ طرح اهو لشڪر جڏهن هر طرف کان ڇڄي ڌار ٿي وڃي ها، تڏهن ان تي ٦٠،٠٠٠ جو لشڪر حملو ڪري ان کي ريگستان طرف ڌڪي ڇڏي ها، جتي اهو عذاب کائي مري ها.

جيئن ته ميجر آئوٽرام حيدرآباد واري دربار ۾ گهڻائي سال رهيو هو، ۽ هر هڪ ماڻهو "اميرن جي متعلق ۽ هن ملڪ بابت سندس وڏي ڄاڻ جي تعريف ڪري رهيو هو"؛ ۽ جڏهن ته آءٌ انهيءَ پنهي کان بي خبر ۽ اڻ ڄاڻ هوس، انڪري جيڪڏهن پاڻ کي ميجر آئوٽرام جي رهنمائي هيٺ ڇڏي ڏيان ها، ته نتيجي لاءِ مون کي بلڪل صاف ڪيو وڃي ها (بشرطيڪ ڪنهن جنرل آفيسر کي لشڪر وڃائڻ لاءِ ڪا ڳالهه معاف ڪري سگهجي ها)؛ ۽ هن پنهنجي انهيءَ مشوري کي مون تي پنهنجي ايماندارانه فطرت ۽ جوشيلي طبيعت سان،

اچي ڳڏيو ۽ اچا به مون کي هڪ ڏينهن لاءِ حملي کي روڪڻ لاءِ چئي رهيو هو! ان جي باوجود، ڇهن ڪلاڪن جي ديرمدار به سياڻيءَ ۾ اميرن جي لشڪر ۾ ۲۴۰۰۰ ماڻهن جو اضافو ڪري ها! اهو سچ آهي ته انهيءَ وقت مون کي انهيءَ باري ۾ ڪا پڪي خبر ڪانه هئي، پر مون کي انهيءَ خط جي مطالعي ڪرڻ مان پڪ ٿي ويئي، جيڪو مون کي مري سردار حيات خان جي تلاشيءَ مان هٿ آيو هو، جنهن کي مون حراست ۾ ورتو هو. انهيءَ خط ۾ اميرن مري قبائل تي زور ڀريو هو ته اهي ساٺن ۹- تاريخ تي اچي ضرور ملن. هاڻي، مون کي اهو معلوم هو ته اهي جهنگلي انهيءَ وقت تائين پنهنجا ڳوٺ نه ڇڏيندا، جيسين محرم جي تقريب هلي رهي هئي. اها تقريب ۱۰- تاريخ تي ختم ٿيڻ واري هئي. چنانچه، مون اندازو لڳايو ته ان جي گذرڻ کان پوءِ اهي ڪيتري قدر تيزيءَ سان ڳڌجي سگهندا، ۽ مون هڪ ڪلاڪ به ضايع نه ڪرڻ جو ارادو ڪيو. جيڪڏهن منهنجي ڪارروائي ۽ هلت تي پارليامينٽ ۾ حملو ڪيو ويو، ته آءٌ سمجهان ٿو ته منهنجو مٿيون بيان منهنجي دفاع لاءِ ڪافي ٿيندو. ميجر آئوٽرام جي مشوري تي عمل نه ڪرڻ سان مون کي غلطيءَ ڪرڻ جو ڪو به احساس ڪونهي.

آئوٽرام جو جواب اهوئي ٿيندو ته "جنگ نه ٿئي ها." اميرن ۱۵- تاريخ تي اهو جواب ڏنو؛ پر فرض ڪريو ته جنگ نه ٿئي ها، پر ڇا، سان پنهنجي لشڪر کي انهن جي رحم و ڪرم تي ڇڏيان ها، ته اهي جيئن به چاهين ان کي پنهنجي مرضيءَ مطابق مارين يا بچائين؟ انهن جو رحم! مون کي ان باري ۾ ثابتي ملڻ آهي ته انهيءَ وقت جڏهن ميجر آئوٽرام مون کي انهن جي پرامن جذبات ۽ اسان ڏانهن دوستانه رويي هئڻ جي خاطري ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، انهيءَ وقت هنن سنڌونديءَ جي ٻنهي ڪنارن تي پنهنجن ماڻهن ڏانهن اهي حڪم روانا ڪري ڇڏيا هئا ته "اهي هر اهڙي انگريزي مرد، عورت ۽

پار ڪري قتل ڪن، جيڪو به سنڌن هٿ چڙهي.“ اسان کي تزين واري لڪ ۾ افغانستان وٽان مليل نرمي ۽ رحمدلي ملي ها، اها رحمدلي جيڪا خود آئوٽرام کي به ملي ها، جيڪڏهن منهنجي دل ۾ انديشا پيدا نه ٿين ها، ۽ اسان هن ڏانهن ٢٢ ريجمينٽ جي لائيٽ ڪمپني نه موڪلي ڏيان ها.

## ڀاڱو پيو

### مير علي مراد طرفان، سر چارلس نيپيئر ڏانهن

### ١٢- جنوري ١٨٤٣ع

مون کي اوهان جو اهو خط مليو آهي، جنهن ۾ توهان ڪيترن ئي سببن جي نشاندهي ڪئي آهي ته توهان ائين ڇو سمجهي رهيا آهيو ته امام ڳڙهه کي تباهه ڪرڻ بهتر ٿيندو. جيستائين انهيءَ جائداد جي قيمت جو سوال آهي، تنهن جي متعلق مون کي ڪا پرواهه ڪانهي؛ ۽ آءٌ توهان سان انهن سببن ۾ مڪمل طور اتفاق ڪريان ٿو، جيڪي انهيءَ کي ناس ڪرڻ جي عمل کي ضروري ۽ لازمي ٻڌائين ٿا. انهيءَ ڪري توهان مون کي وڏي خوشيءَ سان انهيءَ ڳالهه تي آماده سمجهي، قلعي کي بيشڪ اڏائي ڇڏيو، ۽ مون کي هميشه پنهنجو گهٽگهرو ۽ سچو سمجهو.

## ڀاڱو ٽيون

### سر چارلس نيپيئر، ميجر آئوٽرام ڏانهن

### حيدرآباد، ٢٢- جولاءِ ١٨٤٣ع

منهنجا پيارا آئوٽرام،

١- ٻين ڳالهين تي بحث ڪرڻ کان اڳ ۾، آءٌ هن ڳالهه جوڻ سان شروعات ڪندس ته توهان پنهنجن خطن منجهان

لاءِ پاڻ کي آماده ڪري وجهان ها، ۽ انهيءَ طريقي سان عمل ڪرڻ بدران جيئن مون ڪيو، ٻئي ڪنهن نموني سان ڪارروائي ڪريان ها، ته جنگ هوند نه ڇڙي ها، ۽ ان کان به وڌيڪ خراب ڳالهه (جيڪڏهن ڪا ڳالهه وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي) هيءَ ته مون لارڊ ايلنبرو سان غداري ڪئي، جنهن مون ۾ بي انتهائي اعتماد رکيو هو، ۽ جنهن هر معاملي ۾ منهنجي بي حد و حساب ٻَڌِرائي ڪئي هئي. اها هئي پوزيشن، جنهن ۾ لارڊ ايلنبرو ۽ سر جي- آرٿر جي خطن مون کي پهنجي ۽ انهن جي راءِ ۾ آڻي بيهاريو هو، ۽ اِها هئي اُها پوزيشن جنهن ۾ انهن نوٽن جي ڇپائي، دنيا وارن جي راءِ ۾ آڻي بيهاريندي، جيڪڏهن اهي ڇپيل نوٽ عام ماڻهن اڳيان شايع ٿي ويندا هاڻي، هيءَ ڳالهه بلڪل صاف آهي ته جيڪڏهن منهنجي ڪيس جي حالت اُها هئي، ته ان صورت ۾ مون کي شايد جرئت، ۽ ڪنهن حد تائين فوجي مهارت جي دعويٰ ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي، ڇاڪاڻ ته ڪاميابي عام طور ماڻهوءَ کي ايتريقدر ساک ضرور ڏئي ٿي، پر يقيناً، آءٌ ڪڏهن به عزت ۽ وقار ۽ انسان دوستيءَ جو ڪو ڊونگ ڪري نه سگهندس، نه ئي مون کي ٿوري ۾ ٿورو سفارتي ڪاروبار سپرد ڪيو ويندو؛ مطلب ته مان هميشه لاءِ، هڪ اهڙي پڪي بدمعاش طور نيڪالي ملڻ جي لائق ٿي پوندس، جنهن فوجي شهرت لاءِ سڀڪجهه قربان ڪيو هو؛ ۽ جنهن مجروح ٿيل ۽ دغابازيءَ جو شڪار ٿيل شهزادن جي رحم لاءِ ڪيل دردمندانه دانهن ڪَنَ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. پوءِ، جيڪڏهن ائين سمجهيو وڃي ته هن سڄي قصي ۾ حق ۽ سچ جو ڪو هڪڙو لفظ به آهي، ته ان صورت ۾ عام ماڻهن ۽ دنيا وارن لاءِ منهنجي حالت اها ئي هوندي. لارڊ ايلنبرو ۽ پنهنجن دوستن کي اهو

٢٠- مارچ واري خط بابت ڪجهہ چوندس. توهان کي هن ڳالهہ تي ڪاوڙ آهي تہ لارڊ ايلنبرو اوهان جي انهن ڪوششن لاءِ ڪا شڪر ادائي نہ ڪئي، جيڪي اوهان سنڌ ۾ مختصر عرصي دوران ڪمشنر طور ڪيون، ۽ توهان چئو ٿا تہ توهان کي پڪ آهي تہ مون هن کي اوهان جي انهن ڪوششن جي رپورٽ ضرور موڪلي هوندي؛ منهنجو جواب اهو آهي تہ مون اهڙو ڪوبہ ڪم نہ ڪيو. مون ڪوشش ڪري لارڊ ايلنبرو ڏانهن موڪليل ڪاغذن ۾ اوهان جي نالي وٺڻ کان پرهيز ڪئي، ڇاڪاڻ تہ مون کي چڱيءَ طرح معلوم هو تہ هن جي مرضيءَ ۽ راءِ جي خلاف منهنجو اوهان کي ڪمشنر مقرر ڪرڻ، هن جي راءِ جي برعڪس هو؛ اوهان جيڪي بہ مون کي ڳالهيون ٻڌايون هيون، تن مان مون اهو اندازو لڳايو هو. توهان سندس انتخاب ڪين هئا، ۽ مون ٻڌو آهي تہ هن کي اهو ٻڌي ڏاڍي حيرت لڳي تہ اخبارون، ڪنهن بہ ترديد کان سواءِ، اها تصديق ڪري رهيون هيون تہ سنڌ ۾ اختيار اوهان کي هئا. جيڪڏهن ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي اوهان جي شڪرادائي ڪرڻي هئي، تہ اهو مان هيس، ۽ مون پنهنجي خط ۾ اهو فرض ادا ڪيو. جيستين اوهان جي سياسي ڪوشش جو سوال آهي، سي سڀ ناڪام ثابت ٿيون؛ منهنجي پيشقدميءَ لاءِ ڇيو وڃي ٿو تہ اها انهيءَ ناڪاميءَ جو سبب هئي؛ توهان جو انهن لاءِ شڪر ادا ڪرڻ، منهنجي لاءِ ائين هو، گويا پاڻ کي ڏوهاري ثابت ڪرڻ هو. هاڻي، ڳالهہ اها آهي تہ رتوڇاڻ کي روڪڻ جي هڪ معاملي کان سواءِ، باقي سڀني ڳالهين ۾ مون کي توهان سان اختلاف هو. انهيءَ ڳالهہ ۾ بہ اسان ٻنهي ۾، مقصد جي لحاظ کان اختلاف هو. مون اهو اختلاف فقط انسانيت جي خيال کان ڪيو، جو مان لارڊ ايلنبرو جي جنگي پاليسيءَ کي حق بجانب سمجهي رهيو هوس؛ توهان هن ڪري امن ۽ صلح ڪرڻ پئي چاهيو، جو توهان پاليسيءَ کي غيرمنصفانہ پئي سمجهيو،

۾ هڪ خط ڪٽي وڃڻ لاءِ نامزد ڪيو ويو هو؛ ۽ سون کي چيو ويو هو ته مان انهن کان اهو مطالبو ڪريان ته اهي هن باري ۾ سنئون سڌو جواب ڏين ته آهي نئين عهدنامي تي دستخط ڪندا يا نه، جيڪو انهيءَ ڏينهن کان اڳي هنن وٽ قبوليت لاءِ پيش ڪيو ويو هو. مون کي هنن انهيءَ ڳالهه تي آماده ڪرڻ لاءِ پڻ ڪلاڪن کان وڏيڪ دير تائين روڪي رکيو ته مان انهن سان عهدنامي جي تفصيلن تي بحث ڪريان. مون هنن کي انهيءَ سڄي وقت دوران هڪڙي جواب ڏنو، يعني ته مون کي هنن سان اهڙي ڪنهن بحث ڪرڻ جو ڪو اختيار ڪونه هو؛ ته مان فقط هنن کي خط پهچائڻ وارو ساڻهو هوس ۽ مون کي هنن جي جواب- هائو يا نه- جي ضرورت هئي؛ ۽ جيڪڏهن اهي مون کي اهڙو جواب نه ڏيندا ته آءٌ انهيءَ کان سواءِ ئي سکر هليو ويندس. آخرڪار هنن مون کي پنهنجو اهو جواب ڏنو ته هو معاهدي تي دستخط ڪرڻ لاءِ آماده هئا.

مون کي هن ڳالهه چوڻ جي ڪا خاص ضرورت ڪونهي ته انهيءَ موقعي تي، ڪي به انگريزي فوجون درياءَ رستي سکر کان هيٺ نه ويون هيون. انهيءَ گفتگوءَ ۾ علي مراد جي نالي جو هڪ پيرو به ذڪر نه ڪيو ويو.

صحيح

اي. جي. برائون،

سيڪريٽري ٽو سنڌ گورنمينٽ

پوري زور سان مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر منهنجا جاسوس مون کي اهڙيون خبرون پهچائي رهيا هئا ته ۳۰،۰۰۰ ماڻهو منهنجي سامهون موجود آهن، ڪي ۴۰،۰۰۰ ٻڌائي رهيا هئا، پر مون سمجهيو ته اهي تعداد ۾ وڌاءُ ڪري رهيا هئا، پر مون کي خاطري هئي ته ۲۰،۰۰۰ کان وڌيڪ هئا، جيڪو تعداد ايڏو هو، جو انهن کي پنهنجي ڪاميابيءَ جو يقين ٿي پئي سگهيو. تنهنڪري مون اهو خيال ڪيو ته ميجر آئوٽرام جي رپورٽ غلط هئي، ۽ هن کي دوکو ڏنو ويو هو ۽ ڪيس اهو پتو ئي ڪونه هو ته سندس آسپاس ڇا وهي واپري رهيو هو. هن جي انهيءَ مشوري ته مان پنهنجي لشڪر کي ميرپور وٺي وڃان، هن خيال ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ته هو جنگ بابت ڪا ڄاڻ نٿو رکي. انهيءَ ڪري مون هن جي انهيءَ تجويز تي ڪو ڌيان نه ڏنو. مون پنهنجو سڄو خزانو ۽ بيمار سپاهي جهاز تي چاڙهيا، ۽ دشمن تي حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو؛ جيڪڏهن اسان کي شڪست ملي ها، ته اسان وٽ ڪافي رسد موجود هئي، ۽ پوءِ اسين درياءَ ۽ جهازن طرف پٺ ڪري، (ڇو ته پسپائي تباهيءَ جو سبب ٿئي ها) اوتري تائين مورچه بند ٿي ويهون ها، جيسين مدد پهچي ها. مون کي پنهنجين فوجن ۾ مڪمل اعتماد هو، ۽ بي نظم هجوم جي هلڙبازيءَ کان ڪو خوف ڪونه هو؛ ان هوندي به اها ڪا آسان بازي ڪانه هئي. مون ڏيکاريو آهي ته جيڪڏهن مان آئوٽرام جو مشورو قبول ڪريان ها، جيئن مون کي ان تي عمل نه ڪرڻ ڪري نينديو ويو، ته گهڻو ڪري ڪابل جهڙو پيو قتلِ عام هتي به ٿئي ها.

ماڻهو سمجهي ها ته ريزيڊنسيءَ تي ڪيل حملي ميجر آئوٽرام جون اکيون ضرور کوليون هونديون ۽ هن کي انهن ماڻهن جي دغابازيءَ جو شعور ٿيو هوندو، جن سان هن کي واسطو پيل هو. پر نه، بلڪل نه؛ هو ۱۶ تي مٽياريءَ ۾ مون سان

ٻار کي قتل ڪن، جيڪو به سنڌن هٿ چڙهي.“ اسان کي تزين واري لڪ ۾ افغانستان وٽان مليل نرمي ۽ رحمدلي ملي ها، اها رحمدلي جيڪا خود آئوٽرام کي به ملي ها، جيڪڏهن منهنجي دل ۾ انديشا پيدا نه ٿين ها، ۽ سان هن ڏانهن ٢٢ ريجمينٽ جي لائيٽ ڪمپني نه موڪلي ڏيان ها.

## ٻاڳو پيو

## مير علي مراد طرفان، سر چارلس نيپئر ڏانهن
## ١٢ - جنوري ١٨٤٣ع

مون کي اوهان جو اهو خط مليو آهي، جنهن ۾ توهان ڪيترن ئي سببن جي نشاندهي ڪئي آهي ته توهان ائين ڇو سمجهي رهيا آهيو ته امام ڳڙهه کي تباهه ڪرڻ بهتر ٿيندو. جيسين انهيءَ جائداد جي قيمت جو سوال آهي، تنهن جي متعلق مون کي ڪا پرواهه ڪانهي؛ ۽ آءٌ توهان سان انهن سببن ۾ مڪمل طور اتفاق ڪريان ٿو، جيڪي انهيءَ کي ناس ڪرڻ جي عمل کي ضروري ۽ لازمي بڻائين ٿا. انهيءَ ڪري توهان مون کي وڏي خوشيءَ سان انهيءَ ڳالهه تي آماده سمجهي، قلعي کي بيشڪ اڏائي ڇڏيو، ۽ مون کي هميشه پنهنجو گهڻگهرو ۽ سچو سمجهو.

## ٻاڳو ٽيون

## سر چارلس نيپئر، ميجر آئوٽرام ڏانهن
## حيدرآباد، ٢٢ - جولاءِ ١٨٤٣ع

منهنجا پيارا آئوٽرام،

١ - هِن ڳالهين تي بحث ڪرڻ کان اڳ ۾، آءٌ هن ڳالهه چوڻ سان شروعات ڪندس ته توهان پنهنجن خطن منجهان

جيڪڏهن توهان غلط هئا، ته اها فيصلي جي غلطي هئي؛ جيڪڏهن مان غلط هوس ته اها يا ته فوجي نالي ۽ شان حاصل ڪرڻ جي پياس خاطر هڪ مجرمانه قرباني هئي يا پنهنجي پيشي کان محض ناواقفيت!

اها ڳالهه مون کي هڪ ٻي ڳالهه ياد ڏياري ٿي؛ مان ٻڌان ٿو ته بمبئي ۾ موجود هڪ پارٽيءَ جو لارڊ ايلنبرو جي خلاف زور ڏيئي ائين چوڻ ته مون ته ريزيڊنسيءَ جي دفاع متعلق پنهنجي طرفان وعدو ڪيل بيان ڪري ڇڏيو، ۽ لارڊ ايلنبرو ان کي رد ڪري ڇڏيو. اها ڳالهه غلط آهي؛ مون واقعي بيان ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو، ۽ اڃا به منهنجو ارادو ان کي ڪرڻ جو آهي، پر مون اهو ڪڏهن به نه چيو هو ته ڪڏهن، ۽ نه ئي ائين چيو هيم ته مان اهو ”هاڻي جو هاڻي“ ڪري سگهان ٿو! مون وٽ ايترو وقت واندو ناهي، جو مان ٻاهرين چوڪين جي بچاءَ جي موضوع تي هڪ سٺو مقالو لکڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ به ڏينهن صرف ڪري سگهان، ۽ ريزيڊنسيءَ کي ان جي سٺي تفصيلن ۾ هڪ مثال ٻڌايان. توهان ته هتان جي گرميءَ کان واقف آهيو، ۽ حيدرآباد تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ مون هتي جيڪي به فوجي خواهه سيول ڪارروايون ڪيون آهن، سي اهڙي سموري ڪم کي امڪان کان خارج ڪن ٿيون؛ جيڪو بلڪل ئي ضروري ناهي، پر منهنجي دل ۾ ريزيڊنسيءَ جي دفاع تي اهڙي وقت تي مضمون لکڻ جو پورو پورو ارادو آهي؛ جڏهن به مون کي اهڙو موقعو ۽ فرصت ملي سگهندي.

مان اوهان کي يقين ٿو ڏيان ته مون کي پنهنجي هلت جي هن طرح سان بچاءُ ڪرڻ، مون کي سنڌ ۾ رهڻ دوران

جيڪي ہ تڪليفون ۽ ڏکيائون برداشت ڪرڻيون پيون آهن، تن سڀني کان وڌيڪ ڏک ۽ بيزاري ڏني آهي.

يقين ڪريو، منهنجا پيارا آئوٽرام، تہ آءٌ آعيان،
توهان جو سچو دوست،
(سي - جي - نيپئر)

مان توهان کي منٿ ٿو ڪريان تہ مون کي غلط نہ سمجهو، مان نہ انهيءَ ڳالهہ تي اعتراض ڪريان ٿو ۽ نہ مون کي ائين ڪرڻ جو حق آهي تہ توهان کي اميرن جي مفاد جي بچاءُ ڪرڻ، ۽ خود پنهنجي لاءِ ڪوشش ڪرڻ کان روڪيان يا اعتراض ڪريان؛ نہ ئي انهن جي دفاع ڪرڻ لاءِ ٻئي ڪنهن جي ڪوشش تي مون کي فڪر آهي. منهنجو مطلب فقط اهو آهي تہ "مون کي پنهنجو بچاءُ ڪرڻ گهرجي." ۽ جيڪڏهن ماڻهو مختلف نقطہ نگاهہ قائم ڪن ٿا، ۽ جيڪڏهن پبلڪ اهو فيصلو ڏئي ٿي تہ توهان دوکو کائي ويا، تہ ان ۾ منهنجو ڪوئي قصور ڪونهي، بلڪ اهو ڏوهہ انهن ماڻهن جو آهي، جن مون کي پنهنجو بچاءُ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو*.

# ضميمو نمبر - ۴

## ڀاڱو ڇهريون

## سنڌ جي اميرن جي درخواستن تي سر چارلس نيپئر طرفان ڪيل تبصرو

## حيدرآباد، ۱۲ - جون ۱۸۴۳ع

"اميرن طرفان ڪيل شڪايتون، ڪوڙين ڳالهين جو ڍهيل پنڊار آهي. مان انهن جو نمبر وار جواب ڏيندس، ۽ هنن جي

* ميجر آئوٽرام هن خط جو جيڪو جواب ڏنو، سو سر مٿي. نيپئر جو هن جي دوستي کي ترڪ ڪرڻ جو سبب بڻيو.

دعويٰ جو مقابلو دعويٰ سان ڪندس، ڇو ته دستاويزي ثبوتن مهيا ڪرڻ ۾، جلدن جا جلد لڳي ويندا.

١- مير محمد خان جي شڪايت:

ممڪن آهي ته امير انگريزن سان ڪيل سڀني عهدنامن تي رضامندي ڏني هجي، ۽ مون کي يقين آهي ته هن انهن تي صحيحون ڪيون هيون ۽ ٻين اميرن وانگر، هن به انهن جي شرطن جي ڀڃڪڙي ڪئي. اميرن جي حڪومت هڪ ٿي هئي، ۽ اهي اجتماعي طور ذميدار آهن. سنڌن طرفان عهدنامن جي ڀڃڪڙين جا ثبوت گورنر جنرل وٽ موجود آهن ۽ انهن تي ميجر آئوٽرام طرفان دستخط ڪيل آهن.

امير چوي ٿو ته هن عهدنامي جي مسودي کي قبول ڪيو هو. سندس اهو ڪوڙ، هيٺين ٽن سڌن سادن سوالن جي جوابن مان ظاهر ٿئي ٿو:

پهريون سوال: نئين عهدنامي تي ڪليل دربار ۾ ڪنهن سنجيد گيءَ سان صحيح ڪئي؟

جواب: مير محمد خان.

ٻيو سوال: سنهنجي ڪمشنر (جنهن کي سفير جي مقدس حيثيت ۾ موڪليو ويو هو)، جي رهائشگاهه تي، انهيءَ سفير ۽ سندس سڀني ساٿين جو قتل عام ڪرڻ جي ارادي سان ڪنهن حملو ڪيو؟

جواب: مير محمد خان.

ٽيون سوال: صحيح ٿيل عهدنامي کي، جنهن تي انهيءَ غدار سفير کي انڌي ڪرڻ ۽ سندس تباهي ۽ بربادي جي پڪ ڪرڻ لاءِ، پنهنجي دستخط ڪئي ۽ مهر هنئين هئي، ڪنهن بيعزتيءَ سان ڦاڙي ذرا ذرا ڪيو؟

جواب: مير محمد خان.

"امير جي نوڪرن مان ڪوبہ حڪم ملڻ تي وڙهڻ لاءِ نہ ويو هو"، پر اهي ضرور وڙهيا ۽ اسان جا سائي انهن نوڪرن جي هٿان ماريا ويا. مان انهيءَ ڳالهہ تي بلڪل اعتبار نٿو ڪريان تہ هن پنهنجن نوڪرن کي وڙهڻ لاءِ حڪم نہ ڏنو هو، پر هو پنهنجين فوجن کي پنهنجن اتحادين خلاف جنگ ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ بدل هو، جيئن تہ هن ائين نہ ڪيو، انڪري ڪيس نتيجا سهڻ گهرجن.

ليفٽيننٽ برائون ۽ ميجر مئڪفرسن جي خلاف جيڪي ڪوڙيون ڳالهيون ڪيون ويون آهن، تن جا جواب انهن آفيسرن طرفان، اهڙي سچ ۽ سادگيءَ سان ڏنا ويا آهن، جيڪي انگريز شريف زادن کي سونهن ٿا. ڪرنل پٽنيل ياهر ويل آهي.

ڇا، امير ائين ٿو سمجهي تہ جڏهن ڪيس ۽ سندس ڀين برادريءَ وارن کي هٿيارن جي قوت ذريعي حقي واجبي سزا ملي چڪي، تڏهن اسان جي سپاهين جي ضايع ٿيل زندگين ۽ جنگ جي خرچ کي، بلڪل خسيس ۽ بي وقعت ڳالهيون سمجهي، نظرن کان دور اڇلائڻ گهرجي، ۽ انهن دغاباز هائينسز کي سندن سمورا ضبط ٿيل خزانا پاڻ وٽ رکڻ ڏنا وڃن؟ يقيناً نہ!

امير اڳتي هلي چوي ٿو تہ "مون پنهنجي زندگي حڪومت جي خدمت ۾ گذاري آهي." مان هن جي انهيءَ دعويٰ کي رد ڪريان ٿو. آءٌ ميجر آئوٽرام طرفان سرجان ڪين ڏانهن لکيل خط جو حوالو ڏيان ٿو، مان ميجر آئوٽرام جي ڪتاب جو حوالو ڏيان ٿو، مان اميرن جي خلاف شهادتن جي انهيءَ ڍير جو حوالو ڏيان ٿو، جيڪو مون لارڊ ايلنبرو ڏانهن موڪلي ڏنو؛ اهي سڀ ڪاغذ مون کي ميجر آئوٽرام طرفان تصديق شده دستاويزن طور ڏنا ويا، ۽ انهن تي انهيءَ آفيسر جي صحيح سان تصديق ٿيل آهي.

۲- مير صوبدار جي شڪايت:

مون هميشه ائين سمجهيو هو ته مير صوبدار اسان جو وفادار اتحادي آهي. نئين عهدنامي جي مسودي ۾ هن سان وڏي مهرباني ڪئي ويئي هئي، ۽ اميرن جي درميان سندس حيثيت کي، وڌايل آمدنيءَ ذريعي، جيڪا هن کي ملي ها، گهڻي قدر بلند ڪيو ويو هو؛ پر منافقت ۽ بزدليءَ جو چيريل ڪڙ جلد ئي ظاهر ٿي پيو. هزهائينس جو وڪيل، نالي آوتراءِ مون کي ڏکڻ طرف پيشقدميءَ جي دوران اچي مليو؛ هن مون کي پنهنجي مالڪ جي نيڪ ارادن بابت خاطري ڏني؛ هن چوائي موڪليو ته هو پين اميرن سان ...۵ ماڻهو جنگ ۾ موڪليندو، ۽ اهي اشاري ملڻ تي پلئو ڪائي انهن جي ماڻهن تي حملو ڪندا، ۽ مون کي اهڙو انتظام ڪرڻو پوندو، جو منهنجا سپاهي هزهائينس جي ماڻهن تي حملو نه ڪن. اهڙي ڪردار جي ذليل نوعيت جي منافقت، نفرت پيدا ڪندڙ هئي. جيڪڏهن انهيءَ لشڪر کي، جيڪو منهنجي قيادت هيٺ هو، لڙائي ۾ شڪست ملي ها، ته صوبدار جا ...۵ ماڻهو، جيڪي تازا توانا هجن ها، مٿن حملو ڪيل نه هجي ها، ۽ مقابلي جي دوران جن کي هٿ به نه لڳو هجي ها، پاڻ کي پنهنجن دوستن سان ڪيل غداريءَ جي الزام کان، جيڪڏهن راز ظاهر ٿي پون ها، صاف ڪرڻ لاءِ انتهائي بيرحميءَ سان انگريزن کي وڍي ڪٽي پورو ڪري ڇڏين ها. ٻئي طرف، جيڪڏهن اسان فتحياب ٿيون ها، ته پوءِ شڪ ناهي ته صوبدار جا ماڻهو اسان سان ڪيل وعدن کي پورو ڪرڻ لاءِ، پنهنجن ڀڄندڙ هموطنن جو نهايت بيدرديءَ سان ڪوس ڪن ها. اهڙي ذليل ۽ نفرت لائق پيشڪش لاءِ منهنجو جواب هيءُ هو: ”پنهنجي مالڪ کي وڃي چئه ته منهنجي فوج کي بلوچن جو ڪو به ڊپ ڊاءُ ڪونهي، ۽ ان کي غدارن جي امداد جي ضرورت ڪانهي. مان هزهائينس کي پنهنجو سچو اتحادي سمجهان ٿو، ۽ هڪ دوست جي حيثيت ۾ کيس مشورو ڏيان ٿو ته هو پنهنجن سپاهين کي

انهيءَ امير جي اڳواٽ سوچيل سمجهيل اڳرائيءَ تي اک ٻوٽيندس، ته هو خاموش رهندو.

منهنجي خواهش تي، ميجر آئوٽرام امير کي خط لکي موڪليو ۽ مون هن جي غلط روش تي اک ٻوٽ ڪرڻ قبول ڪئي. مون سمجهو ته ميجر آئوٽرام جي انهيءَ ماڻهوءَ متعلق چاڻ، هن جي خط کي هڪ خاص انداز ڏيندي، پر منهنجون اميدون اجايون هيون. ميجر آئوٽرام مير شير محمد جي ارادن کي سمجهي نه سگهيو ۽ دوکو کائي ويو، جنهن جو نتيجو حيدرآباد واري جنگ هئي.

حيدرآباد ۾ وارد ٿيڻ تي مون کي معلوم ٿيو ته صوبدار جا ماڻهو مياڻيءَ ۾ موجود هئا، ۽ مون کي هن ڳالهه لاءِ ڪوبه سنئو سبب نظر نه آيو ته هن جي منافقت هن کي انهيءَ مقدر کان محفوظ رکي، جيڪو نصير خان جي وڏيڪ سردانه نوعيت جي ڏوهه سبب ٻڌيو هو؛ انهيءَ منافقت اسان کي مياڻيءَ ۾ هن جي بندوقچين کان نه بچايو هو.

مير صوبدار چوي ٿو ته هن لارڊ ايلنبرو طرفان پيش ڪيل عهدنامو صحيح ڪيو هو، ۽ اهو اچا به هن وٽ آهي. هائو؛ پر مير صوبدار عهدنامي جا، جيڪو سفارتي قاعدن مطابق ميجر آئوٽرام جي سپرد ڪيو ويو هو، ٻه نقل صحيح ڪيا هئا، مير صوبدار، ٻين اميرن جي سياه صلاح و مشوري ۾ شريڪ ٿي، ميجر آئوٽرام ۽ هڪ سؤ کان وڌيڪ انگريز آفيسرن ۽ سپاهين کي، جيڪي هن سان گڏ هئا، قتل ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪيو هو. اهو ڄاڻي اميرن شام وقت هن جي بچاءَ ڪرڻ جو ظاهري ڏيکاءُ ڪيو، ته ٻئي ڏينهن صبح جو هو قتل ٿيڻ وارو هو. هنن ميجر آئوٽرام جي منشيءَ کي هن ڪم لاءِ رشوت ڏني هئي ته هو ڪليل دربار ۾ صحيح ڪيل عهدنامو چورائي سندن حوالي ڪري، ۽ هنن ڪليل

غائب نہ ڪئي ويئي؛ سڀ شيون باقاعده مالِ غنيمت وصول ڪندڙ ايجنٽن جي قبضي ۾ آهن، ۽ انهن جو حساب ڪتاب ملڪه معظمه وٽ پيش ڪرڻ لاءِ هڪيو حاضر آهي.

۳- مير نصير خان جي شڪايت:

جيڪڏهن دوستيءَ کي خيال ۾ آندو وڃي تہ انهيءَ باري ۾ مون کي اهو عرض ڪرڻو آهي تہ شروع کان وٺي سياٽيءَ واري لڙائي جي ڏينهن تائين، مير نصير خان جي چال چلت ۾ هر اهڙي ڳالهہ غائب هئي، جنهن کي دوستي چئي سگهجي. ۽ سيپٽمبر جي مهيني ۾ حيدرآباد اچڻ تي منهنجو سڀ کان پهريون ڪم، ليفٽيننٽ گورڊن ۽ ليفٽيننٽ مائلني کان، جيڪي انهيءَ وقت پوليٽيڪل ايجنٽ هئا. هيءَ ڳالهہ ٻڌڻ تي تہ خسيس نوعيت جون بيعزتيون ۽ معاهدي جون ڀڃڪڙيون بار بار ٿي رهيون هيون، انهن تي بندش وجهڻ جو پڪو ارادو ڪيو، ۽ مون انهيءَ باري ۾ اميرن کي هڪ بلڪل واضح خط موڪليو. جيڪڏهن اهي منهنجي خط جي رهنمائيءَ ۾ ڪم ڪن ها، تہ اهي اڄ ٻہ، انسان ذات ۽ سنڌي قوم جي ماٺهن جي بد قسمتيءَ لاءِ، حيدرآباد ۾ پنهنجن تختن تي موجود هجن ها، پر اهي معاهدي جي ڪن شرطن جي ڀڃڪڙي ڪندا ئي رهيا، ۽ مون گورنر جنرل کي انهن جي شڪايت ڪري موڪلي، جيئن مون انهن کي چيو هو.

امير چوي ٿو تہ ڪراچيءَ جي بندر ۾ سندس حصن جي متعلق سوالن تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ويو. انهن معمولي تفصيلن جو فيصلو منهنجي طرفان ميجر آئوٽرام جي سپرد ڪيو ويو؛ پر انهن مسئلن تي بحث مباحثو ڪرڻ لاءِ ميجر آئوٽرام سان ملڻ بدران، امير انهيءَ آنيسر جي گردن ڪاٽڻ جي ڪوشش ڪئي. چنانچہ، اها ڳالهہ بلڪل قدرتي هئي، جو سندس سوالن تي ڪوبہ توجہ نہ ڏنو ويو.

امير چوي ٿو تہ "مير رستم خان کي اسان کان اسان جي ايجنٽن کان پڇڻ کان سواءِ حيدرآباد موڪليو ويو." مير رستم خان، ميجر آئوٽرام سان خيرپور ۾ ملڻ جو وعدو ڪيو هو. ميجر آئوٽرام پنهنجي آٽ تي سوار ٿيو ۽ خيرپور ويو، ۽ امير پنهنجي آٽ تي چڙهيو، ۽ ابتو رستو وٺي حيدرآباد وڃي پهتو، جيڪا منهنجي ڪمشنر جي بيعزتي هئي، ۽ هن جي ذريعي منهنجي هتڪ هئي، ۽ مون کي انهيءَ ڳالهہ جو يقين آهي تہ اهو سڄو قصو ٻين اميرن جي طرفان رٿيو ۽ عمل ۾ آندو ويو هو، جن جي اختيار ۾ مير رستم شروع کان وٺي آخر تائين هو. مري قبيلي جي بلوچن کي رستي تي پڪڙيو ويو هو. امير چوي ٿو تہ "انهن ٻن ڳالهين بلوچن کي تاءُ ڏياريو. ۽ ان جو نتيجو قتلِ عام ۽ خونريزي هو." پوئين ڳالهہ صحيح هئي؛ پنجويهن مري سردارن کي منهنجي ڇانوٽيءَ جي پرسان گرفتار ڪيو ويو، جنهن ۾ انهن کي پوريءَ طرح هٿياربند ڪري آندو ويو هو. هنن سمجهيو تہ سان انهن جي هن هٿ ٺوڪيءَ ڳالهہ تي دوکو کائي ويندس تہ آهي اميرن کان سندن واجب الادا پگهارون گهرڻ لاءِ وڃي رهيا هئا. آهي سڀ مري قبيلي جا سردار هئا، ۽ مون پاڻ کي هنن جي جامہ تلاشي وٺڻ ۽ هٿيارن کسڻ جو اختيار ڏنو. مري قبائل جو وڏو سردار حيات خان هنن ۾ شامل هو. هن جي ڪيسي مان مون کي هڪ خط مليو، جيڪو اميرن طرفان سندن قبيلي جي هر مرد کي، جيڪو بندوق، ترار ڍال يا نيزو هلائي سگهڻ جهڙو هو، تنهن کي هٿياربند ٿي اچڻ جو سڏ هو. انهن کي اميرن سان ٩- فيبروريءَ تي مياڻيءَ جي ميدان ۾ ملڻو هو. چنانچہ، اهو قدرتي امر هو تہ آءٌ مري سردارن کي گرفتار ڪريان؛ ۽ هاڻي، مون پنهنجين چوڪين کي حڪم ڏيئي ڇڏيو آهي تہ جيڪڏهن اهڙيون جماعتون اتي اچي نڪرن، تہ کين هڪدم قتل ڪيو وڃي. امير جيڪڏهن ائين ٿا سمجهن تہ انگريز آفيسر اهڙي

آسانيءَ سان دوکي ۾ اچي وڃن ٿا، ته اهي وڏي غلطيءَ ۾ آهن؛ ۽ جنگ جي باقاعده اعلان کان اڳي رت جو هڪ به قطرو نه وهائڻ جي منهنجي عزم کان علاوه، ٻي ڪابه ڳالهه انهن پنجويهن مري سردارن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي منهنجي حڪم جاري ڪرڻ کان مون کي روڪڻ لاءِ ذميوار نه هئي، چاڪاڻ ته انهن ايتري ته چڙ ڏياري، جو جيڪب جي گهوڙي سوارن کي حملي ڪرڻ تي اڀارڻ لاءِ ڪافي هئي، پر انهيءَ آفيسر کي جيئن ته منهنجا آرڊر مليل هئا، انڪري هن انهن کي بچايو.

امير چوي ٿو ته هن نئين عهدنامي تي پنهنجي مهر لڳائي هئي. هائو، هن ١٤- تاريخ شام جو ائين ڪيو، ۽ ١٥- تاريخ تي صبح جو ڪليل دربار ۾ ان کي وڏي نفرت ۽ حقارت سان ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو. امير چوي ٿو ته هن ميجر آئوٽرام کي بچائڻ لاءِ پنهنجن دلپسند اميرن جو حفاظتي دستو ڏياري موڪليو- اها ڳالهه ظاهر هئي ته ميجر آئوٽرام کي شام جو قتل ڪرڻ جو موقعو ڪونه هو، ۽ انهن جو ارادو ڪيس ۽ انهن ٻين ماڻهن کي، جيڪي به هن سان گڏ هئا، ٻئي ڏينهن صبح جو قتل جو هو. هنن کي معلوم هو ته هن کي شام جو قتل ڪرڻ سان، هن جي پارٽي هڪدم جهازن طرف هٽي ويندي، ۽ اهي سڀ فرار ٿي ويندا، ۽ هو هڪ انگريز کي قبل از وقت قتل ڪرڻ سان هڪ سؤ کان وڌيڪ انگريزن کي قتل ڪرڻ جي لذت ۽ لطف حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي ويندا.

پر امير آخرڪار، ”زندگيءَ کان بيزار ٿي پيو، ۽ لڙائي ڪرڻ لاءِ نڪري پيو.“ بهرحال، ائين ٿو نظر اچي ته جڏهن هن انگريزي توبن جا آواز ٻڌا، تڏهن سندس زندگيءَ لاءِ محبت جو جذبو موٽي آيو، ۽ پنهنجن فوجن کي وري جمع ڪرڻ بدران هو پٺي هليو ويو.

امير اڪيلي چوي ٿو ته هن وٽ لڙائي ۾ ٧٠٠٠ گهوڙي سوارن ۽ پيادن کان وڌيڪ ماڻهن جو لشڪر ڪونه هو.

مالڪن کي غير مشروط طور پيش پوڻ لاءِ مجبور نه ڪيو هجي ها. اسان قلعي کي ڏسڻ جي بهاني سان ان ۾ داخل نه ٿيا هئاسين؛ ان جو قبضو فتح جو حق استعمال ڪري حاصل ڪيو ويو؛ ۽ داخلا رفته رفته ۽ احتياط سان ڪئي ويئي، ته جيئن زناني جي عورتن کي گهٻراهٽ، يا فوجي سپاهين جي نظرن ۾ اچڻ کان بچايو وڃي؛ انهيءَ نزاڪت کان سواءِ، آءٌ پنهنجي فوج جي قيادت ڪندي قلعي ۾ داخل ٿيان ها.

امير وري چوي ٿو ته ”پناهه ڏيڻ، صلح ڪرڻ ۽ اطمينان جي پڪ ڏيڻ ۽ قلعو واپس ڏيڻ جي ڳالهه قبول ڪرڻ کان پوءِ“ وغيره. سچ آهي ته اسان امان ۽ پناهه ڏني؛ جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن به زخمي يا قيديءَ کي بيعزت نه ڪيو ويو؛ پر ”صلح ڪرڻ“ واري ڳالهه نسورو ڪوڙ آهي؛ ”مطمئن ڪرڻ جو وعدو ڏيڻ“، هڪ ٻيو ڪوڙ آهي؛ ۽ ”قلعو واپس ڏيڻ جي ڳالهه قبول ڪرڻ،“ ٽيون ڪوڙ آهي. شڪايت ۾ باقي جيڪي ڳالهيون بچيل آهن، سي ڪوڙ بدوڙ جو ڍير آهن.

صحيح

سي - جي - نيپئر

## ڍاڳو ٻيو

## سر چارلس نيپئر طرفان، گورنر جنرل اِن ڪائونسل ڏانهن

## ڪراچي، ٢٧- آڪٽوبر ١٨٤٣ع

آءٌ اوهان صاحبن کي سابق اميرن جي هلت چلت جي متعلق ڪجهه وڌيڪ معلومات موڪلڻ جو شرف حاصل ڪريان ٿو. اميد اٿم ته اهو غير اطمينان بخش ثابت نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته جيئن وڌيڪ گهرائي ۾ تحقيقات ڪئي ويندي، تيئن اميرن جي دغابازي وڌيڪ عيان ٿيندي. مان اها معلومات گذريل فيبروري يا مارچ ۾ موڪلي سگهان ها، جيڪڏهن مان پنهنجو وقت هڪ اهڙي شغل ۾ گذاريان ها، جيڪو بيانن وٺندڙ پوليس جي

اعليٰ حاڪم لاءِ موزون هو. پر انهيءَ وقت، مون کي ١٥٠٠ ماڻهن کان وڌيڪ جنگي جوانن کي ڪوٺڻ جو اختيار ڪونه هو. مون کي اڃا ڪنهن ڪمڪ موڪلڻ جو وعدو نه ڏنو ويو هو. شير محمد جي قيادت هيٺ ٢٠،٠٠٠ ماڻهو منهنجي ڇانوڻيءَ کان هڪ منزل دور موجود هئا. اسان بغاوت تي آماده ماڻهن جي وچ ۾ هئاسين، جيڪي جنگجو ۽ چڱيءَ طرح هٿياربند هئا، مون وٽ موجود اسلحه خانا ۽ اسپتالون زخمين سان ڀريل هيون، جن جي سنڌونديءَ جي ڪنارن تي حفاظت ڪرڻي هئي. منهنجي ڇانوڻيءَ ۾ ڇهه حڪمران شهزادا موجود هئا، جيڪي منهنجي ڪئمپ تي وڏي تعداد ۾ ماڻهن کان حملو ڪرائڻ لاءِ پوري قوت سان سازش ڪرڻ ۾ مصروف هئا. مون کي هڪ وڏي قلعي جي حفاظت ڪرڻي هئي؛ اهو قلعو منهنجي ڇانوڻيءَ کان ٽي ميل پري هو: مون وٽ زبردست خزانو حفاظت ڪرڻ لاءِ موجود هو. مون کي قلعي ۾ موجود زناني جي احترام ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پيو هو، جنهن ۾ قلعي اندر موجود ريجمينٽ لاءِ زبردست خطرو هو (انهيءَ ريجمينٽ کي جنگ ۾ زبردست تڪليف برداشت ڪرڻي پيئي هئي ۽ انهن جو تعداد ٤٠٠ کان مٿي ڪونه هو) ڇاڪاڻ ته انهن "زنانن" اندر ٨٠٠ طاقتور ۽ پوريءَ طرح مسلح ٽيل بلوچ موجود هئا، ۽ "زنانا" هٿيارن سان ڀريل هئا. مون کي اميرن جي دغابازيءَ جو پورو پورو علم هو، نه ته جيڪر مان اهڙو بي انصاف نه ٿيان ها، جو هنن لاءِ اهڙا لفظ استعمال ڪريان ها، جيڪي مون مياڻيءَ جي جنگ کان پوءِ انهن کي موڪليل خط ۾ انهن سان منسوب ڪيا.

آءٌ: ڇا، توهان کي اهو ٻڌائڻ ۾ ڪو اعتراض آهي ته اهو معاملو ڪيئن شروع ٿيو، ۽ مير شهداد انهيءَ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟

مير بجر: مان اوهان کي خوشيءَ سان ٻڌائيندس. اهو هن طرح سان ٿيو. پر اڳ ۾ مان اوهان کي اهو سمجهايان ته اسان ٽن ميرن جو، جيڪي هن مهل اوهان سان ڳالهائي رهيا آهيون، هڪ ٻئي سان ڪهڙو تعلق هو. مان مير شهداد جي نوڪريءَ ۾ هوس، مير غلام شاهه، مير صوبدار جي نوڪريءَ ۾، ۽ مير فضل علي، مير محمد جي نوڪريءَ ۾ هو. چڱو، هاڻي توهان کي معلوم آهي ته ريزيڊنسيءَ تي حملي کان اڳ، اميرن ۽ ميجر آئوٽرام جي درميان تمام گهڻي قدر اٿوٿندڙ قسم جون ڳالهيون ٿيون هيون، پر نيٺ، حملي کان هڪ ڏينهن اڳ، شام مهل مير نصير خان پنهنجي لشڪر سان گڏ نڪتو، ۽ مياڻيءَ جي رستي تي واقع مير فتح عليءَ واري باغ ڏانهن روانو ٿيو. هو شام جو نڪري ويو، ۽ ٻيا امير قلعي ۾ رهيا. هن جي ٻاهر نڪري وڃڻ واريءَ رات جو، هن جي دربار ۾ بلوچ سردارن جو هڪ وڏو اجتماع ٿيو، پر ڇا ڪيو ويو، تنهن جي مون کي ڪا خبر ڪانهي، جو مان اتي موجود ڪونه هوس. ٻئي ڏينهن صبح جو جيئن مان دستور مطابق، مير شهداد کي سلام ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هوس، ته مون بلوچن جا وڏا ميڙاڪا ڏٺا؛ ۽ اها ڳالهه ٻڌي ته اهي ريزيڊنسيءَ تي حملو ڪرڻ وارا هئا. مان مير شهداد جي جاءِ تي هليو ويس. دربار ۾ وڃڻ تي، متڪم منشي پڻ اندر آيو ۽ چيو ته بلوچ روانا ٿيڻ ۽ ريزيڊنسيءَ تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار آهن، جڏهن مير شهداد، جيڪو جنگ لاءِ بلڪل تيار هو، تپ ڏيئي اٿيو ۽ چيو ته هو پاڻ وڃي انهن جي اڳواڻي ڪندو. هن مون کي پاڻ سان هلڻ لاءِ چيو. مون وٽ هميشه وانگر تلوار هئي، پر

ڍال ۽ بندوق ساڻ ڪانہ هئي، ۽ لازمي طور آءٌ لڙائي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونہ هوس، پر مون حڪم مڃيو. پوءِ مون کي پتو پيو تہ احمد خان لغاريءَ کي، گذريل رات مير نصير خان جي حڪم تي، ستن يا اٺن هزار ماڻهن سان ريزيڊنسيءَ تي حملي ڪرڻ لاءِ اڳ ڪيو ويو هو.

آءٌ : ڇا، مير نصير خان جي حڪم سان؟

مير بجر: مون ائين سمجهيو تہ هن جي طرفان گذريل رات باغ ۾ ڏنل حڪم سان، پر مان پڪ سان نٿو چئي سگهان، ڇو تہ آءٌ اتي موجود ڪونہ هوس. بهرحال، ماڻهو رواني ٿيڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. مير شهداد پاڻ کي انهن جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو هو؛ هن مون کي ساڻس گڏ هلڻ جو حڪم ڏنو ۽ مون ائين ڪيو. مون سان گڏ تمام ٿورا ماڻهو هئا، ۽ مون مير غلام شاهہ ڏانهن هڪ قاصد موڪليو تہ هو ڪيس ٻڌائي تہ ڇا ٿي رهيو هو؛ ۽ هن کي منت ميڙ ڪري تہ هو مير شهداد کي ائين نہ ڪرڻ لاءِ آماده ڪري. مير غلام شاهہ، مير محمد سان ڳالهايو؛ ۽ هن پنهنجو هڪ اعتماد وارو نوڪر موڪلي ڏنو، جيڪو مير شهداد وٽ آيو ۽ کيس چيو تہ جنهن ڪم ۾ هو مشغول آهي، سو حماقت جو آهي، ۽ کيس وري چيو تہ هو ائين نہ ڪري.

مير غلام شاهہ: هائو، مان مير شهداد جي نوڪريءَ ۾ ڪونہ هوس، پر جيئن تہ مان ريزيڊنسيءَ جي پرسان رهندو هوس، انڪري مون کي اتان جي شريف ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ جو ڪافي موقعو مليو هو. مون انگريزن کي ايتريقدر ڏٺو هو، جو مون کي ڪافي حد تائين يقين هو تہ جيڪڏهن اسين هنن سان جنگ ڪنداسين تہ هو اسان کي اڳي يا پوءِ شڪست ڏيندا؛ ۽ مون کي معلوم هو تہ جڏهن هو اسان کي شڪست ڏيندا، تڏهن اسان کان پنهنجي ايلچيءَ جي خون جو سخت

بدلو وٺندا. ان کان سواءِ مون اهڙن ماڻهن کي قتل ڪرڻ، بيعزتي ۽ ناشائستو ڪم سمجهيو، جن کي ڪو بچاءُ ڪونه هو. انهيءَ ڪري مون مير محمد کي منٿ ڪئي ته هو مير شهداد کي روڪڻ لاءِ حڪم موڪلي، جنهن جي گرم مزاجي اسان سڀني تي تباهي نازل ڪندي. ان تي هڪ اعتبارجوڳو ماڻهو مير شهداد ڏانهن موڪليو ويو، پر هن جواب ڏنو ته هن (مير شهداد) اهو ڪم سرانجام ڪرڻ لاءِ قسم کنيو هو، ۽ هو ان کي پاڙيندو. هن وڌيڪ چيو ته حملي جو سڄو انتظام ٿي چڪو آهي، ۽ احمد خان لغاري پنهنجن پوئلڳن سان گڏ اوڏانهن وڃي رهيو آهي، ۽ هن احمد سان هر حالت ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جي ساک ڏني آهي ۽ هاڻي هو حملي ڪندڙ لشڪر جي مهنداري ڪندو.

مير بجر: چڱو، ته انهيءَ کان پوءِ هر قسم جي اعتراض جو خاتمو ٿيو، ۽ مير شهداد مون سان، ۽ پارٽيءَ جي ٻين ماڻهن سان گڏ ريزيڊنسيءَ طرف روانو ٿيو، ۽ جڏهن اتي پهتاسين، تڏهن احمد خان پنهنجا ماڻهو وٺي حملي ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو، جڏهن ته مير شهداد، مان ۽ ٻيا خدمتگار ۽ ماڻي گولين جي زد کان ٻاهر، وڻن جي هڪ جهڳٽي هيٺان وڃي گهوڙن جي پٺين تي سوار رهي، بيهي رهياسين، تان جو سڀڪجهه ختم ٿي ويو، پوءِ اسان موٽياسين ۽ مير نصير خان سان مياڻيءَ ۾ وڃي ملياسين. بس، مون کي انهيءَ سڄي معاملي جي ايتري ئي خبر آهي. حقيقت اها آهي ته جيتوڻيڪ آءٌ مير شهداد جو سالو هيس، پر هو ڪڏهن به مون سان صلاح مشورو نه ڪندو هو- هن جي طاقت نوڪرن ۽ ٻين ماڻهن جي هٿن ۾ رهندي هئي.

مير غلام شاهه: مير بجر انهيءَ معاملي جو صحيح بيان ڏنو آهي؟

مير فضل علي: هائو، اهو سڀ سچ آهي.

مير غلام شاهه: چڱو، آءٌ پڇڻ ٿو گهران ته اهي سڀ ڳالهيون هاڻي ڇالاءِ ڪيون وڃن ٿيون؟ مير بجر پنهنجو سلام پيش ڪيو آهي، ۽ اسان کي اميد آهي ته، جيئن انهيءَ وقت وعدو ڪيو ويو هو، ماضيءَ کي وساريو ويو آهي.

آءٌ: مون کي اوهان کي پڌائڻ ۾ ڪابه تڪليف نه ٿيندي. مير بجر پنهنجو سلام پيش ڪيو آهي ۽ هن کي معاف ڪيو ويو آهي، ۽ هن کي گذريل وقت جي ڳالهين لاءِ ڪابه تڪليف ڏيڻ جو ارادو ڪونهي. منهنجي سوالن پڇڻ جو سبب هي آهي: مير شهداد هاڻي چوي ٿو ته هن انهيءَ لشڪر جي قيادت ڪڏهن به نه ڪئي هئي، جنهن ريزيڊنسيءَ تي حملو ڪيو هو، پر اهي بلوچ سردارني هئا، جن ان تي حملي ڪرڻ تي زور ڏنو، ۽ هو جنهن مقصد سان اوڏانهن ويو، سو انهن وٽ احتجاج ڪرڻ ۽ کين سمجهائڻ هو ته جيئن انگريزن بچي وڃي.

مير بجر: اڙي، اها ڳالهه ته نهايت غلط ۽ ڪوڙي آهي؛ جيڪو به ماڻهو انهيءَ جماعت سان گڏ هو، تنهن کي چڱيءَ طرح معلوم آهي ته اها ڳالهه ڪوڙي آهي. حملي لاءِ حڪم وٺڻ لاءِ بلوچن جي لفظن ڪهڙو اثر ڪيو، تنهن جي مون کي خبر ڪانهي؛ پر مان چئي سگهان ٿو ته ان جو وڏو اثر ٿيو هوندو، ڇاڪاڻ ته اهي هن باري ۾ زور زور سان واڪا ڪري ڳالهائي رهيا هئا ته اهي ڇا ڪري سگهندا، پر جيئن مون چيو آهي، مير شهداد انهيءَ پارٽيءَ جي قيادت رضاڪارانه طور ڪئي، حالانڪ مير محمد ان جي خلاف احتجاج ڪيا ۽ هن کي ائين نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو؛ هو سڄي لڙائي ۾ موجود رهيو ۽ انگريزن کي ٻاهر ڪڍڻ کان پوءِ اسان سان گڏجي مياڻيءَ ڏانهن هليو. اتي پهچي هو مير نصير خان جي قريب پهتو ۽ هن کي سلام ڪري چيو "شال خوش نصيبي اوهان سان گڏ رهي! مون اڄ فتح حاصل ڪئي آهي."

صحيح ڳالهه ڪهڙي هئي، ۽ هن سائس ڪيل گفتگوءَ ۾ هن ڪان هيٺيون نئون اقرارنامو حاصل ڪيو:

مير غلام شاهه، حملي واري ڏينهن صبح جو، مير صوبدار وٽ پڻ حاضر ٿيو، جنهن پڻ هن جي حملي ۾ شريڪ ٿيڻ جي خواهش جو سندس اڳيان اظهار ڪيو. غلام شاهه جواب ڏنو ته هو پاڻ ڪي شهداد جهڙي ناتجربيڪار ٻار جي احڪامات هيٺ نه رکندو، خصوصاً هن ڪري جو هو انهيءَ معاملي کي خراب سمجهي رهيو هو، پر جيڪڏهن مير صوبدار پاڻ اوڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪيو ته پوءِ هو، پنهنجو فرض سمجهي، سائس گڏجي هلندو. مير صوبدار پوءِ ڪليو، ۽ چيو ته ائين ڪڏهن به نه ٿيندو.

اڄ صبح جو مير غلام شاهه ۽ فضل علي مون وٽ ملاقات لاءِ آيا، ۽ مون موقعو وٺي مٿين گفتگو هنن کي پڙهي ٻڌائي، جيڪا هن مهيني جي ٢٢- تاريخ تي لکي ويئي هئي، جنهن لاءِ هنن چيو ته اها بلڪل درست هئي؛ انهيءَ موقعي تي منشي موجود ڪونه هو، ۽ ٻنهي کي هن جي مدد جي ضرورت ڪانه هئي.

٢٤- آڪٽوبر — اي. بي. رئٽبورن

وغيره وغيره.

## ڀاڱو چوٿون

### حيدرآباد جي سابق امير صوبدار خان جي مصاحب يا معتمد ملازم پير بدرالدين جي شهادت

سوال: اميرن جي لشڪر ڪهڙي ڏينهن تي حيدرآباد ڇڏي ۽ ان ڪٿي ڇانوڻي ڪئي؟

جواب: ٦- فيبروري ١٨٤٣ع تي، غلام محمد ڪوسري والا ۽ مير خان محمد ٽالپر (خانائي) جي زير قيادت فوج رواني ٿي ۽ ان مير فتح علي قبي جي پڊ ۾ ٻيرن واري جهنگ اندر ڇانوڻي هنئين. ان کان پوءِ ٻئي سردار حيدرآباد موٽي آيا ۽

مير نصير کي چيائون تہ هو لڙائي شروع ڪرڻ لاءِ سڀ تياريون مڪمل ڪري. ان کان پوءِ لشڪر اتي گڏ ٿيندو رهيو ۽ سردار جيئن جيئن ايندا رهيا، اتي ٺڪ رهيا. ۱۴- فيبروري واري ڏينهن شام جو مير نصير خان ڪوچ ڪيو ۽ انهيءَ لشڪر سان اچي مليو.

سوال: توهان کي خبر آهي تہ انهيءَ لشڪر جو تعداد ڪيترو هو؟

جواب: مون انهن کي ڳڻي تہ ڪونہ ڏٺو، پر هيءَ ڳالهہ عام طور مشهور هئي تہ ان ۾ ۳۰،۰۰۰ ماڻهو شامل آهن.

سوال: اها ڳالهہ ۱۴- فيبروريءَ جي آهي. انهيءَ لشڪر ٻي ڏينهن تي ڇا ڪيو؟

جواب: صبح جو حڪم جاري ڪيو ويو تہ ميجر آئوٽرام جي رهائشگاهہ کي لٽيو وڃي.

سوال: اهو حڪم ڪنهن ڏنو؟

جواب: مون کي معلوم ڪونهي.

سوال: انهيءَ مقصد لاءِ ايجنسيءَ ڏانهن ڪيترا ماڻهو ويا؟

جواب: نَوَ يا ڏهہ هزار ماڻهو.

سوال: انهيءَ پارٽيءَ جي قيادت ڪنهن ڪئي ۽ ان سان گڏ ڪهڙا سردار ويا؟

جواب: مير شهداد انهيءَ پارٽيءَ جي اڳواڻي ڪئي، ۽ هن جي طرفان ئي ايجنسيءَ کي لٽڻ جو حڪم ڏنو ويو، هن سان گڏ انهيءَ موقعي تي، خيرپور وارو مير نصير، جهان محمد، مير خان محمد، غلام محمد ڪومري والا، هڪ نظاماڻي سردار، جنهن جو نالو مون کان وسري ٿو، احمد خان لغاري، ميرزا باقر، ۽ ڪجهہ ٻيا ننڍا سردار ساڻ هئا.

سوال: اها پارٽي جڏهن ايجنسيءَ وٽ پهتي، تڏهن ان جي قيادت ڪنهن ڪئي، ۽ انهيءَ جي طرفان ڪهڙا حڪم ڏنا ويا؟

جواب: مير شهداد خان قيادت ڪئي، ۽ هن جي طرفان هي حڪم ڏنو ويو ”جيڪڏهن فوجون وڙهن ته ڪين قتل ڪريو، پر جيڪڏهن اهي ڀڄي وڃن، ته پرواهه نه ڪريو.“

سوال: جڏهن ميجر آئوٽرام ايجنسي ڇڏي ويو، تڏهن سنڌ جي لشڪر ڇا ڪيو؟

جواب: انهن پٺيان ڇڏيل سڄو مال اسباب لٽيو ۽ سڀ جايون ساڙي ڇڏيون. پوءِ اهي مير نصير خان سان باغ ۾ وڃي مليا، ۽ متي ذڪر ڪيل سردارن چيو، ”اسان فتح حاصل ڪئي آهي؛ ميجر آئوٽرام ڀڄي ويو آهي، ۽ اسان هن جو مال اسباب لٽيو آهي. اسان جي پارٽيءَ نهايت بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي.“ مير شهداد هڪ ماڻهوءَ کي؛ جنهن جو نالو مون کان وسري ٿو، روانو ڪيو ته هو سنڌس سوٻ جي خبر مير صوبدار خان کي قلعي ۾ وڃي پهچائي، ۽ کيس آگاهه ڪري ته ميجر آئوٽرام فرار ٿي ويو آهي. مير صوبدار خان اها ڳالهه ٻڌڻ سان چيو ته، ”توهان خراب ڪم ڪيو آهي. جيڪڏهن توهان ٨٠٠٠ ماڻهن سان ١٠٠ ماڻهن کي فنا ڪري نه سگهيا آهيو، ته پوءِ توهان جنرل جي لشڪر جي سامهون ڇا ڪري سگهندا؟“

سوال: اهو واقعو ١٥-فيبروري تي ٿيو. پوءِ پلا ڇا ٿيو؟

جواب: ١٥- فيبروريءَ جي شام جو، باغ مان نڪتو ۽ اتان کان اڏ ڪوهه پري، ليونر وٽ قيام ڪيو ۽ ١٦ جي شام جو هو مياڻيءَ پهتو. ٻئي ڏينهن صبح جو لڙائي لڳي ويئي.

سوال: مياڻيءَ جي لڙائي ۾ امير جي لشڪر جو تعداد ڪيترو هو؟

جواب: ڪي چون ٿا تہ اهو ۴۰،۰۰۰ هو، ۽ ڪي چون ٿا تہ ۳۵،۰۰۰ هو.

سوال: صوبدار جا ڪيترا ماڻهو لڙائيءَ ۾ موجود هئا؟

جواب اختيار لغاريءَ سان ۴،۰۰۰، محمد خان تورا سان ۳۰۰۰ ۽ مير صوبدار خان جي ماتحت ٻين سردارن جي هٿ هيٺ ۵۰۰ ماڻهو هئا.

سوال: مير محمد خان جا ڪيترا ماڻهو لڙائيءَ ۾ شامل هئا؟

جواب: مون کي خبر ڪانهي، پر هو جيترا بہ ماڻهو گڏ ڪري سگهيو ٿي، سي سڀ اتي موجود هئا.

سوال: ڇا، مير صوبدار لڙائيءَ ۾ موجود هو؟ هن کان سواءِ ٻيا ڪهڙا امير اتي موجود هئا؟

جواب: مير صوبدار ۽ مير محمد خان لڙائيءَ ۾ موجود ڪين هئا، انهن ٻن کان سواءِ آپر ۽ لوئر سنڌ جا ٻيا سڀ امير اتي موجود هئا.

سوال: اميرن جي لشڪر جي جڏهن تہ ۱۷ فيبروريءَ تي اها طاقت هئي، تہ پوءِ جيڪڏهن لڙائيءَ ۾ ٻہ-ٽي ڏينهن وڌيڪ دير پوي ها تہ پوءِ انهن وٽ وڌيڪ ڪيترو ٻيو لشڪر پهچي سگهي ها؟

جواب: اهو وڌي وڃي ۵۰،۰۰۰ يا ۶۰،۰۰۰ ٿي ها.

سوال: ڇا، مير صوبدار جنرل کي اهڙو اطلاع موڪليو هو تہ حيدرآباد ۾ فوجون گڏ ٿي رهيون آهن؟

جواب: انهيءَ ڏينهن، جنهن تي جنرل سڪرنڊ* پهتو هو، رات جو مير صوبدار مون کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيو تہ

---

* جنرل جا لکيل نوٽ، ۱۰- فيبروري (سي-جي-اين.)

”ٻن ڏينهن جو ڪاڌو پيتو ڪٺي وڃ ۽ جهنگ جو رستو وٺي جنرل جي ڇانوڻيءَ وٽ وڃي پهچ؛ ڪيس وڃي چئه ته جيڪڏهن هو جلد ايندو ته ٺيڪ، پر جيڪڏهن هو دير ڪندو ته هتي لشڪر تمام گهڻو وڌي ويندو.“ جمادا ڪانوزا چيو ته ”بدرالدين وڏو ماڻهو آهي؛ جيڪڏهن هو وڃي ٿو ته پوءِ ڳالهه سڀني کي معلوم ٿي ويندي، ۽ توهان بدنام ٿيندا؛ بهتر ائين ٿيندو ته ٻئي ڪنهن کي موڪليو وڃي.“ بعد ۾ مون ٻڌو ته سيد عباس علي شاهه ۽ هڪ قاضيءَ کي حڪم ڏنو ويو ته اهي جنرل جي ڪئمپ ڏانهن وڃن، ۽ کيس عرض ڪن ته هو جلد اچي پهچي*.

سوال: انهيءَ وقت يعني ۱۰-فيبروري ۱۸۴۳ع تي، مير صوبدار انگريزن جو دوست هو، يا هو ڪڏهن دشمن بڻيو؟

جواب: مون کي خبر ناهي.

سوال: اميرن ڪڏهن فوجون جمع ڪرڻ شروع ڪيون؟

جواب: جڏهن مرزا خسرو نوشهرو کان اميرن کي لکي موڪليو، ”جنرل هر قيمت تي جنگ ڪرڻ لاءِ آماده آهي، تنهنڪري تياري ڪريو.“ جڏهن مرزا حيدرآباد موٽي آيو، تڏهن فوجون گڏ ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو ويو.

سوال: ڇا اهو اجتماع ميجر آئوٽرام جي حيدرآباد پهچڻ کان اڳ ئي شروع ٿيو هو؟

جواب: فوجن جو اجتماع ميجر آئوٽرام جي حيدرآباد پهچڻ کان اڳ شروع ٿي ويو هو.

سوال: جيڪڏهن اميرن کي فتح حاصل ٿئي ها، ته انگريزي فوج جو ڪهڙو حشر ٿئي ها؟

جواب: هر جاندار ماڻهوءَ کي قتل ڪيو وڃي ها.

بدرالدين پنهنجي شهادت کي پڙهڻ بعد چوي ٿو ته اها صحيح نموني ۾ لکيل آهي، ۽ هو ان تي، اڄ ۲۲- آڪٽوبر

---

* اهي ماڻهو مون وٽ ڪڏهن نه آيا-(سي. جي. اين)

۱۸۴۳ع تي پنهنجي مهر لڳائي ٿو. محمد محي الدين شاهد آهي ته بدرالدين اما شهادت ڏني، ۽ هو ان کي صحيح ۽ درست چوي ٿو.

هي بيان منهنجي سامهون، اڄ آڪٽوبر مهيني جي ۲۲- تاريخ، سال ۱۸۴۳ع تي ڏنو ويو. اي. جي. برائون

## ضميمو- ۵

### ڀاڱو پهريون

### امير صوبدار خان، امير نصير خان ۽ امير محمد خان طرفان لڳايل الزامن جو انهن آفيسرن طرفان جواب، جن کي حيدرآباد جي قلعي ۽ خزاني تي قبضو ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو

### ميجر مئڪفرسن، پرائيز ايجنٽ جو بيان

اميرن طرفان ڪيل انهيءَ دعويٰ جي متعلق، ته مان قلعو ڏسڻ جي خيال کان ان ۾ داخل ٿيو هوس، آءٌ چوان ٿو ته اها سندن غلطي آهي. مان فوجن سان گڏ ان تي قبضو ڪرڻ، ۽ ان جي ٿل تي انگريزن جو جهنڊو ڦڙڪائڻ لاءِ داخل ٿيو هوس، ۽ اهو ڪم ۲۱- مارچ ۱۸۴۳ع تي سرانجام ڪيو ويو. ڪنهن جي بہ بيحرمتي نہ ڪئي ويئي، ڪنهن کي بہ زنانہ جي ويجهو وڃڻ نہ ڏنو ويو، ۽ ڪنهن کي اوڏانهن وڃڻ کان روڪڻ لاءِ سنتري بيهاريا ويا هئا. هن ڳالهہ جو اطلاع ڏنو ويو تہ مرد ڪهڙيءَ مهل ٿل تي چڙهندا، تہ جيئن زالون پردي پٺيان هليون وڃن ۽ ڪوئي بہ هنن کي لڪي نہ ڏسي سگهي، ۽ مردن کي ڪن خاص وقتن تي ٿل تي چڙهڻ جي اجازت ڏني ويئي، تہ متان خواتين کي تڪليف پهچي، ۽ اهي ڪاوڙ ڪن. انهيءَ ڏينهن جي دوران، مون پرائيز ايجنٽ جي حيثيت ۾ ڪافي مقدار ۾ خزانو جمع ڪيو، جيڪو گهڻو ڪري سون جي

تجربو ڪونہ ٿيو. ڪين بار بار چيو ويو تہ اسان ڪي سنڌن عورتن جا زيور يا انهن جي ٻئي ڪنهن بہ مال ملڪيت تي قبضي ڪرڻ جي خواهش ڪانهي ۽ نہ اسين ائين چاهيون ٿا؛ ۽ ڪيترين ئي حالتن ۾ جڏهن اهي اسان کي آڇيا ويا؛ تہ مون پاڻ انهن کي سندن مالڪن ڏانهن واپس ڏياري موڪليو؛ ٻين پرائيز ايجنٽن پڻ ائين ڪيو؛ اسان کي عورتن جي تخليي ۾ مداخلت ڪرڻ جو ڪو بہ خيال ڪونہ هو؛ ۽ نہ ئي اسان ڪڏهن بہ انهن جي زنانن اندر زوريءَ داخل ٿياسون؛ اسان کي ميجر جنرل وٽان هن باري ۾ سخت احڪامات مليل هئا تہ اسين زالن جي رهائشگاهن کان بلڪل دور رهون.

ڊبليو - بلينڪينس

ڪئپٽن بازيٽ، پرائيز ايجنٽ، ليفٽيننٽ برائون ڪمشنر ۽ ميجر ريڊ، قلعي جي فوجي دستن جي ڪمانڊر؛ اميرن جي ترديد ۾ اهڙائي، بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ سخت لفظن ۾ بيان ڏنا. اهي سنڌ پارليامينٽري پيپرس سان شامل سپليمينٽ ۾ موجود آهن. اُتي ئي اميرن جا يادداشتنامان (درخواستون) پڻ پڙهي سگهجن ٿيون، پر انهن جو تت اڳي ئي هن داستان ۾ ڏنو ويو آهي.

## ياڳو ٻيو

## سرچارلس نيپيئر طرفان، گورنر جنرل ڏانهن

## ٩- مئي ١٨٤٣ع

اميرن جي سڀني عورتن انهن سان گڏ وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ اهي هت موجود آهن. اهي چون ٿيون تہ انهن وٽ گذر جو ڪو ذريعو ڪونهي. ٻڌجي تہ اها ڳالهہ ڪوڙي آهي. مون بلڪل صاف لفظن ۾ ۽ سختيءَ سان پرائيز ايجنٽن

ڪي انهن جي شخصي سونن زيورن ۽ هيرن جواهرن ڪسڻ ڪان منع ڪئي هئي. پر اهي پاڻ سان خزانو ڪڍي ٻاهر نڪتيون يا نه، سو آءٌ چئي نٿو سگهان.

## ڏاڍو ڏيو

## ٻاهبي ٽائيمس جي ڊاڪٽر بيوسٽ طرفان مشهور ڪيل غلط ڳالهين جي ترديد

## سر چارلس نيپئر طرفان، گورنر جنرل ڏانهن

## ١٦- مئي ١٨٤٣ع

هن مهيني جي ٦- تاريخ واري ٻامبي ٽائيمس ۾ هڪ انتهائي بدنام قسم جو مضمون نظر آيو. اهو سڄو شروع ڪان آخر تائين هڪ يڪو ڪوڙ آهي. هن فوج جا آفيسر ڏاڍا ڪاوڙيل آهن. انهيءَ ليک جو موضوع آهي: ”اميرن جي زنانن جون خواتين“.

اوهان صاحبن کي انهيءَ موضوع تي تڪليف ڏيڻ لاءِ منهنجو سبب اهو آهي ته شايد اوهان ائين سمجهيو هجي ته ڪا بيحرمتي ڪئي ويئي هوندي ۽ ان طرح معاملو وڌيڪ خراب ٿي وڃي ها. عالي جناب، بيقاعدگيءَ جو ڪو هڪڙو به واقعو ڪونه ٿيو آهي. نه ئي ڪنهن آفيسر جي ڪوارٽر ۾ زنانن جي ڪنهن خاتون کي ته ڇڏيو ڪائي به عورت، موجود ڪانهي؛ ۽ نه ئي مون کي انهيءَ ڳالهه تي اعتبار آهي ته انهن خواتين سان ڪنهن تي به هن فوج جي ڪنهن آفيسر جي نگاه پيئي آهي.

حيدرآباد ۾ ۽ ان جي پر پاسي ۾ متعين سنڌ فيلڊ فورس جي آفيسرن جي هڪ ميٽنگ ۾، جيڪا سنڌ جي گورنر ۽

سنڌ جي فوج جي ڪمانڊر، هز ايڪسيلينسي سر سي• جي نيپئر، ڪي-سي-بي جي منظوريءَ سان انهيءَ لاءِ منعقد ڪئي ويئي، تہ گذريل ٦- مئي جي بامبي ٽائيمس اخبار ۾ ”اميرن جا زنانہ“ جي سري هيٺ شايع ٿيل هڪ بدناموسيءَ واري ليک جي ترديد ڪرڻ لاءِ موزون ۽ مناسب اقدامات تي غور ڪيو وڃي، اتفاق راءِ سان هي ٺهراءُ منظور ڪيو ويو:

تہ هز ايڪسيلينسي، گورنر آف سنڌ ڏانهن هڪ درخواست موڪلڻ لاءِ لکي وڃي، ۽ ان کي هن فوج جي آفيسرن جي صحيحن لاءِ ڦيرايو وڃي، جنهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل ليک ۾ شامل ڪيل بي بنياد ۽ نقصان پهچائيندڙ ڪوڙن الزامن تي سندن غصي جو اظهار ڪيو وڃي، ۽ ان ۾ هز ايڪسيلينسي جي تحفظ حاصل ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو وڃي ۽ ڪانئس هن باري ۾ اجازت گهري وڃي تہ ڪين پنهنجي جذبات کي وڌيڪ وسيع دائري ۾ عام ڪرڻ لاءِ، انهيءَ درخواست جا نقل هندستاني اخبارن کي اشاعت لاءِ موڪلڻ ڏنا وڃن•

ان کان پوءِ هيٺين عريضي لکي ويئي ۽ سڀني ان تي اتفاق ڪيو:

> حيدرآباد، ۽ ان جي ويجهڙائي ۾ متعين سنڌ آرمي جي هيٺ صحيح ڪندڙ آفيسرن طرفان سنڌ جي گورنر ۽ سنڌ ڪمانڊنگ آفيسر هز ايڪسيلينسي ميجر جنرل سر سي-جي-نيپئر، ڪي-سي-بي جي نالي درخواست•

جناب اعليٰ،

اسين هيٺ صحيح ڪندڙ فوج جا آفيسر، جيڪي يوئر ايڪسيلينسيءَ جي ڪمانڊ هيٺ ملازمت ۾ آهيون، گذريل مئي مهيني جي ٦-تاريخ واري بامبي ٽائيمس اخبار ۾ هڪ

ليڪ ڏاڍي غصي سان ڏنو آهي، جيڪو اسان جي وقار کي متاثر ڪري ٿو ۽ جنهن جي نتيجي ۾ اسان جي دوستن ۽ ملڪ جي نظرن ۾ اسان جي عزت کي مجروح ٿيڻ جو انديشو آهي. متعلقه ليڪ جو سيرو آهي "اميرن جي زنانن جون خواتين" ۽ ان جو اختتام هنن لفظن ۾ ڪيل آهي:

"هاڻي اهي ڪٿي آهن؟ اهي، جيڪي هن وقت کان فقط ٿي مهينا اڳي هڪ محل ۾ شريڪ، ۽ شاهي اعزازات ماڻيندڙ هيون، فرنگيءَ جون ذليل داشتائون آهن! اها ڳالهه ائين ئي آهي، ڇو ته حرم کي پليد ڪيو ويو آهي؛ اميرن کي اسان جيڪو مصيبت جو پيالو پيئڻ لاءِ ڏنو آهي، تنهن ۾ تلخيءَ جو آخري قطرو ملايو ويو آهي؛ مسلمان جيڪي وڏي ۾ وڏيون بي عزتيون برداشت ڪري سگهن ٿا، تن کان وڏيڪ گران هتڪ هنن جي بي تاج ۽ سفيد سرن جي مٿان وڌي وئي آهي. ائين نه سمجهڻ گهرجي ته اسان ڪنهن نزاڪت جي جذبي وچان ڳالهائي رهيا آهيون. جن آفيسرن بادشاهن جي زنانن کي بيعزت ڪيو آهي، تن وڏو گناهه ڪيو آهي. پر انهيءَ لاءِ، توڙي انهيءَ غير منصفانه ۽ ظالمانه فتح جي نتيجي ۾ سرزد ٿيل بداعمالين لاءِ، اها حڪومت ذميدار آهي، جنهن ان جو حڪم صادر ڪيو. اسان کي انهن براين جي چاڻ تي سخت شرم ۽ ڏک آهي، جن کي اهڙين ڪمزورين جي نتيجي ۾ ڪابل ۾ رونما ٿيڻ جي اجازت ڏني وئي هئي؛ ۽ حيدرآباد ۾ شايد اسان کي پنهنجن گناهن جي خوفائتي صورت، انهيءَ سزا جي گرانبار ۽ سخت ضرب ۾ ڏسڻي آهي. انهن جي مٿان اسان جيڪي به بي انصافيون ۽ ظلم روا رکيا آهن، تن سڀني کان وڌيڪ جيڪڏهن ڪا هڪڙي ڳالهه هرهڪ بلوچ سردار جي دل ۾ انتقام جي اڻ اجهامندڙ پياس کي آپاري سگهي ٿي، ته اها سندن گهريلو زندگيءَ جي تقدس کي پائمال ٿيندي ڏسڻ آهي، جيئن هنن جي نجي زندگيءَ جي تقدس ۽ احترام کي

پائمال ڪيو ويو آهي، يعني ته ڪين اميرن ۽ نوابن جي ڏيئرن ۽ بادشاهن جي زالن ڪي، انهيءَ وقت تائين، جيسين سندن حسن ۽ جواني انهن سان وفا ڪري، ڪافرن جي داشتائن جي حيثيت ۾ رهندي ڏسن، ۽ جڏهن سندن ڪشش ۽ سونهن ڪائڻ موڪلائي وڃن، تڏهن انهن ڪي شرم ۽ ذلت جي حالت ۾ ڏڪا ڪائي نڪرڻ تي مجبور ٿيندو ڏسن. حملي جي سياه نتيجن مان هيءَ اهو پهريون آهي، جنهن تي انگريزن ڪي شرم اچڻ گهرجي. اسان هن جهڙي موضوع تي وڌيڪ صاف گوئي کان ڪم وٺڻ کان پرهيز ڪئي آهي؛ اسان جا پڙهندڙ اسان جي مطلب ۽ معنيٰ کي سمجهڻ ۾ ڪا دقت محسوس نه ڪندا. زناني جون انتهائي پڙڪشش خواتين هن وقت انگريز آفيسرن جي خيمن ۾ زندگي گهاري رهيون آهن. بي انصافيءَ جي ڪهن جي هڪ لاڳيتي سلسلي سنڌي عوام اڳيان انگريزي حڪومت جي اصلي نوعيت کي ظاهر ڪري وڌو. هتي جنهن ڳالهه جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهن خوبين ۽ نعمتن جي هڪ جهلڪ ڏيکارڻ ۾ مدد ڪندي، جن جي اهي تهذيب جي واڌ مان توقع ڪري سگهن ٿا، ۽ ڪين انهن فائدن ۽ اعزازن جو نظارو صاف نظر ايندو، جيڪي دنيا جي انتهائي مهذب قوم جي ساٿهن جي هٿان سندن مقدر ۾ لکيل آهن. هيءَ ڳالهه انگريز عورتن جي افغانن جي هٿان استقبال ۽ عزت مان خوب پيش ڪائي ٿي."

اسين يوئر ايڪسيلينسيءَ کي خاطري ڏيون ٿا ته اسان جي پنهنجي جاڻ، ۽ حقائق متعلق اسان جي طرفان ڪيل تحقيقات مان ظاهر ٿيو آهي ته هن اقتباس ۾ اوهان جي ماتحت آفيسرن تي جنهن سنگين نوعيت جون تهمتون لڳايون ويون آهن، سي بلڪل بي بنياد آهن، ۽ اميرن جي زنانن مان ڪنهن جي به بي حرمتيءَ يا ناجائز هلت جو هڪڙو به مثال اسان جي ڌيان تي ڪونه آيو آهي. اسان يوئر ايڪسيلينسيءَ اڳيان پنهنجي پوريءَ طرح سان

موچيل هن خاطري ۽ يقين جي اظهار ڪرڻ کان پوءِ، تہ مذڪوره ليک جي انهيءَ ٽڪري ۾ شامل ڪيل اهي حقيقتون، جن جي شڪايت ڪيل آهي، بلڪل بي بنياد، ۽ حق، سچ کان عاري آهن، اسين نهايت ادب ۽ احترام سان گذارش ڪريون ٿا تہ اوهان مهرباني ڪري اهڙن قدمن کڻڻ جي تڪليف گوارا ڪندا، جيڪي اوهان اسان جي اخلاق ۽ چال چلت کي، جن تي اسان جي بالاتر فوجي حڪام ۽ ساٿين ۽ هندستان ۽ يورپ ۾ اسان جي دوستن ۽ هموطنن جي نظرن ۾ اهڙي طرح داغدار بنائي پيش ڪيا ويا آهن، صاف ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهندا؛ ۽ انهيءَ ساڳئي نقطہ نگاه ۽ مقصد سان اوهان مهرباني فرمائي اسان کي پنهنجي هن بيان جو نقل هندستاني اخبارن ۾ اشاعت لاءِ موڪلڻ جي اجازت ڏيندا.

حيدرآباد ١٠- مئي ١٨٤٣ع — اسان آهيون، وغيره

سچو نقل

پي - مئڪفرسن
ملٽري سيڪريٽري

[هن تي ٤٠١- انگريز فوجي آفيسرن جون صحيحون آهن.]

حيدرآباد، ٢٥- مئي ١٨٤٣ع

جينٽلمين! توهان جي خطاب مون کي ڏاڍو اطمينان ڏنو آهي. آءٌ ان ۾ بيان ڪيل هڪ هڪ لفظ سان متفق آهيان، ۽ هرهڪ بيان جي تصديق ڪريان ٿو.

اسان تي بامبي ٽائيمس جي ايڊيٽر، مسٽر بيومنٽ طرفان، پاڻ کي، پنهنجي پيشي ۽ پنهنجي ملڪ کي، اميرن جي زنانن جي خواتين سان اختيار ڪيل انتهائي بيشرميءَ واري هلت ذريعي خوار ڪرڻ جو الزام لڳايو ويو آهي؛ ۽ مون کي شخصي طور اهڙي بيشرميءَ واري روش جي اختيار ڪرڻ جي فوري سبب بڻجڻ جي ڪري ماڻهن جي نظرن ۾ بدنام ڪيو ويو آهي.

جاڙي ٻجهي انهيءَ بي بنياد ۽ ڪوڙين ڳالهين کي اٿي تنٿي؛ دنيا وارن اڳيان پيش ڪرڻ تي آماده ڪيو.

جينٽلمين! توهان جي ۽ منهنجي عزت ۽ آبرو هڪ ٻئي کان جدا ۽ علحده ناهن، ۽ مان توهان کي يقين ٿو ڏيان ته اشرافن جي حيثيت ۾ پنهنجي خانگي ۽ نجي اخلاق، ۽ سپاهين طور پنهنجي فوجي چال چلت جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ، منهنجيون ڪوششون اوهان سڀني جي ڪوششن سان گڏيل هونديون.

آءٌ آهيان وغيره،

| | |
|---|---|
| سچو نقل | دستخط |
| ٽي - مئڪفرسن ميجر، | سي. جي. نيپئر، |
| ملٽري سيڪريٽري. | ميجر جنرل ۽ گورنر آف سنڌ. |

# ضميمو نمبر -٦

## ياڳو ڀريون

## انهن آفيسرن جا نالا، جن کي مياڻيءَ ۽ حيدرآباد وارين لڙاين ۾ نمايان ڪارنامن انجام ڏيڻ لاءِ اعزازن ڏيڻ لاءِ، خط و ڪتابت ۾ سندن ذڪر ڪيو ويو

ليفٽيننٽ ڪرنل پيني فادر ۽ پٽئل، ميجرز پٽول، جئڪسن، ٽيز ڊيل، لائڊ، مئڪفرسن، وئڊنگٽن، ولسي، اسٽوري، اسٽئڪ، ليسلي، ريڊ، برائون، وڊبرن، ڪيپٽن: گئريٽ، سيڊ، ٽيو؛ ڪڪيسٽن، ٽڪر، ڪونوي، ولي، هنٽر، بلينڪنيس، هينڊرسن، ٽيٽ، ڊيلامين، جيڪب ورلڊبي، جارج، جئڪسن، اسٽيونس، فيشر.

ليفٽيننٽ: سمٿ، ڪوٽ، ووڊ، هارڊنگ، فيراءِ، مئڪ مئرڊو، پيلي، بائليو، آئوٽ لا ـ ٿامپسن، ينگ هسبنڊ، ليي سن، بريمان، برائون، رئٿبورن، ڊيل، نارٽ، بٽر سيبي، ليي سن، فٽز جيرالڊ.

سرجن: ڊيلر، ميپل، بيل.

منشي: علي اڪبر

## ياڳو پيو

### مياڻيءَ ۾ مارجي ويل آفيسرن جا نالا

ميجر: جئڪسن، ٽيز ڊيل.

ڪئپٽن: ڪنڪيسن، ٽيو ـ ميڊ.

ليفٽيننٽ: ووڊ.

### زخمي ٿيل

ليفٽيننٽ ڪرنل پيني فادر، ميجر ورلي، ڪئپٽن ٽئڪر، سمٿ، ڪونوي، ليفٽيننٽ پلؤڊين، هارڊنج، فيراءِ، بوئر ڊلون.
اينسائينس: نٽ، پيني فادر، بائوڊين ۽ هولبرو.

### آفيسر، جيڪي حيدرآباد ۾ مارجي ويا

ڪئپٽن گئريٽ، ۽ ليفٽيننٽ سمٿ.

### زخمي ٿيل

ليفٽيننٽ پونول، ٽيٽ، چيوٽ، ڪوٽ، ايوانس، بريمان، بٽر، ورليڪينيسن، مئڪ مئرڊو.

اينسائين: پيني فادر.

## ڀاڱو ڏيون

## ٢٢- ريجمينٽ جي انهن سپاهين جا نالا جن حيدرآباد واري لڙائي ۾ ڀهتل زخم لڳائي رکيا، ۽ پنهنجي ريجمينٽ سان گڏ، ٻئي ڏينهن تي اِهو خيال ڪري ته ٻي لڙائي ٿيڻي آهي، مارچ ڪرڻ ۾ شريڪ ٿيا

جان ڊَر، جان سلڊوورني، رابرٽ ينگ، هينري لائينس، پيٽرڪ گيل، جيمس انڊريوز، (زخم شديد نه هئا)

سرجنٽ هيني (زخم ڪجهه قدر شديد)

ٿامس سيڊلٽن، جيمس سٽاوي (ٽنگن ۾ سخت زخم ڀهتل)

سليويسٽر ڊي (پير ۾ گولي)۔

## ڀاڱو چوٿون

## سر چارلس نيپيئر طرفان گورنر جنرل ڏانهن موڪليل آنهن نان- ڪميشنڊ آفيسرن ۽ سپاهين جا نالا، جن مياڻيءَ جي جنگ ۾ پاڻ کي خاص طرح موکيو هو

## ميجر جنرل سر سي. جي. نيپيئر، ڪي. سي. بي طرفان، هندستان جي گورنر جنرل رائيٽ آنربل لارڊ ايلنبرو ڏانهن

## حيدرآباد، ٢- مارچ ١٨٤٣ع

ساءِ لارڊ، سان يوئر لارڊ شپ ڏانهن انهن رپورٽن موڪلڻ جي اجازت گهران ٿو، جيڪي منهنجي حڪم تي تيار ڪيون ويون آهن؛ هن لاءِ ته جيسين ياد تازي آهي، نمايان ڪارنامن کي رڪارڊ ۾ داخل ڪيو وڃي؛ هن جنگ جي عظيم نتيجن سون کي هن باري ۾ فڪرمند ڪيو آهي ته انهن ساٿين سان اوهان

صاحبن جي واقفيت ڪرايان، جيڪي آزمائش جي گهڙي ۾ ايتريقدر ظاهر ۽ نمايان هئا، انهن ماڻهن لاءِ، سندن فرض ادائيءَ ۾ يڪسوئي ۽ ايمانداري ڏاڍي عزت واري هئي.

بجليءَ واري توبخاني جي پڻ ڊرائيورن جي حالت ۾، مون کي يقين آهي ته يوئر لارڊشپ انهن سان پورو انصاف ڪندا، ۽ آءٌ انهن کي اوهان صاحبن جي تحفظ لاءِ خاص طور سفارش ڪرڻ جي اجازت گهران ٿو.

دستخط

سي. جي. نيپئر، ميجر جنرل

ڪئپٽن جي هٽ، ڪمانڊنگ فيلڊ بئٽري طرفان، سنڌ ۾ توبخاني جي ائڊ جوٽنٽ ڏانهن،
حيدرآباد جي قريب ڇانوڻي،
٢٣- فيبروري ١٨۴٣ع

جناب اعليٰ!

مان ڪالهه وارن ”ڊويزن آفٽر آرڊرس“ جي حوالہ مان، آءٌ ميجر جنرل جي ڌيان تي، منهنجي قيادت هيٺ ڪم ڪندڙ توبخاني جي ڊرائيورن جي مستقل مزاجي ۽ سٺي چال جي حقيقت پيش ڪرڻ گهران ٿو، جنهن جو انهن ۽ خاص طرح ٽن ماڻهن (ڊرائيور اڪر خان، بهادر ۽ سهادو) ١٧- تاريخ واري لڙائي دوران مظاهرو ڪيو؛ جن رستي جي ساڄي پاسي تي، سڀني ڪان اڳ ۾ شديد ۽ تباهه ڪن گولہ باريءَ هيٺ، وڏي توب کي اهڙي ته ٿڌي دماغ ۽ مستقل مزاجيءَ سان حرڪت ۾ آندو، جنهن جو ڪو نظير ملي نٿو سگهي، حالانڪ انهن جي گهوڙن مان ٻہ خطرناڪ حد تائين زخمي ٿي چڪا هئا.

جيڪڏهن اهي ماڻهو فوج جي مستقل پگهاردار عملي ۾ شامل هجن ها، تہ مان انهن جي سفارش ڪرڻ جي ڪڏهن بہ جرئت نہ ڪريان ها، پر جيئن تہ انهن کي اڃا تائين محض پوئلڳ سمجهيو وڃي ٿو ۽ جن جي ڪنبن کي سندن مرڻ

جي حالت ۾ ڪابه پينشن نه ٿي ملي، يا جيڪڏهن اهي جنگ ۾ پهتل زخمن جي نتيجي ۾ معذور ٿي پون ٿا ته انهن کي خود پنهنجي گذاري لاءِ به ڪجهه نٿو ملي، انڪري مان هيءُ ڪيس ميجر جنرل جي توجه تي آڻڻ جي اجازت سندن حق ۾ هن زوردار دليل جي آڌار تي گهران ٿو، ته هي اهڙا ماڻهو آهن، جن جي جرئت ۽ همت تي توبخاني جو وجود اڪثر حالات ۾ دارومدار رکي ٿو.

دستخط

جارج هٽر، ڪئپٽن،
ڪمانڊنگ فيلڊ بيٽري.

ميجر پي. ايف. اسٽوري، ڪمانڊنگ ۹- لائيٽ ڪيولري طرفان، ليفٽيننٽ پيلي، اسسٽنٽ ائڊ جوئنٽ جنرل ڏانهن

ڪئمپ حيدرآباد،

۲۶- فيبروري ۱۸۴۳ع

جناب،

ميجر جنرل جي اطلاع لاءِ، هن سان گڏ شامل ڪيل فهرست موڪلڻ ۾، آءٌ اوهان صاحبن کي گذارش ڪريان ٿو ته توهان مهرباني ڪري ڪيس هڏائيندا ته مون کي اهڙن ماڻهن وڃان، جن سيني اهڙي بهادريءَ ۽ ذري گهٽ هڪ جهڙي خوبيءَ سان ڪم ڪيو، هنن نالن جي چونڊ ڪرڻ ۾ تمام گهڻي تڪليف محسوس ٿي آهي.

پي. ايف. اسٽوري، ميجر
ڪمانڊنگ ۹- لائيٽ ڪيولري

۹- بينگال لائيٽ ڪيولري جي ڏيهي ڪميشنڊ ۽ نان ڪميشنڊ آفيسرن ۽ سپاهين جي نالن جي فهرست، جن ۱۷- فيبروري ۱۸۴۳ع تي دشمن جي خلاف لڙائي ۾ خاص طور پاڻ کي نمايان ڪيو.

ڪئمپ حيدرآباد،

فيبروري ۱۸۴۳ع.

صوبيدار شيخ باقر علي، هن جي گهوڙي کي ڇاتيءَ ۾ خوفناڪ زخم رسيو، ان جي باوجود هن نهايت جوانمرديءَ سان پنهنجن ساٿين جي قيادت ڪئي ۽ ٻئي حملي لاءِ انهن کي دوباره منظم ڪيو.

صوبيدار شيخ امام بخش: ٻن سپاهين سان گڏجي، توبن جي اڳيان ڪتل جهنڊي تي قبضي ڪرڻ لاءِ جنگ ڪئي، جنهن جو دشمن طرفان نهايت بهادريءَ سان دفاع ڪيو ويو.

جمعدار ڪشن سنگهه: هيءَ فرسٽ اسڪواڊران (ڪوئينس ڪلر) کڻي هليو، ۽ سڄي لڙائي جي دوران نهايت جوشيلو ۽ چست رهيو.

حولدار شيخ امام بخش: هن پنهنجي آفيسر (صوبيدار) شيخ امام بخش جي جان بچائي، ۽ سڄي لڙائي دوران هن جو ڪردار نهايت ئي نمايان رهيو.

حولدار شيخ غلام حسين: حملي جي دوران عظيم بهادري ۽ جرئت لاءِ زوردار سفارش ڪجي ٿي.

نائڪ بختاور سنگهه: سڄي ڏينهن جي دوران انتهائي بهادريءَ جو مظاهرو ڪندو رهيو.

سپاهي پيرمادين، غلام رسول: هي ٻئي سپاهي صوبيدار سان گڏجي دشمن جي جهنڊي تي قبضي ڪرڻ ۾ جنهن جو نهايت شاندار نموني ۾ بچاءُ ڪيو ويو، هڪ جهڙي بهادريءَ سان وڙهندا رهيا.

سپاهي شيوديال سنگهه: اڪيلي سر هڪ پناهگاهه اندر ڏوڪي ويو ۽ هڪ دشمن کي قتل ڪيو، جنهن ڪيئي دفعا گوليون هلائي ماڻهو ماريا هئا.

سپاهي سوتي سنگهه: هن پنهنجي آفيسر، ڪئپٽن گئريٽ جي جان بچائي.

سپاهي گنگا سنگهہ: دشمن منجهان هڪ سان طويل ۽ اڪيلي مقابلي کان پوءِ مارجي ويو، جڏهن تہ هن لاءِ ڪابہ مدد ويجهو موجود ڪانہ هئي.

سپاهي بهاري سنگهہ: ٻانهن جي ڪرائي ۾ شديد زخم کائڻ کان پوءِ، جڏهن تہ سندس گهوڙي کي ٻہ ٻہ هنڌن تي زخم رسيا هئا؛ هن پنهنجي دشمن کي وڍي ٽڪرا ڪري ڇڏيو.

سپاهي فيض الله خان: هن سڄي لڙائي ۾ نهايت بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ پنهنجي دشمن کي سخت قسم جي دوبدو مقابلي کان پوءِ وڍي ماريو.

سپاهي حسين علي: حملي جي دوران بهادريءَ جي اعليٰ جوهر جي مظاهري ڪرڻ لاءِ زوردار قسم جي سفارش ڪجي ٿي.

سپاهي نصير علي: هن حملي جي دوران ڏاڍي جرئتمندي ۽ بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ سخت زخمي ٿيو.

بي - ايف - اسٽوري، ميجر

ڪمانڊنگ ۹ - لائيٽ ڪيولري،

ميجر جي - ايڇ - پٽول، ڪمانڊنگ ٢٢ - ريجمينٽ طرفان، اسسٽنٽ ائڊ جوٽنٽ جنرل، سنڌ فيلڊ فورس.

ڪئمپ حيدرآباد،

٢۴ - فيبروري ١٨۴٣ع

جناب،

هن مهيني جي ٢٢ تاريخ واري آفٽر ڊويزن آرڊرس جي نمبر ٢ جي سلسلي ۾، مون مختلف ڪمپنين جي قيادت ڪندڙ ڪپتانن ۽ آفيسرن کي چيو تہ هو مون کي منهنجي ڪمانڊ هيٺ ڪم ڪندڙ ماڻهن جا نالا ۽ ڪارناما فراهم ڪن، جن هلندڙ

مهيني جي ١٧ تاريخ واري لڙائي ۾ پاڻ کي خاص طور موکيو هو. اهي آفيسر عام طور هيءُ ڳالهه ڪن ٿا ته ڪين اهڙي حالت ۾ انتخاب ڪرڻ ۾ دشواري پيش اچي رهي آهي، جتي ڪمپنين جي سڀني ماڻهن جي هلت انتهائي اطمينان بخش هئي. لڙائي جي اهڙي عام ۽ وڏي ميدان ۾، جتي هرهڪ کي سخت محنت ۽ اورچائي ڪرڻي پيئي، اتي مون کي به فرق ۽ امتياز جي ليکي ڪڍڻ ۾ سخت پريشاني ٿي رهي آهي. پر هيءُ ڳالهه موزون نظر اچي ٿي ته آءٌ لائيٽ ڪمپنيءَ جي پرائيويٽ، جيمس اونيل جو نالو وٺان، جنهن انهيءَ وقت دشمن جي جهنڊي تي قبضو ڪيو، جڏهن اسين سڀ سخت لڙائي ۾ مصروف هئاسين، ۽ پيو ڊرمر مارٽن ڊيلانيءَ جو ذڪر ڪرڻ به موزون سمجهان ٿو، جنهن مير ولي محمد خان کي، جيڪو گهوڙي تي سوار هو، ۽ لڙائي جي انتهائي گرميءَ واري علائقي ۾ دشمن جي لشڪر جي رهنمائي ڪري رهيو هو، گولي هڻي ۽ ان کان پوءِ سنگين سان ماريو ۽ سندس هٿيارن تي قبضو ڪيو، جڏهن ته سموري ريجمينٽ انتهائي تيز دماغ، جرئتمندي ۽ همت جو مظاهرو ڪيو، اتي مون کي اميد آهي ته انهن ٻن آفيسرن جي ڪارنامن جي سفارش مون کي انهيءَ تهمت کان معاف ڪندي، ته مون انهن کي مخصوص درجو ڏيئي، ريجمينٽ جي ٻين سڀني بهادر سپاهين سان بي انصافي ڪئي آهي.

جي - ايچ - پٽول، ميجر

ڪمانڊنگ ٢٢- ريجمينٽ.

ميجر ايس - ڪلبورن، ڪمانڊنگ فرسٽ گرينيڊيئر ريجيمينٽ اين - آءِ طرفان ليفٽيننٽ پيلي، ائڪٽنگ اسسٽنٽ ائڊ جوٽنٽ جنرل حيدرآباد ڏانهن

حيدرآباد جي قريب ڇانوڻي،

۲۴- فيبروري ۱۸۴۳ع •

سائين،

هلندڙ مهيني جي ۲۲ تاريخ وارن ڊويزن آرڊرس جي سلسلي ۾، آءُ ميجر جنرل سر سي • جي نيپئر، ڪي - سي - بي جي خاص ڌيان تي فرسٽ گرينيڊيئرس جي ديسي آفيسرن ۽ سپاهين جا نالا آڻڻ چاهيان ٿو، جن ۱۷ فيبروري واري لڙائي ۾ پنهنجي جوش و خروش ۽ بهادريءَ جي ڪارنامن جو مظاهرو ڪري پاڻ کي نمايان ڪيو•

ليفٽيننٽ جانسٽن، جنهن هڪ بلوچ کي ترار سان وڍي ماري ڇڏيو، ۽ اهڙي طرح هڪ سپاهيءَ جي جان بچائي، جنهن انهيءَ بلوچ کي سنگين هڻي هئي، پر جيڪو جان بچائڻ جي ڪوشش ۾ مغلوب ٿي رهيو هو•

صوبيدار ميجر خوشحال سنگهه، ۽ صوبيدار ايسري پرشاد، ۽ ساڳيءَ طرح پرائيويٽس شنڪر مائيسر، ۽ ڪيداري پووار، سڀ ڏينهن دوران سندن جوش و خروش ۽ بهادريءَ لاءِ نمايان رهيا•

دستخط

ايس • ڪلبورن، ميجر

ڪمانڊنگ فرسٽ گرينيڊيئر ريجمينٽ، اين• آءِ

ميجر اين • آر• ريڊ، ڪمانڊنگ ۱۲- ريجمينٽ، اين • آءِ طرفان ائڪٽنگ اسسٽنٽ ائڊ جوٽنٽ جنرل ڏانهن

سنڌ ۽ بلوچستان، حيدرآباد فورٽ،

۲۵- فيبروري ۱۸۴۳ع

سائين،

هلندڙ مهيني جي ۲۲- تاريخ واري ڊويزن آرڊرس جي نمبر ۳ جي حوالي سان، آءُ اوهان ڏانهن ۱۲- ريجمينٽ نان ڪميشنڊ

آفيسرن، نائڪن ۽ پرائيويٽن جي نالن جي هڪ دستوري فهرست ميجر جنرل اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ موڪليان ٿو، جن جي متعلق ڪمانڊنگ آفيسرن ۽ ڪمپنين جي انچارج آفيسرن طرفان سفارش ڪئي ويئي آهي تہ انهن ١٧- تاريخ واري لڙائي ۾ خاص طور نمايان ڪردار ادا ڪيو هو.

مان هن موقعي تي آنجهاني ڪئپٽن ۽ بريويٽ ميجر جئڪسن جي جرئتمندانہ ڪارنامي جي سفارش ڪريان ٿو، جيڪو هڪ گرينيڊيئر ڪمپنيءَ جي قيادت ڪندي، ڪيترن ئي دشمنن سان هٿو-هٿ مقابلو ڪندي مارجي ويو. ٻيا آفيسر، ليفٽيننٽ ۽ بريويٽ ڪئپٽن ميڊ ۽ ليفٽيننٽ ووڊ پڻ، جيڪي مارجي ويا، انهيءَ وقت انتهائي نمايان هئا، جڏهن اهي زخم کائي ڪريا، لڙائي جي هڪ انتهائي نازڪ موقعي تي پنهنجن ماڻهن جي همت وڌائڻ لاءِ نعرا بلند ڪندا ڪين اڳتي وڌڻ جي تلقين ڪندا رهيا. ٻين يورپي آفيسرن جو پڻ آءٌ، انهيءَ ڏينهن جي دوران جرئتمندانہ هلت ۽ مثال لاءِ نهايت ئي مشڪور آهيان. پر آءٌ ليفٽيننٽ ۽ بريويٽ ڪئپٽن براڊون لاءِ، جيڪو انهيءَ جنگ ۾ مون سان گڏ واحد سوار آفيسر هو، دلي شڪرادائي ۽ احسانمندي جو احساس خاص طور رڪارڊ تي آڻڻ چاهيان ٿو، ۽ انهيءَ مدد لاءِ آءٌ پنهنجي تعريف ۽ ساراهہ جو اظهار ڪريان ٿو، جيڪا هن سڄي لڙائي جي دوران ماڻهن کي همت ڏيارڻ لاءِ مينهي قطارن ۽ هر قطار جي هرهڪ حصي ۾، جتي بہ مقابلو نهايت سخت ۽ سرگرم هو، نعرا بلند ڪرڻ سان ڏيکاري.

اين. آر. ريڊ ميجر،
ڪمانڊنگ ١٢- ريجمينٽ، اين. آءِ.

## انهن ماڻهن جي نالن جي فهرست، جن ١٧-فيبروري ١٨٤٣ع واري لڙائي ۾ پاڻ کي نمايان ڪيو

فورٽ حيدرآباد،
٢٥-فيبروري ١٨٤٣ع

١- حولدار دترام تيواري،
٢- نائڪ ڀرواني سنگهه،
٣- نائڪ عالم سنگهه،
٤- پرائيويٽ شيخ انجم.

اهي ڪئپٽن ۽ بريويٽ ميجر جئڪسن جو بهادريءَ سان بچاءُ ڪندي زخمي ٿيا.

دستخط
بي. ڊي. ڪارٽر
اينسائين، انچارج آف گرينيڊيئر ڪمپني

١- حولدار امراءُ سنگهه،
١- نائڪ لال خان،
١- پرائيويٽ ماتادين، فرسٽ،
٢- پرائيويٽ بوري اهير،
٣- پرائيويٽ سيتل لوهار.

مون انهن ماڻهن کي هڪ مختصر رڪاوٽ کان پوءِ پنهنجن ساٿين جي همت وڌائڻ لاءِ نعرا بلند ڪندي ڏٺو، ۽ ڪين لڙائي دوران انتهائي اڳڀين هنڌ تي ڏٺو.

دستخط
جي. فشر ڪئپٽن، ڪمانڊنگ ٥-ڪمپني

١- حولدار ڀگوان سنگهه،
٢- حولدار ٺاڪر رام،

جرنتمندانہ هلت، ساٿين کي جنگ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ همٿائيندا رهيا.

دستخط

ڊبليو • ايف • هولبرو،
اينسائين انچارج ٨ ڪمپني.

سچو نقل

دستخط

ڊبليو • برائون ڪئپٽن ائڊ جوئنٽ
١٢- ريجمينٽ، اين • آءِ

دستخط

اين • آر • ريلي ميجر،
ڪمانڊنگ ١٢- ريجمينٽ اين • آءِ

## ضميمو نمبر - 7

### جون ١٨٤٣ع ۾ شير محمد جي خلاف ڪارروائين جي متعلق، سر چارلس نيپئر جي هڪ خانگي خط مان اقتباس

١٨ جولاءِ، مان ڏاڍو بيمار آهيان؛ سون کي گذريل ١٣- جون تي جڏهن مان ٻاهر ويل هوس، سج لڳڻ سبب بيهوشيءَ جو دورو پيو. سون کي بخار اڳي ئي هو، ۽ مان اڃا پوريءَ طرح ٺيڪ نہ ٿيو هوس تہ ٻاهر ويس ۽ منهنجي تنبوءَ اندر گرميءَ جو درجو ١٣٢ ڊگريون هو. سون کي سج ڪيرائي رکيو ۽ مان پانيان ٿو تہ آءٌ ئي انهن گهڻن ماڻهن مان جن کي سج لڳو، هڪڙو ئي هئس، جيڪي ٽن ڪلاڪن اندر، ۽ اڪثر تہ ٿورن ئي منٽن ۾ مري ويا. ڊاڪٽر هڪ گهڙيءَ ۾ سون وٽ پهتو ۽ هن منهنجي سر چيريو، منهنجا پير گرم پاڻيءَ ۾ وڌا، منهنجي ستي کي آلا ٽوال ويڙهيا،

وڙهندا. هنن جا سڀ سردار مون وٽ اچي پيش پيا آهن ۽ پنهنجيون تراريون منهنجن قدمن ۾ رکيون آهن. سڄو ملڪ آرام ۾ آهي ۽ ظالمن کان نجات حاصل ڪرڻ تي خوشيون ملهائي رهيو آهي. اوهان اهڙو شاندار، پر ويران ملڪ ڪڏهن نه ڏٺو هوندو. ڪليڪٽرن حساب ڪتاب ڪيو آهي، آبادگار پنهنجي پيدائش جو ذري گهٽ ۾ پاڱي ٽي حصو اميرن کي ڏيندا هئا، جيڪو انهن کان سختيءَ سان ورتو ويندو هو. هنن هن ملڪ تي ذري گهٽ اٺونجاهه سال حڪومت ڪئي، ۽ اهو ذري گهٽ برباد ٿي ويو آهي. ائين نه سمجهو ته بلوچ، سنڌي آهي - چوي ٿو، ”ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها، جو توهان انهن ماڻهن جي خلاف نه هجو ها، جيڪي پنهنجي آزاديءَ لاءِ وڙهي رهيا هئا.“ اهي ماڻهو انگلنڊ ۾ ويٺي، ڪهڙي نه غلطي ڪن ٿا! اڙي نه! اسان ماڻهن جي آزادين خاطر جنگ ڪئي آهي! خود بلوچ به خوش آهي، ڇو ته هاڻي کيس معلوم ٿي چڪو آهي ته هن کان سنڌس فتح ڪيل علائقي جو قبضو نه ورتو ويو آهي، بلڪه کيس خراب قسم جي آقائن بدران هڪ سٺو مالڪ مليو آهي.“

# ضميمو نمبر-٨

## فوجن جي بيماريءَ متعلق سر چارلس نيپئر جي هڪ خانگي خط جو اقتباس

### ١٩- ڊسمبر ١٨٤٣ع

بامبي ٽائيمس جا ڪوارٽرن بابت قصا محض حماقت آهن. آءٌ ٨٦ ريجمينٽ کي حيدرآباد کان وٺي ويس، ته جيئن بيماريءَ

پاڻي ملي سگهندو هو، اتي انهن وٽ سڀ وقت ۾ هڪ ٻه بيمار ماڻهو ڪونه هو! آفيسرن ۽ فوجين ۾ وڏي ۾ وڏو مرض شراب آهي، پر سپاهين وارو شراب وڌيڪ خراب آهي، يعني جيڪو عرق آهي، جانورن ڪان سواءِ ٻي هر شيءِ مان ٺاهيو وڃي ٿو. جانور، جيڪي هندستان جي پيداوار ۾ سڀني شين ڪان وڌيڪ قوت بخش غذا آهن، تن کي ڏاڍي خراب نموني ۾ غلط طرح استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهو عرق خاص طرح پنگ جو ٺهيل ٿئي ٿو، جيڪو مشروب ڪجهه جي وڻ مان عمل، تبخير جي وسيلي نه، بلڪ وڻ جي ٿڙ ۾ سوراخ ڪرڻ سان ڪڍيو وڃي ٿو.

## ضميمو نمبر - ۹

### سنڌ گورنمينٽ جي آمدني ۽ خرچ جو
### سال ٤٣-١٨٤٣ع لاءِ نقشو

| | | |
|---|---|---|
| نقد پئسن جي صورت ۾ وصوليون | ٨،٩٢،٣٠٣-٠٠ | رپيا |
| خرچ .... ... ... ... .... | ٧،٢٥،٨٣٩-٠٠ | |
| بقايا بچت | ١٦٦٤٦٤-٠٠ | |
| موجود اناج جي قيمت | ٧٢٧٧٩٦-٠٠ | |
| مجموعي طور بقايا وصولي | ٨،٩٤،٢٦٠-٠٠ | رپيا |
| يا | ٨٩،٤٢٦ | پائونڊ اسٽرلنگ. |

پهريائين ته هن سرڪاري سال ۾ جنگ سيپٽمبر ١٨٤٣ع تائين هلندي رهي ۽ اسيرن جي آخري پارٽي اتر ۾ سنڌو ندي

ڇهون ته سنڌ جي آمدنيءَ بابت جيڪي ماڻهو پوري ۽ صحيح ڄاڻ رکن ٿا، تن سڀني جي عام راءِ اها آهي ته ان ۾ ڪافي اضافو ٿيندو. هڪ انتهائي قابل ڪليڪٽر جي راءِ اها آهي ته پنجن سالن اندر اها ڏهه لک پائونڊ اسٽرلنگ ٿي ويندي، ۽ وڏي ڳالهه اها ته حڪومت جي خرچ ۾ اضافي جي ضرورت نه رهندي.

# CENTRAL ASIA.





EXPLANATORY SKETCH
OF
SCINDE
Roree and Bukkur
Khoonhera
Dadol Poor
Nusserpoor
HYDRABAD
Meerpoor
Omer Kote
To Joudpoor
Emaum Gurh
Shah Gurh
Jokea Tribe
Kurachee
Tattah
Jerruck
Delta
Mouths of the Indus
Wanga Bazaar
Little Desert
Great Western Marsh
Goonee R.
C U T C H


ACTION
at
DUBBA
near
HYDERABAD
Intended position
Phullala River
Scale 800 Yds to an Inch.


Extensive Shikargah held by the Enemy
Poona Horse
Position of Baggage
Poona H^e
Poona H^e
Impassable for cavalry
Poona H^e
Scinde H^e
British Camp after the Action Baggage in the centre
Dense masses of the Enemy
Enemy's Camp
A Enemy's position bank of the Fullaleh
B Village occupied by the Enemy surrounded by Wood impassible for Cavalry
D Enemy's guns
Road to Hyderabad
Scinde H^e
PLAN
ACTION AT MEANEE NEAR
HYDERABAD
17th Feby 1843


Dubba
Hyderabad
10 miles
Kooseree
Loonar
Dagaret
Phullali River
PLAN
of the
CITY and
of
HYDERABAD.
Scale of 2800 Yds to an inch

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ہَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٿين، جيڪي بہ ڪٿين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٿي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)